[illegible]

੧ ੳ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

فهرست

راگ گوجري، ديو گنڌاري ۽ ٻهاگڙا جو تذڪرو

گوجري محلا پهلا

گوجري محلا چوٿان

گوجري محلا پنجوان

ਰਾਗ ਗੂਜਰੀ

੧ ਓ ਸਤਿਨਾਮੁ ਕਰਤਾ ਪੁਰਖੁ ਨਿਰਭਉ ਨਿਰਵੈਰੁ ਅਕਾਲ ਮੂਰਤਿ
ਅਜੂਨੀ ਸੈਭੰ ਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਰਾਗ ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੧ ਚਉਪਦੇ ਘਰੁ ੧

ਤੇਰਾ ਨਾਮੁ ਕਰੀ ਚਨਣਾਠੀਆ ਜੇ ਮਨੁ ਉਰਸਾ ਹੋਇ॥ ਕਰਣੀ ਕੁੰਗੂ ਜੇ ਰਲੈ ਘਟ ਅੰਤਰਿ ਪੂਜਾ ਹੋਇ ॥ ੧ ॥ ਪੂਜਾ ਕੀਚੈ ਨਾਮੁ ਧਿਆਈਐ ਬਿਨੁ ਨਾਵੈ ਪੂਜ ਨ ਹੋਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਬਾਹਰਿ ਦੇਵ ਪਖਾਲੀਅਹਿ ਜੇ ਮਨੁ ਧੋਵੈ ਕੋਇ ॥ ਜੂਠਿ ਲਹੈ ਜੀਉ ਮਾਜੀਐ ਮੋਖ ਪਇਆਣਾ ਹੋਇ ॥ ੨ ॥ ਪਸੂ ਮਿਲਹਿ ਚੰਗਿਆਈਆ ਖੜੁ ਖਾਵਹਿ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਦੇਹਿ ॥ ਨਾਮ ਵਿਹੂਣੇ ਆਦਮੀ ਧ੍ਰਿਗੁ ਜੀਵਣ ਕਰਮ ਕਰੇਹਿ ॥ ੩ ॥ ਨੇੜਾ ਹੈ ਦੂਰਿ ਨ ਜਾਣਿਅਹੁ ਨਿਤ ਸਾਰੇ ਸੰਮਾਲੇ ॥ ਜੋ ਦੇਵੈ ਸੋ ਖਾਵਣਾ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਸਾਚਾ ਹੇ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

راڳ گوجري

ايڪ اونڪار ست نام ڪرتا پرک نربؤ نرویر
آڪال مورت آجوني سئين گور پرساد

راڳ گوُجري محلا پهلا چؤپدي گهر پهلا

نام جي وڏيائي

(١) تيرا نامُ ڪَري چنَڻا ٺيڻا ، جي مَنُ اُرسا هوء
ڪرڻي ڪُنڪوُ جي رليءِ ، گهٽ انترِ پوُجا هوء

نوت :- سيڪنهن شبد جو اهو صفحو سمجهڻ گهرجي، جتان شبد گورمکيءَ ۾ شروع ٿئي ٿو.

آرٿ :- هي پريو! تون ويجهو آهين. توکي دور نه سمجهڻ گهرجي. تون سڀني استانن ۾ جيون جي سار سنڀال لهين ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته "هي سچا پريو! جيڪي تون ڏين ٿو، سو اسين کائون ٿا."

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੧

ਨਾਭਿ ਕਮਲ ਤੇ ਬ੍ਰਹਮਾ ਉਪਜੇ ਬੇਦ ਪੜਹਿ ਮੁਖਿ ਕੰਠਿ ਸਵਾਰਿ ॥ ਤਾਕੋ ਅੰਤੁ ਨ ਜਾਈ ਲਖਣਾ ਆਵਤ ਜਾਤਿ ਰਹੈ ਗੁਬਾਰਿ ॥ ੧ ॥ ਪ੍ਰੀਤਮ ਕਿਉ ਬਿਸਰਹਿ ਮੇਰੇ ਪ੍ਰਾਣ ਅਧਾਰ ॥ ਜਾਕੀ ਭਗਤਿ ਕਰਹਿ ਜਨ ਪੂਰੇ ਮੁਨਿ ਜਨ ਸੇਵਹਿ ਗੁਰ ਵੀਚਾਰਿ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਰਵਿ ਸਸਿ ਦੀਪਕ ਜਾਕੇ ਤ੍ਰਿਭਵਣਿ ਏਕਾ ਜੋਤਿ ਮੁਰਾਰਿ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਹੋਇ ਸੁ ਅਹਿਨਿਸਿ ਨਿਰਮਲੁ ਮਨਮੁਖਿ ਰੈਣਿ ਅੰਧਾਰਿ ॥ ੨ ॥ ਸਿਧ ਸਮਾਧਿ ਕਰਹਿ ਨਿਤ ਝਗਰਾ ਦੁਹੁ ਲੋਚਨ ਕਿਆ ਹੇਰੈ ॥ ਅੰਤਰਿ ਜੋਤਿ ਸਬਦੁ ਧੁਨਿ ਜਾਗੈ ਸਤਿਗੁਰੁ ਝਗਰੁ ਨਿਬੇਰੈ ॥ ੩ ॥ ਸੁਰਿ ਨਰ ਨਾਥ ਬੇਅੰਤ ਅਜੋਨੀ ਸਾਚੈ ਮਹਲਿ ਅਪਾਰਾ ॥ ਨਾਨਕ ਸਹਜਿ ਮਿਲੇ ਜਗ ਜੀਵਨ ਨਦਰਿ ਕਰਹੁ ਨਿਸਤਾਰਾ ॥ ੪ ॥ ੨ ॥

گوجري محلا پهلا شبد (٢)

اُٿانڪا:- ڪنهن پريمي ستگورن کان پڇيو ته پرماتما جو سروپ ڪهڙو آهي ۽ اُهو ڪيئن پراپت ٿي سگهندو؟ تنهنتي هيٺيون سندر شبد اُچارڻ ڪيائون.

(١) ناڀِ ڪَمَلَ تي بِرهما اُپجي، بيد پڙهِ مُکِ ڪَنٺِ سوارِ
تاڪو اَنْتَ نه جائي لَکَڻا، آوَت جات رهيُ غُبارِ

ارٿ :- وشنوءَ جي ناڀ ڪمل (ڏُن) مان برهما پيدا ٿيو، جو پنهنجي ڪنٺ کي صفا ڪري مکه سان چار ويد پڙهڻ لڳو. پرماتما جو اُهو به انت نه لهي سگهيو ۽ غبار يعني اگيان جي اونده ۾ ايندو ويندو رهيو.

آرت:- هي پربُو! جيڪڏهين من کي اُرسي بنائجي ۽ تنهنجو
نام جندن جي ڪاٺي ڪجي ۽ شُڀ ڪرتي روپ ڪينسر اُنهِ
ملائجي ته جيڪر اُها انتهڪرڻ جي سچي پوجا ٿئي. [جنڊا نيڊا =
جندن جي ڪاٺي. اُرسا = اُرسي گهڻ لاءِ. رلئِ = ملي.]

پوُجا ڪيجئي نامُ ڌِيائيئي، بِنُ ناوئي پوُجهَ نه هوءِ

(اِڪ رهاءُ)

آرت:- نام ڌيائجي اِها هي پربو! تنهنجي پوجا آهي. نام
جيڻ ڪانسواءِ پوجا ٿِي نه ٿِي سگهي.

(٢) باهرِ ديوَ پکاليئهِ، جي مَنُ ڌوويئي ڪوءِ

جوُٺِ لهئي جيئُ ماجيئئي، موکَ پئئاڻا هوءِ

آرت:- باهران ناڪرن وانگر کٺي پاٺڪي ڌوئجي ته ڪجهه به نه تو
وري. جيڪڏهين ڪو من کي ڌوئي يعني اُپاشنا ڪري من کي
شُڌ ڪري ته پوءِ انتهڪرڻ جي صفا ڪرڻ سان اپوترتا دور ٿي
وڃي ٿِي ۽ هي جيوُ مکتي مارگ ۾ قدم کڻي ٿو. [ديو = ناڪر.
پکاليئهِ = ڌوئجي. جيئُ = انتهڪرڻ. ماجيئئي = صفا ڪرڻ سان.
جوٺ = اپوترتا. پئئاڻا = هلٺو، جلٺو.]

(٣) بَسوُن مَلهِ چِنگئائيئا، ڪُڙ ڪاوهِ امرتُ ديهِ

نامَ وِهوُٽي آدمِي، ڌرِگُه جيوڻ ڪرم ڪريهِ

آرت:- پسن (ڳائيون آدڪ) ۾ به چڱايون آهن، جو ڪڙ کائي امرت
يعني کير ڏين ٿيون، پر هي پربو! جو پرش تنهنجي نام کان رهت
آهي تنهنجي جيئڻ کي ڌڪار آهي ۽ جيڪي ڪرم ڪري ٿو
تن تي به ڌڪار آهي. [نام وهوٽي = نام رهت. ڌرڳه = ڌڪار جو لائق.]

(٤) نيڙا هئي دوُرِ نه جاڻئهِ، نِت ساري سنمالي

جو ديوئي سو کاوڻا، ڪهُ نانڪ ساچا هي.

آرٿ :- هي ديوتائن ۽ انسانن جا مالڪ! هي بي انت! هي آجوني! هي سچا! تنهنجو محل (سروپ) اپار آهي. سري گورو نانڪ صاحب وينتي ڪري جون ٿا تہ ”هي جڳ جيون! تون گيان ڏئارن ملين ٿو ۽ پنهنجي ديا درشٽيءَ سان جيون جو جوڻڪارو ڪرين ٿو.“

ਰਾਗੁ ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੩ ਘਰੁ ੧

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਧ੍ਰਿਗੁ ਇਵੇਹਾ ਜੀਵਣਾ ਜਿਤੁ ਹਰਿ ਪ੍ਰੀਤਿ ਨ ਪਾਇ ॥ ਜਿਤੁ ਕੰਮਿ ਹਰਿ ਵੀਸਰੈ ਦੂਜੈ ਲਗੈ ਜਾਇ ॥ ੧ ॥ ਐਸਾ ਸਤਿਗੁਰੁ ਸੇਵੀਐ ਮਨਾ ਜਿਤੁ ਸੇਵਿਐ ਗੋਵਿਦ ਪ੍ਰੀਤਿ ਊਪਜੈ ਅਵਰ ਵਿਸਰਿ ਸਭ ਜਾਇ ॥ ਹਰਿ ਸੇਤੀ ਚਿਤੁ ਗਹਿ ਰਹੈ ਜਰਾ ਕਾ ਭਉ ਨ ਹੋਵਈ ਜੀਵਨ ਪਦਵੀ ਪਾਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਗੋਬਿੰਦ ਪ੍ਰੀਤਿ ਸਿਉ ਇਕੁ ਸਹਜੁ ਉਪਜਿਆ ਵੇਖੁ ਜੈਸੀ ਭਗਤਿ ਬਨੀ ॥ ਆਪ ਸੇਤੀ ਆਪੁ ਖਾਇਆ ਤਾ ਮਨੁ ਨਿਰਮਲੁ ਹੋਆ ਜੋਤੀ ਜੋਤਿ ਸਮਾਈ ॥ ੨ ॥ ਬਿਨੁ ਭਾਗਾ ਐਸਾ ਸਤਿਗੁਰੁ ਨ ਪਾਈਐ ਜੇ ਲੋਚੈ ਸਭੁ ਕੋਇ ॥ ਕੂੜੈ ਕੀ ਪਾਲਿ ਵਿਚਹੁ ਨਿਕਲੈ ਤਾ ਸਦਾ ਸੁਖੁ ਹੋਇ ॥ ੩ ॥ ਨਾਨਕ ਐਸੇ ਸਤਿਗੁਰ ਕੀ ਕਿਆ ਓਹੁ ਸੇਵਕੁ ਸੇਵਾ ਕਰੇ ਗੁਰ ਆਗੈ ਜੀਉ ਧਰੇਇ ॥ ਸਤਿਗੁਰ ਕਾ ਭਾਣਾ ਚਿਤਿ ਕਰੇ ਸਤਿਗੁਰੂ ਆਪੇ ਕਿਰਪਾ ਕਰੇਇ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥ ੩ ॥

راڳ گوُجري محلا ٽيجا گهر پهلا شبد (١)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

گوبند سان پريت رکڻ مان ڪهڙو اُپڪار آهي؟

(١) ڌِرِڪُ اِويها جيوڻا، جِتُ هرِ پريتِ نہ پاءِ

جِتُ ڪمِ هرِ وِيسريءَ، دُوجيءِ لڳيءِ جاءِ

آرٿ :- اهڙي جيئڻ تي ڌڪار آهي، جنهن ۾ هريءَ جي

پرماڻ:- "ڏاڍيا برهما نگم ويچاري، آلکر نه لکيا جاهي." [آرتي]

پريتم ڪئه بسره ميري پراڻ آڌار
جاڪي ڀڳت ڪره جن پوري، مِن جن شيوهه
گور ويچار (اڪ رهاءُ)

آرٿ:- مان جو پنهنجي پريتم کي وساريان، جو منهنجي پراڻن جو آڌار آهي! جنهنجي ڀڳتي پورن سنت ڪن ٿا ۽ جنهنجي شيوا منهجي جن گوروءَ جي ويچار ڌاران ڪن ٿا.

(۲) رو سس ديپڪ جاڪي، ترڀوڻ ايڪا جوت مرار
گورمکه هوءِ س اهه نس نرمل، منمکه رئڻ انڌار

آرٿ:- جنهن مرار پرماتما جا ڏيا سج ۽ چنڊ آهن ۽ تنهين لوڪن ۾ جنهنجي جوت وياپي رهي آهي، تنهن شُڌ سروپ کي جيڪي گورمک آهن، سي رات ڏينهن پراپت ڪن ٿا ۽ منمکن کي انڌيري رات يعني اوديا ويڙهي رهي آهي.

(۳) سِد سماڌ ڪره نت جهگرا، دُهه لوچن ڪيا هيري
انتر جوت شبد ڌُن جاگيءَ، ستگور جهگرُ نبيري

آرٿ:- سِد سماڌي لڳائين ٿا، پر هميشه پاڻ سان بحث مباحثو ڪن ٿا. اُهي هنن ٻن اکين سان پرماتما کي ڪيئن ڏسي سگهندا؟ جن جي اندر ۾ جوت آهي، سي ستگورن جي شبد جي ڌُن يعني اُچارڻ ڌاران جاڳن ٿا ۽ ستگورو اُنهنجو جهڳڙو يعني بحث مباحثو دور ڪري ٿو. مطلب ته اصل ڳالهه جو اُنهنکي پتو ملي ٿو.

(۴) سُر نر ناٿ بي انت اجوني، ساچي محل اپارا
ڏانڪ سهج ملي جگ جيون، ندر ڪره نستارا.

ڪانسواءِ اهڙو ستگورو پائي نہ ٿو سگھجي. جڏهين ستگوروءَ جي ڪرپا سان ڪوڙ جو ٻنڌ ڀڄي ٿو، تڏهين سديو سکہ پراپت ٿئي ٿو. [لوڇئي = چاهي، خواهش ڪري. پال = ٻَنڌُ، ٻٽ.]

(٢) نانڪ آئِسي ستگور ڪي ڪِئا اوهُ شيوڪُ شيوا ڪري،
گُور آگئي جيئہ ڌريئہ
ستگوِر ڪا ڀاڻا چِتِ ڪري، ستگورو آپي ڪِرپا ڪريئہ.

آرٿ:- سري گورو ارجن ديو ڀڄن ٿا تہ اهڙي ستگوروءَ جي شيوڪ کي کھڙي شيوا ڪرڻ گھرجي، هنکي ستگوروءَ جي اڳيان پنھنجي جند جانِ ڀيٽا رکڻ گھرجي؛ ستگوروءَ جي آگيا جٿ ۾ ڌارڻ گھرجي تہ ستگورو ڀاڻيهي هن تي ڪرپا ڪندو. [جيئہ = جند، جان. ڀاڻا = مرضي، آگيا.]

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੩

ਹਰਿ ਕੀ ਤੁਮ ਸੇਵਾ ਕਰਹੁ ਦੂਜੀ ਸੇਵਾ ਕਰਹੁ ਨ ਕੋਇ ਜੀ ॥ ਹਰਿ ਕੀ ਸੇਵਾ ਤੇ ਮਨਹੁ ਚਿੰਦਿਆ ਫਲੁ ਪਾਈਐ ਦੂਜੀ ਸੇਵਾ ਜਨਮੁ ਬਿਰਥਾ ਜਾਇ ਜੀ ॥ ੧ ॥ ਹਰਿ ਮੇਰੀ ਪ੍ਰੀਤਿ ਰੀਤਿ ਹੈ ਹਰਿ ਮੇਰੀ ਹਰਿ ਮੇਰੀ ਕਥਾ ਕਹਾਨੀ ਜੀ ॥ ਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ਮੇਰਾ ਮਨੁ ਭੀਜੈ ਏਹਾ ਸੇਵ ਬਨੀ ਜੀਉ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਹਰਿ ਮੇਰਾ ਸਿਮ੍ਰਿਤਿ ਹਰਿ ਮੇਰਾ ਸਾਸਤ੍ਰ ਹਰਿ ਮੇਰਾ ਬੰਧਪੁ ਹਰਿ ਮੇਰਾ ਭਾਈ ॥ ਹਰਿ ਕੀ ਮੈ ਭੂਖ ਲਾਗੈ ਹਰਿ ਨਾਮਿ ਮੇਰਾ ਮਨੁ ਤ੍ਰਿਪਤੈ ਹਰਿ ਮੇਰਾ ਸਾਕੁ ਅੰਤਿ ਹੋਇ ਸਖਾਈ ॥ ੨ ॥ ਹਰਿ ਬਿਨੁ ਹੋਰ ਰਾਸਿ ਕੂੜੀ ਹੈ ਚਲਦਿਆ ਨਾਲਿ ਨ ਜਾਈ ॥ ਹਰਿ ਮੇਰਾ ਧਨੁ ਮੇਰੈ ਸਾਥਿ ਚਾਲੈ ਜਹਾਂ ਹਉ ਜਾਉ ਤਹ ਜਾਈ ॥ ੩ ॥ ਸੋ ਝੂਠਾ ਜੋ ਝੂਠੇ ਲਾਗੈ ਝੂਠੇ ਕਰਮ ਕਮਾਈ ॥ ਕਹੈ ਨਾਨਕੁ ਹਰਿ ਕਾ ਭਾਣਾ ਹੋਆ ਕਹਣਾ ਕਛੂ ਨ ਜਾਈ ॥ ੪ ॥ ੨ ॥ ੪ ॥

پريت پراپت نہ ٿي ٿئي. جنهن ڪرِ ڪري هري وسري وڃي ۽ دئيت ڀاو سان چت لڳي وڃي، تنهنڪي ٻہ ڏڪار آهي. [اِوِيها = اهڙو. جيوڙا = جيوت، جيئڻ.]

آئِسا ستگُرُ سيويئي منا،
جِتُ سيويئي گووِند پرِيتِ اُوپجيئي، اَوروِسرِ سڀ جاءِ
هِرِ سيتي چِتُ گَهِ رهئي، جَرا ڪا ڀؤ نہ هووئي،
جيِوَن پدوي پاءِ (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ :- هي من! اهڙي ستگورو جي شيوا ڪر، جنهن جي شيوا ڪرڻ سان گوبند سان پريت اُتپن ٿئي ۽ ٻي سڀ پريت وسري وڃي. جيڪڏهين چت هريءَ سان لڳي وڃي تہ ٻڍاپڻ جو جيڪر ڀؤ ڪونہ ٿئي ۽ هيءُ جيو جيون مڪت پدوي پائي سگهي. [جرا = ٻڍاپڻ.]

(٢) گوبِند پرِيتِ سِنُہ اِڪُ سَهجُ اُپجئا، وِيکہ جِسي پگتِ بني
آپ سيتي آپُ کائِيا، ڏا منُ نِرملُ هوئا،
جوتي جوتِ سمائي

اَرٿ :- هي ڀائي، گوبند جي پريت مان گيان اُتپن ٿئي ٿو. جهڙي ڀڳتي هوندي تهڙوئي گيان ٿيندو. جڏهين پاڻ سان آپا ڀاو نورت ڪجي ٿو، تڏهين من شُڌ ٿئي ٿو ۽ پوءِ جوتي سروپ پرمن جيو جي جوت سمائجي وڃي ٿي. [سهج = گيان، شانتي. آپ کائيا = آپا ڀاو ڪاڏو يعني نورت ڪيو. نرمل = شڌ.]

(٣) بِنُ ڀاڳا آئِسا ستگور نہ پائِيئي، جي لوچيئي سڀُ ڪوءِ
ڪُوڙيئي ڪي پالِ وِچهِ نِڪليئي، تا سَدا سُکُ هوءِ

اَرٿ :- جيڪڏهين سڀڪو ڪٿي چاهي تڏهين بہ ڄڳن ڀاڳن

ڪري ئي منهنجو من ترپت ٿئي ٿو. هريءَ سان ئي منهنجو ناتو آهي ۽ هري انت ۾ منهنجو سهائتا ڪرڻ وارو ٿيندو. [بنڌپ = سنبندي. ساڪ = ناتو.]

(٣) هرِ بنُ هورَ راسِ ڪوُڙي هيءِ، چلَدِئا نالِ نہ جائي
هرِ ميرا ڏنُ ميري ساٿِ چاليءِ، جهان هئُ جاءُ تهہ جائي

ارٿ:- هري نام بنا ٻي جيڪا راس (پونجي) آهي، سا ڪوڙي آهي. اُها مرڻ سمي ساٿ نہ هلندي. هري نام ئي منهنجو ڌن آهي، جو پرلوڪ ۾ مون سان سنگہ هلندو ۽ هيئنگر بہ جيڏانهن وڃان ٿو، تيڏانهن مون سان سنگہ هلي ٿو.

(٤) سو جهوُٺا جو جهوُٺي لاگيءِ، جهوُٺي ڪَرَم ڪمائي
ڪهيءِ نانڪُ هرِ ڪا ڀاڻا هوئا، ڪهڻا ڪڇوُ نہ جائي.

ارٿ:- جيڪو ڪوڙي پرپنچ ۾ لڳي ٿو، سو ڪوڙو آهي ۽ ڪوڙا ڪرم ڪري ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جيڪو هريءَ جو ڀاڻو آهي، سوئي ٿئي ٿو ۽ ٻيو ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. مطلب تہ جنهنکي جتي لڳائي ٿو، تتي هو لڳي رهي ٿو.

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੩

ਜੁਗ ਮਾਹਿ ਨਾਮੁ ਦੁਲੰਭੁ ਹੈ ਗੁਰਮੁਖਿ ਪਾਇਆ ਜਾਇ ॥ ਬਿਨੁ ਨਾਵੈ ਮੁਕਤਿ ਨ ਹੋਵਈ ਵੇਖਹੁ ਕੋ ਵਿਉਪਾਇ ॥ ੧ ॥ ਬਲਿਹਾਰੀ ਗੁਰ ਆਪਣੇ ਸਦ ਬਲਿਹਾਰੈ ਜਾਉ ॥ ਸਤਿਗੁਰ ਮਿਲਿਐ ਹਰਿ ਮਨਿ ਵਸੈ ਸਹਜੇ ਰਹੈ ਸਮਾਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਾਂ ਭਉ ਪਾਏ ਆਪਣਾ ਬੈਰਾਗੁ ਉਪਜੈ ਮਨਿ ਆਇ ॥ ਬੈਰਾਗੈ ਤੇ ਹਰਿ ਪਾਈਐ ਹਰਿ ਸਿਉ ਰਹੈ ਸਮਾਇ ॥ ੨ ॥ ਸੇਇ ਮੁਕਤ ਜਿ ਮਨੁ ਜਿਣਹਿ ਫਿਰਿ ਧਾਤੁ ਨ ਲਾਗੈ ਆਇ ॥ ਦਸਵੈ ਦੁਆਰਿ ਰਹਤ ਕਰੇ ਤ੍ਰਿਭਵਣ ਸੋਝੀ ਪਾਇ ॥੩॥ ਨਾਨਕ ਗੁਰ ਤੇ ਗੁਰੁ ਹੋਇਆ ਵੇਖਹੁ ਤਿਸਕੀ ਰਜਾਇ ॥ ਇਹੁ ਕਾਰਣੁ ਕਰਤਾ ਕਰੇ ਜੋਤੀ ਜੋਤਿ ਸਮਾਇ ॥ ੪ ॥ ੩ ॥ ੫ ॥

گوجري محلا ٽيجا شبد (٢)

(١) هر ڪي تُم شيوا ڪَرهُ، دُوجي شيوا ڪَرهُ نه ڪوئي
هر ڪي شيوا تي مَنهه چِندِئا ڦَلُ پائيئي،
دُوجي شيوا جنم بِرٿا جاءِ جي

آرٿ:- هي ڀائي! اوهين هريءَ جي شيوا ڪريو. ٻئي ڪنهن جي به شيوا نه ڪريو. هريءَ جي شيوا ڪرڻ سان دل گهريا ڦل پراپت ٿين ٿا، پر ٻين يعني ديوي ديوتائن جي شيوا ڪرڻ ڪري مانکه جنم وئرٿ وڃي ٿو.

هر ميري پريتِ، ريتِ هئي هر ميري،
هر ميري ڪٿا ڪهاڻي جي
گور پرسادِ ميرا مَنُ ڀيڄئي، ايها شيوَ بڻي جيئُ
(اِڪ رهاءُ)

آرٿ:- هريءَ سان ئي منهنجي پريت آهي ۽ هريءَ ئي منهنجي مريادا آهي. هري ئي منهنجي لاءِ ڪٿا ۽ وياکيان آهي. گوروءَ جي ڪرپا سان منهنجو من هريءَ جي پريم ۾ ڀِنل آهي. اهائي شيوا منهنجي طرفون بڻي رهي آهي.

(٢) هر ميرا سِمرتِ، هر ميرا شاستر،
هر ميرا ٻنڌپ هر ميرا ڀائي
هر ڪي مئي ڀُوکَه لاڳئي، هر نامِ ميرا مَنُ ترپتئي،
هر ميرا ساڪُ آنتِ هوءِ سکائي

آرٿ:- هري ئي منهنجي سمرتي آهي ۽ هري منهنجي لاءِ ڇهه شاستر آهي. هري ئي منهنجو سنبنڌي آهي ۽ هري ئي منهنجو ڀاءُ آهي. هري نام جي ئي مونکي بک لڳي ٿي ۽ هري نام جپڻ

(٣) سي مُڪت جي مَن جِڻهه، ڦِر ڌاتُ نه لاڳئي آءِ
دسوئي دُئار رهت ڪري، ترڀوڻ سوجهي پاءِ

آرت:- جي پنهنجي من کي جيتين ٿا، سي ئي جيون مڪت آهن. هنن جو من هڪواري جيتجي وري مايا ۾ نٿو لڳي. اهي دسوين دئار ۾ پنهنجي ورتيءَ کي استٿت ڪن ٿا، جنهنڪري هنن کي ٽنهين لوڪن جي سوجهي پوي ٿي. [جڻهه = جيتين ٿا. ڌات = مايا. رهت ڪرئي = رهي، استاپڻ ڪري.]

(٤) نانڪ گورو تي گورُ هوئِيا، ويکهه تِس کي رضاءِ
اِهه ڪارڻُ ڪرتا ڪري، جوتي جوتِ سماءِ.

آرت:- سري گورو امرديو جن فرمائين ٿا ته گوروءَ کان اُپديش وٺي سکه گورو ٿي پوي ٿو؛ مطلب ته اُپديش ڪري پين کي تارڻ لاءِ سمرٿ ٿئي ٿو. هي ڀائي! ڏسو ته پرميشور جي آگيا ڪهڙي نه ڀلوان آهي. اهو پرميشور ئي هي ڪم ڪري ٿو. جنهن تي ڪرپا درشٽي ڪري ٿو، تنهن جي جوت پنهنجي جوت ۾ ملائي ڇڏي ٿو.

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੩

ਰਾਮ ਰਾਮ ਸਭੁ ਕੋ ਕਹੈ ਕਹਿਐ ਰਾਮੁ ਨ ਹੋਇ ॥ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦੀ ਰਾਮੁ ਮਨਿ ਵਸੈ ਤਾ ਫਲੁ ਪਾਵੈ ਕੋਇ ॥ ੧ ॥ ਅੰਤਰਿ ਗੋਵਿੰਦ ਜਿਸੁ ਲਾਗੈ ਪ੍ਰੀਤਿ ॥ ਹਰਿ ਤਿਸੁ ਕਦੇ ਨ ਵੀਸਰੈ ਹਰਿ ਹਰਿ ਕਰਹਿ ਸਦਾ ਮਨਿ ਚੀਤਿ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਹਿਰਦੈ ਜਿਨ ਕੈ ਕਪਟੁ ਵਸੈ ਬਾਹਰਹੁ ਸੰਤ ਕਹਾਹਿ ॥ ਤ੍ਰਿਸਨਾ ਮੂਲਿ ਨ ਚੁਕਈ ਅੰਤਿ ਗਏ ਪਛੁਤਾਹਿ ॥ ੨ ॥ ਅਨੇਕ ਤੀਰਥ ਜੇ ਜਤਨ ਕਰੈ ਤਾ ਅੰਤਰ ਕੀ ਹਉਮੈ ਕਦੇ ਨ ਜਾਇ ॥ ਜਿਸੁ ਨਰ ਕੀ ਦੁਬਿਧਾ ਨ ਜਾਇ ਧਰਮਰਾਇ ਤਿਸੁ ਦੇਇ ਸਜਾਇ ॥ ੩ ॥ ਕਰਮੁ ਹੋਵੈ ਸੋਈ ਜਨੁ ਪਾਏ ਗੁਰਮੁਖਿ ਬੂਝੈ ਕੋਈ ॥ ਨਾਨਕ ਵਿਚਹੁ ਹਉਮੈ ਮਾਰੇ ਤਾਂ ਹਰਿ ਭੇਟੈ ਸੋਈ ॥੪॥੪॥੬॥

گوُجري محلا ٽيجا شبد (٣)
نام ملڻ مشڪل آهي

(١) جُڳِ ماهِ نام دُلڀُ هيٰ، گور مُکِ پائيا جاء

بِنُ ناوئ مُڪتِ نه هوئي، وِيکھُ ڪو وِ پاء

آرٿ:- ڪلجگ ۾ نام اڻ لڀ آهي يعني مشڪل لڀي ٿو، سو ستگورو جي ڪرپا سان پراپت ٿئي ٿو. نام کانسواء ٻين ٻگين، تپ آدڪ ڪرمن ڪري مڪتي پراپت نه ٿي ٿئي. جنهنکي شڪ هوي، سو ڀلي ٻين ڪري ڏسي. [وِ پاء- هي لفظ جٽبور جي ٻوليءَ آهي، جنهنجي معنا آهي وشيش طرح اُپاو ڪري، مطلب ته جاچي ڏسي.]

ٻلهاري گور آپڻي، سد ٻلهاري جاءُ

ستگور ملئي هرِ منِ وسئي، سهجي رهيٰ سماء

(اِڪ رهاءُ)

آرٿ:- مان پنهنجي گورو تان من تن ڪري سديو ٻلهار وڃان ٿو. ستگورو سان ملڻ ڪري هري من ۾ وسي ٿو ۽ هي جيو سڀاويڪ ئي هريءَ سان مليو رهي ٿو.

(٢) جا ڀؤ پائي آپڻا، بئراگُ اُپجيٰ منِ آء

بئراگيٰ تي هرِ پائيئيٰ، هرِ سئُ رهيٰ سماء

آرٿ:- جڏهين جيو جي من ۾ پرماتما پنهنجو ڀؤ وجهي ٿو، تڏهين هنجي من ۾ وئراڳ (پريم) پيدا ٿئي ٿو. وئراڳ ڪري ئي پرميشور پائجي ٿو ۽ پوءِ هي جيو پرميشور سان مليو رهي ٿو.

پرماڻ:- نانڪ جن منِ ڀئُ تنا منِ ڀاءُ
[سري آسا دي وار پؤڙي (٥) سلوڪ ٢.]

(٤) ڪَرمُ هووِئِ سوئِي جَنُ پائي، گورمکِ ٻوجهِئِ ڪوئي

نانَڪ وِچهُ هؤمئِ ماري، تا هَرِ ڀيٽئِ سوئِي.

آرٿ:- جنهنتي ڪرپا ٿئي ٿي، سوئِي داس گوروءَ کي پراپت ڪري ٿو؛ گوروءَ دئاران ڪو ورلي پرميشور کي سڃاڻي ٿو. سري گورو امرديو جن فرمائين ٿا تہ جيڪو پنهنجي اندر مان هومي ماري ڪڍي ٿو، سوئي هريءَ سان ملي ٿو.

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੩

ਤਿਸੁ ਜਨ ਸਾਂਤਿ ਸਦਾ ਮਤਿ ਨਿਹਚਲ ਜਿਸਕਾ ਅਭਿਮਾਨੁ ਗਵਾਏ ॥ ਸੋ ਜਨੁ ਨਿਰਮਲੁ ਜਿ ਗੁਰਮੁਖਿ ਬੂਝੈ ਹਰਿ ਚਰਣੀ ਚਿਤੁ ਲਾਏ ॥ ੧ ॥ ਹਰਿ ਚੇਤਿ ਅਚੇਤ ਮਨਾ ਜੋ ਇਛਹਿ ਸੋ ਫਲੁ ਹੋਈ ॥ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦੀ ਹਰਿ ਰਸੁ ਪਾਵਹਿ ਪੀਵਤ ਰਹਹਿ ਸਦਾ ਸੁਖੁ ਹੋਈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਤਿਗੁਰੁ ਭੇਟੇ ਤਾ ਪਾਰਸੁ ਹੋਵੈ ਪਾਰਸੁ ਹੋਇ ਤ ਪੂਜ ਕਰਾਏ ॥ ਜੋ ਉਸੁ ਪੂਜੇ ਸੋ ਫਲੁ ਪਾਏ ਦੀਖਿਆ ਦੇਵੈ ਸਾਚੁ ਬੁਝਾਏ ॥ ੨ ॥ ਵਿਣੁ ਪਾਰਸੈ ਪੂਜ ਨ ਹੋਵਈ ਵਿਣੁ ਮਨ ਪਰਚੇ ਅਵਰਾ ਸਮਝਾਏ ॥ ਗੁਰੂ ਸਦਾਏ ਅਗਿਆਨੀ ਅੰਧਾ ਕਿਸੁ ਓਹੁ ਮਾਰਗਿ ਪਾਏ ॥ ੩ ॥ ਨਾਨਕ ਵਿਣੁ ਨਦਰੀ ਕਿਛੂ ਨ ਪਾਈਐ ਜਿਸੁ ਨਦਰਿ ਕਰੇ ਸੋ ਪਾਏ ॥ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦੀ ਦੇ ਵਡਿਆਈ ਅਪਣਾ ਸਬਦੁ ਵਰਤਾਏ ॥ ੪ ॥ ੫ ॥ ੭ ॥

گوُجري محلا تيجا شبد (٥)

پاکنڊي ٻين کي ڪيئن سنئين راهہ ڏيکاريندو؟

(١) تِسُ جَنُ سانتِ سدا متِ نِهچَل، جِس ڪا اِيمانُ گوائي

سو جَنُ نِرمَلُ جِہ گورمکِ ٻوجهئِ، هرِ چرڻي چِتُ لائي

آرٿ:- جنهنجو ايمان مالڪ دور ڪري ٿو، تنهنکي شانتي

گوُجري محلا تيجا شبد (۴)

گورو ءِ ڪانسواءِ گوبند ملڻ مشڪل آهي

(۱) رامَ رامُ سڀُ ڪو ڪهئي، ڪهئي رامُ نہ هوءِ

گور پرسادي رامُ منِ وسيءِ، تا ڦَلُ پاويءِ ڪوءِ

ارٿ:- هرڪو رام رام پيو چوي، پر فقط چوڻ سان رام حاصل نہ ٿو ڪجي يعني رام جو سکہ پراپت نہ ٿو ٿئي. جڏهين گورن جي ڪرپا سان رام من ۾ وسي ٿو، تڏهين هي جيو رام سمرن جو ڦل پراپت ڪري ٿو.

انتر گووند جِسُ لاگئي پريتِ - هرِ تِسُ ڪدي نہ ويسرئي،

هرِ هرِ ڪرهِ سدا منِ چيتِ (اِڪ رهائو)

ارٿ:- جنهنڪي اندر ۾ گوبند جي پريت لڳي ٿي، تنهنکي هري ڪڏهين بہ نہ ٿو وسري؛ هو سديو من ۾ جپ سان هري هري ڪندو رهي ٿو.

(۲) هِردئي جِن ڪئي ڪپٽُ وَسئي، ٻاهرهُ سنتُ ڪهاهِ

ترِشنا موُل نہ چُڪئي، انتِ گئي پڇتاهِ

ارٿ:- جنهنجي اندر ۾ ڪپٽ وسي ٿو؛ ٻاهران پاکنڊ ڪري پاڻکي سنت ڪوٺائين ٿا، تنهنجي ترشنا ڪڏهين بہ دور نہ ٿيندي؛ اُهي انت ۾ جم لوڪ ۾ وڃي پڇتائيندا.

(۳) انيڪ تيرٿ جي جتن ڪرئي، تا انترڪي هؤمئي ڪدي نہ جاءِ

جِسُ نَر ڪي دُبِدا نہ جاءِ، ڌرمراءِ تِسُ ديئہِ سزاءِ

ارٿ:- جيڪڏهين گهڻا جتن ڪري ڪٿي ڪو تيرٿ بہ ڪري، تڏهين بہ هنجي اندر جي هؤمئي ڪڏهين بہ نہ ٿي وڃي؛ جنهن منکہ جي دبدا دور نہ ٿي ٿئي، تنهنکي ڌرمراءِ سزا ڏئي ٿو.

(٤) نانڪ وڻ ندري ڪجهُ نه پائيئي، جسُ ندر ڪري سو پائي
گور پرسادي دي وڏائي، آپڻا شبد ورتائي.

ارٿ:- سري گورو امرديو جن فرمائين ٿا ته پرميشور جي ڪرپا بنا ڪجهه به پراپت نٿو ٿئي؛ جنهن تي پرميشور ڪرپا ڪري ٿو، سوئي گوروءَ کي پراپت ڪري ٿو. هري گوروءَ جي ڪرپا سان پنهنجي شيوڪ جي هردي ۾ پنهنجو شبد يعني حڪم ورتائي ٿو؛ پنهنجي شيوڪ کي وڏيائي ڏئي ٿو.

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੩ ਪੰਚਪਦੇ

ਨਾ ਕਾਸੀ ਮਤਿ ਊਪਜੈ ਨਾ ਕਾਸੀ ਮਤਿ ਜਾਇ ॥ ਸਤਿਗੁਰ ਮਿਲਿਐ ਮਤਿ ਊਪਜੈ ਤਾ ਇਹ ਸੋਝੀ ਪਾਇ ॥ ੧ ॥ ਹਰਿ ਕਥਾ ਤੂੰ ਸੁਣਿ ਰੇ ਮਨ ਸਬਦੁ ਮੰਨਿ ਵਸਾਇ ॥ ਇਹ ਮਤਿ ਤੇਰੀ ਥਿਰੁ ਰਹੈ ਤਾਂ ਭਰਮੁ ਵਿਚਹੁ ਜਾਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਹਰਿ ਚਰਣ ਰਿਦੈ ਵਸਾਇ ਤੂ ਕਿਲਵਿਖ ਹੋਵਹਿ ਨਾਸੁ ॥ ਪੰਚ ਭੂ ਆਤਮਾ ਵਸਿ ਕਰਹਿ ਤਾ ਤੀਰਥ ਕਰਹਿ ਨਿਵਾਸੁ ॥ ੨ ॥ ਮਨਮੁਖਿ ਇਹੁ ਮਨੁ ਮੁਗਧੁ ਹੈ ਸੋਝੀ ਕਿਛੂ ਨ ਪਾਇ ॥ ਹਰਿ ਕਾ ਨਾਮੁ ਨ ਬੁਝਈ ਅੰਤਿ ਗਇਆ ਪਛੁਤਾਇ ॥ ੩ ॥ ਇਹੁ ਮਨੁ ਕਾਸੀ ਸਭਿ ਤੀਰਥ ਸਿਮ੍ਰਿਤਿ ਸਤਿਗੁਰ ਦੀਆ ਬੁਝਾਇ ॥ ਅਠਸਠਿ ਤੀਰਥ ਤਿਸੁ ਸੰਗਿ ਰਹਹਿ ਜਿਨ ਹਰਿ ਹਿਰਦੈ ਰਹਿਆ ਸਮਾਇ ॥ ੪ ॥ ਨਾਨਕ ਸਤਿਗੁਰ ਮਿਲਿਐ ਹੁਕਮੁ ਬੁਝਿਆ ਏਕੁ ਵਸਿਆ ਮਨਿ ਆਇ ॥ ਜੋ ਤੁਧੁ ਭਾਵੈ ਸਭੁ ਸਚੁ ਹੈ ਸਚੇ ਰਹੈ ਸਮਾਇ ॥ ੫ ॥ ੬ ॥ ੮ ॥

گوجري محلا ٽيجا پنچ پدي شبد (٦)

اُٿانڪا:- هڪ برهمڻ سري گورو امرديو جن وٽ اچي عرض ڪيو ته ”سوامي! چڱو ائين ٿئي ته اوهين ڪاشيءَ جهڙي اُتم تيرٿ تي هلي رهو؛ ڇو جو اُتي رهڻ ڪري مت

پراپت ٿئي ٿي ۽ تنهنجي ٻڌ نسديو نهچل يعني سالم رهي ٿي. جيڪو گوروءَ ڏاران هريءَ جي چرنن ۾ چت لڳائي ٿو ۽ هريءَ کي جاڻي ٿو، سوئي داس وڪارن روپي مل کان رهت ٿي نرمل ٿئي ٿو.

هرِ چيتِ اَچيت منا، جو اِڇهِ سو ڦلُ هوئي
گورپرسادي هرِ رسُ پاوهِ، پيوت رههِ، سدا سُکهُ هوئي
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي اچيت من! تون هريءَ کي ياد ڪر، پوءِ جيڪي تون چاهيندين، سوئي ڦل پائيندين. گوروءَ جي ڪرپا سان جيڪڏهين هريءَ جي نام جو رس پائيندين ۽ اهو رس ماڻيندو رهندين ته سديو سک پراپت ڪندين.

(٢) ستگورُ ڀيٽي تا پارسُ هووِءِ، پارسُ هووِءِ ته پوڄ ڪرائي
جو اُس پوجي سو ڦلُ پائي، ديکيا ديوِءِ ساچُ ٻجهائي

ارٿ:- جيڪو ستگوروءَ سان ملي ٿو، سو پارس (گورو روپ) ٿي پوي ٿو. جيڪو پارس (گورو روپ) ٿئي ٿو، تنهنجي پوڄا پرماتما جڳت کان ڪرائي ٿو. جو اُنجي پوڄا ڪري ٿو، سو من ڀاوندو ڦل پراپت ڪري ٿو؛ جو جو جنهنکي هو ست نام جو اُپديش ڏئي ٿو، تنهنکي سچو رستو سمجهائي ٿو. [ديکيا = سکيا، اُپديش.]

(٣) وِڻ پارسِءِ پوڄ نه هوئي، وِڻُ من پرچي آورا سمجهائي
گورو سدائي اَگياني انڌا، ڪسُ اوهُ مارگ پائي

ارٿ:- پارس ٿيڻ کانسواءِ هي جيو پوڄا ڪرائڻ جو لائق نه آهي. جيڪو پنهنجو من پرميشور ۾ لڳائڻ بنا ٻين کي سمجهائي ٿو ۽ انڌو اگياني پاڻکي گوروُ ڪوٺائي ٿو، سو ڪنهنکي سڌين رستي ۾ وجهندو؟ [ڀاو- جيڪو هنڪان اُپديش وٺندو، سو ٻه اگيان ۾ ئي رهندو.]

(٣) منمکہ اِهُ مَنُ مُگڌُ هيِّ، سوجهي ڪِڇُو نہ پاءِ
هَرِ ڪا نامُ نہ ٻجهئي، آنْتِ گَئِيا پڇُتاءِ

ارٿ :- هي ڀائي! منمکن جو هيءُ من مورکہ آهي، اُنهنکي ڪجهہ بہ سوجهي نہ ٿي پوي؛ ڇو جو هو پرميشور جو نام نہ ٿا سمجهن، جنهنڪري انت ۾ جم لوڪ ۾ وڃي پڇتائيندا.

(٤) اِهُ مَنُ ڪاشي سَڀِ تيرٿ سِمرِتِ، سَتگورَ ديِٺا ٻجهاءِ
آپِ سٺِ تيرٿ تِسُ سنگہِ رههِ، جِنِ هردئِ رهِيا سماءِ

ارٿ :- هي ڀائي! جنکي ستگورن پنهنجو اُپديش سمجهائي ڏنو آهي، اُنهنجو هيِ من ڀاو انتهڪرڻ ئي ڪاشي آدڪ سڀ تيرٿن ۽ سمرتين سمان آهي. جن جي هردي ۾ پرميشور ملي رهيو آهي، تنهن جي سنگہ ۾ اٺهٺ تيرٿ رهن ٿا.

(٥) نانَڪَ سَتگورَ مِلئِ حُڪمُ ٻجهِئا، ايُڪ وسِٺا مَنِ آءِ
جو تُڌُ ڀاوِئِ سو سڀُ سچُ هيِّ، سچِي رهئِ سماءِ.

ارٿ :- سري گورو امرديو جن فرمائين ٿا تہ جن ستگورن سان ملي پرميشور جو حڪم سمجهيو آهي، تنهجي هردي ۾ هڪ پرميشور اچي وسيو آهي. ستگورو سنمکہ ٿي چون ٿا تہ ”هي هري! جيڪي توکي وڻن ٿا، سي سڀ سچا آهن. هي سچا! اهڙا جاڻڻ وارا توسان ملي رهن ٿا.“

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੩ ਤੀਜਾ

ਏਕੋ ਨਾਮੁ ਨਿਧਾਨੁ ਪੰਡਿਤ ਸੁਣਿ ਸਿਖੁ ਸਚੁ ਸੋਈ ॥ ਦੂਜੈ ਭਾਇ ਜੇਤਾ ਪੜਹਿ ਪੜਤ ਗੁਣਤ ਸਦਾ ਸੁਖੁ ਹੋਈ ॥ ੧ ॥ ਹਰਿ ਚਰਣੀ ਤੂੰ ਲਾਗਿ ਰਹੁ ਗੁਰ ਸਬਦਿ ਸੋਝੀ ਹੋਈ ॥ ਹਰਿ ਰਸੁ ਰਸਨਾ ਚਾਖੁ ਤੂੰ ਤਾਂ ਮਨੁ ਨਿਰਮਲੁ ਹੋਈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਤਿਗੁਰ ਮਿਲਿਐ

آتم ٿئي ٿي، پرم نورت ٿئي ٿو ۽ موکيه پراپت ٿئي ٿو."
اهو پڙهي گورو صاحب هيٺيون شبد اچاريو، جنهن ۾ صفا
ڏيکاريائون ته ڪاشيءَ تي رهڻ ڪري نڪو پڙهه آتم ٿئي ٿي
۽ نڪو مڌ پڙهي ناس ٿئي ٿي. ستگوروءَ سان ملڻ ڪري
ئي جيوَ جي مت آتم ٿئي ٿي ۽ هو پرمن کان چٽي موکيه پائي ٿو.

(١) نا ڪاشي مت اوپجيءَ، نا ڪاشي مت جاءِ

ستگور ملئي مت اوپجيءَ، تا اهه سوجهي پاءِ

ارٿ:- هي ڀائي! نه ڪاشيءَ ۾ رهڻ ڪري سريشٽ مت اتپن ٿئي ٿي ۽ نه ڪاشيءَ ۾ رهڻ ڪري مڌ پڙهي ناس ٿئي ٿي. ستگوروءَ سان ملڻ ڪري سريشٽ پڙهي اتپن ٿئي ٿي ۽ کوٽي مت هلي وڃي ٿي، تڏهين من جيو کي سوجهي پوي ٿي. (مطلب ته هنکي پرماتما جي شناخت پوي ٿي.)

هر ڪٿا تون سڻ ري من، شبد من وساءِ

اهه مت تيري ٿر رهيءَ، تا پرم وچهه جاءِ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي من! تون هريءَ جي ڪٿا سڻ ۽ ستگوروءَ جو اپديش من ۾ وساءِ؛ اهڙيءَ طرح جڏهين تنهنجي بڌي استر ٿيندي، تڏهين پرم تنهنجي هردي مان نڪري ويندو.

(٢) هر چرڻ رديءَ وساءِ تون، ڪلوک هووهه ناس

پنچ ڀو آتما وس ڪرهه، تا تيرٿ ڪرهه نواس

ارٿ:- هي ڀائي! تون هريءَ جا چرن هردي ۾ وساءِ ته تنهنجا پاپ ناس ٿي وڃن. هي ڀائي! پنجن تتن واري آتما يعني من جيڪڏهين وس ڪندين ته تيرٿن ۾ تون نواس ڪندين. (ڀاو- جٽي تون رهندين، تٽي تيرٿ سمجهندين.)

آرٿ:- ستگورو ۽ سان ملڻ ڪري من کي سنتوک ٿئي ٿو تہ پوءِ ترشنا روپي بکہ نہ ٿي ٿئي. هي پنڊت! جنهن نام روپي خزانو پاتو آهي، سو پوءِ ڪنهن پرائي گهر ۾ نٿو وڃي (ياو- ديوي ديوتائن جي شيوا نہ ٿو ڪري.)

(٣) ڪٿني بدني جي ڪري، منمکہ ٻوجهہ نہ هوءِ

گورمتي گهٽ چانڻا، هرنام پاوي سوءِ

آرٿ:- هي پنڊت! پلي کير ڪٿا بہ ڪري ڇاڻي ۽ ڪوتا بہ رچي سگهي، تڏهين بہ منمکتا ڪري پرميشور جي سمجهہ نہ ٿي پوي. جيڪي گورن جي ست ڌارڻ وارا آهن، تنهجي اندر ۾ سوجهرو يعني وويڪ اُتپن ٿيو آهي ۽ سي ئي هري ۽ جي نام کي پراپت ڪن ٿا. [ڪٿني = ڪٿا. بدني = ڪوتا، ڪويسري. منمکہ = منمکتا. چانڻا = سوجهرو، وويڪ.]

(٤) سُڻِ ساسترَ تون نہ ٻجهہي، تا ڦرهِ بارو بار

سو مورکہ جو آپُ نہ پڇاڻئي، سچہ نہ ڌري پيارُ

آرٿ:- هي پنڊت! تون شاستر پڙهين ٿو، پر پنهنجي نج سروپ کي نٿو سڃاڻين، انهي ۽ ڪري تون وري وري جونين ۾ ڌڪا کائين ٿو. جنهن پنهنجي سروپ کي نہ سمجهيو آهي ۽ سچ کي اندر ۾ نہ ڌاريو آهي، سو ڀلي پنڊت بہ آهي، تڏهين بہ هو مورکہ آهي.

(٥) سچي جڳتُ ڏهڪائيا، ڪهڻا ڪڇو نہ جاءِ

نانڪ جو تِسُ پاوي سو ڪري، جِئہ تِس ڪي رضاءِ.

آرٿ:- سچي پرميشور جڳت کي ڀرمايو آهي ۽ ڪجهہ جيو نہ ٿو وڃي. سري گورو امرديو جن فرمائين ٿا تہ "هي پنڊت! جيڪي آڪال پرکہ کي وڻي ٿو، سوئي ڪري ٿو ۽ جهڙيطرح هنجي آگيا هوندي، تهڙيطرح هو آئينده ڪندو."

ਮਨੁ ਸੰਤੋਖੀਐ ਤਾ ਫਿਰਿ ਤ੍ਰਿਸਨਾ ਭੂਖ ਨ ਹੋਇ ॥ ਨਾਮੁ ਨਿਧਾਨੁ ਪਾਇਆ ਪਰ ਘਰਿ ਜਾਇ ਨ ਕੋਇ ॥ ੨ ॥ ਕਥਨੀ ਬਦਨੀ ਜੇ ਕਰੇ ਮਨਮੁਖਿ ਬੂਝ ਨ ਹੋਇ ॥ ਗੁਰਮਤੀ ਘਟਿ ਚਾਨਣਾ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਪਾਵੈ ਸੋਇ ॥ ੩ ॥ ਸੁਣਿ ਸਾਸਤ੍ਰ ਤੂੰ ਨ ਬੁਝਹੀ ਤਾ ਫਿਰਹਿ ਬਾਰੋ ਬਾਰ ॥ ਸੋ ਮੂਰਖੁ ਜੋ ਆਪੁ ਨ ਪਛਾਣਈ ਸਚਿ ਨ ਧਰੇ ਪਿਆਰੁ ॥ ੪ ॥ ਸਚੈ ਜਗਤੁ ਡਹਕਾਇਆ ਕਹਣਾ ਕਛੂ ਨ ਜਾਇ ॥ ਨਾਨਕ ਜੋ ਤਿਸੁ ਭਾਵੈ ਸੋ ਕਰੇ ਜਿਉ ਤਿਸਕੀ ਰਜਾਇ ॥ ੫ ॥ ੭ ॥ ੯ ॥

گوُجري محلا تيجا شبد (٧)

اُپديش

(١) ايڪو نامُ نِڌانُ پنڊِت، سُڻِ سِکِ سَچُ سوئِي

دوُجئِ ڀاءِ جيتا پڙهِ، پڙت گُڻت سَدا دُکُ هوئِي

آرٿ:- هي پنڊت! جيڪو هڪ نام روپي خزانو آهي، سو تون سڻ ۽ ستگورن جي سکيا هردي ۾ ڌار، اهائي سچي ڳالهه آهي. پين ڳالهين ۾ لڳي جيترو تون پڙهندين ۽ پڙهي ويچار ڪندين، اوتروئي توکي سديو دک ٿيندو. [سِکِ = سکيا. گُڻت = ويچارڻ.]

هرِ چرڻِي تون لاگِ رهُ، گور شبدِ سوجهي هوئِي

هرِ رس رسنا چاکُ تون، تا منُ نِرملُ هوئِي

(اِڪ رهاءُ)

آرٿ:- هي پنڊت! تون پرميشور جي چرنن ۾ لڳو رهه ته گوروءَ جي اُپديش ڪري توکي سچ ۽ جوت جي سوجهي پوندي. هريءَ جي سمرن روپ رس کي تون زبان سان چکُ يعني بار بار هريءَ جو نام اُچار ته تنهنجو من شڌ ٿئي.

(٢) سَتِگورِ مِلِئي منُ سنتوکيئي، تا ڦِرِ تِرِشنا ڀوکُ نه هوءِ

نامُ نِڌانُ پائِيا، پر گهرِ جاءِ نه ڪوءِ

مونکي اوهين نام دان بخشيو. ٻئي ڪنهن به وستوءَ جي مونکي لوڙ نه آهي." ائين چئي هيءُ پريم ڀريل شبد مکه مان اُچاريائون.

(۱) هرِ ڪي جن ستگور ست پرکا، بنئُه ڪرءُ گور پاسِ
هم ڪيري ڪِرم ستگور سرڻائي، ڪرِ دئيا نام پرگاسِ

ارٿ:- هي هريءَ جا پيارا ستگورو، ست پرش! مان توهان ستگورن وٽ وينتي ٿو ڪريان ته مان ڪينئَن ۽ ننڍو ڪينئُون آهيان يعني بلڪل خسيس جيو آهيان، پر توهان ستگورن جي سرڻ پيو آهيان؛ ديا ڪري (منهنجي هردي ۾) نام جو پرڪاش ڪريو.
[بنئُه = وينتي. ڪرم = ڪينئُون. ڪيري = ننڍو ڪينئُون.]

ميري ميت گورديو، موڪئُه رام نام پرگاسِ
گورمت نام ميرا پران سکائي، هرِ ڪيرت همري رهراسِ
(اِ ڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي منهنجا متر گورديو! مونکي پرماتما جي نام جو پرڪاش ڏيو. گوروءَ جي اُپديش دوارا نام منهنجي پراڻن جو ساٿي آهي ۽ هريءَ جو جس ڳائڻ مون لاءِ سچي واٽ آهي. [مت = اُپديش. سکائي = ساٿي. رهراس = سچي واٽ.]

(۲) هر جن ڪي وڏ ڀاڳ وڏيري، جن هرِ هرِ سرڌا هرِ پياس
هرِ هرِ نام مِلئي ترپتا سهِ، مِل سنگت گُڻ پرگاسِ

ارٿ:- هريءَ جي (اُنهن) داسن جا وڏي ۾ وڏا ڀاڳ آهن، جن کي هريءَ لاءِ سرڌا ۽ پياس آهي. هو هريءَ جي نام ملڻ سان ترپت ٿين ٿا ۽ ساڌ سنگت سان ملڻ ڪري هنن ۾ گڻن جو پرڪاش ٿئي ٿو.

੧ ਓ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਰਾਗੁ ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੪ ਚਉਪਦੇ ਘਰੁ ੧

ਹਰਿ ਕੇ ਜਨ ਸਤਿਗੁਰ ਸਤ ਪੁਰਖਾ ਹਉ ਬਿਨਉ ਕਰਉ ਗੁਰ ਪਾਸਿ ॥ ਹਮ ਕੀਰੇ ਕਿਰਮ ਸਤਿਗੁਰ ਸਰਣਾਈ ਕਰਿ ਦਇਆ ਨਾਮੁ ਪਰਗਾਸਿ ॥ ੧ ॥ ਮੇਰੇ ਮੀਤ ਗੁਰਦੇਵ ਮੋਕਉ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਪਰਗਾਸਿ ॥ ਗੁਰਮਤਿ ਨਾਮੁ ਮੇਰਾ ਪ੍ਰਾਨ ਸਖਾਈ ਹਰਿ ਕੀਰਤਿ ਹਮਰੀ ਰਹਰਾਸਿ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਹਰਿ ਜਨ ਕੇ ਵਡ ਭਾਗ ਵਡੇਰੇ ਜਿਨ ਹਰਿ ਹਰਿ ਸਰਧਾ ਹਰਿ ਪਿਆਸ ॥ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਮਿਲੈ ਤ੍ਰਿਪਤਾਸਹਿ ਮਿਲਿ ਸੰਗਤਿ ਗੁਣ ਪਰਗਾਸਿ ॥ ੨ ॥ ਜਿਨ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਰਸੁ ਨਾਮੁ ਨ ਪਾਇਆ ਤੇ ਭਾਗ ਹੀਣ ਜਮ ਪਾਸਿ ॥ ਜੋ ਸਤਿਗੁਰ ਸਰਣਿ ਸੰਗਤਿ ਨਹੀ ਆਏ ਧ੍ਰਿਗੁ ਜੀਵੇ ਧ੍ਰਿਗੁ ਜੀਵਾਸਿ ॥ ੩ ॥ ਜਿਨ ਹਰਿ ਜਨ ਸਤਿਗੁਰ ਸੰਗਤਿ ਪਾਈ ਤਿਨ ਧੁਰਿ ਮਸਤਕਿ ਲਿਖਿਆ ਲਿਖਾਸਿ ॥ ਧੰਨੁ ਧੰਨੁ ਸਤ ਸੰਗਤਿ ਜਿਤੁ ਹਰਿ ਰਸੁ ਪਾਇਆ ਮਿਲਿ ਨਾਨਕ ਨਾਮੁ ਪਰਗਾਸਿ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

راڳ گوُجري محلا چوٿان چوپدي گهر پهلا شبد (۱)

گوروءَ اڳيان وينتي

اُٿانڪا:- هي شبد سري گورو رامداس صاحب جن تڏهين اُچاريو آهي، جڏهين هو پنهنجي ساهري گهر ڄڃ وٺي وهانءُ ڪرڻ لاءِ ويا هئا؛ سندن سهري سري گورو امرداس صاحب جن رسم ۽ ريتيءَ موجب کين چيو تہ ”ٻچا تو کي هينئر ڪهڙي سوکڙي کپي؟“ تڏهين سري گورو رامداس صاحب هٿ ٻڌي ستگورن کي وينتي ڪري چوڻ لڳا تہ ”سچا پاتشاهہ، اوهانجي مهر مونکي اڳيئي گهڻي آهي.

نہ آيو آهي ؛ جن ستگورن جي سنگت جو لاڀ نہ پاتو آهي ، اُنهن اَڀاڳن پرشن جو جنم ئي اَڪيارٿو آهي. ڌن آهي اُها ساڌ سنگت ، جتي نام جي رس پائڻ ڪري جيو کي نام جو پرڪاش ٿئي ٿو."

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੪

ਗੋਵਿੰਦੁ ਗੋਵਿੰਦੁ ਪ੍ਰੀਤਮੁ ਮਨਿ ਪ੍ਰੀਤਮੁ ਮਿਲਿ ਸਤ ਸੰਗਤਿ ਸਬਦਿ ਮਨੁ ਮੋਹੈ ॥ ਜਪਿ ਗੋਵਿੰਦੁ ਗੋਵਿੰਦੁ ਧਿਆਈਐ ਸਭ ਕਉ ਦਾਨੁ ਦੇਇ ਪ੍ਰਭੁ ਓਹੈ ॥ ੧ ॥ ਮੇਰੇ ਭਾਈ ਜਨਾ ਮੋਕਉ ਗੋਵਿੰਦੁ ਗੋਵਿੰਦੁ ਗੋਵਿੰਦੁ ਮਨੁ ਮੋਹੈ ॥ ਗੋਵਿੰਦ ਗੋਵਿੰਦ ਗੋਵਿੰਦ ਗੁਣ ਗਾਵਾ ਮਿਲਿ ਗੁਰ ਸਾਧ ਸੰਗਤਿ ਜਨੁ ਸੋਹੈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸੁਖ ਸਾਗਰ ਹਰਿ ਭਗਤਿ ਹੈ ਗੁਰਮਤਿ ਕਉਲਾ ਰਿਧਿ ਸਿਧਿ ਲਾਗੈ ਪਗਿ ਓਹੈ ॥ ਜਨ ਕਉ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਆਧਾਰਾ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਜਪਤ ਹਰਿ ਨਾਮੇ ਸੋਹੈ ॥ ੨ ॥ ਦੁਰਮਤਿ ਭਾਗਹੀਨ ਮਤਿ ਫੀਕੇ ਨਾਮੁ ਸੁਨਤ ਆਵੈ ਮਨਿ ਰੋਹੈ ॥ ਕਊਆ ਕਾਗ ਕਉ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਰਸੁ ਪਾਈਐ ਤ੍ਰਿਪਤੈ ਵਿਸਟਾ ਖਾਇ ਮੁਖਿ ਗੋਹੈ ॥ ੩ ॥ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਸਰੁ ਸਤਿਗੁਰੁ ਸਤਿ ਵਾਦੀ ਜਿਤੁ ਨਾਤੈ ਕਊਆ ਹੰਸੁ ਹੋਹੈ ॥ ਨਾਨਕ ਧਨੁ ਧੰਨੁ ਵਡੇ ਵਡਭਾਗੀ ਜਿਨ ਗੁਰਮਤਿ ਨਾਮੁ ਰਿਦੈ ਮਲੁ ਧੋਹੈ ॥ ੪ ॥ ੨ ॥

گوُجري محلا چوٿان شبد (٢)

اُپديش

(١) گووِند گووِند پريتم مَن پريتم مِل سَت سنگتِ شبدِ مَن موهي
جَپ گووِند گووِند ڌِيائيئي ، سڀ ڪَئُہ دانُ ديئہ
پرڀ اوهي

اَرٿ :- هي ڀائي ! گوبند ئي منهنجي من کي پيارو آهي. گوبند ئي منهنجي سريرکي پيارو آهي. ست سنگت سان ملي

(۳) جِنِ هرِ هرِ هرِ رسُ نامُ نہ پائيا، تي ڀاڳہ هيڻ جم پاسِ
جو ستگور سرڻِ سنگتِ نهي آئي، ڌِرگُ جيوي ڌِرگُ جيواسِ

آرٿ:- جن هريءَ جي نام جو رس نہ ورتو آهي، سي نڀاڳا آهن؛ اهي جم راج وٽ ويندا. جيڪي جيو ستگوروءَ ۽ ساڌ سنگت جي سرڻ ۾ نہ آيا آهن، تنهجي جيئڻ تي ڌڪار آهي ۽ سندن وڏيڪ جيئڻ جي چاهنا رکڻ تي بہ ڌڪار آهي. [ڌرگ = ڌڪار. جيواس = وڏيڪ جيئڻ جي چاهنا.]

(۴) جِنِ هرِ جن ستگور سنگتِ پائي، تِن ڌُرِ مستڪِ لِکِئا لِکاسِ
ڌَنُ ڌَنُ ستِ سنگتِ جِتُ هرِ رسُ پائيا،
مِلِ جن نانڪ نامُ پرگاسِ.

آرٿ:- جن هريءَ جي داسن ستگوروءَ جي سنگت پاتي آهي، تنهجي مستڪ تي ڌر کان ئي ليک لکيل سمجهو. ڌن آهي ساڌ سنگت، جتي هريءَ جو آنند پائجي ٿو. صاحب فرمائين ٿا تہ هريءَ جي داسن سان ملڻ ڪري نام جو پرڪاش ٿئي ٿو.

ڀاٽ پرچ

”هي پرماتما جا پيارا! هي ستگورو! هي پورن پرش! هي منهنجا سچا گوروديو! مان هڪ ڪيئون اوهانجي سرڻ آيو آهيان. ديا ڪري مونکي رام جي نام جو سوجهرو بخشيو. رام جو نام ئي منهنجي پراڻن جو پران آهي ۽ هريءَ جو جس ئي منهنجو سچو مارگ آهي. هريءَ جي داسن جا وڏا ڀاڳ آهن، جو جو اُنهنکي هريءَ ۾ شرڌا ۽ سندس نام جي پياس آهي. اُهي نام سان ئي ترپت ٿين ٿا ۽ ست سنگہ حاصل ڪري گڻوان بڻجن ٿا، پر جن کي رام جي نام جو رس

(٤) اَمرت سَرُ ستگورُ سَتِ وادي، جِتُ ناتي ڪئوُنا
هنسُ هوئي
نانڪ ڌَنُ ڌَنُ وڏي وَڏَ ڀاڳي، جِن گورمَتِ نامُ رِدي
مَلُ ڌوهي.

آرت:- هي ڀائي! ستگورو، جي سچ ٻوليندڙ آهن، سي امرت جا تلاءُ آهن، جن ۾ اشنان ڪرڻ سان ڪانوَ ٻه هنس ٿي پون ٿا يعني منمک ستگورن جي سرڻ ۾ اچڻ ڪري گورمک ٿي پون ٿا. سري گورو رامداس صاحب جن فرمائين ٿا تہ ”اُهي ڌنيواد جا لائق آهن، اُهي ڌنيواد جا لائق آهن، اُهي وڏن ڀاڳن وارا آهن، جن ستگورن جي سکيا سان نام جپي ردي جي مل (گندگي) ڌوتي آهي.“

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੪

ਹਰਿ ਜਨ ਊਤਮ ਊਤਮ ਬਾਣੀ ਮੁਖਿ ਬੋਲਹਿ ਪਰ ਉਪਕਾਰੇ ॥ ਜੋ ਜਨੁ ਸੁਣੈ ਸਰਧਾ ਭਗਤਿ ਸੇਤੀ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਹਰਿ ਨਿਸਤਾਰੇ ॥੧॥ ਰਾਮ ਮੋਕਉ ਹਰਿ ਜਨ ਮੇਲਿ ਪਿਆਰੇ ॥ ਮੇਰੇ ਪ੍ਰੀਤਮ ਪ੍ਰਾਨ ਸਤਿਗੁਰੁ ਗੁਰੁ ਪੂਰਾ ਹਮ ਪਾਪੀ ਗੁਰਿ ਨਿਸਤਾਰੇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਵਡਭਾਗੀ ਵਡਭਾਗੇ ਜਿਨ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਅਧਾਰੇ ॥ ਹਰਿ ਹਰਿ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਹਰਿ ਰਸੁ ਪਾਵਹਿ ਗੁਰਮਤਿ ਭਗਤਿ ਭੰਡਾਰੇ ॥ ੨ ॥ ਜਿਨ ਦਰਸਨੁ ਸਤਿਗੁਰ ਸਤਪੁਰਖ ਨ ਪਾਇਆ ਤੇ ਭਾਗ ਹੀਣ ਜਮਿ ਮਾਰੇ ॥ ਸੇ ਕੂਕਰ ਸੂਕਰ ਗਰਧਭ ਪਵਹਿ ਗਰਭ ਜੋਨੀ ਦਯਿ ਮਾਰੇ ਮਹਾ ਹਤਿਆਰੇ ॥ ੩ ॥ ਦੀਨ ਦਇਆਲ ਹੋਹੁ ਜਨ ਊਪਰਿ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਲੇਹੁ ਉਬਾਰੇ ॥ ਨਾਨਕ ਜਨ ਹਰਿ ਕੀ ਸਰਣਾਈ ਹਰਿ ਭਾਵੈ ਹਰਿ ਨਿਸਤਾਰੇ ॥ ੪ ॥ ੩ ॥

گوجري محلا چوٿان شبد (٣)

هن مهاسندر شبد ۾ سري گورو رامداس صاحب جن پنهنجي ستگورو گورو امرديو جن جي مهما ڪن ٿا.

ستگوروءَ جي اُپديش سان من موهيو وڃي ٿو. گوبند جو جاپ ڪجي، گوبند جو نام ڌيائجي. اُهو مالڪ سڀني کي دان ڏيندڙ آهي.

ميري ڀائي جنا، مو ڪَءُ گووِند گووِند گووِند مَنُ موهِئِ
گووِند گووِند گووِند گُڻ گاوا، مِلِ گور ساڌ سنگتِ
جَنُ سوهِئِ (اِڪ رهاءُ)

آرٿ:- هي ڀائرو! منهنجي من کي گوبند جي نام (من، تن ۽ ٻاڻي ڪري) موهي ڇڏيو آهي يعني وس ڪيو آهي، جنهن ڪري مان من، تن ۽ ٻاڻي ڪري گوبند جا گڻ ڳايان ٿو. ستگوروءَ جي ساڌ سنگت سان ملڻ ڪري هي جيو سهڻو لڳي ٿو.

(۲) سُک ساگر هرِ ڀگتِ هِئِ، گورمتِ ڪؤلا رِڌ سِڌ لاڳي پڳ اوهِئِ
جَنَ ڪَءُ رام نام آڌارا، هرِ نامُ جپت هرِ نامي سوهِئِ

ارٿ:- هي ڀائي! جن گوروءَ جي سکيا وٺي سُکن جي ساگر هريءَ جي ڀڳتي ڪئي آهي، تن ڀڳتن جي چرنن تي لڳي ٿي لڇمي، جا رڌين سڌين جي ڏيندڙ آهي، پر داسن (سنتن) کي هريءَ جي نام جوئي آسرو آهي (اُهي رڌين سڌين ڏانهن نهارين ئي ڪونه). اُهي هريءَ جو نام جپين ٿا ۽ هريءَ جي نام ڪري سوڀنيڪ ٿين ٿا.

(۳) دُرمتِ ڀاڳ هِينَ مَتِ ڦيڪي، نام سنت آوئِ مَنِ روهِئِ
ڪَءُڏا ڪاڳ ڪَءُ اَمرت رسُ پائيئِ، ترِپتئِ وِشٽا
ڪاءِ مُکِ گوهِئِ

آرٿ:- هي ڀائي! جيڪي کوٽي عقل وارا منمک منڌي ڀاڳ وارا ۽ کوٽي بُڌي وارا آهن، تنکي هريءَ جو نام ٻُڌي ڪروڌ اچي ٿو، جهڙيطرح وڏا ڪانو ۽ ننڍا ڪانو امرت پائين ٿا، پر ترپت تڏهين ٿين ٿا، جڏهين مُک ۾ وشٽا ۽ گند پوين ٿو. [من روهئِ = من ۾ روس يا ڪروڌ اچي ٿو. گوهئِ = گونهه، وشٽا، گند.]

ارٿ :- جن ست پرشن ستگوروءَ جو درشن نہ پاتو آهي، سي منمکہ ڪوتن ڀاڳن وارا آهن ۽ تنکي جم ماري ٿو. اهي ڪتن، سوئرن ۽ گڏھ آدڪ جونين ۾ پون ٿا ۽ اُنهن مها هڇيارن کي پرماتما سزا ڏئي ٿو. [ڪوڪر = ڪتا. سوڪر = سوئر. گرڌڀ = گڏھ. ديو = پرڪاشوان، پرماتما.]

(٤) دِيَن دَئِيالَ هوھُ جَنَ اوُپَرِ، ڪَرِ ڪِرپا ليھُ اُبارِي

نَانَڪَ جَنَ هَرِ ڪِي سَرَڻَائِي، هَرِ پاوِئِ هَرِ نِستارِي.

ارٿ :- هي دين ديال! مون غريب تي ڪرپا درشٽي ڪري مونکي جونين کان بچائي وٺ. سري گورو رامداس صاحب جن وينتي ڪري چون ٿا تہ "هي هري! مون تنهنجي سرڻ ورتي آهي. هي هري، جنهنکي وڻي ٿو، تنهنکي تون سنسار ساگر کان تاري پار ڪرين ٿو."

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੪

ਹੋਹੁ ਦਇਆਲ ਮੇਰਾ ਮਨੁ ਲਾਵਹੁ ਹਉ ਅਨਦਿਨੁ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਨਿਤ ਧਿਆਈ ॥ ਸਭਿ ਸੁਖ ਸਭਿ ਗੁਣ ਸਭਿ ਨਿਧਾਨ ਹਰਿ ਜਿਤੁ ਜਪਿਐ ਦੁਖ ਭੁਖ ਸਭ ਲਹਿ ਜਾਈ ॥ ੧ ॥ ਮਨ ਮੇਰੇ ਮੇਰਾ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਸਖਾ ਹਰਿ ਭਾਈ ॥ ਗੁਰਮਤਿ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਜਸੁ ਗਾਵਾ ਅੰਤਿ ਬੇਲੀ ਦਰਗਹ ਲਏ ਛਡਾਈ ॥੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਤੂੰ ਆਪੇ ਦਾਤਾ ਪ੍ਰਭੁ ਅੰਤਰਜਾਮੀ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਲੋਚ ਮੇਰੈ ਮਨਿ ਲਾਈ ॥ ਮੈ ਮਨਿ ਤਨਿ ਲੋਚ ਲਗੀ ਹਰਿ ਸੇਤੀ ਪ੍ਰਭਿ ਲੋਚ ਪੂਰੀ ਸਤਿਗੁਰ ਸਰਣਾਈ ॥ ੨ ॥ ਮਾਣਸ ਜਨਮੁ ਪੁੰਨਿ ਕਰਿ ਪਾਇਆ ਬਿਨੁ ਨਾਵੈ ਧ੍ਰਿਗੁ ਧ੍ਰਿਗੁ ਬਿਰਥਾ ਜਾਈ ॥ ਨਾਮ ਬਿਨਾ ਰਸ ਕਸ ਦੁਖੁ ਖਾਵੈ ਮੁਖੁ ਫੀਕਾ ਥੁਕ ਥੂਕ ਮਖਿ ਪਾਈ ॥ ੩ ॥ ਜੋ ਜਨ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭ ਹਰਿ ਹਰਿ ਸਰਣਾ ਤਿਨ ਦਰਗਹ ਹਰਿ ਹਰਿ ਰਿਦੇ ਵਡਿਆਈ ॥ ਧੰਨੁ ਧੰਨੁ ਸਾਬਾਸਿ ਕਹੈ ਪ੍ਰਭੁ ਜਨ ਕਉ ਜਨ ਨਾਨਕ ਮੇਲਿ ਲਏ ਗਲਿ ਲਾਈ ॥ ੪ ॥ ੪ ॥

(١) هرِ جن اوُتم اوُتم باڻي، مکہ بولهہ پراُپڪاري
جو جن سُڻي سرڌا ڀڳت سيتي، ڪرِ ڪرپا هرِ نستاري

ارٿ:- اُتم هريءَ جي سنتن جي باڻي بہ اُتم آهي. مکہ مان جي وچن بولين ٿا، سي پراُپڪار جا بولين ٿا يعني اُنهن وچنن ۾ ٻين جو فائدو آهي. اُنهن وچنن کي جيڪو شرڌا ۽ ڀڳتيءَ سان سڻي ٿو، تنهنکي ڀريو ڪرپا ڪري سنسار ساگر کان پار ڪري ڇڏي ٿو.

رامَ، موڪَهُ هرِ جن ميلِ پياري
ميري پرِيتمَ پِرانَ ستگوُرُ گوُرُ پوُرا، هم پاپي گوُرِ نستاري
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي سرووياپي رام! مونکي پنهنجن سنتن سان ملائي ڇڏ. منهنجي پرانن جا پران جيڪي وڏا پورن ستگورو آهن، سي گورو مون پاپيءَ کي سنسار ساگر کان پار ڪري ڇڏيندا.

(٢) گوُرمُکہ وڏڀاڳي وڏڀاڳي، جن هرِ هرِ نامُ آڌاري
هرِ هرِ امرتُ هرِ رسُ پاوهِ، گوُرمتِ ڀڳتِ ڀنڊاري

ارٿ:- اُنهن وڏڀاڳي گورمکن جا وڏا ڀاڳ آهن، جنکي هريءَ جي نام جو آسرو آهي. اُهي گوروءَ جي سکيا ڏئاران هري نام جي امرت جو رس پائين ٿا ۽ ڀڳتيءَ جو ڀنڊار حاصل ڪن ٿا.

(٣) جِن دَرسنُ سَتِگوُر سَتِ پُرکہ نہ پائيا، تي ڀاڳہ هيڻ جمِ ماري
سي ڪوُڪرَ سوُڪرَ گرڌڀ پوهِ گرڀ جوني، ديہ ماري مها هتياري

هي هري! منهنجي من توڙي تن کي تنهنجي نام جي سڪ لڳي آهي، پوءِ تو مونکي ستگورن جي سرن ڏيئي منهنجي سڪ پورن ڪئي آهي.

(٣) ماڻس جنمُ پِن ڪرِ پائِيا، بِنُ ناوئِ ڌِرگُ ڌِرگُ بِرٿا جائي نام بِنا رس ڪس دُکُ کاوئِ، مُکُ ڦِيڪا ٿُڪَ ٿُوڪَ مُکِ پائي

ارٿ:- هي ماڻڪا جنم وڏن پڃن ڪري پائجي ٿو، پر نام ڪانسواءِ وئرٿ وڃي ٿو؛ تنهنڪري اهڙي جنم کي ڌڪار آهي، ڌڪار آهي. نام ڪانسواءِ خوشيون ۽ آنندن ماں دکر پيدا ٿين ٿا. اُنهن وِشئي آدمين جي منهن ماں ڪوڙا وچن نڪرن ٿا ۽ اُنهنجي منهن ۾ ٿڪون ئي ٿڪون پون ٿيون (پاو- سڀڪو کين ڌڪاري ٿو.)
[رس ڪس = خوشيون ۽ آنند.]

(٤) جو جن هرِ پربھ هرِ هرِ سرڻا، تِن درگھ هرِ هرِ دي وڏائي ڌنُ ڌنُ شاباسِ ڪهئِ پربھ جن ڪئُ، جن نانڪ ميلِ لئي گلِ لائي.

ارٿ:- هي هري! جي پُرش تنهنجي سرڻ ۾ اچن ٿا، تن کي تون درگاھ ۾ وڏائي ڏين ٿو. سري گورو رامداس صاحب جن فرمائين ٿا تہ پربُو پنهنجي داسن کي ڌنيواد ۽ شاباس ڏئي ٿو ۽ کين پنهنجي گلي سان لائي پاڻ سان ملائي ڇڏي ٿو.

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੪

ਗੁਰਮੁਖਿ ਸਖੀ ਸਹੇਲੀ ਮੇਰੀ ਮੋਕਉ ਦੇਵਹੁ ਦਾਨੁ ਹਰਿ ਪ੍ਰਾਨ ਜੀਵਾਇਆ ॥ ਹਮ ਹੋਵਹ ਲਾਲੇ ਗੋਲੇ ਗੁਰ ਸਿਖਾ ਕੇ ਜਿਨਾ ਅਨਦਿਨੁ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭੁ ਪੁਰਖੁ ਧਿਆਇਆ ॥ ੧ ॥ ਮੇਰੈ ਮਨਿ ਤਨਿ ਬਿਰਹੁ ਗੁਰ

گوُجري محلا چوٿان شبد (۴)

(۱) هوهُ دئيالَ ميرا مَنُ لاوهَ، هئہ آنَ ڏِنُ رامَ نامُ نِت ڌيائي

سَبِ سُکہ سَبِ گُڻَ سَبِ نِڌان هَرِ، جِتُ جپئِيَ ڏُکہ بُکہ سَبِ لَهِ جائي

ارٿ:- هي پربهو! مون تي ديال ٿي منهنجي من کي اهڙيءَ طرح رام نام ۾ لڳاءِ، جو مان رات ڏينهن رام نام جي ڌيان ۾ لڳو رهان. هي هري! تنهنجو نام سڀني سکن، سڀني گڻن ۽ سڀني خزانن روپ آهي، جنهنجي جپڻ ڪري سڀ ڏک ۽ بکون لهي وڃن ٿيون.

مَن ميري، ميرا رامَ نامُ سکا هَرِ پائي

گورمَتِ رامَ نامُ جسُ گاوا، اَنتِ بيلي ڏرگهہ لئي ڇڏائي (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي هري! منهنجي من اِهو ڄاتو آهي تہ رام نام ئِي منهنجو مترُ ۽ منهنجو ڀاءُ آهي. مان ستگوروءَ جي سکيا وٺِي تنهنجي رام نام جو جس ڳايان ٿو، جو انت سمي ڏرگاهہ ۾ منهنجو سهائڪ ٿِي مونکي ڏکن کان ڇڏائيندو.

(۲) تُون آپي داتا پربِ اَنترجامِي، ڪِرِپا لوچہ ميرئِ مَنِ لائي

ميءِ مَنِ تَنِ لوچہ لَگي هَرِ سيتي، پربِ لوچہ پوُرِي ستگورُ سرڻائي

ارٿ:- هي پربهو انترجامِي! تون پاڻ ئي داتار آهين. تو ڪرپا ڪري منهنجي من ۾ پنهنجي نام جي سِڪ لڳائي آهي،

ਸਿਖ ਪਗ ਲਾਇਆ ॥ ਮੇਰੇ ਪ੍ਰਾਨ ਸਖਾ ਗੁਰ ਕੇ ਸਿਖ ਭਾਈ ਮੋਕਉ ਕਰਹੁ ਉਪਦੇਸੁ ਹਰਿ ਮਿਲੈ ਮਿਲਾਇਆ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਾ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭ ਭਾਵੈ ਤਾ ਗੁਰਮੁਖਿ ਮੇਲੇ ਜਿਨ ਵਚਨ ਗੁਰੂ ਸਤਿਗੁਰ ਮਨਿ ਭਾਇਆ ॥ ਵਡਭਾਗੀ ਗੁਰ ਕੇ ਸਿਖ ਪਿਆਰੇ ਹਰਿ ਨਿਰਬਾਣੀ ਨਿਰਬਾਣ ਪਦੁ ਪਾਇਆ ॥ ੨ ॥ ਸਤ ਸੰਗਤਿ ਗੁਰ ਕੀ ਹਰਿ ਪਿਆਰੀ ਜਿਨ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਮੀਠਾ ਮਨਿ ਭਾਇਆ ॥ ਜਿਨ ਸਤਿਗੁਰ ਸੰਗਤਿ ਸੰਗੁ ਨ ਪਾਇਆ ਸੇ ਭਾਗ ਹੀਣ ਪਾਪੀ ਜਮਿ ਖਾਇਆ ॥ ੩ ॥ ਆਪਿ ਕ੍ਰਿਪਾਲੁ ਕ੍ਰਿਪਾ ਪ੍ਰਭੁ ਧਾਰੇ ਹਰਿ ਆਪੇ ਗੁਰਮੁਖਿ ਮਿਲੈ ਮਿਲਾਇਆ ॥ ਜਨੁ ਨਾਨਕੁ ਬੋਲੇ ਗੁਣ ਬਾਣੀ ਗੁਰ ਬਾਣੀ ਹਰਿ ਨਾਮਿ ਸਮਾਇਆ ॥ ੪ ॥ ੫ ॥

گوجري محلا چوٿان شبد (٥)

هن سندر شبد ۾ سري گورو رامداس صاحب گور سکن جي مهما ورنن ڪن ٿا.

(١) گورمکہ سکي سهيلي ميري، موکُہ ديوهُ دانُ هرِپران جيوائيا

هرهووهہ لالي گولي گورسکان کي، جنان

آن دِنُ هرِ پرپ پُرکہ ڏِئائيا

ارٿ :- مي منهنجون سکيون سهيليون يعني گورمکو! مونکي اهڙو هريءَ سمرن جو دان ڏيو جو منهنجي پرانن کي جيئرو ڪري يعني سٿلو ڪري. جن رات ڏينهن پرميشور مالڪ آڪال پرکہ کي ڏيايو آهي، تن گورمکن جي داسن جو داس مان آهيان.

ميريءِ من تن برهہ گور سکہ پگہ لائيا

ميري پران سکا گور کي سکہ پائي، موکُہ کرهُ

اُپديشُ، هرِ مليءِ ملائيا (اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- ستگوروءَ ديالَ، جن جن پرشن مالڪ کي پاتو آهي، سي شل مونکي اُپديش ڪري هري، مونکي منو ڪري ڏين! جيڪي وڏڀاڳي هريءَ جي نام کي ڌيائين ٿا، تنهنجو سرير توڙي انتهڪرڻ سڀ سيتل ۽ سکي ٿيو آهي. [هرئا = سائو، سکي.]

ڀائي ري موڪَءُ ڪوئي آءِ مِلِيءِ، هرِ نامُ دِڙاوِيءِ

ميري پرِيتمُ پِرانَ مَنُ تَنُ سڀُ ديوا، ميري هرِ پرڀ

ڪي هرِ ڪَٿا سُناوِيءِ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- هي ڀائي! مونکي ڪو اهڙو گورمکُ اچي ملي، جو مونکي هريءَ جو نام درڙ ڪرائي. هي منهنجا پريتم! جو مونکي هريءَ جي ڪٿا ٻڌائي، تنهنکي جيڪر مان پران، من ۽ تن سڀ ڏيئي ڇڏيان.

(٢) ڌيرجُ ڌرمُ گورمَتِ هرِ پائِيا، نِتَ هرِنامِيءِ هرِ سِءُ

چِتُ لاوِيءِ

اَمرتَ بچنَ سَتِگورَ ڪِي ٻاڻِي، جو ٻولِيءِ سو مُکِ

اَمرتُ پاوِيءِ

ارٿ :- گوروءَ جي سکيا سان مون ڌيرج، ڌرم ۽ هري پاتو آهي. شل گورو منهنجو چت هريءَ جي نام ۽ هريءَ سان لڳائي! ستگوروءَ جا وچن امرت روپ ٻاڻي آهن. جيڪي اُهي ٻولين ٿا، سي مکَ ۾ امرت پراپت ڪن ٿا.

(٣) نِرمَلُ نامُ جِتُ مَيلُ نہ لاگِيءِ، گورمَتِ نامُ جپِيءِ لِوَ لاوِيءِ

نامُ پدارَٿُ جِنَ نرنهي پائِيا، سي ڀاڳہ هِيڻ مُئي مرِ جاوِيءِ

ارٿ :- هريءَ جو نام پوتر آهي، جنهنکي ڪڏهين ڪا مئل نہ ٿي لڳي. گوروءَ جي سکيا ديالَ هريءَ جو نام جپيو ۽ اُنهيءَ

(٤) آپِ ڪرپالُ ڪرپا پربُ ڌاري، هَرِ آپي گورمکهِ مِلئي مِلائيا

جَنُ نانڪُ بولي گُڻَ باڻي، گور باڻي هَرِنامِ سَمائيا.

ارٿ:- جڏهين ڪرپال پرميشور پاڻ ڪرپا ڌاري ٿو، تڏهين گورمکن جو ملايل پرميشور پاڻ ئي اچي ملي ٿو. سري گورو رامداس صاحب فرمائين ٿا تہ جيڪي پرميشور جي گڻدائڪ باڻي بولين ٿا، سي گورباڻي دئاران پرميشور نامي ۾ سمائجي وڃن ٿا.

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੪

ਜਿਨ ਸਤਿਗੁਰੁ ਪੁਰਖੁ ਜਿਨਿ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭੁ ਪਾਇਆ ਮੋਕਉ ਕਰਿ ਉਪਦੇਸੁ ਹਰਿ ਮੀਠ ਲਗਾਵੈ ॥ ਮਨੁ ਤਨੁ ਸੀਤਲੁ ਸਭ ਹਰਿਆ ਹੋਆ ਵਡਭਾਗੀ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਧਿਆਵੈ ॥ ੧ ॥ ਭਾਈ ਰੇ ਮੋਕਉ ਕੋਈ ਆਇ ਮਿਲੈ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਦ੍ਰਿੜਾਵੈ ॥ ਮੇਰੇ ਪ੍ਰੀਤਮ ਪ੍ਰਾਨ ਮਨੁ ਤਨੁ ਸਭੁ ਦੇਵਾ ਮੇਰੇ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭ ਕੀ ਹਰਿ ਕਥਾ ਸੁਨਾਵੈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਧੀਰਜੁ ਧਰਮੁ ਗੁਰਮਤਿ ਹਰਿ ਪਾਇਆ ਨਿਤ ਹਰਿ ਨਾਮੈ ਹਰਿ ਸਿਉ ਚਿਤੁ ਲਾਵੈ ॥ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਬਚਨ ਸਤਿਗੁਰ ਕੀ ਬਾਣੀ ਜੋ ਬੋਲੈ ਸੋ ਮੁਖਿ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਪਾਵੈ ॥ ੨ ॥ ਨਿਰਮਲੁ ਨਾਮੁ ਜਿਤੁ ਮੈਲੁ ਨ ਲਾਗੈ ਗੁਰਮਤਿ ਨਾਮੁ ਜਪੈ ਲਿਵ ਲਾਵੈ ॥ ਨਾਮੁ ਪਦਾਰਥੁ ਜਿਨ ਨਰ ਨਹੀ ਪਾਇਆ ਸੇ ਭਾਗਹੀਣ ਮੁਏ ਮਰਿ ਜਾਵੈ ॥ ੩ ॥ ਆਨਦ ਮੂਲੁ ਜਗ ਜੀਵਨ ਦਾਤਾ ਸਭ ਜਨ ਕਉ ਅਨਦੁ ਕਰਹੁ ਹਰਿ ਧਿਆਵੈ ॥ ਤੂੰ ਦਾਤਾ ਜੀਅ ਸਭਿ ਤੇਰੇ ਜਨ ਨਾਨਕ ਗੁਰਮੁਖਿ ਬਖਸਿ ਮਿਲਾਵੈ ॥ ੪ ॥ ੬ ॥

گوجري محلا چوٿان شبد (٦)

ستگورء جي اُپديش ۾ نام هان لاپ

(١) جِنَ ستگور پرکہ جِن هرِ پربُ پائيا، موکئہ کرِ اُپديشُ هرِ ميٺ لگاوي

مَنُ تَنُ سيتَلُ سَبَ هرِئا هوئا، وَڏَڀاڳي هرِنامُ ڌِياوي

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

گوُجري محلا چوٿان گهر تيجا شبد (٧)

هن سندر شبد ۾ سري گورو رامداس صاحب نمرتا ڀاءُ گرهست ۾ پنهنجو نسچو ٻڌائين ٿا.

(١) مائي ٻاپ پتر سڀ هر ڪي ڪيئي
سينا ڪئہ سنبند هر ڪر ديئي

آرت:- ماءُ، پيءُ، پتر آدڪ سڀ پرميشور جا پيدا ڪيل آهن. انهن سڀني کي پيدا ڪري پوءِ سڀني جو سنبند (ميلاپ) پريوءِ ڪيو.

همرا زور سڀ رهئو ميري ڀير
هر کا تن من سڀ هر ڪئي وس هئي سرير
(اِڪ رهاءُ)

آرت:- هي منهنجا دوست! منهنجو زور سڀ ٿڪجي رهيو. (ڀاو- منهنجو زور پريوءِ اڳيان ڪي به نه آهي.) منهنجو تن (سوکم سرير) من ۽ سرير (استول سرير) سڀ هريءِ پرماتما جي وس آهن.

(٢) ڀڳت جنا ڪئہ سردا آپ هر لائي
وچي گرست اُداس رهائي

آرت:- جيڪي پرميشور جا ڀڳت آهن، تنکي نام سمرڻ جي سردا هريءِ پاڻ لڳائي آهي. اُهي ڀڳت گرهست ۾ اُداسين رهن ٿا. (ڀاو- دنيوي پدارٿن کي جوتو سمجهي پرميشور جو نام جپين ٿا.)

(٣) جب انتر پريت هر سئہ بن آئي
تب جو ڪڇہ ڪري س ميري هر پرڀ ڀائي

آرت:- جڏهين دل جي اندر سندن پريت هريءِ سان بڻجي آئي آهي، تڏهين جيڪي اُهي ڪن ٿا، سو هريءِ پرماتما کي وڻي ٿو.

سان لِو لڳايو. جن منمکن هريءَ جو نام پراپت ڪونہ ڪيو آهي،
سي نياڳا وري وري مرن ٿا (يعني جونين ۾ ڦرن ٿا.)

(٤) آنند مُولُ جَگہ جيِون داتا، سَبِ جن ڪَئُہ آنند
ڪَرہُ هرِ ڌياوئِ

تُون داتا جيِئہ سَبِ تيري، جَن نانَڪَ گورمُکہ
بخشِ مِلاوئِ.

ارٿ:- جيڪي هريءَ کي ڌيائين ٿا، اُنهن سڀني جيون کي
هري، جو آنند جو مُول آهي ۽ ساري جڳہ جي جيون جو داتار آهي،
آنند ڏئي ٿو. سري گورو رامداس صاحب وينتي ڪري چون ٿا
تہ "هي هري! تون داتار آهين ۽ سڀ جيو تنهنجا ئي آهن. تون
پنهنجي ڪرپا ڪري گورمکن کي پاڻ سان ملائي ڇڏين ٿو."

੧ ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੪ ਘਰੁ ੩

ਮਾਈ ਬਾਪ ਪੁਤ੍ਰ ਸਭਿ ਹਰਿ ਕੇ ਕੀਏ ॥ ਸਭਨਾ ਕਉ ਸਨਬੰਧੁ ਹਰਿ ਕਰਿ ਦੀਏ ॥ ੧ ॥ ਹਮਰਾ ਜੋਰੁ ਸਭੁ ਰਹਿਓ ਮੇਰੇ ਬੀਰ ॥ ਹਰਿ ਕਾ ਤਨੁ ਮਨੁ ਸਭੁ ਹਰਿ ਕੈ ਵਸਿ ਹੈ ਸਰੀਰ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਭਗਤ ਜਨਾ ਕਉ ਸਰਧਾ ਆਪਿ ਹਰਿ ਲਾਈ ॥ ਵਿਚੇ ਗ੍ਰਿਸਤ ਉਦਾਸ ਰਹਾਈ ॥ ੨ ॥ ਜਬ ਅੰਤਰਿ ਪ੍ਰੀਤਿ ਹਰਿ ਸਿਉ ਬਨਿਆਈ ॥ ਤਬ ਜੋ ਕਿਛੁ ਕਰੇ ਸੁ ਮੇਰੇ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭ ਭਾਈ ॥ ੩ ॥ ਜਿਤੁ ਕਾਰੈ ਕੰਮਿ ਹਮ ਹਰਿ ਲਾਏ ॥ ਸੋ ਹਮ ਕਰਹ ਜੁ ਆਪਿ ਕਰਾਏ ॥ ੪ ॥ ਜਿਨ ਕੀ ਭਗਤਿ ਮੇਰੇ ਪ੍ਰਭ ਭਾਈ ॥ ਤੇ ਜਨ ਨਾਨਕ ਰਾਮ ਨਾਮ ਲਿਵ ਲਾਈ ॥ ੫ ॥ ੧ ॥

گوُجري محلا پنجوان چؤپدي گهر پهلا

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

پرماتمائي سڀ جو آڌار

اُٿانڪا:- هڪ دفعي امرتسر جي شهر ۾ سخت ڏڪار آچي پيو. تنهن تي ڀاڳو پيڙو صاحب ۽ ڪي سِکه سري گورو ارجن صاحب وٽ آيا، ۽ اچي چيائون تہ سائين! "لنگر لاءِ اَن اچي ئي ٿو ۽ خرچ وڌي ويو آهي. ويچارا ماڻهو جي لنگر ۾ پوڄڻ تي ايندا آهن، تنهجو ڪهڙو حال ٿيندو؟" تنهن تي صاحبن فرمايو تہ "سڀ کي رزق ڏيڻ وارو پرميشور ئي آهي، اوهين ڪا چنتا نہ ڪريو. مارڻ ۽ جيئارڻ وارو اُهو ئي آهي." انهن چئي صاحبن هيٺيون شبد اُچاريو:-

(۱) ڪاهي ري مَن چِتوهِ اُدمُ، جا آهرِ هرِ جيءُ پرِيا
سئِلَ پٿر مهِ جنت اُپائي، ٿا ڪا رِزقُ آگي ڪرِ ڌرِيا

ارٿ:- هي مَن! (پيٽ لاءِ) تون اُدم جي چنتا ڇو پيو ڪرين، جڏهين تنهنجو آسرو هريءَ تي ئي آهي؟ پهاڙن ۽ ٽڪرين ۾ جيڪي جنت هن پيدا ڪيا آهن، تن لاءِ رزق (انهن جي پيدا ڪرڻ کان) اڳيئي تيار ڪري رکيو اٿس. [آهر = آسرو. سئِل = پهاڙ.]

ميري ماڌؤ جي ست سنگتِ مِلي سُ تريا
گور پرسادِ پرم پد پائيا، سوُکي ڪاشٽ هريا

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي منهنجا پرميشور! جيڪي ست سنگ ۾ اچي ملن ٿا، سي ئي ترن ٿا. گوروءَ جي ديا سان ئي وڏو پد پائجي ٿو ۽ سڪل ڪاٺ بہ ساوو ٿي پوي ٿو يعني گوروءَ جي ديا سان اڻهڪرڻ شُد ٿيو پوي. [ماڌؤ = لڪشميءَ جو پتي، پرميشور. ڪاشٽ = ڪاٺ.]

(٤) جِتُ ڪاريِ ڪِرهر هرِ لائي
سو هر ڪرهہ جہ آپِ ڪرائي

ارت:- جنهن ڪار يا ڪم ۾ هري اسانکي لڳايو آهي، سوئي اسين ڪريون ٿا؛ جيڪي اڳتي اسانکان ڪرائيندو، سو ڪنداسون.

(٥) جِن ڪي ڀڳتِ ميري ڀرڀ ڀائي
تي جن نانڪ رام نام لِو لائي.

ارت:- سري گورو رامداس صاحب داس ڀاو سان چون ٿا تہ جن جي شيوا منهنجي مالڪ کي وڻي آهي، سي ئي رام نام سمرڻ ۾ چت جي ورتي لڳائين ٿا.

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੫ ਚਉਪਦੇ ਘਰੁ ੧

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਕਾਹੇ ਰੇ ਮਨ ਚਿਤਵਹਿ ਉਦਮੁ ਜਾ ਆਹਰਿ ਹਰਿ ਜੀਉ ਪਰਿਆ ॥ ਸੈਲ ਪਥਰ ਮਹਿ ਜੰਤ ਉਪਾਏ ਤਾਕਾ ਰਿਜਕੁ ਆਗੈ ਕਰਿ ਧਰਿਆ ॥ ੧ ॥ ਮੇਰੇ ਮਾਧਉ ਜੀ ਸਤ ਸੰਗਤਿ ਮਿਲੇ ਸਿ ਤਰਿਆ ॥ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦਿ ਪਰਮ ਪਦੁ ਪਾਇਆ ਸੂਕੇ ਕਾਸਟ ਹਰਿਆ ॥੧॥ਰਹਾਉ॥ ਜਨਨਿ ਪਿਤਾ ਲੋਕ ਸੁਤ ਬਨਿਤਾ ਕੋਇ ਨ ਕਿਸ ਕੀ ਧਰਿਆ ॥ ਸਿਰਿ ਸਿਰਿ ਰਿਜਕੁ ਸੰਬਾਹੇ ਠਾਕੁਰੁ ਕਾਹੇ ਮਨ ਭਉ ਕਰਿਆ ॥ ੨ ॥ ਊਡੈ ਊਡਿ ਆਵੈ ਸੈ ਕੋਸਾ ਤਿਸੁ ਪਾਛੈ ਬਚਰੇ ਛਰਿਆ ॥ ਤਿਨ ਕਵਨੁ ਖਲਾਵੈ ਕਵਨੁ ਚੁਗਾਵੈ ਮਨ ਮਹਿ ਸਿਮਰਨੁ ਕਰਿਆ ॥ ੩ ॥ ਸਭ ਨਿਧਾਨ ਦਸ ਅਸਟ ਸਿਧਾਨ ਠਾਕੁਰ ਕਰ ਤਲ ਧਰਿਆ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਬਲਿ ਬਲਿ ਸਦ ਬਲਿ ਜਾਈਐ ਤੇਰਾ ਅੰਤੁ ਨ ਪਾਰਾਵਰਿਆ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

ڪونهي يعني تنهنجي ڪا حد نہ آهي." [ستان = ستيون. ڪر = مٿ. تـل = تـري. پارا وريا = پرينءَ پرءِ اورينءَ پر، اورار ءِ پرار.]

نوٽ:- پرشارٿ يعني اُدم ءِ پرالبڌ، اِنهن بابت ستن ءِ گورو صاحبن ڇا فرمايو آهي، سو هيٺئين درشٽانت مان پڌرو آهي.

هڪڙي راجا کي ٻہ وزير هئا، هڪڙو ديواني ڪم تي ۽ ٻيو جنگي ڪم تي. اِنهيءَ طرح سان حڪومت جي ڪاروبار چڱيءَ طرح پيئي هلندي هئي. ڪن سالن بعد راجا کي آچي پئو ۽ پيو تہ هي ساڳئي ڪم تي گهڻو وقت رهيا آهن، تنهنڪري هنن جي بدلي ڪجي تہ چڱو. اِنهيءَ ڪري جنگي وزير کي ڦيرائي ديواني وزير جي عهدي تي رکيائين ۽ ديواني وزير کي جنگي وزير جو عهدو ڏنائين. نتيجو اهو ٿيو جو ساري ڪاروبار بگڙجي ويئي ۽ ڪنهن ٻئي راجا کي اِنهيءَ ڳالهہ جي خبر پئجي ويئي، سو راجائيءَ تي ڪاهي آيو ۽ راجا کي شڪست ڏيئي پنهنجو زبردست بڻايائين.

اهڙيطرح درشٽانت ۾ ٻن روپي راجا کي ٻہ وزير آهن :-
(١) پرشارٿ يا اُدم ۽ (٢) پرالبڌ. جيڪي گورمکہ آهن، سي پرشارٿ کي نام جپڻ ۾ لڳائين ٿا ۽ پرالبڌ کي وهنواري ڪريا ۾ لڳائين ٿا، جنهنڪري هو پنهنجو لوڪ ۽ پرلوڪ سڌارين ٿا. پر منمکہ پرالبڌ روپي وزير کي پرمارٿ ۾ لڳائين ٿا ۽ پرشارٿ روپي وزير کي وهنوار ۾ لڳائين ٿا. نتيجو اهو ٿو ٿئي، جو هو ٻنهي طرح دکي ٿا ٿين، جنهنڪري

(٢) جَنَنِ پِتا لوڪ سُت بَنِتا ڪوءِ نہ ڪِسڪي ڏرِيا
سِرِ سِرِ رِزقُ سنباهي ٺاڪُر، ڪاهي مَن ڀؤ ڪَرِيا

ارٿ:- ماتا، پتا، سنبنڌي، پٽ ۽ استري، انهن مان ڪوبہ ڪنهنجو آسرو ڪونهي يعني انت ويلي اُهي سهائتا ڪري نہ سگهندا. مالڪ سيڪنهن کي رزق پهچائي ٿو، پوءِ هي من! ڇو تون ڀؤ پيو ڪرين؟ [جنن = ماتا. ست = پٽ. بنتا = استري. ڏريا = آسرو. سنباهي = پهچائي.]

(٣) اُوڏي اُوڏ آويِ سئہ ڪوسا، تِسُ پاڇيِ ٻچري ڇرِيا
تِنِ ڪَوَڻُ کلاويِ ڪَوَڻُ چُڳاويِ، مَن مهہ سِمرنُ ڪَرِيا

آرٿ:- ڪونجون سوين ڪوہ اُڏامي ايندي يون آهن ۽ پنهنجي پنيان ٻچا ڇڏي ايندي يون آهن. اُنهنکي ڪير ٿو کارائي ۽ ڪير ٿو (چوڳو) چڳائي؟ اُتر:- هو من ۾ ڌيان ڪن ٿيون (تہ ٻچا مالڪ جي حوالي ڇڏ يا اٿئون، جنهنڪري پرماتما اُنهنجي سنڀال لهي ٿو.) [ڇريا = ڇڏي اچن ٿيون. سمرن = ياد ڪرڻ، ڌيان ڪرڻ يا ويچارڻ.]

نوٽ- تن ڪوڻ کلاوي .... مَن مهہ سمرن ڪريا جو پيو آرٿ:- تن کي ڪير ٿو کارائي ۽ ڪير ٿو چوڳو چڳائي، اها ڳالهہ توهان ڪڏهين ويچاري آهي؟

(٤) سَبِ نِڌانَ دَس اَسَٽ سِڌانَ ٺاڪُر ڪَرِتَلَ ڌرِيا
جَن نانڪ ٻلِ ٻلِ سد ٻلِ جائيئيِ، تيرا اَنتُ نہ پارا وارِيا.

آرٿ:- هي مالڪ! سڀيئي خزانا ۽ ١٨ سڌيون تو پنهنجي هٿ جي ترڙي تي رکيون آهن (يعني تون سرو شڪتيوان آهين.) سري گورو ارجن ديو جن داس ڀاوسان چون ٿا تہ ”هي پريو! توتان ٻلهار وڃان، ٻلهار وڃان سدائين، تنهنجي اورار ۽ پرار جو ڪو انت

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੫ ਚਉਪਦੇ ਘਰੁ ੨

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਕਿਰਿਆ ਚਾਰ ਕਰਹਿ ਖਟੁ ਕਰਮਾ ਇਤੁ ਰਾਤੇ ਸੰਸਾਰੀ ॥
ਅੰਤਰਿ ਮੈਲੁ ਨ ਉਤਰੈ ਹਉਮੈ ਬਿਨੁ ਗੁਰ ਬਾਜੀ ਹਾਰੀ ॥ ੧ ॥ ਮੇਰੇ
ਠਾਕੁਰ ਰਖਿ ਲੇਵਹੁ ਕਿਰਪਾ ਧਾਰੀ ॥ ਕੋਟਿ ਮਧੇ ਕੋ ਵਿਰਲਾ ਸੇਵਕੁ
ਹੋਰਿ ਸਗਲੇ ਬਿਉਹਾਰੀ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਾਸਤ ਬੇਦ ਸਿਮ੍ਰਿਤਿ ਸਭਿ
ਸੋਧੇ ਸਭ ਏਕਾ ਬਾਤ ਪੁਕਾਰੀ ॥ ਬਿਨੁ ਗੁਰ ਮੁਕਤਿ ਨ ਕੋਊ ਪਾਵੈ
ਮਨਿ ਵੇਖਹੁ ਕਰਿ ਬੀਚਾਰੀ ॥ ੨ ॥ ਅਠ ਸਠਿ ਮਜਨੁ ਕਰਿ ਇਸਨਾਨਾ
ਭ੍ਰਮਿ ਆਏ ਧਰ ਸਾਰੀ ॥ ਅਨਿਕ ਸੋਚ ਕਰਹਿ ਦਿਨ ਰਾਤੀ ਬਿਨੁ
ਸਤਿਗੁਰ ਅੰਧਿਆਰੀ ॥ ੩ ॥ ਧਾਵਤ ਧਾਵਤ ਸਭੁ ਜਗੁ ਧਾਇਓ ਅਬ
ਆਏ ਹਰਿ ਦੁਆਰੀ ॥ ਦੁਰਮਤਿ ਮੇਟਿ ਬੁਧਿ ਪਰਗਾਸੀ ਜਨ ਨਾਨਕ
ਗੁਰਮੁਖਿ ਤਾਰੀ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥ ੨ ॥

گوجري محلا پنجوان چؤپدي گهر دوجا شبد (٢)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

ستگوروءَ جي ضرورت

(١) ڪِريا چارَ ڪَرهِ کَٽُ ڪرما، اِتُ راتي سَنساري

آَنترِ ميلُ نہ اُترئِ هؤميءِ، بِنُ گور بازي هاري

ارٿ :- جيو جئن ويدن جي انوسار يگ آدڪ ڪريا ڪن
ٿا ۽ ڇهن طرحن جا ڪم ڪن ٿا، اهڙن ڪمن ۾ سنساري جيو
رتا رهن ٿا، پر ردي جي اندر رهوءِ روهي مئل نہ ٿي اُترين. ستگوروءَ
جي ملڻ کانسواءِ مانکا جنم روهي بازي هارائجي ٿي. [کٽ ڪرما = ڇهہ
ڪم يعني دان ڏيڻ، دان وٺڻ، يگ ڪرڻ، يگ ڪرائڻ، وديا
پڙهڻ، وديا پڙهائڻ.]

ڪام آدڪ ڏاريا راجائون هننجي من تي ڪاه ڪري آهن ٿا ۽ اُنهنکي جيتي پنهنجي قبضي ۾ رکن ٿا.

درحقيقت وِهنوار ۾ پرالبڌ تي پاڙڻ گهرجي، جنهن صاحبن مٿي فرمايو آهي:-

”ڪاهي ري من چِتوَهہ اُدمَ، جا آهر هرجيءَ پريا.
سئل پٿر مهِ جنت اُپائي، تاڪا رِزقُ آگي ڪرڏِريا.“

۽ پرمارٿ ۾ پرشارٿ تي پاڙڻ گهرجي، جنهن تہ فرمائين ٿا تہ:-

”سرنجامِ لاگہ ڀوجل ترن ڪيءِ
جنم برٿا جات رنگہِ مائيا ڪيءِ.“

[رهراس]

جنهنجو مطلب آهي تہ هن سنسار روپي ڀوساگر مان ترڻ جو پُرشارٿ ڪر. مايا جي پريم ۾ تنهنجو جنم وئرٿ پيو وڃي ۽ ٻئي هنڌ فرمائين ٿا تہ:-

”اُدم ڪرهُ وڏڀاڳيهو، سمرو هرِ هرِ رائه.“

يعني هي وڏڀاڳي پرشو! اوهين هري پرماتما جي سمرن ۾ اُدم يعني پرشارٿ ڪريو. انهيءَ نموني جيڪڏهين هلبو يعني وهنواري ڪريا ۾ پرالبڌ تي پاڙبو ۽ نام جپڻ ۾ پرشارٿ ڪبو تہ لوڪ پرلوڪ ٻئي سڌرندا. پرلها وِڏي ڪنهن پُورن گورمکہ مهاتما جي درشن ملي ٿي، جي هن جيو کي سنئين واٽ تي لڳائين ٿا.

[ڏسو نرمل اُپديش ناهيل سوامي ٻياسنگهہ صاحب جو]

ارٿ :- ٻوڙي ٻوڙي سارو جڳ ٻوڙيس ته ڪجهه به هٿ حاصل نه ٿيو، تنهنڪري هينئر هري جي دروازي يعني ساڌ سنگت ۾ اچي پيو آهيان ته گورو منهنجي کوٽي مت دور ڪري سريشٽ ٻڌي پرگهٽ ڪئي آهي. سري گورو ارجن ديو جن داس ڀاو سان چون ٿا ته گورمکن جي ساڌ سنگت تارڻ لاءِ ٻيڙي آهي. [تاري = تارڻ لاءِ ٻيڙي.]

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਹਰਿ ਧਨੁ ਜਾਪ ਹਰਿ ਧਨੁ ਤਾਪ ਹਰਿ ਧਨੁ ਭੋਜਨੁ ਭਾਇਆ॥ ਨਿਮਖ ਨ ਬਿਸਰਉ ਮਨ ਤੇ ਹਰਿ ਹਰਿ ਸਾਧ ਸੰਗਤਿ ਮਹਿ ਪਾਇਆ ॥ ੧ ॥ ਮਾਈ ਖਾਟਿ ਆਇਓ ਘਰਿ ਪੂਤਾ ॥ ਹਰਿ ਧਨੁ ਚਲਤੇ ਹਰਿ ਧਨੁ ਬੈਸੇ ਹਰਿ ਧਨੁ ਜਾਗਤ ਸੂਤਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਹਰਿ ਧਨੁ ਇਸਨਾਨੁ ਹਰਿ ਧਨੁ ਗਿਆਨੁ ਹਰਿ ਸੰਗਿ ਲਾਇ ਧਿਆਨਾ ॥ ਹਰਿ ਧਨੁ ਤੁਲਹਾ ਹਰਿ ਧਨੁ ਬੇੜੀ ਹਰਿ ਹਰਿ ਤਾਰਿ ਪਰਾਨਾ ॥ ੨ ॥ ਹਰਿ ਧਨ ਮੇਰੀ ਚਿੰਤ ਵਿਸਾਰੀ ਹਰਿ ਧਨਿ ਲਾਹਿਆ ਧੋਖਾ ॥ ਹਰਿ ਧਨ ਤੇ ਮੈ ਨਵਨਿਧਿ ਪਾਈ ਹਾਥਿ ਚਰਿਓ ਹਰਿ ਥੋਕਾ ॥ ੩ ॥ ਖਾਵਹੁ ਖਰਚਹੁ ਤੋਟਿ ਨ ਆਵੈ ਹਲਤ ਪਲਤ ਕੈ ਸੰਗੇ ॥ ਲਾਦਿ ਖਜਾਨਾ ਗੁਰਿ ਨਾਨਕ ਕਉ ਦੀਆ ਇਹੁ ਮਨੁ ਹਰਿ ਰੰਗਿ ਰੰਗੇ ॥ ੪ ॥ ੨ ॥ ੩ ॥

گوجري محلا پنجوان شبد (٣)

اُٿانڪا :- سري گورو ارجن ديو جن ٻالڪ اوستا ۾ راند يون ڪندا، هڪڙي ڏينهن پنهنجي ناني سري گورو امرديو جن جي سيجا تي چڙهڻ لڳا. جنهن وقت سري گورو امرديو جن آرام ڪندا هئا، تنهن وقت ڪوبه سندن ويجهو ڪو نه ويندو هو. ماتا ڀاني پنهنجي پٽ کي نه ڏسي ٻپ وڃون ٻوڙي اندر ويئي. پر ٻالڪ ته اڳيئي صاحبن کي اُٿاريو هو. سري گورو امرديو جن ٻالڪ کي هنج ۾ وهاري هن سان

مِيري ٺاڪُر، رِکِ ليوھُ ڪِرپا ڌاري

ڪوٽِ مڌي ڪو وِرلا سيوڪُ، هورِ سگلي بِئُهاري

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي منهنجا مالڪ! ڪرپا ڪري مونکي رکي وٺ. ڪروڙن ۾ ڪو ورلي شيوڪ آهي نہ تہ ٻيا سڀ لوڪ وهنواري آهن يعني ڪم ڪري ڦل جي اِڇا رکن ٿا. مطلب تہ سڪامي آهن، ڪو ورلي منجهائن نشڪامي آهي.

(٢) ساست بيد سِمرتِ سڀ سوڌي، سڀ ايڪا باتِ پُڪاري

بِنُ گورمُڪتِ نہ ڪوئُو پاوِيُ، مَنِ ويکهُ ڪرِ بيچاري

ارٿ:- اسان ڇهہ شاستر، چار ويد، ۽ ستاويهہ سمرتيون سڀ سوڌيون يعني ويچاريون آهن، سڀ هڪڙي ئي ڳالهہ ڪن ٿيون؛ اُها هيءَ آهي تہ من ۾ ويچار ڪري ڏسو تہ گوروءَ کان سواءِ گت ڪانهي.

(٣) اَٺ سٺِ مَجنُ ڪرِ اِشنانا، ڀرمِ آئي ڌرَ ساري

اَنڪ سوچ ڪرهِ دِنُ راتي، بِنُ ستِگور انڌِاري

ارٿ:- ڪو اٺهٺ تيرٿن تي وڃي اشنان ڪري ۽ ساري ڌرتيءَ تي ڀرمندو وتي مطلب تہ ساري ڌرتيءَ جو سفر ڪري ۽ رات ڏينهن انيڪ طرحن جا پوترتا جا ڪم ڪري، پر ستگوروءَ کانسواءِ سڀ اونڌهہ آهي. شاهہ صاحب پڻ فرمائين ٿا تہ

”بالله ري پرين سڀ اونداهي پانيان.“

(٤) ڌاوتِ ڌاوتِ سڀُ جڳُ ڌائِيو، اَب آئي هرِ دُئاري

دُرمتِ ميتِ بُڌِ پرگاسي، جن ناڪ گورمُکِ تاري.

ارٿ :- هي امين! هري نام روپي ڌن منهنجي لاءِ اشنان ۽ گيان آهي ۽ ڏهاڻ جو هريءَ سان اڳايان ٿو سو بہ هري نام روپي ڌن ئي آهي. مون پوسا گرهان پراڻين کي ٿوڻ لاءِ ترهو ۽ ٻيڙي هري نام روپي ڌن ئي آهي.

(٣) هِر ڌن ميري چِنت وِساري، هِر ڌن لاهِيا ڌوکا!

هر ڌن تي مئِ نوِنڌِ پائي، هاٿِ چڙِئو هر ٿوڪا!

ارٿ :- هي امين! هري نام روپي ڌن ئي منهنجون جنتائون لاٿيون ۽ ڏکہ دور ڪيا. هري نام روپي ڌن ڪري مون کي نو نڌيون مليون ۽ هري نام روپي ڌن ڪري مون کي وڏو پدارٿ هٿ چڙهيو.

(٤) کاوَھُ خرچِھُ توٽِ نہ آوئِ، هلت پلت ڪي سنگي

لادِ خزانا گور نانڪ ڪُم ديئا، اِهُ مَنُ هِر رنگِ رنگي.

ارٿ :- هي امين! هاڻي هن نام روپي ڌن کي کائن ٿو ۽ کارايان ٿو يعني جپيان ٿو ۽ ٻين کان جپايان ٿو. اهو نام روپي ڌن کٽڻ جوئي نہ آهي. اهو لوڪ پرلوڪ ۾ مونسان انگہ سنگہ آهي. نام روپي ڌن جو خزانو ڀري ڀري سري گورو رامداس صاحب مون کي ڏنو آهي ۽ هاڻي منهنجو من هريءَ جي پريم ۾ رنگيو پيو آهي. [هلت = هيءُ لوڪ. پلت = پرلوڪ.]

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਜਿਸੁ ਸਿਮਰਤ ਸਭਿ ਕਿਲਵਿਖ ਨਾਸਹਿ ਪਿਤਰੀ ਹੋਇ ਉਧਾਰੋ ॥ ਸੋ ਹਰਿ ਹਰਿ ਤੁਮ ਸਦਹੀ ਜਾਪਹੁ ਜਾਕਾ ਅੰਤੁ ਨ ਪਾਰੋ ॥ ੧ ॥ ਪੂਤਾ ਮਾਤਾ ਕੀ ਆਸੀਸ ॥ ਨਿਮਖ ਨ ਬਿਸਰਉ ਤੁਮ ਕਉ ਹਰਿ ਹਰਿ ਸਦਾ ਭਜਹੁ ਜਗਦੀਸ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਤਿਗੁਰੁ ਤੁਮ ਕਉ ਹੋਇ ਦਇਆਲਾ ਸੰਤ ਸੰਗਿ ਤੇਰੀ ਪ੍ਰੀਤਿ ॥ ਕਾਪੜੁ ਪਤਿ ਪਰਮੇਸਰੁ ਰਾਖੀ ਭੋਜਨੁ

لاءِ ڪوڏ ڪري مشڪي چيو ته ”ابا، تڪڙ نه ڪر. اِها سيجا پتا کان وٺجانءِ ۽ تيسين پڄن ڪندو ۽ نام جپيندو رهه.“ صاحبن اُنوقت فرمايو ته هي اسانجو ڏوهتو ڪئين جيون کي سنسار ساگر کان تاري پار ڪندو.

اِهو ورڏي ماتا پاڻي ڏاڍو خوش ٿي. پوءِ جڏهين وڏي هوندي سري گورو ارجن ديو جن گادي حاصل ڪري پنهنجي ماتا کي مٿو ٽيڪڻ ويا، تڏهين ماتا پڇين ته ٻچا، ڇا ڪٿي آيو آهين. تڏهين هيءُ شبد اُچاريائون:-

(۱) هرِ ڏنُ جاپَ، هرِ ڏنُ تاپَ، هرِ ڏنُ پوڄنُ پائيا

نِمکه نه بِسرئُه مَن تي هَرِ هَرِ، ساڌ سنگتِ مهِ پائِيا

ارت:- هي ماتا! هري نام روپي ڌن منهنجي لاءِ جپ، تپ ۽ پوڄن آهي. اِهو نام روپي ڌن مون ساڌسنگت ۾ پاتو آهي. شل مان نام کي هڪ ڪن به نه وساريان!

مائِي کاٽ آئِيو گهرِ پوُتا

هرِ ڌنُ چلتي، هرِ ڌنُ بيَسي، هر ڌنُ جاگت سوُتا

(۱ ڪ رهاءُ)

ارت:- هي ماتا! تنهنجو پٽ نام روپي ڌن ڪٿي گهر آيو آهي. اِهو نام روپي ڌن هلندي، وهندي، جاڳندي ۽ سمهندي مونسان سهاءِ آهي.

(۲) هرِ ڌنُ اِشنانُ، هرِ ڌنُ گيانُ، هَرِ سنگهِ لاءِ ڌِيانا

هَرِ ڌنُ تُلها، هرِ ڌنُ بيڙي، هر هرِ تارِ پرانا

(٢) سَتِگُورَ تُم ڪِئُہ هوء دئِيالا، سنت سنگِ تيري پِريتِ
ڪا پَڙَدو پَتِ پرميسرُ راکيِ، پوجن ڪِيرتن نيتِ

ارث :- هي پٽ! شل سري گورو رامداس صاحب توتي ڪرپا ڪري راضي رهن ۽ شل ساڌ سنگت سان تنهنجي پريت بڻجي رهي. شل پرميشرر تنهنجي پت رکي، اِهو تنهنجي لاءِ ڪپڙو يا ڍڪ ٿئي ۽ تون سديو ڪيرتن ڪندو رهين اِهو تنهنجي لاءِ پوجن ٿئي! [نيت = نت، سديو هميشه.]

(٣) اَمِرتُ پِيوَهُ، سدا چِرُ جِيوَهُ، هرِ سِمرت آنند اَنَنْتا
رنگ تماشا، پُورن آسا، ڪبهِ نہ بِئاپِئِ چِنْتا

ارث :- هي پٽ! شل نام روپي امرت پيئندو رهين ۽ سديو وڏي عمر ڄميئي! هي پيارا، شل بي انت هريءَ کي سمرندو رهين ۽ آنند پرابت ڪرين! هر طرح جا تماشا تون اهي ئي ڏسين جو تنهنجون آسون پورن ٿين ۽ ڪڏهين بہ ڪا چنتا توکي نہ لڳي.

(٤) پَوَرُ تُمارا اِہُ مَنُ هووَ، هرِ چرڻا هوهُ ڪَوُلا
نانڪَ داسُ اُن سنگِ لپٽائِيو، جِئُہ بُونْدهِ چاترڪُ مؤلا.

ارث :- هي پٽ! شل تنهنجو من ڀونر ٿئي ۽ هريءَ جا چرن تولاءِ ڪنول جا گل ٿين! سري گورو ارجن ديو جن فرمائين ٿا تہ ماتا جي آسيس ڪري مان داس اُن هريءَ جي سنگ ۾ ائين لپٽجي رهيو آهيان، جئن چاترڪ پکي سوانتي بوند ڏسي ٺري ٿو.

ਗੂਜਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਮਤਾ ਕਰੈ ਪਛਮ ਕੈ ਤਾਈ ਪੂਰਬ ਹੀ ਲੈ ਜਾਤ ॥ ਖਿਨ ਮਹਿ ਥਾਪਿ ਉਥਾਪਨਹਾਰਾ ਆਪਨ ਹਾਥਿ ਮਤਾਤ ॥ ੧ ॥ ਸਿਆਨਪ ਕਾਹੂ ਕਾਮਿ ਨ ਆਤ ॥ ਜੋ ਅਨਰੂਪਿਓ ਠਾਕੁਰਿ ਮੇਰੈ ਹੋਇ ਰਹੀ ਉਹ

ਕੀਰਤਨੁ ਨੀਤਿ ॥ ੨ ॥ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਪੀਵਹੁ ਸਦਾ ਚਿਰੁ ਜੀਵਹੁ ਹਰਿ ਸਿਮਰਤ ਅਨਦ ਅਨੰਤਾ ॥ ਰੰਗ ਤਮਾਸਾ ਪੂਰਨ ਆਸਾ ਕਬਹਿ ਨ ਬਿਆਪੈ ਚਿੰਤਾ ॥ ੩ ॥ ਭਵਰੁ ਤੁਮਾਰਾ ਇਹੁ ਮਨੁ ਹੋਵਉ ਹਰਿ ਚਰਣਾ ਹੋਹੁ ਕਉਲਾ ॥ ਨਾਨਕ ਦਾਸੁ ਉਨ ਸੰਗਿ ਲਪਟਾਇਓ ਜਿਉ ਬੂੰਦਹਿ ਚਾਤ੍ਰਿਕੁ ਮਉਲਾ ॥ ੪ ॥ ੩ ॥ ੪ ॥

گوجري محلا پنجوان شبد (۴)

اُٿانڪا:- ماتا پاڻيءَ کي مٿو ٽيڪي، جا آسيس سري گورو ارجن ديو جن وٽي آيا، سا ستسنگين کي هن سندر شبد ۾ ورنن ڪري ٻڌائين ٿا. هي شبد جڏهن ماتا پاڻي ٽي پٽ کي چوي. هي سندر شبد ڇٽيءَ وقت ڳائڻ ۾ ايندو آهي ۽ سڪ پائرهين شبد کي ”لولي“ ڪري چوندا آهن.

(١) جِسُ سِمرت سڀِ ڪلوِ ڪر ناسهِ، پترِي هوءِ اُڌارو
سو هر هرِ تم سدَ هي جاپهُ، جانڪا آدُت نہ پارو

ارٿ:- هي پٽ! جنهن هريءَ جي سمرڻ ڪري سڀ پاپ ناس ٿي وڃن ٿا ۽ پترن جو اُڌار ٿئي ٿو ۽ جنهن جي انت جي ڪا حد ڪانهي، انهيءَ هريءَ جو نام تون من ۾ پاٺيءَ ڪري هر روز جپيندو رهہ.

پوتا ماتا ڪي آسيس

نمکہ نہ بِسرءِ تم ڪئُ هرِ هرِ، سدا ڀجهہ جگديس
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي پٽ! توکي مون ماتا جي اِها آسيس آهي تہ هڪ گهڙي بہ توکان هري پرماتما نہ وسري ۽ تون هرويلي جگت ايشور جو ڀڄن ڪندو رهين!

ارٿ :- جيو اڃا ڪري ٿو تہ ديسن ۾ وڃي اُهي ديس هٿ ڪريان ۽ ڏن ڪٺو ڪريان، پر وڃڻ ئي يعني خواهش ڪندي ئي سندس سواس نڪري وڃن ٿا. لشڪر، نائب ۽ خاص نوڪر سڀ ڇڏي جمر لوڪ ۾ اُٿي وڃي ٿو. [نيب = نائب. خواص = خاص نوڪر. سڌاس = وڃي ٿو.]

(٣) هوءِ آڱنِ منَ هٺ ڪي ڊِرِڙتا، آپس ڪئُہ جانات

جو آنندُ، نِندُ ڪرِ ڇوڊِئو، سوئي ڦِر ڦِر کات

ارٿ :- من هٺ ڪري هو پئي ڪنهنکي نٿو سمجهي ۽ پاڻکي سيني کان وڏو سمجهي ٿو. سنت جن جي آنند روپ آهن سي جيڪي نندا ڪري تياڳين ٿا، سو وري وري هيءُ جيو کائي ٿو يعني پو ڳي ٿو. [آنن = پيو ڪونہ. آنند = سنت جن، جي آنند جو روپ آهن.]

(۴) سهج سُڀاءِ پئي ڪرِپالا، تِسُ جن ڪي ڪاٽي ڦاس

ڪھُ نانڪ گور پوُرا پيٽئا، پرواڻ گِرست اُداس.

ارٿ:- هي واهگورو! پنڊت ويدن سميت ۽ قاضي ملا ڪتيبن سميت ڪڙا تي توکي ڌيائين ٿا. جيڪي تنهنجي در تي پيا آهن، تنهجو حساب ڪري نٿو سگهجي. [گڻتي = حساب.]

برهمي ڌڌ ڌيائن، اندر اندراسڻا

شنڪر بسن آونار، هر جس مکه پڙا

ارٿ:- برهما ۽ اندر به پنهنجي اندراسڻ تي ويهي توکي ڌيائين ٿا. شو مهراج ۽ وشنو جا اوتار مکه سان تو هريءَ جو جس اُچارين ٿا. [اند راسڻا = اند راسڻ = اندر جو تخت. پڙا = اُچارين ٿا.]

پير پڪابر شيخ، مشائق اؤليئي

اوت پوت نرنڪار، گهٽ گهٽ مؤليئي

ارٿ:- پير، پيغمبر، اوليا، شيخ ۽ مشائخ سڀ توکي ڌيائين ٿا. هي نرنڪار! تاڃي پيٽي وانگر تون گهٽ گهٽ ۾ ٽڙيل يا وياپڪ آهين. [پڪابر = پيغمبر. اوت پوت = تاڃي پيٽي وانگر. مؤليئي = ٽڙيو پيو آهين.]

ڪوڙهه ڪري وڻاس، ڌرمي تکيئي

جت جت لائهِ آپ، تت تت لکيئي

ارٿ:- ڪوڙن کي تون ناس ڪرين ٿو ۽ ڌرمي پرشن کي تون قائم ڪرين ٿو. جتي جتي تون پاڻ جيون کي لڳائين ٿو، تتي تتي اُهي لڳن ٿا. [وڻاس = ناس. تڳيئي = قائم ڪرين ٿو.]

پرماڻ:- ”جت در لکه مهمندا لکه برهمي وشن مهيش

لکه لکه رام وڏيرئهه، لکه راهي لکه ويس.“

يعني اهي سڀ اوتار واهگوروءَ جا شيوڪ بنجي

کماوان تن کي کار، سرير پوت هوءِ

پکا پاڻي پيهس، بگسان پير ڌوءِ

ارٿ :- شل مان اُنهن جي شيوا کريان تہ منهنجو سرير (انتهکرڻ) پوتر ٿئي! شل مان کين پکو هڻان، پاڻي ڀريان، اُنهن لاءِ اَن پيهان ۽ اُنهنجا پير ڌوئي خوش ٿيان. [پوت = پوتر. بگسان = خوش ٿيان.]

آپهُ کڇو نہ هوءِ، پرڀ ندر نهاليئي

موهہ نرگڻ ڏجي ڏاءِ، سنت ڌرمساليئي

ارٿ :- هي پربو! مونکان پاڻهي ڪجهہ بہ ٿي نہ ٿو سگهي. تون مون تي کرپا درشٽي کري مونکي نهال کر. مون نرگڻي کي سنتن جي ڌرمسالا يعني ستسنگ ۾ استان ڏي. [دجي = ڏي.]

ਸਲੋਕੁ ਮਃ ੫ ॥ ਸਾਜਨ ਤੇਰੇ ਚਰਨ ਕੀ ਹੋਇ ਰਹਾ ਸਦ ਧੂਰਿ ॥ ਨਾਨਕ ਸਰਣਿ ਤੁਹਾਰੀਆ ਪੇਖਉ ਸਦਾ ਹਜੂਰਿ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਪਤਿਤ ਪੁਨੀਤ ਅਸੰਖ ਹੋਹਿ ਹਰਿ ਚਰਣੀ ਮਨੁ ਲਾਗ ॥ ਅਠ ਸਠਿ ਤੀਰਥ ਨਾਮੁ ਪ੍ਰਭ ਜਿਸੁ ਨਾਨਕ ਮਸਤਕਿ ਭਾਗ ॥ ੨ ॥ ਪਅੁੜੀ ॥ ਨਿਤ ਜਪੀਐ ਸਾਸਿ ਗਿਰਾਸਿ ਨਾਉ ਪਰਵਦਿਗਾਰ ਦਾ ॥ ਜਿਸ ਨੋ ਕਰੇ ਰਹੰਮਤਿ ਸੁ ਨ ਵਿਸਾਰਦਾ ॥ ਆਪਿ ਉਪਾਵਣਹਾਰ ਆਪੇਹੀ ਮਾਰਦਾ ॥ ਸਭੁ ਕਿਛੁ ਜਾਣੈ ਜਾਣੁ ਬੁਝਿ ਵੀਚਾਰਦਾ ॥ ਅਨਿਕ ਰੂਪ ਖਿਨ ਮਾਹਿ ਕੁਦਰਤਿ ਧਾਰਦਾ ॥ ਜਿਸਨੋ ਲਾਇ ਸਚਿ ਤਿਸਹਿ ਉਧਾਰਦਾ ॥ ਜਿਸਦੈ ਹੋਵੈ ਵਲਿ ਸੁ ਕਦੇ ਨ ਹਾਰਦਾ ॥ ਸਦਾ ਅਭਗੁ ਦੀਬਾਣੁ ਹੈ ਹਉ ਤਿਸੁ ਨਮਸਕਾਰਦਾ ॥ ੪ ॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان

ساجن تيري چرن کي، هوءِ رهان سد ڌور

نانک سرڻ ٿهاريئا، پيکئو سدا حضور.

پرماڻ:- ”ٻري ڪام ڪَئہ اُتِ کلوئہا
ڻام ڪي ويلا پيِ پيِ سوئِہا.“

(٢) محلا پنجوان

ڪتيِہا ڪُڍ نگہ ڳُجها تيِہيِ نہ هِتُ
ڻانڪ تيِ شَهہ ڍِڪيِہا، مَنِ مهِ سچا مِتُ.

ارٿ:- اسين ڪئين کوٽا ڪرم ڪريون ٿا، جن سان اسانجو پيار آهي، پر اُهي ڳجها رهي نٿا سگهن. صاحب وينتي ڪري چوي ٿا تہ هي پرماتما! تون اسانجو سچو متر آهين. تو ڪرپا ڪري اسانجي عيبن کي من ۾ ڍڪيو آهي. [ڪُڍ نگہ = کوٽا ڪرم. هت = پيار.]

پؤڙي (٣)

هَئہ ماگئہ تُجهيِ دئِيال، ڪرِ داسا گولِيا
نؤ نِڌِ پائي راجُ، جيِوا ٻولِئا

ارٿ:- هي پيارا، مان توکان اهو دان پنان ٿو تہ مونکي پنهنجن داسن جو داس ڪر. مان نام اُچاريان ٿو تہ جيئان ٿو ۽ جڻ تہ نؤ نڌيون ۽ راڄ پراپت ڪريان ٿو. [ٻولئا = اُچاريان ٿو. جيوا = جيئان ٿو.]

اَمرِتُ نامُ نِڌانُ، داسا گهرِ گهڻا
تِنِ ڪيِ سنگہِ نِهالُ، سَرِوَڻيِ جَسُ سُڻا

ارٿ:- امرت روپي نام جو خزانو داسن جي گهر ۾ گهڻو آهي. اُنهن جي سنگہ ۾ ماڻي شل مان ڪنن سان هريءَ جو جس سڻان ۽ نهال ٿيان. [سروڻي = ڪنن سان.]

تو. جنهنکي سچ سان لڳائي تو (يعني سچ بخشي تو)، تنهنکي
اُڌاري پار ڪري تو.

جِسدي هووي وَلِ، سُ ڪدي نہ هارَدا
سَدا اَبِڳُہ ديهاڙُ هيِ، هئُہ تِسُ نِمسَڪاردا

ارٿ :- جنهنجو پاسو هو وٺي تو، سو ڪڏهين بہ نٿو هارائي.
هنجي دربار سديو قائم آهي. مان هنکي نمسڪار ڪريان تو.
[ول = پاسي.]

ਸਲੋਕੁ ਮਃ ੫ ॥ ਕਾਮੁ ਕ੍ਰੋਧੁ ਲੋਭੁ ਛੋਡੀਐ ਦੀਜੈ ਅਗਨਿ ਜਲਾਇ ॥ ਜੀਵਦਿਆ ਨਿਤ ਜਾਪੀਐ ਨਾਨਕ ਸਾਚਾ ਨਾਉ ॥ ੧ ॥ ਸਿਮਰਤ ਸਿਮਰਤ ਪ੍ਰਭੁ ਆਪਣਾ ਸਭ ਫਲ ਪਾਏ ਆਹਿ ॥ ਨਾਨਕ ਨਾਮੁ ਅਰਾਧਿਆ ਗੁਰਿ ਪੂਰੈ ਦੀਆ ਮਿਲਾਇ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਸੋ ਮੁਕਤਾ ਸੰਸਾਰਿ ਜਿ ਗੁਰ ਉਪਦੇਸਿਆ ॥ ਤਿਸਕੀ ਗਈ ਬਲਾਇ ਮਿਟੇ ਅੰਦੇਸਿਆ ॥ ਤਿਸਕਾ ਦਰਸਨੁ ਦੇਖਿ ਜਗਤੁ ਨਿਹਾਲੁ ਹੋਇ ॥ ਜਨ ਕੈ ਸੰਗਿ ਨਿਹਾਲੁ ਪਾਪਾ ਮੈਲੁ ਧੋਇ ॥ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਸਾਚਾ ਨਾਉ ਉਥੈ ਜਾਪੀਐ ॥ ਮਨ ਕਉ ਹੋਇ ਸੰਤੋਖੁ ਭੁਖਾ ਧ੍ਰਾਪੀਐ ॥ ਜਿਸੁ ਘਟਿ ਵਸਿਆ ਨਾਉ ਤਿਸੁ ਬੰਧਨ ਕਾਟੀਐ ॥ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦਿ ਕਿਨੈ ਵਿਰਲੈ ਹਰਿ ਧਨੁ ਖਾਟੀਐ ॥ ੫ ॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان

ڪامُ ڪروڌُ لوڀُ ڇوڏيئيِ، ديجيِ اگنِ جلاءِ
جيوَ دِئا نِت جاپيئيِ، نانَڪَ ساچا ناءُ.

ارٿ :- ڪام ڪروڌ، لوڀ ٽيئي وڪارن کي ڇڏي انهنکي
باہ ۾ ساڙي ڇڏجي. صاحب فرمائين ٿا تہ جيسين جيئرو هججي،
تيسين نت سچو نام جپجي.

ارٿ:- هي سڄڻ! مان شل سديو تنهنجي چرنن جي ڌوڙ تي رهان! صاحب وينتي ڪري جون ٿا تہ "هي پرماتما! مان شل تنهنجي سرن ۾ اچي توکي سديو حاضران حضور ڏسان!"

(٢) محلا پنجوان

پتت پنيت آسنکہ هوهہ، هر چرڻي مَن لاگہ

اَٺ سٺ تيرٿ نام پربهہ، جِس ناڪ مستڪ ڀاڳہ.

ارٿ:- هريءَ جي چرنن ۾ چت لڳائي بي انت پاپي پوتر ٿيا آهن. صاحب فرمائين ٿا تہ جنهجي مستڪ تي چڱو ڀاڳہ لکيل آهي، تنکي پربهوءَ جو نام جو اٺهٺ تيرٿن جي برابر آهي، سو پراپت ٿيو آهي. [اسنکہ = بي انت.]

(۴) پؤڙي

نِت جپيئي سآس گراس، ناءُ پروردگار دا

جس نو کري رحمت، تس نہ وسارِدا

ارٿ:- پروردگار پرماتما جو نالو نت سواس سواس جپجي. جنهن تي هو ڪرپا ڪري ٿو، تنهن کي هو ڪڏهين نہ ٿو وسري.

آپ اپاوڻ هار، آپي هي مارِدا

سڀ ڪڇهہ جاڻي جاڻُ، بُجهہ ويچاردا

ارٿ:- پاڻ ئي اپائڻ هار آهي ۽ پاڻ ئي ماري ٿو. هو سڀ ڪجهہ جاڻي جاڻڻ هار آهي ۽ سمجهي ويچار ڪري ٿو.

اَنڪ روپ کِن ماهِ، قدرت ڌاردا

جس نو لائي سچِ، تسهِ اُڌاردا

ارٿ:- هو پنهنجي قدرت سان هڪ کن ۾ انيڪ روپ ڌاري

ارٿ :- جنهنجي هردي ۾ نام وسي ٿو، تنهنجا ٻنڌن ڪٽجي وڃن ٿا. گوروء جي ڪرپا سان ڪن ٿورن هري ڏن ڪٿيو آهي.

ਸਲੋਕੁ ਮਃ ੫ ॥ ਮਨ ਮਹਿ ਚਿਤਵਉ ਚਿਤਵਨੀ ਉਦਮੁ ਕਰਉ ਉਠਿ ਨੀਤ ॥ ਹਰਿ ਕੀਰਤਨ ਕਾ ਆਹਰੋ ਹਰਿ ਦੇਹੁ ਨਾਨਕ ਕੇ ਮੀਤ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਦ੍ਰਿਸਟਿ ਧਾਰਿ ਪ੍ਰਭਿ ਰਾਖਿਆ ਮਨੁ ਤਨੁ ਰਤਾ ਮੂਲਿ ॥ ਨਾਨਕ ਜੋ ਪ੍ਰਭ ਭਾਣੀਆ ਮਰਉ ਵਿਚਾਰੀ ਸੂਲਿ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਜੀਅ ਕੀ ਬਿਰਥਾ ਹੋਇ ਸੁ ਗੁਰ ਪਹਿ ਅਰਦਾਸਿ ਕਰਿ ॥ ਛੋਡਿ ਸਿਆਣਪ ਸਗਲ ਮਨੁ ਤਨੁ ਅਰਪਿ ਧਰਿ ॥ ਪੂਜਹੁ ਗੁਰ ਕੇ ਪੈਰ ਦੁਰਮਤਿ ਜਾਇ ਜਰਿ ॥ ਸਾਧ ਜਨਾ ਕੈ ਸੰਗਿ ਭਵਜਲੁ ਬਿਖਮੁ ਤਰਿ ॥ ਸੇਵਹੁ ਸਤਿਗੁਰ ਦੇਵ ਅਗੈ ਨ ਮਰਹੁ ਡਰਿ ॥ ਖਿਨ ਮਹਿ ਕਰੇ ਨਿਹਾਲੁ ਊਣੇ ਸੁਭਰ ਭਰਿ ॥ ਮਨ ਕਉ ਹੋਇ ਸੰਤੋਖੁ ਧਿਆਈਐ ਸਦਾ ਹਰਿ ॥ ਸੋ ਲਗਾ ਸਤਿਗੁਰ ਸੇਵ ਜਾਕਉ ਕਰਮੁ ਧੁਰਿ ॥ ੬ ॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان

مَن مهه چِتوءُ چِتوني، اُدم ڪرئُ اُٿِ نيت
هر ڪيرتن ڪا آهرو، هر ديهه نانڪ ڪي ميت.

ارٿ :- هي پرماتما! مان شل من ۾ تنهنجي يادگيري رکان ۽ نت پراتهڪال جو اُٿي تنهنجي نام جپڻ جو اُدم ڪريان. صاحب وينتي ڪري ڄون ٿا ته "هي منهنجا مترهري! مونکي پنهنجي ڪيرتن ڪرڻ جو اُدم ڏي."

(٢) محلا پنجوان

درشٽ ڌارِ پرڀ راکِيا، مَن تَن رَتا مول
نانڪ جو پرڀ ڀاڻِيا، مرءُ وِچاري سول.

ارٿ :- مونکي واهگوروء ڪرپا درشٽي ڌاري رکيو آهي.

(۲) محلا پنجوان

سِمرت سمرت پرڀُ آپڻا، سڀ ڦَل پائي آهِ
نانڪ نامُ آراڌِئا، گورِ پوُري ديِنا مِلاءِ.

ارٿ:- پنهنجو پريو سمري سمري اسان سڀ ڦل (ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موکير) حاصل ڪيا آهن. صاحب فرمائين ٿا تہ جڏهين هريءَ اسانکي پورن گوروءَ سان ملايو آهي، تڏهين اسان نام جو آراڌن ڪيو آهي.

پؤڙي (۵)

سو مُڪتا سنسارِ، جہ گور اُپديسئا
تِس ڪي گئي بلاءِ، مِٽي آندِيسئا

ارٿ:- سنسار ۾ جيڪو اُهو آهي، جنهنکي گوروءَ اُپديش ڏنو آهي. اُنجي اوديا روپي بلا يا خرابي ناس ٿي وڃي ٿي ۽ اُنجا انديشا يا سنسا مٽي وڃن ٿا.

تِس ڪا درسنُ ديکہِ، جگتُ نِهالُ هوءِ
جن ڪيِ سنگہِ نِهالُ، پاپا ميلُ ڌوءِ

ارٿ:- اُنجو درسن ڏسي جگت نهال ٿئي ٿو. سنت جن جي سنگ ۾ پاپن روپي مئل ڌوپجي وڃي ٿي ۽ نهال ٿجي ٿو.

اَمرت ساچا ناءُ، اوٿئي جاپيئي
مَن ڪئُ هوءِ سنتوکُ، ڀُکا ڌراپيئي

ارٿ:- اُني يعني ساڌ سنگت ۾ هريءَ جو سچو امرت نام جپجي ٿو، من کي سنتوک اچي ٿو ۽ بُکيو جيو ڌاپجي پئي ٿو.

جِسُ گهٽِ وِسئا ناءُ، تِسُ بندن ڪاٽيئي
گور پرساد ڪِنئي وِرليئي، هرِ ڌنُ کاٽيئي.

ارٿ:- سديو هريءَ کي ڌيائڻ ڪري من ۾ سنتوکر اچي ٿو.
جنهن تي ڌُر کان ڪرپا ٿئي ٿي، سو گورن جي شيوا ۾ لڳي ٿو.

ਸਲੋਕ ਮਃ ੫ ॥ ਲਗੜੀ ਸੁ ਥਾਨਿ ਜੋੜਣ ਹਾਰੈ ਜੋੜੀਆ ॥ ਨਾਨਕ ਲਹਰੀ ਲਖ ਸੈ ਆਨ ਡੁਬਣ ਦੇਇ ਨ ਮਾ ਪਿਰੀ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਬਨਿ ਭੀਹਾਵਲੈ ਹਿਕੁ ਸਾਥੀ ਲਧਮੁ ਦੁਖ ਹਰਤਾ ਹਰਿ ਨਾਮਾ ॥ ਬਲਿ ਬਲਿ ਜਾਈ ਸੰਤ ਪਿਆਰੇ ਨਾਨਕ ਪੂਰਨ ਕਾਮਾ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਪਾਈਅਨਿ ਸਭਿ ਨਿਧਾਨ ਤੇਰੈ ਰੰਗਿ ਰਤਿਆ ॥ ਨ ਹੋਵੀ ਪਛੋਤਾਉ ਤੁਧਨੋ ਜਪਤਿਆ ॥ ਪਹੁਚਿ ਨ ਸਕੈ ਕੋਇ ਤੇਰੀ ਟੇਕ ਜਨ ॥ ਗੁਰ ਪੂਰੈ ਵਾਹੁ ਵਾਹੁ ਸੁਖ ਲਹਾ ਚਿਤਾਰਿ ਮਨ ॥ ਗੁਰ ਪਹਿ ਸਿਫਤਿ ਭੰਡਾਰੁ ਕਰਮੀ ਪਾਈਐ ॥ ਸਤਿਗੁਰ ਨਦਰਿ ਨਿਹਾਲ ਬਹੁੜਿ ਨ ਧਾਈਐ ॥ ਰਖੈ ਆਪਿ ਦਇਆਲੁ ਕਰਿ ਦਾਸਾ ਆਪਣੇ ॥ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਜੀਵਾ ਸੁਣਿ ਸੁਣੇ ॥ ੭ ॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان

لَڳَڙِي سُ ٿانِ جوڙَڻَ هارِءَ جوڙِيئا

نانڪ لَهَرِي لَکَ سَئِه آنَ، ڏُبَڻَ ديئه نه ما پِري.

ارٿ:- منهنجي ورتي يا پريت جڳي اسٿان يعني واهگوروءَ ۾ لڳي آهي؛ جوڙڻ هاري سٿگوروءَ اُنهيءَ واهگوروءَ سان جوڙي آهي. صاحب فرمائين ٿا ته جي ڪٽي لکين سوين سنڪلپ وڪلپ روپي لهرون اچن ته به منهنجو پريم مونکي ٻڏڻ نه ڏيندو. [سئه = سوين. آن = اچي.]

(٢) محلا پنجوان

بَنِ ڀيهاوِلئِ هِڪُ ساٿِي لَڌَمُ، دُکه هرتا هرِ ناما

ٻلِ ٻلِ جائي سَنتَ پياري، نانَڪ پورن ڪاما.

منهنجو من ؟ تن نجھ واهگوروءَ ۾ رچي ويو آهي. صاحب فرمائين ٿا تہ جي جيو روپي استريون پرماتما کي وڻيون آهن، تن ويچارين جا سور يعني ڏک درد دور ٿي ويا آهن.

پؤڙي (٦)

جيئہ کي برتا هوءِ، سُ گورَ پهِ آرداسِ کرِ
چوڙ سِياڻپ سگل، مَنُ تنُ آرپ ڏرِ

ارٿ:- هي ڀائي! جا تنهنجي اندر جي حالت هجي، سا گوروءَ جي اڳيان پيش ڪر. سڀ سياڻپون ڇڏي پنهنجو من توڙي تن گوروءَ کي ارپن ڪري اُنجي اڳيان ڌر. [برتا = پيڙا، حالت، حال.]

پوُجھہ گورَ کي پير، ڊُرمت جاءِ جرِ
ساڌ جنان کي سنگِ، ڀوجل بکم ترِ

ارٿ:- تون گورن جا پير پوڄ تہ تنهنجي کوٽي مت جلي ويندي. تون ساڌ جنن جي سنگ ۾ مشڪل ڀوساگر مان تري ويندين. [بکم = مشڪل.]

شيوھ ستگور ديو، آگيءِ نہ مرھ ڏرِ
کنَ مهِ کري نهالُ، اُوڻي سبر پرِ

ارٿ:- هي ڀائي! تون ستگوروديو جي شيوا ڪندين تہ اڳيان (پرلوڪ ۾) ڊچي نہ مرندين. ستگورو خالي جيون کي ڀرپور ڪري کن ۾ نهال ڪري ڇڏي ٿو. [اوڻي = خالي جيون کي.]

مَن کئہ هوءِ سنتو کہ، ڌيائيئيءِ سدا هرِ
سو لگا ستگور شيو، جا کئہ کرم ڏرِ.

رکيءِ آپ دَئِيالُ، ڪرِ داسا آپڻي

هرِ هرِ هرِ هرِ نامُ جيِوان سُرِ سُڻي.

ارٿ:- پرماتما پنهنجي داسن کي پاڻ دَيا ڪري رکي ٿو.
هي هري! تنهنجو هري نام هر وقت هر ڪنهن کان پڌ تي مان جيئان ٿو.

ਮਃ ੫ ਸਲੋਕੁ ॥ ਪ੍ਰੇਮ ਪਟੋਲਾ ਤੈ ਸਹਿ ਦਿਤਾ ਢਕਣ ਕੂ ਪਤਿ ਮੇਰੀ ॥ ਦਾਨਾ ਬੀਨਾ ਸਾਈ ਮੈਡਾ ਨਾਨਕ ਸਾਰ ਨ ਜਾਣਾ ਤੇਰੀ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਤੈਡੈ ਸਿਮਰਣਿ ਹਭੁ ਕਿਛੁ ਲਧਮੁ ਬਿਖਮੁ ਨ ਡਿਠਮੁ ਕੋਈ ॥ ਜਿਸੁ ਪਤਿ ਰਖੈ ਸਚਾ ਸਾਹਿਬੁ ਨਾਨਕ ਮੇਟਿ ਨ ਸਕੈ ਕੋਈ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਹੋਵੈ ਸੁਖੁ ਘਣਾ ਦਯਿ ਧਿਆਇਐ ॥ ਵੰਞੈ ਰੋਗਾ ਘਾਣਿ ਹਰਿ ਗੁਣ ਗਾਇਐ ॥ ਅੰਦਰਿ ਵਰਤੈ ਠਾਢਿ ਪ੍ਰਭਿ ਚਿਤਿ ਆਇਐ ॥ ਪੂਰਨ ਹੋਵੈ ਆਸ ਨਾਇ ਮੰਨਿ ਵਸਾਇਐ ॥ ਕੋਇ ਨ ਲਗੈ ਬਿਘਨੁ ਆਪੁ ਗਵਾਇਐ ॥ ਗਿਆਨ ਪਦਾਰਥ ਮਤਿ ਗੁਰ ਤੇ ਪਾਇਐ ॥ ਤਿਨਿ ਪਾਏ ਸਭੇ ਥੋਕ ਜਿਸੁ ਆਪਿ ਦਿਵਾਇਐ ॥ ਤੂੰ ਸਭਨਾ ਕਾ ਖਸਮੁ ਸਭ ਤੇਰੀ ਛਾਇਐ ॥ ੮ ॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان

پريم پٽولا تئي شهِ ڏِتا، ڍَڪڻ کُو پتِ ميري

دانا بِينا سائي مئِڏا، نانڪ سار نہ ڄاڻا تيري.

ارٿ:- هي منهنجا پتي پرماتما! منهنجي پت رکڻ لاءِ تو مونکي پريم روپي وستر ڏنا آهن. صاحب وينتي ڪري ٿا تہ "هي منهنجا سائين! تون سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ ڏسندڙ آهين، پر مان تنهنجو قدر نہ ٿو سڃاڻان."

(٢) محلا پنجوان

تئِڏي سِمرڻ هڀُ ڪِڇُ لڌمُ، بِکمُ نہ ڍِٺمُ ڪوئي

جِسُ پتِ رکئي سچا صاحِبُ، نانڪ ميٽِ نہ سڪئي ڪوئي.

ارٿ:- هن سنسار روپي ڀيانڪ بن ۾ دکن کي ناس ڪندڙ هريءَ جو نام، هڪ ساٿي مون لڌو آهي. صاحب فرمائين ٿا تہ اُنهن پيارن سنتن تان بلهار وڃان، جن سان ملڻ ڪري منهنجون ڪامنائون پورن ٿين ٿيون. [ڀيهاولئي = خوفناڪ، ڀيانڪ. دکهرتا = دکن کي ناس ڪندڙ. ڪاما = ڪامنائون يا ڪم.]

پؤڙي (۷)

پائيئن سڀ نڌان، تيري رنگِ رتِئا

نہ هووي پڇو تاءُ، تُڌنو جپتِئا

ارٿ:- هي پرماتما! جيڪي تنهنجي پريم ۾ رتل آهن، سي سڀ خزانا حاصل ڪن ٿا. توکي جپڻ ڪري کو پڇتاءُ ڪرڻو ڪونہ ٿو پوي.

پهچِ نہ سڪئي ڪوءِ، تيري ٽيڪ جن

گور پوري واهُ واهُ، سُکہ لها چتارِ من

ارٿ:- جنکي تنهنجو آسرو آهي، تن سان کو پهچي نٿو سگهي. پورن گوروءَ کي ڌنيواد آهي، جنهنجي وڃن جي سمرڻ ڪرڻ ڪري من ۾ سکہ پائجي ٿو.

گور پهِ صفت پنڌار، ڪرمي پائيئي

ستگور ندرِ نهال، بهڙِ نہ ڊائيئي

ارٿ:- ستگوروءَ وٽ پرماتما جي ساراهہ جا پنڊار پريل آهن، جي وڏن ڀاڳن سان پراپت ٿين ٿا. جڏهين ستگورو پنهنجي ديا درشٽيءَ سان نهال ڪري ٿو، تڏهين وري جونين ۾ نہ ٿو ڀٽڪجي. [پهِ = وٽ. ڊائيئي = ڀٽڪجي ٿو (جونين ۾).]

ارٿ :- هي ڀريو! جنهنکي تون ٻاڙ ڏين ٿو، سو سڀ پدارٿ حاصل ڪري ٿو. هي ڀريو! تون سڀني جو مالڪ آهين ۽ سڀ تنهنجي ڇانو يا اجهي هيٺ آهن.

ਸਲੋਕੁ ਮਃ ੫ ॥ ਨਦੀ ਤਰੰਦੜੀ ਮੈਡਾ ਖੋਜੁ ਨ ਖੁੰਭੈ ਮੰਝਿ ਮੁਹਬਤਿ ਤੇਰੀ ॥ ਤਉ ਸਹ ਚਰਣੀ ਮੈਡਾ ਹੀਅੜਾ ਸੀਤਮੁ ਹਰਿ ਨਾਨਕ ਤੁਲਹਾ ਬੇੜੀ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਜਿਨਾ ਦਿਸੰਦੜਿਆ ਦੁਰਮਤਿ ਵੰਞੈ ਮਿਤ੍ਰ ਅਸਾਡੜੇ ਸੇਈ ॥ ਹਉ ਢੂਢੇਦੀ ਜਗੁ ਸਬਾਇਆ ਜਨ ਨਾਨਕ ਵਿਰਲੇ ਕੇਈ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਆਵੈ ਸਾਹਿਬੁ ਚਿਤਿ ਤੇਰਿਆ ਭਗਤਾ ਡਿਠਿਆ ॥ ਮਨ ਕੀ ਕਟੀਐ ਮੈਲੁ ਸਾਧ ਸੰਗਿ ਵੁਠਿਆ ॥ ਜਨਮ ਮਰਣ ਭਉ ਕਟੀਐ ਜਨ ਕਾ ਸਬਦੁ ਜਪਿ ॥ ਬੰਧਨ ਖੋਲਨਿ ਸੰਤ ਦੂਤ ਸਭਿ ਜਾਹਿ ਛਪਿ ॥ ਤਿਸੁ ਸਿਉ ਲਾਇਨਿ ਰੰਗੁ ਜਿਸਦੀ ਸਭ ਧਾਰੀਆ ॥ ਊਚੀ ਹੂੰ ਊਚਾ ਥਾਨੁ ਅਗਮ ਅਪਾਰੀਆ ॥ ਰੈਣਿ ਦਿਨਸੁ ਕਰ ਜੋੜਿ ਸਾਸਿ ਸਾਸਿ ਧਿਆਈਐ ॥ ਜਾ ਆਪੇ ਹੋਇ ਦਇਆਲੁ ਤਾ ਭਗਤ ਸੰਗੁ ਪਾਈਐ ॥ ੯ ॥

(ا) سلوڪ محلا پنجوان

ندي ترندڙي مئڏا کوجُ نہ کُنڀيءِ، منجهہ محبت تيري

تئہ شہ چرڻي مئڏا هيئڙا سيتمُ، هرِ نانڪ تُلها ٻيڙي.

ارٿ :- هي پرماتما! سنسار روپي ندي ترندي منهنجو ٻيڙي روپي پير نہ ٿو ڦاسي، جو تہ اندر ۾ توسان پريت آهي. صاحب وينتي ڪري جون ٿا تہ "هي ڀڳتي پرماتما! توسان منهنجو هيئڙو سبيو پيو آهي. (هن سنسار روپي ترڻ لاءِ) تنهنجو نام ئي ترهو ۽ ٻيڙي آهي." [کوجہ = پير. کنڀيءِ = کپي، ڦاسي. سيتمُ = سبيو پيو آهي. تلها = ترهو.]

ارٿ :- هي هريو! تنهنجي سمرڻ ڪري مون سڀ ڪجهه لڌو ؛ ڪوبه ڪم مونکي مشڪل ڏسڻ ۾ نه آيو. صاحب فرمائين ٿا ته جنهنجي پت سچو صاحب رکي ٿو، تنهنجي ڪوبه ميٽي نه ٿو سگهي. [ميڪجهه = سڀڪجهه. بکم = مشڪل.]

پؤڙي (۸)

هووئي سُکه گهڻا، دَيهه ڏيائيئي

وِجيئي روڳان گهاڻ، هَر گُن گائيئي

ارٿ :- هي پرڪاشوان پريو! توکي ڏيائڻ ڪري گهڻو سک ٿئي ٿو. هي هري! تنهنجا گڻ ڳائڻ ڪري روڳن جي پيڙا ناس ٿي وڃي ٿي. [ديهه = پرڪاشوان (پريو). گهاڻ = پيڙا.]

آندرِ ورتيئي ڻانڍِ، پربِ چِت آئيئي

پُورن هووئي آس، ناء مَنِ وَسائيئي

ارٿ :- هي پريو! توکي چت ۾ آڻڻ ڪري اندر ۾ شانت ٿئي ٿي. هي پريو! تنهنجو نام من ۾ وسائڻ ڪري آسائون پورن ٿين ٿيون.

ڪوء نه لڳيئي بِگهَنُ، آپُ گوائيئي

گيانَ پدارٿُ مَتِ، گور تي پائيئي

ارٿ :- آپاپڻ وڃائڻ ڪري ڪوبه وگهن نه ٿو لڳي. گورن جي مت يا سکيا سان گورن کان گيان پدارٿ پائجي ٿو

تِنِ پائي سَبِي ٿوڪَ، جِسُ آپِ ڏوائيئي

ڌُون سڀنا ڪا خَصمُ، سَڀ تيري ڇائيئي.

رَئِڻ ڏِنسُ ڪَر جوڙِ، ساسِ ساسِ ڌِئائيِٿيِ
جا آپي هوءِ دئِيالُ، ڌا پَگَت سَنْگُر پائيِٿيِ.

ارٿ:- رات ڏينهن هٿ جوڙي، سواس سواس توکي ڌيائجي. هي هريو! جڏهين تون پاڻ ديال ٿئين ٿو، تڏهين ڀڳتن جو سنگ حاصل ٿئي ٿو.

ਸਲੋਕ ਮ: ੫ ॥ ਬਾਰਿ ਵਿਡਾਣੜੈ ਹੁੰਮਸ ਧੁੰਮਸ ਕੂਕਾ ਪਈਆ ਰਾਹੀ ॥ ਤਉ ਸਹ ਸੇਤੀ ਲਗੜੀ ਡੋਰੀ ਨਾਨਕ ਅਨਦ ਸੇਤੀ ਬਨੁ ਗਾਹੀ ॥ ੧ ॥ ਮ: ੫ ॥ ਸਚੀ ਬੈਸਕ ਤਿਨਾ ਸੰਗਿ ਜਿਨ ਸੰਗਿ ਜਪੀਐ ਨਾਉ ॥ ਤਿਨ ਸੰਗਿ ਸੰਗੁ ਨ ਕੀਚਈ ਨਾਨਕ ਜਿਨਾ ਆਪਣਾ ਸੁਆਉ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਸਾ ਵੇਲਾ ਪਰਵਾਣੁ ਜਿਤੁ ਸਤਿਗੁਰੁ ਭੇਟਿਆ ॥ ਹੋਆ ਸਾਧੂ ਸੰਗੁ ਫਿਰਿ ਦੂਖ ਨ ਤੇਟਿਆ ॥ ਪਾਇਆ ਨਿਹਚਲੁ ਥਾਨੁ ਫਿਰਿ ਗਰਭਿ ਨ ਲੇਟਿਆ ॥ ਨਦਰੀ ਆਇਆ ਇਕੁ ਸਗਲ ਬ੍ਰਹਮੇਟਿਆ ॥ ਤਤੁ ਗਿਆਨੁ ਲਾਇ ਧਿਆਨੁ ਦ੍ਰਿਸਟਿ ਸਮੇਟਿਆ ॥ ਸਭੋ ਜਪੀਐ ਜਾਪੁ ਜਿ ਮੁਖਹੁ ਬੋਲੇਟਿਆ ॥ ਹੁਕਮੇ ਬੁਝਿ ਨਿਹਾਲੁ ਸੁਖਿ ਸੁਖੇਟਿਆ ॥ ਪਰਖਿ ਖਜਾਨੈ ਪਾਏ ਸੇ ਬਹੁੜਿ ਨ ਖੋਟਿਆ ॥ ੧੦ ॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان

بارِ وِڏاڻڙي هُمس ڌُمس، ڪُوڪا پئيِئا راهيِ
تَئُ شهہ سيتي لڳڙي ڏوري، نانڪ آنند سميتي بنُ گاهيِ.

ارٿ:- سنسار روپي بن ڏيکاڙيندڙ آهي، جنهن ۾ هل هنگامو لڳو پيو آهي؛ وات تي يعني جم جي رستي ۾ دانهون ٻيئون پئجي رهيون آهن. صاحب وينتي ڪري ٿو ته ”هي هريو! جنهجي ڏوري يعني ورتي تو مالڪ سان لڳل آهي، سي هن سنسار روپي

(٢) محلا پنجوان

جِنا ڍِسندڙيا ڍُرمتِ وڃيءِ، مِتر آسا ڏري سيئي
هئُہ ڍُوڍيدي جڳہ سبائيا، جن نانڪ وِرلي ڪيئي.

ارٿ:- جن سنتن جي درسن ڪرڻ سان ئي اسانجي کوٽي مت دور ٿي وڃي، سي ئي اسانجا مترآهن. صاحب فرمائين ٿا تہ اسان سارو جڳہ ڍونڍيو ڏٺو آهي تہ اهڙا متر ڪي ورلي آهن.

پؤڙي (٩)

آوِ صاحِب چِتِ، تيرِيا ڀڳتان ڏِٺِيا
مَن کي ڪتيئي ميلُ، ساڌ سنگہِ وُٺِيا

ارٿ:- هي صاحب! تنهنجي ڀڳتن جي درسن ڪرڻ سان تون چت ۾ اچين ٿو. ساڌن جي سنگہ ۾ رهڻ سان من جي مئل ڪٽجي وڃي ٿي. [وُٺِيا= وسڻ، رهڻ.]

جنم مرڻ ڀؤ ڪتيئي، جن ڪا شبد جپ
بندن کولِڻ سنت، دوت سڀ جاہِ چپ

ارٿ:- تنهنجي سنتن جو شبد يعني اُپديش جپڻ سان جنم مرڻ جو ڀؤ ڪٽجي وڃي ٿو. سنت اسانجي ڪرمن جا بندن توڙي ڇڏين ٿا ۽ سڀ ڪامادڪ دوت لڪي وڃن ٿا. [جن= داس، سنت. چپ = چپي، لڪي.]

تِس سِئُہ لائِن رنگُہ، جِس دي سڀ ڌارِيا
اوُچي هوُنِ اوُچا ٿانُ، آگم اپارِيا

ارٿ:- سنت اُنهيءَ پرماتما سان پريم رکن ٿا، جنهنجي هيءَ ساري سرشٽي ڌاريل يا نباهيل آهي. هي اگم ۽ اپار پربهو! تنهنجو استان اوچي کان اوچو آهي.

ارٿ:- جڏهين اُنهنکي تت گيان پراپت ٿئي ٿو، تڏهين هو ڌيان لڳائي پنهنجي درشٽي پرماتما ۾ سميٽي يا سمائي ڇڏين ٿا. اُهي جيڪي مک سان ٻولين ٿا، سو پريوء جو جاپ جپين ٿا.

حُڪمي ٻُجهه نِهالُ، سُکِ سکيٽڻا

پرکِ خزانيءَ پائي، سي ڦِهِڙَ نہ کوٽِيا.

ارٿ:- اُهي پرماتما جو حڪم سمجهي نهال ٿين ٿا ۽ سکن ۾ سکي ٿين ٿا. اُنهنکي پرکي پرماتما کين سروپ روپي خزاني ۾ وجهي ٿو ۽ اُهي وري کوٽا نٿا ٿين يعني وري جنم مرڻ جي چڪر ۾ نہ ٿا اچن.

ਸਲੋਕ ॥ ਵਿਛੋਹੇ ਜੰਬੂਰ ਖਵੇ ਨ ਵੰਞਨਿ ਗਾਖੜੇ ॥ ਜੇ ਸੋ ਧਣੀ ਮਿਲੰਨਿ ਨਾਨਕ ਸੁਖ ਸੰਬੂਹ ਸਚੁ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਜਿਮੀ ਵਸੰਦੀ ਪਾਣੀਐ ਈਧਣੁ ਰਖੈ ਬਾਹਿ ॥ ਨਾਨਕ ਸੋ ਸਹੁ ਆਹਿ ਜਾਕੈ ਆਢਲਿ ਹਭੁਕੋ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਤੇਰੇ ਕੀਤੇ ਕੰਮ ਤੁਧੈ ਹੀ ਗੋਚਰੇ ॥ ਸੋਈ ਵਰਤੈ ਜਗਿ ਜਿ ਕੀਆ ਤੁਧੁ ਧੁਰੇ ॥ ਬਿਸਮੁ ਭਏ ਬਿਸਮਾਦ ਦੇਖਿ ਕੁਦਰਤਿ ਤੇਰੀਆ ॥ ਸਰਣਿ ਪਰੇ ਤੇਰੀ ਦਾਸ ਕਰਿ ਗਤਿ ਹੋਇ ਮੇਰੀਆ ॥ ਤੇਰੈ ਹਥਿ ਨਿਧਾਨੁ ਭਾਵੈ ਤਿਸੁ ਦੇਹਿ ॥ ਜਿਸਨੋ ਹੋਇ ਦਇਆਲੁ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਸੇਇ ਲੇਹਿ ॥ ਅਗਮ ਅਗੋਚਰ ਬੇਅੰਤ ਅੰਤੁ ਨ ਪਾਈਐ ॥ ਜਿਸਨੋ ਹੋਹਿ ਕ੍ਰਿਪਾਲੁ ਸੁ ਨਾਮੁ ਧਿਆਈਐ ॥ ੧੧ ॥

(۱) سلوڪ محلا پنجوان

وِڇوهي جنبور کوي نہ وڃِن گاکڙي

جي سو ڌڻي مِلَنِ، نانڪ سُکہ سنبوهہ سچہ.

ارٿ:- واهگوروء کان وڇوڙي جا دکہ ٻيارن لاءِ زنبوريا ٿارڪش وانگي آهن. اُهي سهڻ کان اؤکا آهن. صاحب فرمائين ٿا تہ جي اُهو ڌڻي ملي وڃي تہ سچہ ٻچہ سڀ سکہ ملي وڃن. [وڇوهي = وڇوڙو.

بن مان آنند سان لنگهي وڃن ٿا." [وڏانزيءَ = ڏيڇاڙيندڙ. ھنمس ڏمس = ھل ھنگامو، گوڙ شور. ڪڙڪا = ڌانهون. راھي = رستي ۾. گاھي = لنگهي وڃن ٿا.]

(۲) محلا پنجوان

سچي بنڪ تنا سنگ، جن سنگ جپيئي ناءُ
تن سنگ سنگ نہ ڪيچي، نانڪ جنا آپڻا سئاءُ.

ارٿ:- سچي بنڪ أنهن سان آهي، جن سان ويٺي نام جپجي. صاحب فرمائين ٿا تہ أنهن سان سنگ نہ ڪجي جنکي پنهنجو مطلب هجي يعني جي خود مطلبي هجن. [بنسڪ = بنڪ. سئاءِ = مطلب، پريوجن.]

پؤڙي (۱۰)

سا ويلا پرواڻ، جت ستگور ميٽئا
هوئا ساڌو سنگ، ڦر دؤکہ نہ تيٽئا

ارٿ:- أهو وقت سڦلو آهي، جنهن وقت ستگورو ملي ٿو. جنکي ساڌن جو سنگ پراپت ٿيو آهي، تنکي دکن جو ڏکو نہ ٿو ملي يعني دکن ۾ ڦاٿو نہ ٿا ٿين.

پائيا نهچل ٿانُ، ڦر گرڀ نہ ليٽئا
ندري آئيا اڪ، سگل برهميٽئا

ارٿ:- جن قائم استان پاتو آهي، سي وري گرڀ ۾ نٿا ليٽن يعني پون. أنهنکي سڀ هڪ برهم روپ نظر ۾ اچي ٿو.

تت گيانُ لاءِ ڌيانُ، ڌرشٽ سميٽئا
سڀو جپيئي جاپ، جہ مُکهہ پوليٽئا

پرماڻ:- ”گھر ۾ تيري سڀڪجھ هئي، جس ڏيھ سُ پاوئي.“
[آنند صاحب]

اَگَم اَگوچر بي اَنت، اَنتُ نہ پائِئي
جِسنو هوهِ ڪِرپالُ، سُ نامُ ڌِيائِئي.

ارٿ:- هي اگم، اگوچر ۽ بي انت پرماتما! تنهنجو انت پاتو نٿو وڃي. جنهن تي تون ڪرپال ٿئين ٿو، سوئي نام ڌيائي ٿو.

ਸਲੋਕ ਮਃ ੫ ॥ ਕੜਛੀਆ ਫਿਰੰਨਿ ਸੁਆਉ ਨ ਜਾਣਨਿ ਸੁਞੀਆ ॥ ਸੇਈ ਮੁਖ ਦਿਸੰਨਿ ਨਾਨਕ ਰਤੇ ਪ੍ਰੇਮ ਰਸਿ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਖੋਜੀ ਲਧਮੁ ਖੋਜੁ ਛਡੀਆ ਉਜਾੜਿ ॥ ਤੈ ਸਹਿ ਦਿਤੀ ਵਾੜਿ ਨਾਨਕ ਖੇਤੁ ਨ ਛਿਜਈ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਅਰਾਧਿਹੁ ਸਚਾ ਸੋਇ ਸਭੁ ਕਿਛੁ ਜਿਸੁ ਪਾਸਿ ॥ ਦੁਹਾ ਸਿਰਿਆ ਖਸਮੁ ਆਪਿ ਖਿਨ ਮਹਿ ਕਰੇ ਰਾਸਿ ॥ ਤਿਆਗਹੁ ਸਗਲ ਉਪਾਵ ਤਿਸਕੀ ਓਟ ਗਹੁ ॥ ਪਉ ਸਰਣਾਈ ਭਜਿ ਸੁਖੀਹੂੰ ਸੁਖ ਲਹੁ ॥ ਕਰਮ ਧਰਮ ਤਤੁ ਗਿਆਨੁ ਸੰਤਾ ਸੰਗੁ ਹੋਇ ॥ ਜਪੀਐ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਨਾਮੁ ਬਿਘਨੁ ਨ ਲਗੈ ਕੋਇ ॥ ਜਿਸਨੋ ਆਪਿ ਦਇਆਲੁ ਤਿਸੁ ਮਨਿ ਵੁਠਿਆ ॥ ਪਾਈਅਨਿ ਸਭਿ ਨਿਧਾਨ ਸਾਹਿਬਿ ਤੁਠਿਆ ॥ ੧੨ ॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان

ڪَڙڇِيئان ڦِرنِ، سُئاءُ نہ ڄاڻنِ سُڃِيئا
سيئي مُکھ ڏِسنِ، نانڪ رَتي پريم رسِ.

ارٿ:- ڪيويون جي ڪاڙهي تيار ڪرڻ وقت ڦرن ٿيون، انهن کي سواد جي خبر نہ ٿي پوي ۽ سواد کان خالي رهن ٿيون (تهڙيءَ طرح منمکن کي بہ ساڌ سنگت مان سواد نہ ايندو. گھڻيئي شاستر پڙهندا،

زنبور = تارڪش، انبوري، سوناري جو اوزار جنهن سان سونارو تارن کي ڇڪي ٻاهر ڪڍندو آهي. ڪوي نه وڃن گاڪڙي = سڀ نه ٿا سگهجن، جو جو اُهي اؤ ڪا آهن. سڀبوهر = سڀ.]

(۲) محلا پنجوان

زِمي وسندي پاڻيئي، ايڌڻُ رکئي ٻاهر
نانڪ سو شهُ آهرِ، جا ڪئي آڌِل هيڪو.

ارٿ:- (جنهن پرماتما جي آسري) زمين پاڻيءَ تي وسي ٿي ۽ ڪاٺين ۾ باهه آهي، صاحب فرمائين ٿا ته اهڙي ڌڻيءَ جي چاهنا ڪر، جنهنجي آسري تي سڀڪو آهي. [زِمي = زمين. ايڌڻ = ڪاٺيون، ڪاٺيون. آهر = چاهنا. آڌل = آسرو.]

پؤڙي (۱۱)

تيري ڪيتي ڪرِ، تُڌئي هي گوچري
سوئي ورتئي جگہ، جہ ڪيتا تُڌ ڌُري

ارٿ:- تنهنجا ڪيل ڪم تنهنجي ڪرڻ جا لائق آهن. جيڪي تو ڌُر کان ڪيو آهي، سوئي جڳہ ۾ ورتي ٿو. [گوجري = لائق.]

بِسمہ ٿئي بِسماد، ديکہ قُدرت تيريئا
سرڻ پري تيري داس، ڪرگتِ هوءِ ميريئا

ارٿ:- تنهنجي اسچرج روپي قدرت ڏسي اسچرج ونيو وڃي. اسين داس تنهنجي سرن ۾ آيا آهيون. اِها ڪرپا ڪر ته اسانجي گت ٿئي.

تيرئي هتِ نڌانُ، ڀاوئي تِسُ ديہ
جسنو هوءِ دئيالُ، هرِ نامُ سيئہ ليہہ

ارٿ:- تنهنجي هٿ ۾ خزانا آهن، جنهنکي وڻئين ٿو تنهنکي ڏين ٿو. جن تي تون ديال ٿين ٿو، اُهي ئي تنهنجو نام جپين ٿا.

کَرَم دَرَم تَتُ گِيانُ، سَنْتا سَنگُ هوء
جَپِيئيِ اَمرِتُ نامُ، بِگَهنُ نه لگيِ کوء

ارٿ:- سنتن جي سنگ ۾ سيئني ڪرمن ۽ ڌرمن جو ڦل ۽ تت گيان حاصل ٿئي ٿو. امرت نام جپڻ ڪري ڪوبه وگهن نه ٿو لڳي.

جِسَ نو آپِ دئِيالُ، تِسُ مَنِ وُٺِا
پائِيئن سبِ نِدانَ، صاحِب تُٺِيئا.

ارٿ:- جنهنتي پريو پاڻ ديال ٿئي ٿو، تنهنجي من ۾ هو اچي وسي ٿو. جڏهين صاحب راضي ٿئي ٿو، تڏهين سڀ خزانا يعني رڌيون، سڌيون ۽ نونڌيون پائجن ٿيون.

ਸਲੋਕ ਮਃ ੫ ॥ ਲਧਮੁ ਲਭਣਹਾਰੁ ਕਰਮੁ ਕਰੰਦੋ ਮਾ ਪਿਰੀ ॥ ਇਕੋ ਸਿਰਜਣਹਾਰੁ ਨਾਨਕ ਬਿਆ ਨ ਪਸੀਐ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਪਾਪੜਿਆ ਪਛਾੜਿ ਬਾਣੁ ਸਚਾਵਾ ਸੰਨਿਕੈ ॥ ਗੁਰ ਮੰਤ੍ੜਾ ਚਿਤਾਰਿ ਨਾਨਕ ਦੁਖੁ ਨ ਥੀਵਈ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਵਾਹੁ ਵਾਹੁ ਸਿਰਜਣਹਾਰ ਪਾਈਅਨੁ ਠਾਢਿ ਆਪਿ ॥ ਜੀਅ ਜੰਤ ਮਿਹਰਵਾਨੁ ਤਿਸਨੋ ਸਦਾ ਜਾਪਿ ॥ ਦਇਆ ਧਾਰੀ ਸਮਰਥਿ ਚੁਕੇ ਬਿਲ ਬਿਲਾਪ ॥ ਨਠੇ ਤਾਪ ਦੁਖ ਰੋਗ ਪੂਰੇ ਗੁਰ ਪ੍ਰਤਾਪਿ ॥ ਕੀਤੀਅਨੁ ਆਪਣੀ ਰਖ ਗਰੀਬਨਿਵਾਜਿ ਥਾਪਿ ॥ ਆਪੇ ਲਇਅਨੁ ਛਡਾਇ ਬੰਧਨ ਸਗਲ ਕਾਪਿ ॥ ਤਿਸਨ ਬੁਝੀ ਆਸ ਪੁੰਨੀ ਮਨ ਸੰਤੋਖਿ ਧ੍ਰਾਪਿ ॥ ਵਡੀ ਹੂੰ ਵਡਾ ਅਪਾਰ ਖਸਮੁ ਜਿਸੁ ਲੇਪੁ ਨ ਪੁੰਨਿ ਪਾਪਿ ॥ ੧੩ ॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان

لَڌَمُ لَبِهَڻهارُ، ڪَرَمُ ڪَرَندو ما پِري
اِڪو سِرجَڻ هارُ، نانَڪ بِئا نه پَسيِئيِ.

ﮋ ستگوروءَ کانسواءِ شاسترن جو سواد نہ ماڻيندا.) صاحب فرمائين ٿا تہ اُهي سريشٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا جي ﭘريم جي رس ۾ رتل آهن يا ﭘرماتما جو منهن اُهي ٿا ڏسن، جي ﭘريم جي رس ۾ رتل آهن. [مکہ = (١) سريشٽ (٢) منهن.]

(٢) محلا پنجوان

کوجي لَڌَمُ کوجہ، چڙدي ﭘئا اُجاڙ

تيءَ شَہِ دِتي وارِ، نانڪ کيتُ نہ چِڄئي.

ارٿ:- جن کامادڪن روپي مرگهن شُبُ گڻن روپي کيتي اُجاڙ ڪري ڇڏي هئي، تنهجي ﭘڪڙجڻ جو رستو مون گولائو تي لڌو آهي. صاحب وينتي ڪري چون ٿا تہ هي سوامي! تو کيتيءَ جي جو گرد ساڌنائن روپي لوڙهو ڏيئي ڇڏيو آهي؛ هاڻي منهنجي شُب گڻن روپي کيتي ناس نہ ٿيندي. [کوج = رستو. کوجي = گولائو.]

پؤڙي (١٢)

آرادهُ سَچا سوءِ، سَبُ کِڇہ جِسُ ﭘاسِ

دوها سِرڏا خصمُ آپِ، کِنَ مهرِ ڪري راسِ

ارٿ:- اُنهيءَ سچي واهگوروءَ جو آراڌن ڪريو، جنهن وٽ سڀ ڪجهہ آهي. ﭘنهي طرفن يعني لوڪ ﭘرلوڪ جو مالڪ ﭘاڻ آهي؛ هو هڪ کن ۾ اسانجا سڀ ڪارج راس ڪري ٿو.

تِياگهُ سَگَل اُپاوَ، تِس کي اوٽ گهہُ

ﭘؤ سرڻائي ﭘَچہ، سُکي هوُن سُکہ لہُ

ارٿ:- سڀ اُپاءَ ڇڏي اُنجي اوٽ وٺو. ﭘجي اچي انجي سرن ﭘئو تہ سکن ﭘنيا ن سکہ حاصل ڪريو يا سکن ۾ سکہ يعني برهم آنند حاصل ڪريو.

ڪيتيئُن آپني رَکَہ، غريبَنوازِ ٿاپِ
آپي لئيئُن ڇَڏاءِ، ٻَندَنَ سَگَل ڪاپِ

ارٿ :- غريب نواز پرماتما پنهنجن داسن کي ٿاپي أنهنجي رکيا ڪئي آهي. سيني ٻندنن کي ڪٽي أنهنکي ڇڏائي ڇڏيو اٿس.

تِسن ٻجهي، آس پُني، مَن سنتوکِہ ڌراپِ
وڏي هو وڏا اپار خصم، جِس ليپ نہ پُنِ پاپ.

ارٿ :- أنهنجي ترشنا ٻجهي ويئي آهي، أنهنجي آسا پورن ٿي آهي ۽ أنهنجو من سنتوکہ ڪري ڌاول ٿي پيو آهي. جنهن پرماتما کي پاپ ۽ پنيہ جو ليپ نہ ٿو لڳي، سو مالڪ وڏن کان وڏو ۽ اپار آهي. [تسن = ترشنا. ڌراپ = ڌاول.]

ਸਲੋਕ ਮਃ ੫ ॥ ਜਾਕਉ ਭਏ ਕ੍ਰਿਪਾਲ ਪ੍ਰਭ ਹਰਿ ਹਰਿ ਸੇਈ ਜਪਾਤ ॥ ਨਾਨਕ ਪ੍ਰੀਤਿ ਲਗੀ ਤਿਨ ਰਾਮ ਸਿਉ ਭੇਟਤ ਸਾਧ ਸੰਗਾਤ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਰਾਮੁ ਰਮਹੁ ਬਡਭਾਗੀਹੋ ਜਲਿ ਥਲਿ ਮਹੀਅਲਿ ਸੋਇ ॥ ਨਾਨਕ ਨਾਮਿ ਅਰਾਧਿਐ ਬਿਘਨੁ ਨ ਲਾਗੈ ਕੋਇ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਭਗਤਾ ਕਾ ਬੋਲਿਆ ਪਰਵਾਣੁ ਹੈ ਦਰਗਹ ਪਵੈ ਥਾਇ ॥ ਭਗਤਾ ਤੇਰੀ ਟੇਕ ਰਤੇ ਸਚਿ ਨਾਇ ॥ ਜਿਸਨੋ ਹੋਇ ਕ੍ਰਿਪਾਲੁ ਤਿਸਕਾ ਦੂਖੁ ਜਾਇ ॥ ਭਗਤ ਤੇਰੇ ਦਇਆਲ ਓਨਾ ਮਿਹਰ ਪਾਇ ॥ ਦੂਖੁ ਦਰਦੁ ਵਡ ਰੋਗੁ ਨ ਪੋਹੇ ਤਿਸੁ ਮਾਇ ॥ ਭਗਤਾ ਏਹੁ ਅਧਾਰੁ ਗੁਣ ਗੋਵਿੰਦ ਗਾਇ ॥ ਸਦਾ ਸਦਾ ਦਿਨੁ ਰੈਣਿ ਇਕੋ ਇਕੁ ਧਿਆਇ ॥ ਪੀਵਤਿ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਨਾਮੁ ਜਨ ਨਾਮੇ ਰਹੇ ਅਘਾਇ ॥ ੧੪ ॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان

جاکَئہ ڀئي ڪِرپال پرڀ، هرِ هرِ سيئي جپات
نانڪ پريت لڳي تِن رام سِئہ، ڀيٽت ساڌ سنگات.

ارٿ :- جڏهين منهنجي پرين پرماتما مونتي ٻاجهه ڪئي، تڏهين ٻون ليڙ جو لائق پرماتما اڏو. گورو صاحب فرمائين ٿا تہ هڪڙوئي اُپائڻ هار آهي، ٻيو ڪو بہ نہ ڏسجي. [اپٽهار=ليڙ جو لائق.]

(۲) محلا پنجوان

پاپڙڙا پڇاڙ، ٻاڻُ سچاوا سنڱيِ

گورِ منترڙا چِتار، نانڪَ دُکہ نہ ٿيوئي.

ارٿ :- سچي نام جو ٻاڻ ڪشي پاپن کي قتو ڪريو. صاحب فرمائين ٿا تہ گوروءَ جو منتر ياد ڪر تہ وري توکي دکہ نہ ٿيندو.
[پڇاڙ = قتو ڪريو. سنڱيِ = ڪشي. سچاوا = سچو.]

پؤڙي (۱۳)

واهُ واهُ سِرجڻ هارُ، پائيئُن ٺاڍِ آپ

جيئہ جنت مِهروانُ، تِسنو سدا جاپ

ارٿ :- واهہ واهہ اُنهيءَ سرجڻهار جي ڪريو، جنهن جيون جي هردي ۾ شانتي ڏني آهي. سديو اُنهيءَ جو جاپ جپيو، جو جيون جنتن تي مهربان آهي.

دئيا ڌاريِ سمرتِ، چُڪي بِلَ بِلاپ

نٺي تاپ دُکہ روگہ، پوري گورَ پرتاپ

ارٿ :- جڏهين سمرت پرماتما دئيا ڌاري تڏهين اسانجا ورلاپ بند ٿِي وجن ٿا. پوري گوروءَ جي پرتاپ سان سڀ تپ، دکہ ۽ روگہ ڀڄي وجن ٿا يعني ناس ٿي وجن ٿا. [نٺي = ڀڄي وجن ٿا، ناس ٿِي وجن ٿا.]

ارٿ :- اُنهنکي نکي دکھ درد ۽ نکي وڏا روڳ جهڙي سگهن ٿا ۽ نکي اُنهنکي مايا هلاک کري ٿي. ڀڳتن کي اِهو آڌار آهي، جو هو تنهنجا گڻ ڳائين ٿا. [پوهي = هلاک کري ٿي. ماءِ = مايا.]

سَدا سَدا ڍِنُ رئڻِ، اِکو اِکُ ڌِڏاءِ

پِيوتَ اَمرتُ نامُ، جَن نامي رهي اَگهاءِ.

ارٿ :- هو سديو سديو ڏينهن رات هڪڙي توکي ئي ڌيائين ٿا. اُهي داس اِمرت نام پيئن ٿا ۽ اُنهيءَ نام ۾ ئي ترپت رهن ٿا.

ਮਃ ੫ ਸਲੋਕ ॥ ਕੋਟਿ ਬਿਘਨ ਤਿਸੁ ਲਾਗਤੇ ਜਿਸ ਨੋ ਵਿਸਰੈ ਨਾਉ ॥ ਨਾਨਕ ਅਨਦਿਨੁ ਬਿਲਪਤੇ ਜਿਉ ਸੁੰਞੈ ਘਰਿ ਕਾਉ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਪਿਰੀ ਮਿਲਾਵਾ ਜਾ ਥੀਐ ਸਾਈ ਸੁਹਾਵੀ ਰੁਤਿ ॥ ਘੜੀ ਮੁਹਤੁ ਨਹ ਵੀਸਰੈ ਨਾਨਕ ਰਵੀਐ ਨਿਤ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਸੂਰਬੀਰ ਵਰੀਆਮ ਕਿਨੈ ਨ ਹੋੜੀਐ ॥ ਫਉਜ ਸਤਾਣੀ ਹਾਠ ਪੰਚਾ ਜੋੜੀਐ ॥ ਦਸ ਨਾਰੀ ਅਉਧੂਤ ਦੇਨਿ ਚਮੋੜੀਐ ॥ ਜਿਣਿ ਜਿਣਿ ਲੈਨਿ ਰਲਾਇ ਏਹੋ ਏਨਾ ਲੋੜੀਐ ॥ ਤ੍ਰੈਗੁਣ ਇਨ ਕੈ ਵਸਿ ਕਿਨੈ ਨ ਮੋੜੀਐ ॥ ਭਰਮੁ ਕੋਟੁ ਮਾਇਆ ਖਾਈ ਕਹੁ ਕਿਤੁ ਬਿਧਿ ਤੋੜੀਐ ॥ ਗੁਰੁ ਪੂਰਾ ਆਰਾਧਿ ਬਿਖਮ ਦਲੁ ਫੋੜੀਐ ॥ ਹਉ ਤਿਸੁ ਅਗੈ ਦਿਨੁ ਰਾਤਿ ਰਹਾ ਕਰ ਜੋੜੀਐ ॥ ੧੫ ॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان

جيڪو پرماتما کي وساري ٿو، سو ڪڏهين

بہ ڪونہ وڌي ويجهي ٿو.

ڪوٽ بِگهنَ تِسُ لاگتي، جِسنو وِسرئِ نانءُ

نانَڪَ اَن دِنُ بِلپتي، جِئُن سُنجئِ گهرِ ڪانءُ.

ارٿ :- هي پرماتما! جنهنکي تنهنجو نام وسري ٿو، تنهنکي ڪروڙين وگهن لگن ٿا. صاحب فرمائين ٿا تہ اُهو ڏينهن رات

ارٿ:- جن تي پريو ڪرپال ٿيو آهي، سي ئي هري نام جپين ٿا. صاحب فرمائين ٿا تہ رام سان اُنهن جي پريت لڳي آهي، جي ساڌ سنگت سان ملن ٿا.

(۲) محلا پنجوان

رامُ رَمهُ وڏ ڀاڳيهو، جلِ ٿلِ مهيئل سوءِ
نانڪ نامِ آراڌِئي، بِگهَنُ نہ لاڳئي ڪوءِ.

ارٿ:- هي وڏ ڀاڳي پرشو! اوهين اُنهيءَ رام جو نام جپيو، جو جل ۾، ٿل ۾ ۽ ڌرتيءَ ۽ آڪاس جي وچ ۾ پريپورن آهي. صاحب فرمائين ٿا تہ هري نام آراڌڻ ڪري ڪوبہ وگهن نہ ٿو لڳي.

پؤڙي (۱۴)

ڀڳتان ڪا بولڻا پَرواڻُ هئي، دَرگهہ پوئي ٿاءِ
ڀَڳتان تيري ٽيڪ، رَتي سَچ ناءِ

ارٿ:- ڀڳتن جو بولڻ پرواڻ آهي ۽ سچي درگاهہ ۾ قبول پوي ٿو. هي پرماتما! ڀڳتن کي تنهنجو آسرو آهي. اهي سچي نام ۾ رتل رهن ٿا.

جِسنو هوءِ ڪِرپالُ، تِسڪا دُوکُہ جاءِ
ڀَڳتَ تيري دِئيالَ، اونا مِهَرَ پاءِ

ارٿ:- هي پريو! جنهن تي تون ڪرپال ٿئين ٿو، تنهنجو دک دور ٿي وڃي ٿو. هي ديال! جيڪي تنهنجا ڀڳت آهن، تن تي تون مهر ڪرين ٿو.

دُوکُہ دَردُ وَڏ روگُہ، نہ پوهي تِسُ ماءِ
ڀَڳتان ايهُ آڌارُ، گُڻ گووِنْد گاءِ

ارٿ :- تن گڻن واري ساري خلقت انهنجي وس آهي. ڪوبه
انهنکي موڙي نہ سگهيو آهي. هي ڀائي! ڀرم روپي قلعي جي چوگرد
مايا روپي کاهي آهي، انهيءَ کي ڀڃايو تہ ڪهڙي ريت توڙجي.
[ڪوٽ = قلعو. کائي = کاهي. بڌ = ريت.]

گُور پُورا آراڌِ بِکم دَلُ ڦوڙيئي

هَٿُ تِسُ آگئ ڏِنَ رات، رَها ڪَر جوڙيئي.

ارٿ :- پوري گوروءَ کي آراڌن ڪرڻ سان انهيءَ مشڪل
ڪامادڪن جي لشڪر کي ناس ڪرڻ گهرجي. (جن اهو قلعو
فتح ڪيو آهي)، انهن اڳيان آءٌ شل ڏينهن رات هٿ جوڙي
وهان! [بکم = مشڪل. دل = لشڪر.]

ਮਃ ੫ ਸਲੋਕ ॥ ਕਿਲਵਿਖ ਸਭੇ ਉਤਰਨਿ ਨੀਤ ਨੀਤ ਗੁਣ ਗਾਉ ॥ ਕੋਟਿ ਕਲੇਸਾ ਊਪਜਹਿ ਨਾਨਕ ਬਿਸਰੈ ਨਾਉ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਨਾਨਕ ਸਤਿਗੁਰਿ ਭੇਟਿਐ ਪੂਰੀ ਹੋਵੈ ਜੁਗਤਿ ॥ ਹਸੰਦਿਆ ਖੇਲੰਦਿਆ ਪੈਨੰਦਿਆ ਖਾਵੰਦਿਆ ਵਿਚੇ ਹੋਵੈ ਮੁਕਤਿ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਸੋ ਸਤਿਗੁਰੁ ਧਨੁ ਧੰਨੁ ਜਿਨਿ ਭਰਮ ਗੜੁ ਤੋੜਿਆ ॥ ਸੋ ਸਤਿਗੁਰੁ ਵਾਹੁ ਵਾਹੁ ਜਿਨ ਹਰਿ ਸਿਉ ਜੋੜਿਆ ॥ ਨਾਮੁ ਨਿਧਾਨੁ ਅਖੁਟੁ ਗੁਰੁ ਦੇਇ ਦਾਰੂਓ ॥ ਮਹਾ ਰੋਗੁ ਬਿਕਰਾਲ ਤਿਨੈ ਬਿਦਾਰੂਓ ॥ ਪਾਇਆ ਨਾਮੁ ਨਿਦਾਨੁ ਬਹੁਤੁ ਖਜਾਨਿਆ ॥ ਜਿਤਾ ਜਨਮੁ ਅਪਾਰੁ ਆਪੁ ਪਛਾਨਿਆ ॥ ਮਹਿਮਾ ਕਹੀ ਨ ਜਾਇ ਗੁਰ ਸਮਰਥ ਦੇਵ ॥ ਗੁਰ ਪਾਰਬ੍ਰਹਮੁ ਪਰਮੇਸੁਰ ਅਪਰੰਪਰ ਅਲਖ ਅਭੇਵ ॥ ੧੬ ॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان

ڪِلوِکہ سڀي اُترنِ، نِيت نِيت گُڻ گاءُ

ڪوٽِ ڪَليسا اوُپجهِ، نانڪ بِسرئ ناءُ.

اهڙي طرح ورلاپ ڪندو آهي، جيئن سڃي گهر ۾ ڪانءُ ڪان ڪان ڪندو آهي.

(٢) محلا پنجوان

پِري مِلاوا جا ٿِيئي، سائي سُهاوي رُتِ
گهڙي مُهت نہ وِسريئي، نانڪ رويئي نِت.

ارٿ:- اُهائي رُت يا موسم سُهٽي آهي، جنهن ۾ پرين پرماتما جو ميلاپ ٿئي ٿو. صاحب فرمائين ٿا تہ پرماتما کي هڪ گهڙي يا اڌ گهڙي بہ نہ وسارجي. هنکي سديو جپڻ گهرجي.

پؤڙي (١٥)

ڪامادڪن جي فؤج سان ڪو بہ جوڌو پڄي نہ ٿو سگهي

سُورِبير وريئام، ڪِنئي نہ هوڙِيئي
فؤج سَتاڻي هاٺ، پنچا جوڙِيئي

ارٿ:- پنجن ڪامادڪن هڪ ٻاوان ۽ هٺيلي فؤج جوڙي آهي، جنهنکي سورما، وير ۽ بهادر بہ نہ روڪي سگهيا آهن. [سور = سورما. بير = وير. وريام = بهادر. هوڙيئي = هٽائي سگهيا آهن. ستاڻي = جٽي ٻل واري. هاٺ = هٺيلي.]

ڏس ناري اؤڌُوت، ديئن چمو ريئي
جِڻ جِڻ کِئن رلاءِ، ايهو اينا لوڙيئي

ارٿ:- ڏهن استرين يعني اندرين ۽ اؤڌوت مـن کي اِهي ڪامادڪ ڏڪ هڻن ٿا. اُهي اندرين ۽ من کي جيتي جيتي پاڻ سان ملائين ٿا، اهڙي طرح انهن ڪامادڪن جي خواهش آهي.

ِترِيئي گُڻ اِنَ ڪئي وِس، ڪِنئي نہ موڙِيئي
ڀرم ڪوٽ مائِيا کائي، ڪَهُ ڪِتُ پِڌ توڙِيئي

پائِيا نامُ نِڌانُ، ٻهُتُ خزانِيا

جِتا جنمُ اپارُ، آپُ پڇاڻِيا

ارٿ :- اسان خزانن ۾ وڏو نام روپي خزانو حاصل ڪيو آهي؛ انهيءَ ڪري اسان اپار مانُڪا جنم جيتيو آهي ۽ پاڻکي سڃاتو آهي.

مهِما ڪهي نه جاءِ، گور سمرٿ ديو

گور پاربرهمُ پرميسرُ، اپرنپر الکه اڀيو.

ارٿ :- سمرٿ گورديو جي مهما ڪٿي نه ٿي وڃي. گورو پاربرهم پرميشور، پري کان پري، الکه ۽ بي انت پرماتما جو روپ آهي.

ਮਃ ੫ ਸਲੋਕੁ ॥ ਉਦਮੁ ਕਰੇਦਿਆ ਜੀਉ ਤੂੰ ਕਮਾਵਦਿਆ ਸੁਖ ਭੁੰਚੁ ॥ ਧਿਆਇਦਿਆ ਤੂੰ ਪ੍ਰਭੂ ਮਿਲੁ ਨਾਨਕ ਉਤਰੀ ਚਿੰਤ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਸੁਭ ਚਿੰਤਨ ਗੋਬਿੰਦ ਰਮਣ ਨਿਰਮਲ ਸਾਧੂ ਸੰਗ ॥ ਨਾਨਕ ਨਾਮੁ ਨ ਵਿਸਰਉ ਇਕ ਘੜੀ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਭਗਵੰਤ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਤੇਰਾ ਕੀਤਾ ਹੋਇ ਤ ਕਾਹੇ ਡਰਪੀਐ ॥ ਜਿਸੁ ਮਿਲਿ ਜਪੀਐ ਨਾਉ ਤਿਸੁ ਜੀਉ ਅਰਪੀਐ ॥ ਆਇਐ ਚਿਤਿ ਨਿਹਾਲੁ ਸਾਹਿਬ ਬੇਸੁਮਾਰ ॥ ਤਿਸਨੋ ਪੋਹੇ ਕਵਣੁ ਜਿਸੁ ਵਲਿ ਨਿਰੰਕਾਰ ॥ ਸਭੁ ਕਿਛੁ ਤਿਸਕੈ ਵਸਿ ਨ ਕੋਈ ਬਾਹਰਾ ॥ ਸੋ ਭਗਤਾ ਮਨਿ ਵੁਠਾ ਸਚਿ ਸਮਾਹਰਾ ॥ ਤੇਰੇ ਦਾਸ ਧਿਆਇਨਿ ਤੁਧੁ ਤੂੰ ਰਖਣ ਵਾਲਿਆ ॥ ਸਿਰ ਸਭਨਾ ਸਮਰਥੁ ਨਦਰਿ ਨਿਹਾਲਿਆ ॥ ੧੭ ॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان

اُدمُ ڪَريدِئا جيئُه تون، ڪماوَدِئا سُکه ڀُنچ

ڌِيائِدِئا تون پرڀو مِلُ، نانڪ اُتري چِنت.

ارٿ :- نت پرماتما جا گڻ ڳائڻ ڪري سڀ پاپ ناس ٿي وڃن ٿا. صاحب فرمائين ٿا تہ نام وسري ٿو تہ ڪروڙين ڪليش يا ڏک پيدا ٿين ٿا.

(٢) محلا پنجوان

نانڪ ستگور ڀيٽئي، پوري هوئي جُگت
هَسَندِيا کيلَندِيا پَينندِيا کاوَنديا، وِچي هووئي مُکت.

ارٿ :- صاحب فرمائين ٿا تہ ستگورن سان ملڻ ڪري گيان جي پوري جُگتي حاصل ٿئي ٿي. پوءِ کلندي، مزا ماڻيندي، پهريندي ۽ کائيندي گهر ۾ ئي مڪتي حاصل ٿئي ٿي.

پؤڙي (١٦)

ستگورن جي مهما

سو سِتگُرُ ڌَنُ ڌَنُ، جِنِ ڀرم گڙُ توڙِيا
سو سِتگُرُ واهُ واهُ، جِنِ هرِ سِئُ جوڙِيا

ارٿ :- اهو ستگورو ڌنيواد جو لائق آهي، جنهن ڀرم روپي قلعو ٽوڙي ڇڏيو آهي. اهو ستگورو واهہ واهہ جو لائق آهي، جنهن اسانجو من هريءَ سان جوڙي ڇڏيو آهي.

نامُ نِڌانُ اکُٽُ، گُرُ ديئِ دارُوئو
مها روگُ بِڪَرالَ، تِنئي بِدارُوئو

ارٿ :- ستگورن اسانکي نام روپي اکٽ خزانو دارون يا دوا ڪري ڏنو آهي. انهيءَ دارونءَ اسانجو بلڪل خوفناڪ مها روگ ناس ڪري ڇڏيو آهي. [دارؤئو = دارون، دوا. بڪرال = خوفناڪ. بدارؤئو = ناس ڪري ڇڏيو آهي.]

ارٿ:- سڀڪجهه اُنهيءَ پرماتما جي وس آهي ۽ هنجي حڪم کان ٻاهر ڪوبه نہ آهي. اُهو پرماتما ڀڳتن جي من ۾ وسي ٿو ۽ اُهي ڀڳت سچي پرماتما ۾ سمائجي وڃن ٿا. [سماهرا = سمائجي وڃن ٿا.]

پرماڻ:- ”حڪمي اندر سڀڪو، ٻاهر حُڪم نہ ڪو.“ [سري جپ صاحب.]

تيري داسَ ڏِيائِنِ تُڌُ، تُون رکڻ والِئا
سِر سيِنا سمرٿُ، ندرِ نِهالِئا.

ارٿ:- هي پرماتما! تنهنجا داس توکي ڏيائين ٿا. تون اُنهن جي رکڻ وارو آهين. هي سمرٿ! تون سڀني جي مٿان آهين. تون پنهنجي ڪرپا درشٽيءَ سان نهال ڪري ڇڏين ٿو.

ਸਲੋਕ ਮਃ ੫ ॥ ਕਾਮ ਕ੍ਰੋਧ ਮਦ ਲੋਭ ਮੋਹ ਦੁਸਟ ਬਾਸਨਾ ਨਿਵਾਰਿ ॥ ਰਾਖਿ ਲੇਹੁ ਪ੍ਰਭ ਆਪਣੇ ਨਾਨਕ ਸਦ ਬਲਿਹਾਰਿ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਖਾਂਦਿਆ ਖਾਂਦਿਆ ਮੁਹੁ ਘਠਾ ਪੈਨੰਦਿਆ ਸਭੁ ਅੰਗੁ ॥ ਨਾਨਕ ਧ੍ਰਿਗੁ ਤਿਨਾ ਦਾ ਜੀਵਿਆ ਜਿਨ ਸਚਿ ਨ ਲਗੋ ਰੰਗੁ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਜਿਉ ਜਿਉ ਤੇਰਾ ਹੁਕਮੁ ਤਿਵੈ ਤਿਉ ਹੋਵਣਾ ॥ ਜਹ ਜਹ ਰਖਹਿ ਆਪਿ ਤਹ ਜਾਇ ਖੜੋਵਣਾ ॥ ਨਾਮ ਤੇਰੇ ਕੈ ਰੰਗਿ ਦੁਰਮਤਿ ਧੋਵਣਾ ॥ ਜਪਿ ਜਪਿ ਤੁਧੁ ਨਿਰੰਕਾਰ ਭਰਮੁ ਭਉ ਖੋਵਣਾ ॥ ਜੋ ਤੇਰੈ ਰੰਗਿ ਰਤੇ ਸੇ ਜੋਨਿ ਨ ਜੋਵਣਾ ॥ ਅੰਤਰਿ ਬਾਹਰਿ ਇਕੁ ਨੈਣ ਅਲੋਵਣਾ ॥ ਜਿਨੀ ਪਛਾਤਾ ਹੁਕਮੁ ਤਿਨ ਕਦੇ ਨ ਰੋਵਣਾ ॥ ਨਾਉ ਨਾਨਕ ਬਖਸੀਸ ਮਨ ਮਾਹਿ ਪਰੋਵਣਾ ॥ ੧੮ ॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان

ڪامَ ڪروڌ مدَ لوڀ موهہ، دُشٽ باسنا نِوارِ
راکِ ليهُ پرڀ آپڻي، نانڪ سدَ ٻلِهارِ.

ارٿ:- هي ڀائي! پرماتما جي نام جپڻ جو اُدم ڪندي ڪندي تون جيئندو رهه؛ سنتن جو اُپديش ڪمائي تون سک ڀوڳ. صاحب فرمائين ٿا ته ڏيائي ڏيائي تون پريوءِ سان مل ته تنهنجي چنتا لهي وڃي.

(۲) محلا پنجوان

شُڀ چِنتَن گوبِند رَمَڻ، نِرمَل ساڌُو سَنگ
نانڪ نامُ نه وِسرءِ اِڪَ گهڙِي، ڪَرِ ڪِرپا ڀَگوَنت.

ارٿ:- نرمل ساڌوءَ جي سنگ ۾ گوبند جي جپڻ جو شُڀ خيال ٿئي ٿو. صاحب وينتي ڪري چون ٿا ته ”هي ڀگونت! اهڙي ڪرپا ڪر جو هڪ گهڙي به تنهنجو نام نه وسري.“

پؤڙي (۱۷)

تيرا ڪِيتا هوءِ، ته ڪاهي ڏَرپيئي
جِسُ مِلِ جپيئي نامُ، تِسُ جيئُ اَرپيئي

ارٿ:- هي پرماتما! جڏهين سڀڪجهه تنهنجو ڪيل ٿئي ٿو، تڏهين ڊپ جو ڪجهي! جنهن ستگوروءَ سان ملي نام جپجي، اُنکي پنهنجو جيءُ ارپڻ ڪجي.

آئيئي چِتِ نِهالُ، صاحِب بيشُمارَ
تِس نو پوهي ڪَوَڻُ، جِسُ وَلِ نِرنڪارَ

ارٿ:- بيشمار گڻن جو صاحب جڏهين چت ۾ آچي ٿو، تڏهين نهال ٿجي ٿو. جنهنجو نرنڪار پاسو وٺندو، تنهنکي ڪير ڇهي سگهندو؟

سَڀُ ڪِڇُ تِسَ ڪَي وَسِ، نه ڪوئي پاهرا
سو ڀڳتان مَنِ وُٺا، سچِ سماهرا

جو تيريءِ رنگِ رتي، سي جونِ نہ جووَڻا
اَندرِ باهرِ اِڪُ، نَئڻ آلووَڻا

ارٿ:- جي تنهنجي پريم ۾ رتل آهن، سي جونين ۾ جونيا يا پئدا نٿا وڃن. اُهي اندر ٻاهر اڪهن سان هڪ روپ ڏسن ٿا.

جِني پڇاتا حُڪمُ، تِن ڪدي نہ رووڻا
ناءُ نانڪ بخشِش، مَن ماهِ پرووڻا.

ارٿ:- جن تنهنجو حڪم ڄاتو آهي، تنکي روئڻو نہ ٿو پوي. صاحب وينتي ڪري ڄون ٿا تہ "هي واهگورو! مونکي نام جي بخشيش ڪر. شل مان نام کي من ۾ پوئيين ڇڏيان!"

ਸਲੋਕ ਮਃ ੫ ॥ ਜੀਵਦਿਆ ਨ ਚੇਤਿਓ ਮੁਆ ਰਲੰਦੜੋ ਖਾਕ ॥ ਨਾਨਕ ਦੁਨੀਆ ਸੰਗਿ ਗੁਦਾਰਿਆ ਸਾਕਤ ਮੂੜ ਨਪਾਕ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਜੀਵੰਦਿਆ ਹਰਿ ਚੇਤਿਆ ਮਰੰਦਿਆ ਹਰਿ ਰੰਗਿ ॥ ਜਨਮੁ ਪਦਾਰਥੁ ਤਾਰਿਆ ਨਾਨਕ ਸਾਧੂ ਸੰਗਿ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਆਦਿ ਜੁਗਾਦੀ ਆਪਿ ਰਖਣ ਵਾਲਿਆ ॥ ਸਚੁ ਨਾਮੁ ਕਰਤਾਰੁ ਸਚੁ ਪਸਾਰਿਆ ॥ ਊਣਾ ਕਹੀ ਨ ਹੋਇ ਘਟੇ ਘਟਿ ਸਾਰਿਆ ॥ ਮਿਹਰਵਾਨ ਸਮਰਥ ਆਪੇਹੀ ਘਾਲਿਆ ॥ ਜਿਨ ਮਨਿ ਵੁਠਾ ਆਪਿ ਸੇ ਸਦਾ ਸੁਖਾਲਿਆ ॥ ਆਪੇ ਰਚਨੁ ਰਚਾਇ ਆਪੇਹੀ ਪਾਲਿਆ ॥ ਸਭੁ ਕਿਛੁ ਆਪੇ ਆਪਿ ਬੇਅੰਤ ਅਪਾਰਿਆ ॥ ਗੁਰ ਪੂਰੇ ਕੀ ਟੇਕ ਨਾਨਕ ਸੰਮਾਲਿਆ ॥ ੧੯ ॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان
منمک ڪير؟

جيوَدِئا نہ چيتِئو، مئا رلندڙو خاڪ
نانڪ دُنيا سنگِ گُدارِئا، ساڪت موڙ نہ پاڪ.

ارٿ:- هي واهگورو! ڪام، ڪروڌ، اهنڪار، لوڀ ۽ موهه انهن دشمنن جي واشنائن کي دور ڪر. صاحب وينتي ڪري چون ٿا ته "هي پرماتما! تون پنهنجي داس کي رکي وٺ. مان تو تان شل سديو ٻلهار وڃان!"

(۲) محلا پنجوان

ڪانڍِ ڏا ڪانڍِ ڏا مُنهن کهتا، پِئيندِ ڏا سڀُ انگُه

نانڪ ڏِرگُه تنادا جيوڻا، جِنِ سچِه نه لگو رنگُه.

ارٿ:- ڪائيندي ڪائيندي هن جيو جو منهن ڏند وغيره گسي وڃن ٿا ۽ ڪپڙا پهريندي پهريندي سرير جا سڀ انگ گسي وڃن ٿا. صاحب فرمائين ٿا ته اُنهنجو جيئڻ ڌڪار جو لائق آهي، جنهنجو پريم سچي نام سان نه ٿو لڳي.

پؤڙي (۱۸)

جِتُه جِتُه تيرا حُڪمُ، تِوي تِتُه هووَڻا

جهه جهه رکهِ آپِ، تهه جاءِ کڙووڻا

ارٿ:- هي پرماتما! جٿن جٿن تنهنجو حڪم ٿئي ٿو، تٿن تٿن ٿئي ٿو. جتي جتي تون پاڻ اسانکي رکين ٿو، تتي تتي اسين وڃي کڙا ٿيون ٿا.

نام تيري ڪِئِ رنگِ، دُرمت ڌووڻا

جپِ جپِ تُڌُ نِرنڪار، ڀرمُ ڀؤ کووَڻا

ارٿ:- تنهنجي نام جي پريم ڪري کوٽي مت ڌوپجي وڃي ٿي. هي نرنڪار! توکي جپي جپي ڀرم ۽ ڀؤ ناس ٿي وڃي ٿو.

اوُڻا ڪهي نہ هوء، گهٽي گهٽ سارِئا

مِهروانَ سمرٿ، آپيهي گهالِئا

ارٿ:- توکان ڪا بہ جاءِ خالي نہ آهي. تون گهٽ گهٽ ۾ ملي رهيو آهين. هي سمرٿ مهربان! تو پاڻ سڀ ڪجهہ ڪيو آهي يا تو پاڻ مخلوق کي ناس ڪيو آهي. [گهالِئا = (١) ڪيو آهي (٢) ناس ڪيو آهي (مخلوق کي).]

جِنِ مَن وُٺا آپِ، سي سدا سکالِئا

آپي رچن رچاءِ، آپيهي پالِئا

ارٿ:- جن جي من ۾ تون پاڻ وسين ٿو، سي سدائين سکيا آهن. تو پاڻ ساري رچنا رچي آهي؛ پاڻ ئي جيون کي پاليو آهي.

سڀُ ڪِڇُه آپي آپ، بي اَنت اَپارِئا

گور پوُري ڪي ٽيڪ، نانڪ سمالِئا.

ارٿ:- هي بي انت پرماتما، تون سڀ ڪجهہ پاڻ آهين. صاحب وينتي ڪري جون ٿا تہ "هي پريو! پورن گوروءَ جي ٽيڪ وٺي اسان توکي ياد ڪيو آهي."

ਮਃ ੫ ਸਲੋਕੁ ॥ ਆਦਿ ਮਧਿ ਅਰੁ ਅੰਤਿ ਪਰਮੇਸਰਿ ਰਖਿਆ ॥ ਸਤਿਗੁਰਿ ਦਿਤਾ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਚਖਿਆ ॥ ਸਾਧਾ ਸੰਗੁ ਅਪਾਰੁ ਅਨਦਿਨੁ ਹਰਿ ਗੁਣ ਰਵੈ ॥ ਪਾਏ ਮਨੋਰਥ ਸਭਿ ਜੋਨੀ ਨਹ ਭਵੈ ॥ ਸਭੁ ਕਿਛੁ ਕਰਤੇ ਹਥਿ ਕਾਰਣੁ ਜੋ ਕਰੈ ॥ ਨਾਨਕੁ ਮੰਗੈ ਦਾਨੁ ਸੰਤਾ ਧੂਰਿ ਤਰੈ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਤਿਸਨੋ ਮੰਨਿ ਵਸਾਇ ਜਿਨਿ ਉਪਾਇਆ ॥ ਜਿਨਿ ਜਨਿ ਧਿਆਇਆ ਖਸਮੁ ਤਿਨਿ ਸੁਖੁ ਪਾਇਆ ॥ ਸਫਲੁ ਜਨਮੁ ਪਰਵਾਨੁ ਗੁਰਮੁਖਿ ਆਇਆ ॥ ਹੁਕਮੈ ਬੁਝਿ ਨਿਹਾਲੁ ਖਸਮਿ ਫੁਰਮਾਇਆ ॥ ਜਿਸੁ ਹੋਆ ਆਪਿ ਕ੍ਰਿਪਾਲੁ ਸੁ ਨਹ ਭਰਮਾਇਆ ॥

ارٿ:- (ڀريائين ئي تڪ جو ارٿ ڪري ڀوءِ ڀرئين جو ڪريو.) صاحب فرمائين ٿا ته هن منمکه، مورکه ۽ اپوتر جيو سچو وقت دنيا سان گذاريو (يعني دنيوي ڌنڌن ۾ رهيو؛) جيئري واهگوروءَ کي ياد نه ڪيائين، تنهنڪري مٽي کانپوءِ مٽيءَ ۾ ملي ويو، يعني ڀچڙو ٿيو. مطلب ته ڪا نيچ جون وڃي ورتائين.
[رلندڙو= رليو يعني ملي ويو. خاڪ= مٽي. ساڪت= منمکه. موڙ= مورکه. نرپاڪ= ناپاڪ، اپوتر.]

(۲) محلا پنجوان

گورمکه ڪير؟

جيوندِ ئا هرِ چيتِئا، مَرنِدِ ئا هرِ رنگہِ
جنم پدارٿ تارِئا، نانڪ ساڌُو سنگہِ.

ارٿ:- گورمکه جيئري ئي هريءَ جو نام جپيندو آهي ۽ مرڻ وقت به هريءَ سان پريم رکيو اٿس. صاحب فرمائين ٿا ته گورمکه سنتن جي سنگت ۾ مانکا جنم پدارٿ کي تاري ورتو آهي يعني سڦلو ڪيو آهي.

پؤڙي (۱۹)

سنمکه پرارٿنا

آدِ جُگادِي آپِ، رکڻ والِئا
سچُ نام ڪرتارُ، سچُ پسارِئا

ارٿ:- هي پرماتما! آد جُگاد کان يعني سديو تون پاڻ رکڻ وارو آهين. هي ڪرتار! تنهنجو نام به سچو آهي ۽ پنهنجو سچو سروپ سڀ ۾ پساريو اٿيئي.

پرماڻ:- ”آپِ سَتِ ڪيئا سَڀِ سَتِ“

[سري سکمني صاحب.]

(٢) محلا پنجوان

تِسنو مَن وَساء، جِن اُپائيا

جِن جِن ڏِيائيا خصم، تِن سُکه پائيا

ارٿ:- هي جيو! تون اُنهيءَ ڪرتار کي من ۾ وساءِ، جنهن توکي پيدا ڪيو آهي. جن جن مالڪ کي ڏيائيو آهي، تن سکه پاتو آهي.

سڦَل جنم پرواڻُ، گورمکه آئيا

حُڪمي بُجهه نِهالُ، خصمِ فرمائيا

ارٿ:- گورمکن جو جنم وٽي اُجرڻ سڦل ۽ قبول پيل آهي. اُهي پرماتما جو فرمايل حڪم سمجهي نهال ٿين ٿا.

جِسُ هوئا آپِ ڪِرپالُ، سُ نه پرمائِيا

جو جو دِتا خصمِ، سوئِي سُکه پائِيا

ارٿ:- جن تي پريو پاڻ ڪرپال ٿئي ٿو، سي جونين ۾ نٿا ڀٽڪن. جيڪي جيڪي مالڪ اُنهنکي ڏنو آهي، تنهن ۾ ئي هو سکه پائين ٿا.

نانڪ جِسهِ دئِيالُ، بُجهاءِ حُڪَمِ مِت

جِسهِ پُلائي آپ، مرِ مرِ جمهِ نِت.

ارٿ:- صاحب فرمائين ٿا ته جن تي مِتر پرماتما ديال ٿئي ٿو، تن کي پنهنجو حڪم سمجهائي ٿو. پر جنکي پاڻ حڪم کان ڀُلائي ٿو، سي نت جمن ۽ مرن ٿا. [مِت = مِتر، دوست.]

پؤڙِي (٢٠)

نندڪن بابت

نِندڪ ماري تتڪال، کِنُ ٽِڪڻ نه دِتي

پرپ داس ڪا دُکُ نه کِوسَکهِ، ڦَرِ جوني جُتي

ਜੋ ਜੋ ਦਿਤਾ ਖਸਮਿ ਸੋਈ ਸੁਖੁ ਪਾਇਆ॥ ਨਾਨਕ ਜਿਸਹਿ ਦਇਆਲੁ ਬੁਝਾਇ ਹੁਕਮੁ ਮਿਤ॥ ਜਿਸਹਿ ਭੁਲਾਏ ਆਪਿ ਮਰਿ ਮਰਿ ਜਮਹਿ ਨਿਤ ॥੨॥ ਪਉੜੀ॥ ਨਿੰਦਕ ਮਾਰੇ ਤਤਕਾਲਿ ਖਿਨੁ ਟਿਕਣ ਨ ਦਿਤੇ॥ ਪ੍ਰਭ ਦਾਸ ਕਾ ਦੁਖੁ ਨ ਖਵਿ ਸਕਹਿ ਫੜਿ ਜੋਨੀ ਜੁਤੇ॥ ਮਥੇ ਵਾਲਿ ਪਛਾੜਿਅਨੁ ਜਮ ਮਾਰਗਿ ਮੁਤੇ॥ ਦੁਖਿ ਲਗੈ ਬਿਲਲਾਣਿਆ ਨਰਕਿ ਘੋਰਿ ਸੁਤੇ॥ ਕੰਠਿ ਲਾਇ ਦਾਸ ਰਖਿਅਨੁ ਨਾਨਕ ਹਰਿ ਸਤੇ॥ ੨੦॥

(١) سلوڪ محلا پنجوان

آد مڌ اَرُ اَنتِ، پرميسرِ رکيا
ستگور ڏِنا هرِ نامُ، امرتُ چکيا

ارٿ:- آد ۾، وچ ۾ ۽ انت ۾ پرميشور منهنجي رکيا ڪئي آهي. ستگورن مونکي هري نام ڏنو آهي، جنهنڪري مون امرت رس چکيو آهي يعني آتم آنند پاتو آهي.

ساڌان سنگُ اپارُ، اَن ڏِنُ هرِ گُڻ رَوئي
پائي منورٿ سڀ، جوني نه پوئي

ارٿ:- هاڻي مون اپار ساڌ سنگت سان ملي رات ڏينهن واهگوروءَ جا گڻ اُچاريا آهن. منهنجا سڀ منورٿ پورا ٿيا آهن ۽ مان جونين ۾ نٿو ڀٽڪان.

سڀُ ڪجهه ڪرتي هٿِ، ڪارڻُ جو ڪري
نانڪُ منگئي دانُ، سنتان ڌُوڙِ تري.

ارٿ:- سڀ ڪجهه ڪرتار جي هٿ ۾ آهي، جو سبب الساز آهي. صاحب وينتي ڪري چون ٿا ته "هي پربو! مان ترڻ لاءِ اِهو دان پنان ٿو ته مونکي سنتن جي چرنن جي ڌوڙ بخش."

(١) سلوڪ محلا پنجوان

رامُ جَپَهُ وڏ ڀاڳيهو، جَلِ ٿَلِ پُورَنُ سوءِ
نانڪ نامِ ڌيائيئي، بِگهَنُ نہ لاگي ڪوءِ.

ارٿ:- هي وڏڀاڳي پرشو! جو رام جل ٿل ۾ پريپورن آهي، تنهنکي جپيو. صاحب فرمائين ٿا تہ نام ڌيائڻ ڪري ڪوبہ وگهن ڪونہ لڳندو.

(٢) محلا پنجوان

ڪوٽِ بِگهَنَ تِسُ لاگتي، جِسنو وِسري ناءُ
نانڪ اَنَ دِنُ بِلپتي، جِءُ سُنجي گهرِ ڪانءُ.

ارٿ:- جنکي واهگوروءَ جو نالو وسري ٿو، تنکي ڪروڙين وگهن لڳن ٿا. صاحب فرمائين ٿا تہ اُهي منمک ائين ڏينهن رات ورلاپ ڪن ٿا، جئن سنجي گهر ۾ ڪانءُ ورلاپ ڪندو آهي.

پؤڙي (٢١)

سِمرِ سِمرِ داتارُ، مَنورٿ پُورِئا
اِڇ پُني مَنِ آس، گئي وِسُورِئا

ارٿ:- جي اُنهيءَ داتار جو سمرن ڪن ٿا، تنجا سڀ منورٿ پورن ٿين ٿا. اُنهنجي من جون اِڇائون ۽ آسائون پورن ٿين ٿيون ۽ دک درد دور ٿين ٿا. [وسورئا = دک درد، چنتائون.]

پائِيا نامُ نِڌانُ، جِسنو پالَدا
جوتِ مِلي سنگِ جوتِ، رَهِيا گهالدا

ارٿ:- اُهي نام روپي خزانو پراپت ڪن ٿا، جنکي اُنهن گوليو ٿي. اُنهنجي جوت پرماتما جي جوت سان ملي وڃي ٿي ۽ اُنهنجي گهال يا ڪمائي پوري ٿئي ٿي. [گهالدا = گهال، ڪمائي.]

ارٿ:- پريو نندڪن کي هڪدم ماري ناس ڪري ٿو ۽ هننکي هڪ کن ڀر ٽڪڻ نٿو ڏئي يعني جيئرو نه ٿو ڇڏي. پريو داسن جو ڏک سهي نه ٿو سگهي ۽ نندڪن کي پڪڙي وري جونين ۾ جوٽي يعني ٻڌي ٿو. [تتڪال = يڪدم. نه کو سکهه = سهي نه ٿو سگهي. جُتي = جوٽي ٿو، ٻڌي ٿو.]

مَٿي وال پَڇاڙِئَنُ، جم مارگه مُٿي
ڏُکَ لَڳي بِلَلائِئا، نَرَڪِ گهورِ سُٿي
ڪَنْٺِ لاءِ داس رِکِئَنُ نانڪ هَرِ سَتي.

ارٿ:- نندڪن کي مٿي جي وارن کان پڪڙي پڇاڙي ٿو ۽ جم مارگه ۾ موڪلي ٿو. اُهي گهور نرڪ ۾ پون ٿا ۽ جڏهين اُنهنکي ڏک لڳي ٿو، تڏهين ورلاپ ڪن ٿا. صاحب فرمائين ٿا ته ست روپ پرماتما پنهنجن داسن کي ڪنٺ سان لڳائي رکي ٿو. [پڇاڙِئَن = پڇاڙي ٿو. مُٿي = موڪلي ٿو. بللائئا = ورلاپ ڪن ٿا. سُٿي = پون ٿا. هرستي = ست روپ هري.]

ਸਲੋਕ ਮਃ ੫ ॥ ਰਾਮੁ ਜਪਹੁ ਵਡਭਾਗੀਹੋ ਜਲਿ ਥਲਿ ਪੂਰਨੁ ਸੋਇ ॥ ਨਾਨਕ ਨਾਮਿ ਧਿਆਇਐ ਬਿਘਨੁ ਨ ਲਾਗੈ ਕੋਇ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਕੋਟਿ ਬਿਘਨ ਤਿਸੁ ਲਾਗਤੇ ਜਿਸਨੋ ਵਿਸਰੈ ਨਾਉ ॥ ਨਾਨਕ ਅਨ ਦਿਨੁ ਬਿਲਪਤੇ ਜਿਉ ਸੁੰਞੈ ਘਰਿ ਕਾਉ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਸਿਮਰਿ ਸਿਮਰਿ ਦਾਤਾਰੁ ਮਨੋਰਥ ਪੂਰਿਆ ॥ ਇਛ ਪੁੰਨੀ ਮਨਿ ਆਸ ਗਏ ਵਿਸੂਰਿਆ ॥ ਪਾਇਆ ਨਾਮੁ ਨਿਧਾਨੁ ਜਿਸਨੋ ਭਾਲਦਾ ॥ ਜੋਤਿ ਮਿਲੀ ਸੰਗਿ ਜੋਤਿ ਰਹਿਆ ਘਾਲਦਾ ॥ ਸੂਖ ਸਹਜ ਆਨੰਦ ਵੁਠੇ ਤਿਤੁ ਘਰਿ ॥ ਆਵਣ ਜਾਣ ਰਹੇ ਜਨਮੁ ਨ ਤਹਾ ਮਰਿ ॥ ਸਾਹਿਬੁ ਸੇਵਕੁ ਇਕੁ ਇਕੁ ਦ੍ਰਿਸਟਾਇਆ ॥ ਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ਨਾਨਕ ਸਚਿ ਸਮਾਇਆ ॥ ੨੧ ॥ ੧ ॥ ੨ ॥ ਸੁਧੁ ॥

ਰਾਗੁ ਗੂਜਰੀ ਭਗਤਾ ਕੀ ਬਾਣੀ

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਸ੍ਰੀ ਕਬੀਰ ਜੀਉ ਕਾ ਚਉਪਦਾ ਘਰੁ ੨ ਦੂਜਾ

ਚਾਰਿ ਪਾਵ ਦੁਇ ਸਿੰਗ ਗੁੰਗ ਮੁਖ ਤਬ ਕੈਸੇ ਗੁਨ ਗਈਹੈ ॥ ਊਠਤ ਬੈਠਤ ਠੇਗਾ ਪਰਿਹੈ ਤਬ ਕਤ ਮੂਡ ਲੁਕਈਹੈ ॥ ੧ ॥ ਹਰਿ ਬਿਨੁ ਬੈਲ ਬਿਰਾਨੇ ਹੁਈਹੈ ॥ ਫਾਟੇ ਨਾਕਨ ਟੂਟੇ ਕਾਧਨ ਕੋਦਉ ਕੋ ਭੁਸੁ ਖਈਹੈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਾਰੋ ਦਿਨੁ ਡੋਲਤ ਬਨ ਮਹੀਆ ਅਜਹੁ ਨ ਪੇਟ ਅਘਈਹੈ ॥ ਜਨ ਭਗਤਨ ਕੋ ਕਹੋ ਨ ਮਾਨੋ ਕੀਓ ਅਪਨੋ ਪਾਈਹੈ ॥ ੨ ॥ ਦੁਖ ਸੁਖ ਕਰਤ ਮਹਾ ਭ੍ਰਮਿ ਬੂਡੋ ਅਨਿਕ ਜੋਨਿ ਭਰਮਈਹੈ ॥ ਰਤਨ ਜਨਮੁ ਖੋਇਓ ਪ੍ਰਭੁ ਬਿਸਰਿਓ ਇਹੁ ਅਉਸਰੁ ਕਤ ਪਈਹੈ ॥ ੩ ॥ ਭ੍ਰਮਤ ਫਿਰਤ ਤੇਲਕ ਕੇ ਕਪਿ ਜਿਉ ਗਤਿ ਬਿਨੁ ਰੈਨਿ ਬਿਹਈਹੈ ॥ ਕਹਤ ਕਬੀਰ ਰਾਮ ਨਾਮ ਬਿਨੁ ਮੂੰਡ ਧੁਨੇ ਪਛੁਤਈਹੈ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

راڳ گوُجري ڀڳتان جي ٻاڻي

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

سري ڪبير جيئُ ڪا چؤپدا گهر (٢) دوجا

مانش جنم جي دُرلڀتا

اُٿانڪا:- هڪ دفعي سري ڪبير صاحب جن کن

سُو ڪرَ سهجهَ آنَنَدُ، وُٺي ڏِتُ گهرِ
آوڻ جاڻ رهي، جنم نه ٿيا مرِ

ارت:- اُنهنجي هردي روپي گهر ۾ سک ۽ گيان جا آنند وسن ٿا. اُنهنجو آواگون بند ٿي وڃي ٿو. اُنهن لاءِ نڪو جنم آهي نڪو مرڻ.

صاحِبُ شيوڪ اِڪُ، اِڪُ دِرِشٽائيا
گو رپرساد نانڪ، سچ سمائيا.

ارت:- ٻوءِ صاحب ۽ شيوڪ هڪ ئي هڪ ڏسڻ ۾ آجن ٿا. مطلب ته اُهي ايڪ ٿي وڃن ٿا. صاحب فرمائين ٿا ته گوروءَ جي ديا سان اُهي سچي واهگوروءَ ۾ سمائجي وڃن ٿا.

نوٽ:- "گوجري جي وار محلا پنجوان" کانپوءِ سچي پاتشاهه سري گورو ارجن ديو جن راڳ گوجريءَ ۾ ڀڳتن جي واڻي چاڙهي آهي. پهريائين سري ڪبير صاحب جن جا ۾ شبد چاڙهيا آهن. سري ڪبير صاحب جن جو مختصر جيون چرتر ڇپيل "گوروواڻي" سال ۱۹۲۱ واري جلد ۾ صفحه ۷۲۲ کان ۷۵۰ تائين ڏنل آهي، جتان پيارا پاٺڪ پڙهي سگهن ٿا.

تنهنجو قدر سڃاڻو ۽ غفلت ۽ آرس ۾ پنهنجي آيو چٽ نہ ڪريو، ۽ هردم اُن پرماتما جو خوف دل تي ڌاريو، نہ تہ پرمن ۾ پلجي اوهين انيڪ جونيون پوڳيندا ۽ آتي دکي ٿيندا. صاحبن جا اهي امولڪ وچن ٻڌي اُنهن کي ويراڳ پيدا ٿيو، ۽ هو دنيا جا پدارٿ تيڳ ڪاڻي، ايشور جي پريم ۾ مگهن رهيا. صاحبن اُن وقت هيٺيون شبد راڳ گوجريءَ ۾ اُچاريو.

(١) چارِ پاوَ دُءِ سِنگ گُنگ مُکہ، تَبَ ڪَئِسي گُن گَئِهِيئِ
اوُٺَت بئِٺَت ٺيگا پرهيِ، تَبَ ڪَت مُوڏ لُڪَئِهيئِ

ارٿ:- هي ڀائي! جڏهين توکي چار پير، ٻہ سنگ ٿيندا، گنگو هوندين (يعني تون پسوءَ جي جون وٺندين)، تڏهين ڪيئن واهگوروءَ جا گڻ ڳائي سگهندين؟ (نوٽ:- هن تڪ مان صاف معلوم ٿيندو تہ سري ڪبير صاحب جن جي سکيا موجب هن جيو جيڪڏهين مالڪا ڏيهي اجائي وڃائي تہ هو پسوءَ جي جون پائيندو، اِها ساکي ڳالهہ گوروڻيءَ ۾ پين گهڻن هنڌ جيل آهي.) اُٿندي ويهندي سؤٽنا (سرٽي) لڳندءِ پوءِ ڪٿي وڃي منهن لڪائيندين؟ [گئيهيئِ = ڳائيندين. ٺيگا = سؤٽنا. پرهيِ = پوندءِ، لڳندءِ. ڪت = ڪٿي. موڏ = مٿو. لڪئيهيئِ = لڪائيندين.]

هرِ بِنُ بَئِل بِراني هُئِيهيئِ
ڦاٽي ناڪن ٽوٽي ڪا ڌن، ڪودءِ ڪويُسُ کَئِيهيئِ
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هريءَ جي پڄن کانسواءِ بيگانو بيل ٿيندين (مطلب تہ تنهنجو ڏٽي توکي ڪٽي ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪندو، جو توکي سؤٽن ٻنيان سؤٽنا هڻندو ۽ ڌاريو سمجهي ڪو قياس نہ

پرشن سان ڳڏجي ڪنهن ڀڳتيءَ وٽان اچي لنگهيا، جتي
ڪيترن ڏڳن آن پئي ڳاهيو. اُنهن جا ٻوٽ ڦٽا پيا هئا ۽
نڪ ۾ نوڙي هئن ۽ سوٽن جو سٽڪو مٿن پئي پيو.
سري ڪبير صاحب جن اُتي تورو وقت ترسيا. هارين
ڏڳن کان سخت محنت وٺي پوءِ اُنهن کي واهه ڏان پاڻي
پياري سُکل گاهه جي مُٺ ڏني. سري ڪبير صاحب جن
سان جي گڏ هئا، تن ڪانئن پڇيو ته ”سوامي! هيءُ ڪهڙو
پرڀوءَ جو ڪنياءُ، جو جيڪي محنت ڪن، تنکي ڪي هڙ
نه حاصل. ويچارن ڏڳن هيتري محنت ڪئي، ته به
اُنهن کي سُکل گاهه کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه پراپت ٿيو. سري
ڪبير صاحب جن فرمايو ته ”هي پيارا، ايشور کي دوش ڏيڻ
نه جڳائي. هو سچو صاحب سدا نياءُ ڪاري آهي، اُنهيءَ ۾
رتيءَ ماتر به ڪوشڪ ڪونهي. هي ڀائي! هي جي ڏڳا ڏسو ٿا،
سي ڪنهن وقت سنسار ۾ وڏا ماڻهو هئا، جن کي هر طرح جا
دنيوي سک هئا. اُنهن پدارٿن جي مستيءَ ۾ ايشور جا ڳڻ
وساري ڇڏيا ۽ آرس ۾ پنهنجو درلڀ جنم اجايو وڃايو،
تنهنجو ڦل ٿا ڀوڳين. هي پيارا! هريءَ جي ڀڄن کانسواءِ
جيون جا ڏڳن وانگر بُرا حال آهن. ويچار ڪري ڏسو ته
جڏهين نڪ ۾ تنگه هوندو، ڪنڌ ڀڳو پيو هوندو، زبان
گنگي هوندي، موچڙن جي مار پيئي پوندي ۽ ساڌو آن ۽
ٻُوسو کائڻ لاءِ ملندو، مطلب ته هر طرح هي جيو پرِوس ۽
دکي هوندو، تڏهين اهڙي پسون جون ۾ ڪٿان پرڀوءَ جو
ڀڄن ڪري سگهندو؟ تنهنڪري هي پيارا! هي رتن روپي
مانڪا ديهي، جا پرڀوءَ ڪرپا ڪري اسانکي بخشي آهي،

ڪي ڏسي (اُنڪي ٻاھ سمجھي) ٻيو ڦري، تڏھن تون آيو روھي رات
اجائي وڃائين ٿو. سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ ھي ڀائي!
رام جي نام کان سواءِ توکي پنھنجو سر ڌوڻي پڇتائڻو پوندو.
(مطلب تہ ڏاڍو پشيمان ٿيندين ۽ ائين چوندين ھاءِ، گھوڙا! مون
ڪي ڪين ڪيو.) [تيلڪ = تيلي يا لاڙي. ڪپ = ڏيو يا
ٻاندر. گت = مراد. رين = رات. آيو. ڀھيئي = گذري ٿي. مونھ =
منھن، سر. ڌُني = ڌوڻي.]

ਗੂਜਰੀ ਘਰੁ ੩

ਮੁਸਿ ਮੁਸਿ ਰੋਵੈ ਕਬੀਰ ਕੀ ਮਾਈ ॥ ਏ ਬਾਰਿਕ ਕੈਸੇ ਜੀਵਹਿ ਰਘੁਰਾਈ ॥ ੧ ॥ ਤਨਨਾ ਬੁਨਨਾ ਸਭੁ ਤਜਿਓ ਹੈ ਕਬੀਰ ॥ ਹਰਿ ਕਾ ਨਾਮੁ ਲਿਖਿ ਲੀਓ ਸਰੀਰ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਬ ਲਗੁ ਤਾਗਾ ਬਾਹਉ ਬੇਹੀ ॥ ਤਬ ਲਗੁ ਬਿਸਰੈ ਰਾਮੁ ਸਨੇਹੀ ॥ ੨ ॥ ਓਛੀ ਮਤਿ ਮੇਰੀ ਜਾਤਿ ਜੁਲਾਹਾ ॥ ਹਰਿ ਕਾ ਨਾਮੁ ਲਹਿਓ ਮੈ ਲਾਹਾ ॥ ੩ ॥ ਕਹਤ ਕਬੀਰ ਸੁਨਹੁ ਮੇਰੀ ਮਾਈ ॥ ਹਮਰਾ ਇਨਕਾ ਦਾਤਾ ਏਕੁ ਰਘੁਰਾਈ ॥ ੪ ॥ ੨ ॥

گوجري ڪبير جيءَ گھر ٽيجا شبد (٢)

سنتن جو پرماتما ۾ پورو نسچو

اُٿانڪا:- سري ڪبير صاحب جن پرماتما جي پريما
ڀڳتيءَ ۾ اھڙا مگھن ھوندا ھئا، جو ڪانئن سندن ڌنڌي جو
ڪم ڪار وسري ويندو ھو. اِھو حال ڏسي سندن ماتا
پيئي رُئندي ھئي ۽ ائين پيئي چوندي ھئي تہ ”ھي پرماتما!
ڪبير تہ اُلٽو جو ڌنڌو ڌاري ڇڏي ھريءَ جي نام ۾ لڳي
رھيو آھي. ھاڻي اسانجو گھر ڪيئن ھلي سگھندو ۽ ھنن
ٻالڪن جو گذران ڪيئن ٿيندو؟“ سري ڪبير صاحب
پنھنجي ماتا جي اکيان دِور ڪرڻ لاءِ ھيٺيون مھا سندر

ڪندو.) تنهنجو نڪ چپٽل هوندو، تنهنجو ڪنڌ ٽُنو ٻيو هوندو، ۽ توکي ڪوڏڙي (سادي اَن) جو بوسو کارائيندا. [ٻراني = ٻيگانو. ڦاٽي = ڦاٽل، تنگ ڪيل. ڪاڌن = ڪنڌ. ڪودءِ = ڪوڏڙو، سادي اَن جو قسم. ٻس = بوسو.]

(۲) سارو ڏِنُ ڏولَت ٻن مهيئا، آجهه نہ پيٽ اَگهئيهِيَ
جِن پگَتَن ڪو ڪهو نہ مانو، ڪيئو آپنو پئيهيَ

ارٿ:- سڄو ڏينهن ٻن ڦرندي بہ تنهنجو پيٽ نہ ڀربو. جن پرشن ڀڳت جنن جو چيو نہ مڃيو آهي، سي پنهنجو ڪيتو لوڙين ٿا. [ٻن مهيئا = ٻن ۾. آجهہ = آجا تائين. آگهئيهِيَ = ڀرجي ٿو. پئيهيَ = پائيندا.]

(۳) دُکہ سُکہ ڪَرتَ مَها ڀَرمِ ٻُوڏو، اَنِڪ جونِ ڀرمئيهيَ
رَتَن جنم کوئيو ڀرپ بِسرئو، اِهُ اوُسرُ ڪَت پئيهيَ

ارٿ:- تون دکن کي سک سمجهي وڏي ڀرم ۾ ٻڏو پيو آهين، ۽ انيڪ جونين ۾ ڀٽڪين ٿو. پربوءَ کي وساري پنهنجو رتن روپي مانکا جنم ناس ڪيو اٿيئي، هاڻي وري ڪڏهين اها ويلا هٿ ايندءِ. (ڀاو- مانکا جنم درلڀ آهي، اهو ڪواري هٿان ويو تہ وري نہ ٿو ملي، تنهنڪري سڃيت ٿي نام کي ياد ڪر.) [اوُسر = سمو، وجهہ.]

(۴) ڀرمت ڦِرت تيلَڪ کي ڪَپ جِئُں،
گَتِ ٻِن رَئِن ٻهئيهِيَ
ڪَهَتَ ڪبير رام نام ٻِن، موُنڊ ڏُني پڇتئيهيَ.

ارٿ:- تون تيليءَ جي ڏڳي وانگر مراد حاصل ڪرڻ کانسواءِ پنهنجي آيو روپي رات اجائي وڃائين ٿو يا جئن پولڙو لاٽريءَ

ارٿ:- منهنجي مت گهٽ آهي ۽ مان ذات جو ڪوري آهيان، پر مون هري ۽ جي نام جو فائدو ورتو آهي. [اوڇي = گهٽ. مت = سمجهه. جلاها = ڪوري. لهئو = ورتو آهي. لاها = فائدو.]

(٤) ڪهت ڪبير سنهُ ميري مائي
همرا اِنڪا داتا ايڪُ رگهُرائي.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن چون ٿا تہ "هي منهنجي ماتا پِتا. منهنجو توڙي هنن ٻالڪن جو داتار هڪ واهگورو آهي."

ਗੂਜਰੀ ਸ੍ਰੀ ਨਾਮਦੇਵ ਜੀ ਕੇ ਪਦੇ ਘਰੁ ੧

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਜੌ ਰਾਜੁ ਦੇਹਿ ਤ ਕਵਨ ਬਡਾਈ ॥ ਜੌ ਭੀਖ ਮੰਗਾਵਹਿ ਤ ਕਿਆ ਘਟਿ ਜਾਈ ॥ ੧ ॥ ਤੂੰ ਹਰਿ ਭਜੁ ਮਨ ਮੇਰੇ ਪਦੁ ਨਰਬਾਨੁ ॥ ਬਹੁਰਿ ਨ ਹੋਇ ਤੇਰਾ ਆਵਨ ਜਾਨੁ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਭ ਤੈ ਉਪਾਈ ਭਰਮ ਭੁਲਾਈ ॥ ਜਿਸ ਤੂੰ ਦੇਵਹਿ ਤਿਸਹਿ ਬੁਝਾਈ ॥ ੨ ॥ ਸਤਿਗੁਰੁ ਮਿਲੈ ਤ ਸਹਸਾ ਜਾਈ ॥ ਕਿਸੁ ਹਉ ਪੂਜਉ ਦੂਜਾ ਨਦਰਿ ਨ ਆਈ ॥ ੩ ॥ ਏਕੈ ਪਾਥਰ ਕੀਜੈ ਭਾਉ ॥ ਦੂਜੈ ਪਾਥਰ ਧਰੀਐ ਪਾਉ ॥ ਜੇ ਓਹੁ ਦੇਉ ਤ ਓਹੁ ਭੀ ਦੇਵਾ ॥ ਕਹਿ ਨਾਮਦੇਉ ਹਮ ਹਰਿ ਕੀ ਸੇਵਾ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

گوجري سري نامديو جي ڪي پدي گهر پهلا شبد (١)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

هڪ پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪي هو چاهي ٿو، سوئي ٿئي ٿو.

(١) جو راڄُ ديهِ تہ ڪَوَنَ بڏائي
جو ڀيکہ مَنگاوَهِ تہ ڪِيا گهٽِ جائي

شبد اُچاريو، جنهن ۾ هو ڏيکاري ٿا ته سڀ جو راکو اُهو هڪڙو سچو سائين آهي. جيڪو اُن پرماتما تي ڀاڙي ٿو، تنهنکي لهر نه لوڏو. اُهو سچو صاحب سڀڪنهن کي رزق پهچائيندڙ آهي. اُنهيءَ تي پورو ڀروسو رکڻ گهرجي.

(١) مُس مُس رووئِ ڪبير ڪي مائي
اي بارڪ ڪئسي جيوهِ رگهرائي

ارٿ:- ڪبير جي ماءُ سڏڪا ڀري پيئي رُئي ۽ چوي ته "هي ڏڻي! هي ٻالڪ ڪهڙي طرح جيئرا رهي سگهندا؟" [مس مس = سڏڪا ڀري. رگهرائي = رگهو ڪُل جو راجا، رام، ڀڳوان.]

تَنَنا بُننا سڀُ تجئو هئِ ڪبير
هرِ ڪا نامُ لِکِہ ليئو سريِر (١ڪ رهاءُ)

ارٿ:- تنڻ ۽ اُڻڻ جو ڌنڌو سڀ ڪبير ڇڏي ڏنو آهي ۽ هريءَ جو نام سرير ۾ لکي ڇڏيو اٿس يعني هردي ۾ درڙ ڪيو اٿس. [تننا = تنڻ. بننا = اُڻڻ. سرير = اَنتهڪرڻ، هردو.]

(٢) جب لگُہ ڌاگا باهئُ بيهي
تب لگُہ بسرئِ رامُ سنيهي

ارٿ:- هي ماتا! جيسين مان نڙي ۾ ڌاڳو وجهان ٿو، تيسين مونکي پيارو رام وسري وڃي ٿو. (ڀاو- اهو ٿورو وقت به منهنجي لاءِ بلڪل گهٽو آهي جو مان پنهنجي پياري رام کان پري رهان.) [باهئُ = وجهان ٿو. بيهي = نڙو. سنيهي = پيارو.]

(٣) اوڇي مَتِ ميري جاتِ جُلاها
هرِ ڪا نامُ لهئو مئِ لاها

ارٿ:- هڪڙي پٿر (يعني گهڙيل بت) سان لوڪ پريم رکن ٿا ۽ ٻئي (اڻ گهڙيل) پٿر تي لوڪ پير رکن ٿا. جيڪڏهين گهڙيل پٿر ديوتا آهي ته اڻ گهڙيل پٿر به ديوتا آهي. سري نامديو صاحب فرمائين ٿا ته مان فقط هڪ هريءَ جي سيوا ڪندو آهيان.

نوٽ:- سري نامديو صاحب جن جا جيون چرتر گوروا ڻيءَ جي واليوم (جلد) ستين سال ١٩٢٦ واري ۾ صفحه ١٨١٩-١٨٦٨ تائين وستار سان ڏنل آهن، جتان پاٺڪ ديا پالي پڙهن.

ਗੂਜਰੀ ਘਰੁ ੧

ਮਲੈ ਨ ਲਾਛੈ ਪਾਰਮਲੋ ਪਰਮਲੀਓ ਬੈਠੋ ਰੀ ਆਈ ॥ ਆਵਤ ਕਿਨੈ ਨ ਪੇਖਿਓ ਕਵਨੈ ਜਾਣੈ ਰੀ ਬਾਈ ॥ ੧ ॥ ਕਉਣੁ ਕਹੈ ਕਿਣਿ ਬੂਝੀਐ ਰਮਈਆ ਆਕੁਲੁ ਰੀ ਬਾਈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਿਉ ਆਕਾਸੈ ਪੰਖੀਅਲੋ ਖੋਜੁ ਨਿਰਖਿਓ ਨ ਜਾਈ ॥ ਜਿਉ ਜਲ ਮਾਝੈ ਮਾਛਲੋ ਮਾਰਗੁ ਪੇਖਣੋ ਨ ਜਾਈ ॥ ੨ ॥ ਜਿਉ ਆਕਾਸੈ ਘੜੂਅਲੋ ਮ੍ਰਿਗ ਤ੍ਰਿਸਨਾ ਭਰਿਆ ॥ ਨਾਮੇ ਚੇ ਸੁਆਮੀ ਬੀਠਲੋ ਜਿਨਿ ਤੀਨੈ ਜਰਿਆ ॥ ੩ ॥ ੨ ॥

گوجري سري نامديو گهر پهلا شبد (٢)

پرميشور جٿي ڪٿي آهي، مگر اُنجو بيان ڪرڻ مشڪل آهي.

(١) مَلئي نه لاڇئي پارمَلو، پرمليئو ٻيٺو ري آئي

آوَت ڪِنئي نه پيکِئو، ڪَونئي جاڻئي ري ٻائي

ارٿ:- پرميشور کي اوترتائيءَ جو جهن نه آهي ۽ هو اوترتائيءَ کان پري آهي. اُهي جهڙن جهڙي سڳند مڃهس آهي ۽ هو سڀني جي رڳ ۾ وينو آهي. ڪنهن به اگيانيءَ هڪي رڳي ۾ ايندو

ارٿ:- هي پرميشور! جيڪڏهين مونکي راڄ ڏيندين ته اُنهہ منهنجي ڪهڙي وڏائي ٿيندي؟ جيڪڏهين مونکي ڀکيا ٻڌائيندين ته انهيءَ ۾ منهنجي ڪهڙي گهٽتائي ٿيندي؟ (ڀاو- جنهن حالت ۾ تون مونکي رکين ٿو، تنهن حالت ۾ ئي مان خوش آهيان.)

تُون هرِ ڀڄہ مَن ميري پد نِربانُ

ڀهُر نہ هوء تيرا آوَن جانُ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي منهنجا من! تون فقط هريءَ جو ڀڄن ڪر ته توکي مڪتيءَ جو پد حاصل ٿيندو ۽ موٽي تنهنجو جنم مرڻ نہ ٿيندو. [پد نرباڻ = مڪتيءَ جو پد. آون جان = اَچڻ وڃڻ يعني جنم مرڻ.]

(۲) سڀ تيءِ اُپائي ڀرم ڀُلائي

جِس تون ديوهِ، تِسهِ ٻُجهائي

ارٿ:- هي پرميشور! سڀني جيون کي تو اُپايو آهي ۽ اُنهن کي ڀرمن ۾ وجهي تون ڀلائين ٿو. جنهنکي تون سمجهہ ڏين ٿو، اُهو ئي تنهنجي رچنا سمجهي ٿو.

(۳) سَتِگُور مِليءِ تہ سهسا جائي

ڪِس هئہ پوجئہ، دُوجا نَدرِ نہ آئي

ارٿ:- جيڪڏهين ستگورو ملي ته من جا سنسا دور ٿي وڃن. مان ڪنهنجي پوڄا ڪريان؟ توکان سواءِ مونکي ٻيو ڪو نظر ۾ نٿو اچي. [سهسا = سنسا.]

(۴) ايڪيءِ پاٿر ڪيجيءِ ڀاءُ

دُوجي پاٿر ڌريئيءِ پاءُ

جي اوهُ ديئہ تہ اوهُ ڀِي ديوا

ڪهہ نامديئہ هم هرِ ڪي سيوا.

ਗੂਜਰੀ ਸ੍ਰੀ ਰਵਿਦਾਸ ਜੀ ਕੇ ਪਦੇ ਘਰੁ ੩

੧ ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਦੂਧੁ ਤ ਬਛਰੈ ਥਨਹੁ ਬਿਟਾਰਓ ॥ ਫੂਲੁ ਭਵਰਿ ਜਲੁ ਮੀਨਿ ਬਿਗਾਰਓ ॥ ੧ ॥ ਮਾਈ ਗੋਬਿੰਦ ਪੂਜਾ ਕਹਾ ਲੈ ਚਰਾਵਉ ॥ ਅਵਰੁ ਨ ਫੂਲੁ ਅਨੂਪੁ ਨ ਪਾਵਉ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਮੈਲਾਗਰ ਬੇਰੇ ਹੈ ਭੁਇਅੰਗਾ ॥ ਬਿਖੁ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਬਸਹਿ ਇਕ ਸੰਗਾ ॥ ੨ ॥ ਧੂਪ ਦੀਪ ਨਈਬੇਦਹਿ ਬਾਸਾ ॥ ਕੈਸੇ ਪੂਜ ਕਰਹਿ ਤੇਰੀ ਦਾਸਾ ॥ ੩ ॥ ਤਨੁ ਮਨੁ ਅਰਪਉ ਪੂਜ ਚਰਾਵਉ ॥ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦਿ ਨਿਰੰਜਨੁ ਪਾਵਉ ॥ ੪ ॥ ਪੂਜਾ ਅਰਚਾ ਆਹਿ ਨ ਤੋਰੀ ॥ ਕਹਿ ਰਵਿਦਾਸ ਕਵਨ ਗਤਿ ਮੋਰੀ ॥ ੫ ॥ ੧ ॥

گوجري سري روداس جي ڪي پدي گهر ٽيجا شبد (١)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

بت پوڄا جي برخلاف

(١) دوڌُ تَ ٻڇري ٿَنهُ ٻِٽارِئو
ڦولُ ڀورِ جلُ ميِنِ بِگارِئو

ارٿ:- وڇيري کير کي ٿڻن مان نڪرندي ئي جوٺو ڪيو يعني خراب ڪيو. ڀؤنر گل کي خراب ڪيو ۽ مڇيءَ جل کي خراب ڪيو. [ٿنهُ = ٿڻن مان نڪرندي. ٻٽارئو = ٻگاڙيو، خراب ڪيو. مين = مڇي.]

مائي گوبِند پوُجا ڪَها لي چڙاوءُ
اَوَرُ نَ ڦولُ اَنوُپُ نہ پاوَءُ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- ڙي مائي! گوبند جي پوڄا لاءِ ڪهڙي ڀيٽا چاڙهيان؟

نہ ڏنو. هي ڀيڻ! ڪير هنکي جاڻي سگهي؟ [ماڻ = مٽل جو، اپوترتائيءَ جو. لاڇي = لڇڻ، چهن. ٻارملو = مٽل کان ٻري، اپوترتائيءَ کان ٻري. ٻرماميئو = اُجي جندن جي سڳنڌيءَ جهڙو. ٻائي = هي استري، هي ڀيڻ.]

ڪؤڻ ڪهئي ڪِن ٻُو جهيئي، رَمئيئا آڪُلُ ري ٻائي
(١ ڪ رهاءُ)

ارت :- ڪير هنجو بيان ڪري سگهي؛ ڪير هنکي سمجهي سگهي، جو سڀني ۾ رمي رهيو آهي؛ جو ڪُل؛ ذات کان رهت آهي. [آڪل = ڪُل؛ ذات کان رهت.]

(٢) جِئَہ آڪاسيِ پنکيئَلو، کوجُ نِرکيئو نہ جائي
جِئَہ جَلَ ماجهيِ ماڇلو، مارگُ پيکڻو نہ جائي

ارت :- جهڙي طرح آڪاس ۾ پکيءَ جي اُڏامڻ جو رستو ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي (تہ ڪٿان پکي اُڏاڻو،) جهڙيطرح پاڻيءَ ۾ مڇيءَ جي ترڻ جو رستو ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي (تہ ڪٿان هوءَ تري،) [پنکيئلو = پکيءَ جو. کوج = رستو. نرکيئو نہ جائي = ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي. ماجهيِ = منجهہ، ۾. ماڇلو = مڇيءَ جو. پيکڻو = ڏسڻ. مارگ = رستو.]

(٣) جِئَہ آڪاسيِ گهڙُوئلو، مِرگ ترِشنا ڀرِيا
نامي چي سُئامي بيٺلو، جِن تينيِ جرِئا.

ارت :- جهڙيطرح آڪاس جي ڌلي ۾ رُج جو پاڻي ڀرجي تہ اُهو ناشدني آهي، تهڙيطرح نامديو جو سوامي ويٺل يڳوان آهي، جنهن سان هي ٽي مثال لڳيا اچن يعني پرماتما آهي، پر هنکي ڳولي لهڻ مشڪل آهي. [گهروئلو = گهڙو، دلو. چي = جو. جرئا = لڳيا اچن.]

نہ ٿو سگھان.) ڀڳت روداس فرمائين ٿا تہ ڀوءِ منهنجي گتي ڪهڙي ٿيندي؟ (ڀاو- منهنجو ننگ توتي ئي آهي. تون ئي مون سان اجهي سهاءِ ٿيندين.)

نوٽ:- (۱) هن شبد جو ڏات ڀرج اهو آهي تہ بت پوڄا ڪندڙ جيڪا پوڄا ڪن ٿا سا ٺيڪ نہ آهي. سچي پوڄا پرڀوءَ جي اها آهي جو هنکي پنهنجو ردو ارپجي. هن شبد سان ڀيٽيو سري نامديو جو شبد (۲) راڳ آسا ۾.

” آنيلي ڪُنڀ ڀرائي لي اُدڪ، ٺاڪر ڪَئُہ اشنان ڪرءِ.“
ڏسو گوروا ڻي جلد ڏهون صفحا ۱۲۱۰-۱۲۱۲

نوٽ:- (۲) سري روداس صاحب جن جا جيون چرتر واليوم (جلد) ڏهين، سال ۱۹۲۹ ۾ صفحي ۱۲۱۹-۱۲۴۲ تائين ڏنل آهن، جتان پاٺڪ ديا پالي پڙهن.

ਗੂਜਰੀ ਸ੍ਰੀ ਤ੍ਰਿਲੋਚਨ ਜੀਉ ਕੇ ਪਦੇ ਘਰੁ ੧

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਅੰਤਰੁ ਮਲਿ ਨਿਰਮਲੁ ਨਹੀ ਕੀਨਾ ਬਾਹਰਿ ਭੇਖ ਉਦਾਸੀ ॥
ਹਿਰਦੈ ਕਮਲੁ ਘਟਿ ਬ੍ਰਹਮੁ ਨ ਚੀਨਾ ਕਾਹੇ ਭਇਆ ਸੰਨਿਆਸੀ ॥ ੧ ॥
ਭਰਮੇ ਭੂਲੀ ਰੇ ਜੈਚੰਦਾ ॥ ਨਹੀ ਨਹੀ ਚੀਨਿਆ ਪਰਮਾਨੰਦਾ ॥ ੧ ॥
ਰਹਾਉ ॥ ਘਰਿ ਘਰਿ ਖਾਇਆ ਪਿੰਡੁ ਬਧਾਇਆ ਖਿੰਥਾ ਮੁੰਦਾ
ਮਾਇਆ ॥ ਭੂਮਿ ਮਸਾਣ ਕੀ ਭਸਮ ਲਗਾਈ ਗੁਰ ਬਿਨੁ ਤਤੁ ਨ
ਪਾਇਆ ॥ ੨ ॥ ਕਾਇ ਜਪਹੁ ਰੇ ਕਾਇ ਤਪਹੁ ਰੇ ਕਾਇ ਬਿਲੋਵਹੁ
ਪਾਣੀ ॥ ਲਖ ਚਉਰਾਸੀਹ ਜਿਨਿ ਉਪਾਈ ਸੋ ਸਿਮਰਹੁ ਨਿਰਬਾਣੀ ॥ ੩ ॥
ਕਾਇ ਕਮੰਡਲੁ ਕਾਪੜੀਆਰੇ ਅਠ ਸਠਿ ਕਾਇ ਫਿਰਾਹੀ ॥ ਬਦਤਿ
ਤ੍ਰਿਲੋਚਨੁ ਸੁਨੁ ਰੇ ਪ੍ਰਾਣੀ ਕਣ ਬਿਨੁ ਗਾਹੁ ਕਿ ਪਾਹੀ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

ماڻهن کان وڏيڪ اُپما رهت ڦل نہ تو هت ڪري سگهان.
[اَورُن = ٻيا. انوپ = اُپما رهت.]

(٢) ميلاگر بيري هيءِ ڀُئنگا
بِکہ اَمرِت بسهِہ اِڪ سنگا

ارٿ:- چندن جي وڻ کي نانگہ ويڙهي ويا آهن. نانگہ روپي وکہ امرت روپي چندن سان گڏي ٻيٺي آهي. [ميلاگر = چندن جو وڻ. ڀُئنگا = نانگہ.]

(٣) ڌوپ ديپ نئيبيدهِ باسا
ڪئسي پوجہ ڪرهِ تيري داسا

ارٿ:- واس، ڏيو ۽ ڀوڳہ خراب ڪيا ويا آهن. (واس چندن جي پئدائش آهي. اُنکي نانگہ خراب ڪيو آهي؛ ڏيئي ۾ گيهہ کپي. گيهہ کير مان پيدا ٿيندو آهي. کير وڇيري خراب ڪيو آهي. گل ڦل يا عطر ڀونئر خراب ڪيا آهن. مطلب تہ اهي سڀ جوٺا آهن.) مان تنهنجو داس اِنهن جوٺن پدارٿن سان ڪيئن تنهنجي پوڄا ڪريان؟ يعني اِها تنهنجي پوڄا ٺيڪ نہ ٿيندي.)

(٤) تنُ منُ اَرپئہ پوجہ چڙاوءُ
گور پرساد نِرنجن پاوءُ

ارٿ:- شل مان پنهنجو تن ۽ من توکي اَرپي تنهنجي پوڄا ڪريان ۽ گوروءَ جي ديا سان تو پوتر کي پراپت ڪريان. [نرنجن- نِر = رهت. انجن = سرپو مايا جو يعني مايا کان رهت، پوتر.]

(٥) پوجا اَرچا آهِ نہ توري
ڪهہ روداس ڪَوَن گَتِ موري.

ارٿ:- اِها ارچا پوڄا، سا تنهنجي ٺيڪ پوڄا نہ آهي. (ياو- اِنهن جوٺن پدارٿن سان مان تو پوتر ٺاڪر جي سچي پوڄا ڪري

گوروءِ ڪانسواءِ سار (پرماتما) کي تون نه ٿو هٿ ڪرين. [پنڊ = سرير، بدن. ڪنٿا = گودڙي. مندرا = مُدرا، والا جي جوڳي ڪنن ۾ پائيندا آهن.

(٣) ڪاءِ جپهُ ري، ڪاءِ تپهُ ري، ڪاءِ بلووهُ پاڻي
لکهُ چؤراسيهه جِن اُپائي، سو سمرهُ نِرباڻي

ارٿ:- ڀيو ڪهڙو جپ ٿو ڪرين ۽ ٻيو ڪهڙو تپ ٿو ڪرين؟ ڇو ٿو پاڻي ولوڙين؟ جنهن نرنڪار چوراسي لک جيو جنت پيدا ڪيا آهن، اُنجو تون سمرن ڪر. [نرباڻي = نرنڪار.]

(٤) ڪاءِ ڪمنڊلُ ڪاپڙيئاري، اَٺ سٺ ڪاءِ ڦِراهي
بَدَتِ ترِلوچن سُنُ ري پراڻي، ڪَڻ بِنُ گاهُ ڪِ پاهي.

ارٿ:- (ڪاپڙي فقير کي) هي ڪاپڙي فقير! ڇاجي لاءِ ڪرمنڊل ٿو ڪڻين ۽ اٺهٺ تيرٿ ٿو ڀٽڪين؟ سري ترلوچن صاحب فرمائين ٿا ته ”هي پراڻي پٽ، ڪڻ يعني اَن ڪانسواءِ ڳاهه ڇاجي ٿو ڪرائين؟“ (ڀاو- نام ڪانسواءِ بيڪار اَجايو آهي.) [ڪمنڊل = ڪرمنڊل، جو ساڌ فقير هٿ ۾ ڪڻندا آهن. بدت = فرمائين ٿا. ڪڻ = اَن. گاهه = ڳاهه. ڪ پاهي = ڇو ٿو ڪرائين.]

نوٽ:- سري ترلوچن صاحب جن جو مختصر جيون چرتر سال ١٩٢١ واري جلد ۸ صفحي ٧٥٤ کان ٧٥٧ ڏائين ڏنل آهي، جتان پيارا پاٺڪ پڙهي سگهن ٿا.

ਗੂਜਰੀ

ਅੰਤਿ ਕਾਲਿ ਜੋ ਲਛਮੀ ਸਿਮਰੈ ਐਸੀ ਚਿੰਤਾ ਮਹਿ ਜੇ ਮਰੈ ॥ ਸਰਪ ਜੋਨਿ ਵਲਿ ਵਲਿ ਅਉਤਰੈ ॥ ੧ ॥ ਅਰੀ ਬਾਈ ਗੋਬਿਦ ਨਾਮੁ ਮਤਿ ਬੀਸਰੈ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਅੰਤਿ ਕਾਲਿ ਜੋ ਇਸਤ੍ਰੀ ਸਿਮਰੈ ਐਸੀ ਚਿੰਤਾ ਮਹਿ ਜੇ ਮਰੈ ॥ ਬੇਸਵਾ ਜੋਨਿ ਵਲਿ ਵਲਿ ਅਉਤਰੈ ॥ ੨ ॥

گوجري سري ترلوچن جيئہ کي پدي گھر پھلا شبد (١)

ايک اونڪار ستگور پرساد

اُٿانڪا:- ھڪ دفعي ھڪ اُداسي، ھڪ سنياسي، ھڪ برھمڻ جئہچند نالي ھڪ جوڳي ۽ ھڪ ڪاپڙيو (فقير جو قسم) پاڻ ۾ گڏيا ۽ بحث مباحثو ڪيائون. ھرڪو پنھنجي پنٿ جي ساراھ ڪرڻ لڳو. اُھي نيٺ ڀڳت ترلوچن وٽ آيا. ڀڳت کي تہ سڀ ھئي تہ ھي پاکنڊي آھن، تنھنڪري ھرڪنھن کي جدا ھن ريت چوڻ لڳو:-

(١) اَنتر مَلُ نِرمَلُ نھي ڪِينا، ٻاھرِ ڀيکہ اُداسي

ھِردي ڪَمَلُ گھٽِ برھمُ نہ چِينا، ڪاھي ڀَئِيا سَنِياسي

ارٿ:- (اُداسيءَ کي) ھي ڀائي! تو پنھنجو اندر پوتر نہ ڪيو آھي، جيتوڻيڪ ٻاھران اُداسي ڀيکہ گرھڻ ڪيو اٿيئي. (سنياسيءَ کي) ھي پيارا، پنھنجي ردي ڪمل جي اندر برھم کي تو سڃاتو ڪونہ آھي، پوءِ سنياسي ڇو ٿيو آھين؟ [چِينا = سڃاتو.]

ڀرمي ڀولي ري جئہچندا، نھي نھي چِينِيا پرمانندا

(ايک رھاءُ)

ارٿ:- (برھمڻ کي) ھي جيچند! تون ڀرمن ۾ ڀليو ٿيو آھين ۽ پرم آنند روپ ڀڳوان کي تو ڪونہ سڃاتو آھي.

(٢) گھرِ گھرِ کائِيا پِنڊُ ٻڌائِيا، کِنٿا مُندا مائِيا

ڀُومِ مَساڻ کي ڀَسمَ لڳائي، گُورَ بِنُ تَتُ نہ پائِيا

ارٿ:- (جوڳيءَ کي) ھي پريتم! تون گھر گھر ۾ کائي پنھنجو بدن وڌائين تو ۽ گوڏڙي ۽ مُندرا مايا ملڻ واسطي پائين ٿو. تون مساڻي جي ڌرتيءَ جي رکہ پنھنجي سرير کي مکين ٿو، پر

(۴) اَنتِ ڪال جو مندر سِمريءِ، اَئِسي چِنتا مهہ جي مريءِ
پريت جونِ وَل وَل اؤتريءِ

ارٿ :- جو پراڻي انت سمي ۾ مندر يعني جاءِ کي ياد ڪري ٿو ۽ انهي خيال ۾ مري ٿو، سو پريت جي جوڻ وري وري وٺي ٿو.

(۵) اَنتِ ڪال نارائڻُ سِمريءِ، اَئِسي چِنتا مهہ جي مريءِ
بدتِ تِلوچن تي نر مُڪتا، پيتمبرُ واڪي رِدئي بسيءِ.

ارٿ :- سري ترلوچن صاحب جن فرمائين ٿا تہ جو پراڻي آنت سمي ۾ نارائڻ کي ياد ڪري ٿو ۽ اِنهيءَ خيال ۾ مري ٿو، سو پراڻي مڪت آهي ۽ اُنجي هردي ۾ پرماتما وسي ٿو. [بدت = فرمائين ٿا. پيتمبر = پيلن ڪپڙن وارو، پيلا ڪپڙا پهريندڙ، سري ڪرشن مهراج، سري واهگورو.]

شبد جو ڀاو ارٿ

هن مها سندر شبد ۾ سري ترلوچن صاحب جن فرمائين ٿا تہ انت سمي جيڪو ويچار زور پوي ٿو، اُنهيءَ موجب هي جيو جوڻ وٺي ٿو. انت سمي اُهوئي ويچار جيو کي ايندو، جنهنجو گهڻو ابياس جيئري ئي ڪيو هوندائين. مثلاً جيڪڏهين ڪنهنجي دل مايا ڪٺي ڪرڻ ۾ آهي تہ اُنکي پڇاڙيءَ جي وقت پڻ مايا ڪانسواءِ ٻيو ڪي ڪين اُجهندو ۽ نتيجو اهو ٿيندو جو هو وڃي سرپ جي جوڻ وٺندو، جئن عام چوڻي آهي تہ سرپ جو واسو مايا تي آهي. وري جيڪڏهين ڪنهنجي بيحد پريت پنهنجي استريءَ سان آهي ۽ استريءَ ڪانسواءِ هنجو پل بہ نٿو گذري، تہ پڇاڙيءَ جي وقت پڻ استري پيئي ياد پونديس ۽ سنت جا وچن آهن تہ اهڙو جيو وري وري وڃي ويشوا جي جوڻ وٺندو. وري جيڪڏهين ڪنهنجو بيحد موهہ پنهنجي پٽ سان آهي تہ انت سمي پڻ پٽ ئي

ਅੰਤਿ ਕਾਲਿ ਜੋ ਲੜਿਕੇ ਸਿਮਰੈ ਐਸੀ ਚਿੰਤਾ ਮਹਿ ਜੇ ਮਰੈ ॥ ਸੂਕਰ ਜੋਨਿ ਵਲਿ ਵਲਿ ਅਉਤਰੈ ॥ ੩ ॥ ਅੰਤਿ ਕਾਲਿ ਜੋ ਮੰਦਰ ਸਿਮਰੈ ਐਸੀ ਚਿੰਤਾ ਮਹਿ ਜੇ ਮਰੈ ॥ ਪ੍ਰੇਤ ਜੋਨਿ ਵਲਿ ਵਲਿ ਅਉਤਰੈ ॥ ੪ ॥ ਅੰਤਿ ਕਾਲਿ ਨਾਰਾਇਣੁ ਸਿਮਰੈ ਐਸੀ ਚਿੰਤਾ ਮਹਿ ਜੇ ਮਰੈ ॥ ਬਦਤਿ ਤਿਲੋਚਨੁ ਤੇ ਨਰ ਮੁਕਤਾ ਪੀਤੰਬਰੁ ਵਾਕੇ ਰਿਦੈ ਬਸੈ ॥ ੫ ॥ ੨ ॥

گوجري سري ترلوچن جيئہ شبد (۲)

(۱) آنتِ ڪالِ جو لڇمي سمري، اَئسي چِنتا مهہ جي مري
سَرپ جونِ وَل وَل اؤتري

ارٿ:- جو پراڻي انت سمي ۾ مايا کي ياد ڪري ٿو ۽ انهيءَ خيال ۾ مري ٿو، سو وري وري سرپ جي جونِ وٺي اچي ٿو. [لڇمي = مايا. چنتا = ويچار، خيال. ول ول = وري وري. اؤتري = اؤتار وٺي ٿو؛ جنم وٺي اچي ٿو.]

آري ٻائي، گوبند نام مت بيسري (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- ڙي ڀائي! گوبند جو نام متان وسارين.

(۲) آنتِ ڪال جو استري سمري، آئسي چِنتا مهہ جي مري
بيسوا جونِ وَل وَل اؤتري

ارٿ:- جو پراڻي انت سمي ۾ استريءَ کي ياد ڪري ٿو ۽ انهيءَ خيال ۾ مري ٿو، سو ويشوا جي جونِ وري وٺي اچي ٿو.

(۳) آنتِ ڪال جو لڙڪي سمري، آئسي چِنتا مهہ جي مري
سُوڪَر جونِ وَل وَل اؤتري

ارٿ:- جو پراڻي انت سمي ۾ پنهنجي پٽ کي ياد ڪري ٿو ۽ انهيءَ خيال ۾ مري ٿو، سو سوئر جي جونِ وري وٺي ٿو.

سري ڄئديو صاحب جن جا جيون چرتر

سري گورو گرنٿ صاحب ۾ جن ڀڳتن جي ٻاڻي چڙهيل آهي، تن سڀني ۾ اڳاٽو ڀڳت سري ڄئديو صاحب آهي. هي نه رڳو پورن ڀڳت هو، پر اعليٰ درجي جو ڪويسر پڻ هو. هنجا ٻچن اهڙا مٺا ۽ مڌر آهن، جو جڏهين اُهي پريم سان ڳائبا آهن، تڏهين ٻڌندڙ توڙي ڳائيندڙ ٻئي گد گد پيا ٿيندا آهن. بعضي ننڍا ته ڇڏيو، پر پيرسن پڻ اهي سندر ۽ مِن موهيندڙ شبد ٻڌي اهڙي موج ۾ ايندا آهن، جو هو ٻارن جيان پيا نچندا آهن. سچ ڪري پڇو ته پريم ڀريل گيتن ۾ جهڙو ٻل آهي، تهڙو ٻي ڪنهن وستو ۾ نه آهي. پريم ڀريا شبد ڪهڙو به ماٺو ٻڌي، ته هنجي دل جاءِ ڀڄي پوي. نه رڳو ايترو، پر سندس دل ڪي اهڙو آنند ايندو، جهڙو اڳي ڪڏهين ڪين ماڻيو هوندائين. سري ڄئديو صاحب جي شبدن جي جيتري گهڻي ساراهه ڪجي اوتري ٿوري آهي. هر هڪ شبد هڪ املهه ماڻڪ آهي. اسانجو ديس مِتر سريمان ٻابو رابندرانات ٽاگور جو اڄ ڪالهه دنيا جي ڪويسرن ۾ ٻرک ليکجي ٿو، سو پڻ سري ڄئديو صاحب جي ”گيت گوبند“ جي گهڻي تعريف ٿو ڪري. هي صاحب چوي ٿو ته ”جڏهين مان ننڍو هوس، تڏهين مون هڪ ڀيري ”گيت گوبند“ جون ٻه ٽي سٽون پڙهيون. مونکي اُنهنجي پڙهڻ مان ايترو رس

اڳيائين پيو ڦرندو ۽ وري وري ڪيس سوئر جي نيچ جوڻ وٺڻي پوندي. هڪ پيو مثال ٻه سنت ڏين ٿا. هو چون ٿا ته جيڪڏهين ڪنهنجي بيحد گهڻي پريت پنهنجي سندر آستان سان آهي، ايتري قدر جو پيو ڪجهه ٻه هنڪي ملو نٿو لڳي ته نتيجو اهو ٿيندو جو انت سمي ٻه ڪيس پنهنجو محل پيو ياد پوندو، جنهنڪري هو وري وري پريت جي جوڻ وٺي گهرن ۽ جاين ۾ پيو واسو ڪندو. سنت پريو ڏڪن ٿا ته ”پيارا، جڏهين دنيوي پدارٿن ۽ جيون سان موهه رکڻ ڪري تنهنجا اهڙا برا حال ٿين ٿا، تڏهين ڇو نه واجبي پريت انهن سان رکي بيحد پريت نارائڻ سان رکين، ڇو جو جيڪو نارائڻ سان سچي سڪ رکي ٿو، تنهنکي انت سمي ٻه واهگورو ياد پوي ٿو. نتيجو اهو ٿئي ٿو، جو هو چؤراسي لک جونين کان ڇٽي مڪت ٿئي ٿو ۽ پرماتما سان هڪ ٿي وڃي ٿو ۽ پريم ساگر ۾ تيون هٺي ٿو. تنهنڪري هي جيو، تون ڪجهه چيت ۽ سائينءَ کي سديو ياد ڪر. توکي جڳائي ته ست ۽ آست وستوءَ جو پيڇ سڃاڻي آست وستوءَ جا قائم نه آهي، تنهنسان اوتري دل نه رکه جيتري ست وستوءَ سان. ست وستو آهي پرميشور، جو سديو دائم ۽ قائم آهي. توکي جڳائي ته اهڙي ست چت آنند سروپ سان دل رکين ۽ نه دنيوي پدارٿن ۽ جيون سان.“

نوٽ:- سري ترلوچن صاحب جن جي شبدن کانپوءِ سچي پاتشاهه سري گورو ارجن ديو جن سري جئديو صاحب جن جو شبد راڳ گوجري ۾ سري گورو گرنٿ صاحب تي چاڙهيو آهي. شبد جي ارٿ ڏيڻ کان اڳي سري جئديو صاحب جن جا مختصر جيون چرتر ڏجن ٿا.

چوندا هئا ته هي ڪو گائن ۽ ديا جو اوتار ٿو ڏسجي. خود اُنهيءَ وقت جا ڪويسر پرٿ سندس ساراه مان ڏاپندائي ڪين هئا. ننڍو وڏو هرڪو ائين پيو چوندو هو ته ڪوتا ته پلي سري جئديو صاحب چوي. ٻئي جي ڪوتا ۾ کهڙو رس، کهڙو جس.

سري جئديو صاحب پنهنجي جيوت جا ڪي ڏهاڙا بنگال ديس جي راڄا لڪشمڻ جي درٻار ۾ گذاريا. اهو راجا سنه ١١٧٠ع ڌاري راڄ ڪندو هو. جيئن وڪرماجيت اُجين جي راجا جي درٻار ۾ پڙهيلن پنڊتن، ڪويسرن، فيلسوفن ۽ جوتشين کي جهجهو مان ملندو هو، تيئن هن راجا جي ڪچهريءَ ۾ به وڏن وڏن ودوانن کي گهڻي عزت آبرو ملندي هئي. کهڙو به هوشيار ماڻهو درٻار ۾ لنگهي ويندو هو، ته راجا کيس گهڻو آدرسڪار ڪندو هو. درٻار ۾ سري جئديو صاحب کانسواءِ ٻيا چار مشهور ودوان هوندا هئا، جن ۾ وري پنهنجون پنهنجون خوبيون هونديون هيون. اُنهن پنجن ئي کي درٻار جا ”پنج رتن“ ڪري ڪوٺيندا هئا.

سري جئديو صاحب درٻار جا مزا گهڻا ڏينهن ڪين ماڻيا. هنکي جلدئي اهڙو ويراڳ وٺي ويو، جو هو هڪ گودڙي ۽ ڪرمنڊل پاڻسان کڻي، ڪفني پهري، رمتي جوڳيءَ وانگي ڪڏهين ڪٿي ته ڪڏهين ڪٿي پئي گهميو ڦريو. گهڻو ڪري هو جهنگ پٽ پيو جهاڳيندو هو، ۽ ڦل ڦول تي گذران ڪندو هو. اٺئي پهر هو رام نام پيو جپيندو هو ۽ هريءَ جا ڀڄن پيو ڳائيندو هو. ڳائيندي ڳائيندي هو اهڙيءَ مستيءَ ۾ اچي ويندو هو،

آيو، جو مون ويهي پنهنجن هٿن سان سڄو ڪتاب اُتاري پورو ڪيو."

سري چئنديو صاحب جو جنم بنگال ديس جي هڪ ڳوٺ ۾ ٿيو، جنهنکي ڪئنبولي ڪري سڏيندا آهن. اُتي سال بسال سندس جنم جي ڏينهن هڪ وڏو ميلو لڳندو آهي، ۽ اوسي پاسي کان ڪيترا پريمي پرش اُنهيءَ شُڀ ڏينهن کي ملهائڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيندا آهن، ۽ ڏاڍي اُتساهه سان پوڄن پاٺ ڪندا آهن. سندس پتا پورچنديو قنوج جو برهمڻ هو، ۽ ناميارو پنڊت هو. هو رهت جو پورو ۽ ڳالهائڻ جو مٺو هوندو هو. ورت چڱي هيس، ۽ رهائي رکي ٻه گهٽي هيس. سندس پڄمانن جو منجهس پورو پورو نسانچو هوندو هو. هو سياڻو ۽ سمجهو هو، تنهنڪري ڪيترا ماڻهو ڌرمي خواهه دنيوي ڳالهين بابت کانئس صلاح مصلحت اچي وٺندا هئا. سري چئنديو صاحب جي ماتا پاما ديوي پڻ هڪ ڌرمشت ۽ سشيل استري هئي. هنجي مکه ۾ سدائين "هري رام" "هري رام" هوندو هو. وڏا ڀاڳ هن مائيءَ جا، جو هن جهڙو چٽيهر لڪڻو ٻار ڄڻيو.

سري چئنديو صاحب جي ٻالپڻ جي گهٽي خبر ڪانهي، باقي ايترو سو پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته هنکي ننڍي هوندي کان سنسڪرت پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. ٿوريئي عرصي ۾ هن سنسڪرت وديا ۾ اهڙو چڱو نالو ڪڍيو، جو وڏا وڏا ودوان به سندس هوشياري ۽ قابليت ڏسي اچرج ۾ پئجي ٿي ويا. ڪوتا رچڻ ۾ ته جهڙس ڪو نه هوندو هو. اهڙا سٺا ۽ منوهر گيت رچيندو هو، جو ماڻهو

اوڏيءَ مهل آڪاس واڻي ٿي تہ ”هي پيارا! هن ڪنيا کي پڪت جئديو وٽ پهچائي اچ. هو اسانجو روپ آهي؛ هو فلاڻي هنڌ بن ۾ رهي ٿو. اُتي تون ڳولي وڃي لهينس.“ تنهن تي برهمڻ ست وچن ڪري پنهنجي نياڻيءَ کي پاڻسان نيئي سري جئديو صاحب کي ڊونڊي لڌو؛ کيس سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌايائين.

سري جئديو صاحب برهمڻ کي چيو تہ ”سائين! مون ۾ ليپي چا، جو اوهين هن سندر ڪنيا کي مونوٽ وٺي آيا آهيو. مان هن ڪنيا جو اصل لائق نہ آهيان. پيءُ جو ڌرم آهي تہ پنهنجي نياڻيءَ لاءِ اهڙو گهر ڳولي، جتي هوءَ چار ڏهاڙا سک ڀوڳي. چو نہ اوهين پنهنجي سپتريءَ کي ڪنهن ڌناڍ پرش سان پرڻايو؟ مون بنواسيءَ وٽ تہ ڪو ڇنو ٻہ نہ آهي. هيءَ ڪومل ڪنيا ڪٿان جهنگ ۾ جهاڳي سگهندي! هتي تہ ڏينهن رات جهنگلي شوخ مرن جا ڀيانڪ آواز ٻڌي ڏرن ئي ڏکيو وڃي. مان سمجهي نہ ٿو سگهان تہ اوهانجي نياڻي هتي ڪيئن رهي سگهندي. مهرباني ڪري پنهنجي پتريءَ کي موٽائي وٺي وڃو.“ پر برهمڻ پنهنجيءَ تي تي بيٺو، چي مان ٺاڪر جو چيو مور نہ موٽائيندس. اوهانکي هيءَ ڪنيا اوس قبول ڪرڻي پوندي. سري جئديو صاحب وراڻي ڏني تہ ”مونکي اِستريءَ پالڻ جي ڪا سمرٿي نہ آهي. اوهين چو مرو ڀرو منهنجي ڳچيءَ ۾ پڪت ٿا وجهو؟ جي اوهين پنهنجي نياڻيءَ جو سک چاهيو، تہ ڀلائي ڪري هنجو پلؤ مونسان نہ اٽڪايو. هيءَ مونوٽ بلڪل دکي ٿيندي.“ پر برهمڻ سنت جي

جو ڏينهن رات جو ڪيس سماڌي ڪونہ پوندو هو. ڳالهہ ڏا ڪن تہ هنکي پرماتما سان اهڙي پريت هوندي هئي، جو هو ساڳئي وڻ هيٺ ٻہ راتيون ساندہ ڪين سمهندو هو، انهيءَ لاءِ تہ متان اُن استان سان دل لڳي وڃيم، ۽ پوءِ سچو مالڪ وسري وڃيم. اهڙيءَ طرح پرماتما جي پريما ڀڳتيءَ ڪندي ڪي سال گذري ويس، ۽ جيئن پوءِ تيئن هنجو پريم وڌندو ويو، تان جو هو هڪ پورن ڀڳت ٿي پيو.

سري چنديو صاحب کي گرهست ۾ رهڻ جو ڪوبہ خيال ڪونہ هو. پر قدرت مالڪ جي، جو هڪ اچرج جهڙي ڳالهہ ٿي پيئي، جنهنڪري هنکي لاچارشاديءَ ڪرڻي پيئي. اُنوقت بنگال ديس ۾ هڪ برهمڻ رهندو هو، جنهنکي ڪئين ورهيہ گذري ويا هئا، تہ ڪا سنتان ڪانہ ٿي هئي. هن گهڻيئي سنت فقير پڇيا هئا، جاپ پاٺ ۽ ٻيا اُپاءَ ڪيا هئا، تہ ڪٿي مونکي ڪو پُٽر يا پُٽري ڄمي، پر اجا سندس منورٿ پورو ڪونہ ٿيو هو.

نيٺ هڪڙي ڏينهن جڳن ناٿ جي مندر ۾ ٺاڪرجي اڳيان گهڻيءَ نمرتا سان گوڏا کوڙي هيءَ سُکا ڪيائين تہ "هي ٺاڪر! جي مونکي سنتان ٿي، تہ پهريون ٻار مان اوهانکي ارپڻ ڪندس." بس ٿورن ڏينهن کان پوءِ هنکي هڪ سندر نياڻي ڄائي، جنهنجو نالو پدماوتي رکيو ويو. پوءِ هڪ ٻئي پٺيان هنکي چارپٽ ڄاوا. جڏهين پدماوتي ساماڻي ۽ مڱائڻ پرڻائڻ جيڏي ٿي، تڏهين پڻس کيس ساڳئي مندر ۾ وٺي ويو، ۽ هٿ جوڙي ٺاڪر کي چيائين تہ "سوامي، ڀلائي ڪري هيءَ ڀيٽا انگيڪار ڪريو."

اُتلي پوي تہ ٻي ٽيڻي نہ آهي. ڪرتار جي ڪرڻيءَ تي سيٺي ڪي راضي رهڻ گهرجي. هاڻ جتي او هين، تتي مان. او هانجي پُٽ مان ڪڏهين ڪين ڇڏيندس. او هانجي شيوا ڪرڻ منهنجو ڌرم آهي. مان او هانجي آگيا ڪان ڪڏهين ٻاهر ڪين وينديس. جيڪو ڪم اوهين مون تي رکندو، سو مان گهڻيءَ خوشيءَ سان ڪنديس." جڏهين سنت ڏٺو تہ پدماوتي مُڙڻ واري نہ آهي، تڏهين لاچار هنڪي ٻاڻ وٽ ڏڪايائين، ۽ دل ۾ ائين چيائين تہ "شايد مالڪ جي اها مرضي ٿي ڏسجي تہ مان گرهست ۾ رهان."

پوءِ ڌرم انوسار پدماوتيءَ سان شادي ڪري ۽ هڪ ڪُٽيا بنائي، هو رشين منين وانگي ٻن ۾ گذارڻ لڳو. هو هر روز جهنگ مان ڪاٺيون ڪري ۽ ڦل ڦول چونڊي ايندو هو، ۽ سندس سپتني نديءَ مان پاڻي ڀري ايندي هئي، ۽ گهر جو سڀ ڪم ڪار بلڪل چڱيءَ طرح ڪندي هئي. جهڙيءَ ريت ستي سيتا سري رامچندر جي يا ساوتريءَ پنهنجي پتيءَ ستيوان جي، يا دمينتيءَ پنهنجي پيار نل راجا جي شيوا ڪئي، تهڙيءَ ريت هن پتورتا استريءَ بہ ڀڳت جئديو جي تهل ٽڪور ڀليءَ ڀت ڪئي. جيتوڻيڪ سرير ٻہ هئن، تہ بہ اُنهن جون آتمائون ملي هڪ ٿي ويون هيون. جي خيال سنت جا هئا، سي ئي خيال سندس سُپتنيءَ جا ٿيا. سچ آهي تہ جنهن گهر ۾ پتي ۽ استريءَ جو هڪ ٻئي لاءِ اتي پريم آهي، اُهو گهر سُکہ جو ڌام آهي، ۽ جي ائين چئجي تہ اهو پرٿويءَ تي وئڪنٺ آهي، تہ بہ ٺهي.

چوڻ تي ڪو ڌيان نہ ڏنو، ۽ ڪيس پڌو آڻ پڌو ڪري
ڇڏ يائين. موڪلائڻ مهل هن پنهنجيءَ نياڻيءَ کي چيو تہ
”پتري، پرماتما جي اِها اِڇا آهي تہ تون هن سخت وقت
گذارين. تنهنڪري مان توکي وَتس ڇڏي ٿو وڃان.
شاستر ۾ ڄاڻايل آهي تہ سيلونت ۽ پتورتا استريءَ جو
ڌرم آهي تہ هوءَ پنهنجي پتيءَ کي گورو ڪري سمجهي،
۽ دک سک ۾ ساڻس پائيوار ٿي رهي. مونکي سو رهن ئي آذا پڪ
آهي تہ تو جهڙي گڻونت ۽ سلڇڻي ڪنيا ضرور پتيءَ جي
آگيا ۾ رهندي، ۽ رات ڏينهن سندس شيوا چڱيءَ پر
پيئي ڪندي.“

برهمڻ جي وڃڻ کانپوءِ پدماوتي هٿ جوڙي سري
چنڊيو صاحب جي اڳيان اچي بيٺي ۽ چيائين تہ ”سوامي!
مان اوهانجي داسي آهيان؛ جيڪا اوهانجي آگيا هجي،
سا مان ڪريان.“ سري چنڊيو صاحب کيس جواب ڏنو
تہ ”هي سشيل ڪنيا! مان توکي پاڻوت نڪائي ڪين
سگهندس. مونکي تہ خيال ۾ ئي نہ ٿو اچي تہ ڇو تنهنجو
پتا توکي مون وٽ ڇڏي ويو. تون سياڻي ۽ سمجهو
آهين؛ خيال ڪر تہ مونسان گڏ گذارڻ ڪري توکي ڪهڙو
سک پراپت ٿيندو. مون نرڌن وٽ ڪوڏي بہ نہ آهي.
مان توکي ڪيئن پالي سگهندس! هن بن ۾ رهڻ تو لاءِ
بلڪل ڪٺن ٿيندو. چڱو ائين ڪين ٿئي، جي تون
موٽي پنهنجي گهر وڃين؟“ تنهن تي پدماوتيءَ وري بہ
هٿ جوڙي گهڻيءَ نمرتا سان وراڻي ڏني تہ ”سوامي! ائين
اصل نہ ٿيندو. جو ور منهنجي پتا مون لاءِ ڳوليو، سو
منهنجو ٿي چڪو. هاڻي ڇا بہ ٿي پوي، زمين آسمان

جون ڳالهيون اهڙي سٺي ۽ منوهر نموني ۾ ورنن ڪيل آهن، جو پٿر جهڙي سخت دل وارو ردو بہ موم وانگي هوند ڳري نرم ٿي پوي. سري ڪبير صاحب پڻ ڀڳت جئديو کي نج ڀڳتن جي قطار ۾ ڳڻيو آهي ۽ ڀڳتن جي اُستت ڪندي ٻہ چار دفعا هنجو نالو پنهنجي امولڪ ٻاڻيءَ ۾ آندو آهي؛ جئن تہ "جئديو نامہ ڀَپ سُداما، تن ڪَئہ ڪِرپا ڀئي هيءَ اپار." [راڳ بلاول]

ڳالهہ ڏا ڪن تہ جڏهن سري جئديو صاحب کي "گيت گوبند" رچيندي اُهي پد لکڻا هئا، جن ۾ ڪيس ڏيکارڻو هو تہ ڪيئن راڌڪا سري ڪرشن سان رُٺي ويٺي آهي، ۽ هو ڪيس پرچائي ويٺو، تڏهن هن پهريائين هيٺيون پد لکيو:-

"سمر گرلَ کنڊنَ، مام سِرسِ منڊنَ ديهي پاد پلو مُداري."

ارٿ:- هي راڌڪا! تنهنجا خوشبودار ڪمل پتر روپي چرن، ڪام جو زهر ناس ڪندڙ آهن، تون اُهي منهنجي سر تي رک. [سمر = ڪام. گرل = زهر. کنڊنن = ناس ڪندڙ. مام = منهنجي. سر = مٿي تي. سِ = اُهي. منڊنن = منڊن ڪر، رک. ديهي = ديهي جا. مدار = خوشبوءِ.]

انهيءَ پد لکندي کيس شنڪا آئي تہ اهو نہ ٿو جڳائي تہ سري ڪرشن مهراج راڌڪا کي چوي تہ پنهنجا ڪومل چرن منهنجي سر تي رک. هن سمجهيو تہ انهيءَ ۾ سري ڪرشن مهراج جي گهٽتائي آهي، تنهنڪري هن انهيءَ پد جي گهٽي ڪاٽ ڪوٽ ڪئي، پر پسنديءَ

سري جئديو صاحب ۽ سندس استري ڏينهن جو گهڻو وقت شاسترن جي پاٺن، ڀڄنن ڳائڻ ۽ گيتن رچڻ ۾ گذاريندا هئا. اُنهن ڏينهن ۾ هن ”گيت گوبند“ نالي وارو هڪ مشهور پستڪ رچيو، جنهن نه رڳو ڀارت واسين کي حيران ڪري ڇڏيو آهي، پر يورپ کنڊ جا ودوان به اُهو پستڪ پڙهي سندس ساراه ماڻ نه ٿا ڄاڻن. اِهيءَ پستڪ جو ناماچار ساريءَ دنيا ۾ آهي. هن پستڪ جو ترجمو نه رڳو ڪيترين ڏيهي ٻولين ۾ ٿيل آهي، پر انگريزي، لئٽن ۽ جرمني ٻولين ۾ پڻ ڪيل آهي. انگريزيءَ ۾ ”گيت گوبند“ جو ترجمو نثر توڙي نظم ۾ آهي.

پنڊت وديا ساگر جنهنجو نالو بنگال ديس جي هڪ هڪ گهر ۾ پيو ڳائجي، تنهن پنهنجي هڪ پستڪ ۾ لکيو آهي ته هن مها ڪويسر جي ”گيت گوبند“ جي رچنا جهڙي سندر، ڪومل ۽ منوهر آهي، تهڙي سنسڪرت ڀاشا ۾ ڪا ڇڏي ليندي. ”گيت گوبند“ جي رچڻ کان پوءِ ٿورن ڏينهن ۾ ئي هن پستڪ جو ناماچار جاءِ بجاءِ ڦهلجي ويو. راجائن جي درٻارن ۾، مجلسن محفلن ۾، مندرن ۽ ٺاڪردوارن ۾ اهي سندر گيت ڳائڻ ۾ آيا. مطلب ته ننڍي وڏي جي وات ۾ اهي گيت هئا. اڄ ڏينهن سوڌو به گهڻن ئي کي اهي دل ڀڄائيندڙ گيت ياد آهن. ڪرناٽڪ ۽ هندستان جي ٻين ڪيترن ڀاڱن ۾ جنماشٽميءَ ۽ ڪتيءَ جي ايڪادسيءَ تي ولڀ آچاري اهي سندر گيت ساري رات ڳائيندا آهن، ۽ پريم وچون موج ۾ اچي نچندا آهن.

”گيت گوبند“ ۾ سري ڪرشن ۽ راڌڪا جي پريم

سري ڪرشن مهراج جو درسن ڪيو. پلهار وجان سندس نام ڏان، جو منهنجو روپ ڌاري هيءَ تڪ لڪي ويو آهي. انهيءَ موقعي کان پوءِ سري جئديو صاحب اڳئين کان به وڌيڪ پريم ۽ اُتساهه سان گيت گوبند رچڻ لڳو.

اُنهن ڏينهن ۾ اوڙيسا جو راجا پڻ وڏو ودوان ۽ ڪويسر هو. هن به "گيت گوبند" رچيا هئا، جن ۾ هن سري ڪرشن ۽ راڌڪا جي پريم جو ورنن ڪيو هو. هن پنهنجي ديس جي برهمڻن ۽ پنڊتن کي سڏائي چيو ته "مهراج، مون سري ڪرشن جي اُستتيءَ ۾ ڪي گيت رچيا آهن، منهنجو خيال آهي ته اُهي نقل ڪري اوهين لوڪن ۾ ڦهلايو. مان اوهانکي توهانجي محنت جو اُجورو ڏيندس."

تنهن تي سڀني راجا کي چيو ته "سائين! اسين ته هر طرح اوهانجي آگيا مڃڻ لاءِ تيار آهيون، پر اسين ڇا ڪريون؟ لوڪ ته سري جئديو صاحب جي گيتن تي آڪن چڪن آهن. هو ڏينهن رات اُهي گيت پريم سان پيا ڳائين. جن ماڻهن ڪ واريءَ سري جئديو صاحب جا گيت پڙهيا هوندا، تن کي اوهانجا گيت ڪيئن وڻندا؟ سج جي اڳيان ڏئي جي روشنائي ڀلا ڇا ڀهندي! صلاح پري ته هيءَ ڳالهه آهي جو اوهين پنهنجا گيت پاڻوٽ رکي ڇڏيو. پيٽ مان ڪا چڱائي ڪا نه نڪرندي، مرڳو اوهانجي گلا ٿيندي، ۽ اوهين پاڻ خفي ٿيندا.

راجا کي پنڊتن جي صلاح نه آئڙي، ڇو جو کيس پنهنجي بنسبت وڏو خيال هو. گهڻي بحث کان پوءِ راجا

موجب اوڏيءَ مهل پڻ نہ ٿيس، ۽ تنهنڪري ڪاغذ پٽ ويڙهي طاق تي رکي نديءَ تي اشنان ڪرڻ ويو. خيال هوس تہ اشنان ڪري سانجهہ سميءَ ۾ اهو پڻ وري اچي لکان. اشنان ڪرڻ مهل بہ اها چنتا رهيس تہ ڪهڙيءَ طرح اهو پڻ لکجي، جنهنڪري سري ڪرشن جو راڌڪا سان پيار بہ ظاهر ڪجي، ۽ سندس گهٽتائي بہ نہ ڏيکارجي. پڇاڻان پرماتما سندس روپ ڌاري هنجي گهر ويو، ۽ پدماوتيءَ کان ڪاغذ پٽ وٺي وري بہ ساڳين لفظن ۾ اها تڪ لکي ٻاهر هليو ويو.

جڏهين سري جئديو صاحب اشنان ڪري گهر موٽيو، تڏهين ڏٺائين تہ ڪاغذ پٽ هيٺ رکيا آهن، سو پنهنجي استريءَ کان پڇيائين تہ "هي پياري! هي ڪاغذ طاق تان ڪنهن لاٿا"؟ تنهن تي هن جواب ڏنو تہ "سوامي، اوهين اڳهين ڪين آيا، ۽ مونکان ڪاغذ پٽ وٺي هڪ ٽُڪ لکي ٻاهر هليا ويا؟ ڪاغذ اتين ئي رکيا آهن. جي وري بہ شڪ پوي، تہ ڏسو تہ اوهان ڪجهہ ڏازو لکيو آهي، ڪين نہ." اهو ٻڌي سنت جان کڻي پستڪ کولي ڏسي تہ ڊٺل لفظن جي هيٺان عين بعين اُهي ساڳيائي لفظ لکيا پيا هئا جي پاڻ لکي ڪاٽي ويو هو. هو اهي لفظ ڏسي ايتري قدر خوش ٿيو، جو ڪپڙن ۾ نہ پيو ماپي. پڪ ٿيس تہ ڀڳوان کي منهنجو رچيل پڻ پسند آهي، ۽ هو منهنجو روپ ڌاري اها تڪ لکي ويو آهي.

بس پوءِ پريم وچون ڳوڙها ڳاڙي، پنهنجي سُپتنيءَ کي چيائين تہ هي پياري! تنهنجا وڏا ڀاڳ جُهها جو اڄ تو

۾ اچي نڪتو. اُن وقت اُتي جي راجا هڪ وڏو ڀنڊارو ڪيو هو، جنهن ۾ ڪٿان ڪٿان جا سنت مهاتما اچي ڪٺا ٿيا هئا. جڏهين سڀ ساڌ فقير ڪائي روانا ٿيا، تڏهين راجا سڀني کي پنهنجي پنهنجي لياقت آهر ڏڪڻا ڏني. راجا سري چندر يو صاحب کي پڻ ڀيٽا طور ڪي مهرون آڇيون، پر سنت وٺڻ جي نه ڪئي، ڇو جو هو هميشه مايا کان پاسو ڪندو هو. پر راجا جيئن تيئن هنن کي زور ڪري اهي مهرون پڌايون.

سري چندر يو صاحب لاچار اهي مهرون پاڻسان گوڏڙيءَ ۾ ڪڇي ٻن ڏي راهي ٿيو. واٽ تي هنن کي ڪي ٺڳ گڏيا، جن کيس چيو ته "مهراج! اوهين سفر تي اڪيلا ڪيئن نڪتا آهيو؟ اوهان کي ته ڪو سنگتي ساٿي پاڻسان ڪڻڻ کپندو هو. هي جهنگ ته ڦورن لوٽن جو استان آهي. هتي ته وچارن واٽهڙن سان جنسي وڏل آهي. اڃا مسافر ڪو لنگهيو نه آهي، ته هو سندن شڪار ٿيو نه آهي. ڏاڙو هڪڙو واپاري هتان لنگهيو، جنهن کي هو کُهي سندس مال ڦري ويا. شايد اوهان کي انهيءَ ڳالهه جي خبر ڪانه ٿي ڏسجي. فڪر نه آهي؛ اسين اوهان سان گڏيا ٿا هلون. اسين پاڻ ۾ کهٽيئي آهيون؛ جيڪڏهين ڪي شاهينگ اسانتي ڪاهي آيا، ته اسين ساڻن پڄڻ جوڳا آهيون."

سري چندر يو صاحب يڪدم سهي ڪيو ته هي ڪي ٺڳ ٿا ڏسجن، جي ماڻهن کي هميشه پنيلائي اهڙي اوڙاهه ۾ وجي هڻندا آهن، جتان سندن پتو به ڪونه پوندو آهي. تنهنڪري هن پاڻمرادو پنهنجي گوڏڙيءَ مان سموري رقم ڪڍي کين ڏني. انهيءَ تي ٺڳ واڻا ٿي ويا. دل ۾

ڪين چيو تہ ”چڱو ڀلا، جڳن ناٿ جي مندر ۾ ٻئي پستڪ ٺاڪر جي اڳيان ڏا رکون، ڏسون تہ ڪيس ڪهڙو ٿو پسند پوي.“ پوءِ راجا مندر ۾ پنهنجو پستڪ سري جيئديو صاحب جي پستڪ مٿان رکي، پوڄارين کي ٻاهر ڪڍي، سڀ دروازا بند ڪرائي ٿوري ساعت ٻاهر ٿي ويٺو. ڪجهہ وقت کان پوءِ جان مندر جا دروازا کوليائين، تہ ڇا ڏسن تہ سري جيئديو صاحب جو پستڪ ٺاڪر جي ڇاتيءَ تي رکيل آهي ۽ راجا جو پستڪ اُٿي ئي پٽ تي پيو آهي.

اهو حال ڏسي راجا کي نراسائي وڪڙهي ويئي، ۽ دل ۾ چيائين تہ هينئر وڌيڪ جيئڻ مناسب نہ آهي، تنهنڪري پڌڻ جي ارادي سان سمنڊ جي طرف روانو ٿيو. جنهن مهل هو سمنڊ ۾ ٽپو ڏيئي آپگهات ٿي ڪيو، تنهن وقت آڪاس واڻي ٿي تہ ”هي راجن! تون ڪو ڀولو ٿو ڏسجين! ڪنهن سان ريس ڪرڻ ڪا چڱي آهي ڇا؟ تنهنجو پستڪ بيشڪ سندر آهي، پر ڀڳت جيئديو جي پستڪ اڳيان ڪي بہ ڪينهي. هي پيارا! تون نراس نہ ٿيءُ. تون ١٢ سلوڪ رچي هڪ سلوڪ، ڀڳت جيئديو جي هڪ سرگ (١٢ سلوڪن) جي پٺيان درج ڪر. اهڙيءَ ريت تنهنجا رچيل سلوڪ بہ جڳتر ۾ قبليجي ويندا ۽ تنهنجي محنت بہ ساب پوندي.“ انهيءَ تي راجا پرسن ٿيو، ۽ جيئن آڪاس واڻي ٿي هيس، تيئن ڪيائين.

سري جيئديو صاحب ڪي ڏينهن پنهنجي جنم استان، ڪنڊولي ۾ گذاري پنهنجي استريءَ کان موڪلائي تيرٿن تي روانو ٿيو. شهر گهمندي گهمندي هو هڪ ڏينهن جيپور

منجهائڻ ھڪڙي رسو ٻڌي ڏول ھيٺ ڦٽو ڪيو. ڏول جي کڙڪي تي سنت جاڳي پيو، ۽ ڏول کي چنبڙي منجهس چڙھي ويٺو. مٿان جو نوڪر ڇڪ ڏئي، ته ڏول کڄي ئي نه. ھڪل ڪيائين پنھنجن سنگتين کي ته يارو! اچي مدد ڪريو. خبر نه آھي ته ڏول ڳرو ڇو ٿي پيو آھي! جڏھين ڏول کڏي ڪيائون ٻاھر، ته ڇا ڏسن ته منجهس ھڪ سندر مھاتما، جنھنجا ھٿ ڪپيا پيا آھن، سو ويٺو آھي. تنھن تي کين گھڻو عجب لڳو. پوءِ ھو سنت کي راجا وٽ وٺي آيا، جنھن حال احوال پڇيس ۽ پرھن ٺڳن جو ڍڪ ڍڪيو. رکو ايترو چيائين ته ”ھي راجن! انھيءَ ۾ ڪنھنجو قصور نه آھي. ھرڪو پنھنجن ڪرمن جو ڦل ٿو ڀوڳي. شايد اڳئين جنم ۾ مون ڪنھنکي ڏکيو آھي، تنھنڪري مونکي ھينئر اُنجو حساب ڏيڻو پيو آھي.“ تنھنتي راجا سنت کي چيو ته ”سوامي! ديا پالي اسانکي ٻڌايو ته اُھي دُشٽ ڪير ھئا، جن اوھانجا ھٿ ڪپيا. جي ھنن نڪارن کي سزا نه ملندي، ته ھو ملڪ اُجاڙ ڪري ڇڏيندا.“ ڀڳت راجا کي ورندي ڏني ته ”ھي راجن! انھيءَ ڳالھ ڏانھن لھي وڃو. مھرباني ڪري مونکي ٻڌايو ته وير وٺڻ مان انسان ڇا وٺندو؟ اُلٽو ھو پاڻکي نقصان رسائيندو. وير ۽ بدلو وٺڻ انسان جي شان وٽان نه آھي. ڏاھا چوندا آھن ته معافي ڏيڻ ثواب جو ڪم آھي. پرماتما بخشڻھار آھي، تنھنڪري جيو کي به جڳائي ته ديا ڌاري ۽ پنھنجن شترن کي مِتر ڪري سمجھي.“

راجا سھي ڪيو ته ھي ڪو وڏو مھاتما ٿو ڏسجي،

چيائون ته اسين ته ڪڏهين ڪونه سڌرون، ته ڪو مسافر مار ڪٽ ڪانسواءِ پنهنجا پئسا پاڻيهي ڪڍي ڏئي. اسان ته پئسن جو لالو به ڪونه ڪڍو. شايد هن ڪا لچائي سٿي تي ڏسجي. ائين ته ڪيتهي ته جڏهين هو شهر ۾ پهچندو، تڏهين ڏاڍي تي وڃي اسان تي فرياد ڪندو؟ ٻيلي هنسان اهڙي ڪا تعدي ڪجي، جو اسانجي ڪئي جو سماءُ ڪنهن کي به نه پوي. هڪڙي جو چوڻ هو ته هنکي قتل ڪجي ۽ ٻئي چيو ته نه، ائين ڪرڻ واجب نه آهي، انهيءَ مان اسانکي ڇا حاصل ٿيندو؟ اسانکي کپندا هئا پئسا، سي مليا ۽ ٻـوءِ اسين ڇو هروڀرو جيو هتيا ڪريون؟" نيٺ هو ويچار ڪري هن ڳالهه تي اچي بيٺا ته ساڌوءَ جا هٿ ڪپي، هنکي پر واري کوهه ۾ ڪٽي ڦٽو ڪجي ته ڦرمار جي ڳالهه به ٻاهر نه نڪري. پوءِ اهي ٽيئي سنت سان اها جٽ ڪري پاڻ رمندا رهيا. سري جئديو صاحب کي هٿ ڪپجڻ بعد ڏاڍو سور پئي ٿيو، پر هن سڀ دک مٺو ڪري پئي ڀوڳيو، ۽ ائين پئي چيائين ته هي پرڀو، جا جوڙيءَ سا واهه واهه! پوءِ ته هو هريءَ جي ڀڄن ۾ مگن ٿي ويو ۽ ڳائيندي ڳائيندي ٿوري ساعت اکه لڳي ويس.

ڳالهه ڏا ڪن ته ڪرونچ ڏالي آڪال جو راجا اُنهي سا ڳئي ڏينهن شڪار تي نڪتو هو. جهنگ ۾ رات پئجي ويس ۽ تنهنڪري نوڪرن کي حڪم ڪيائين، ته اُتي ئي ڪٽي منزل ڪريو. سوير صباح جو پنجين بجي مهل سندس نوڪر چاڪر انهيءَ کوهه ڏان پاڻي ڀرڻ ويا، جنهن ۾ ٽگين ڀڳت جئديو کي ڪٽي ڦٽو ڪيو هو. کوهه تي پهچڻ سان

کو شڪار هٿ نہ لڳو هو، جنهنڪري مو ٻکہ ۾ پاه پئي
ٿيا. ويچار ڪيائون تہ هن حالت ۾ ڪجي سو ڪجي ڇا؟
نيٺ اهو پهہ پچايائون تہ بيراڳين جو ويس ڌاري راجا جي
پنڌاري مان ڪجهہ کاڌي پيتي لاءِ وٺي اچون. سو
ڪپڙو رتا ڪپڙا ڪري راجا جي نگر ۾ آيا. منجهند جي
مهل جڏهين سري جئديو صاحب سنتن جي درشن لاءِ
پنڌاري ۾ ويو، تڏهين ڇا ڏسي تہ اُهي ساڳيا ٺڳ، جن
سندس هٿ کپيا هئا، سي بيراڳي بڻجي پوڄن ويٺا
ورتائين. ٺڳن بہ کيس جهٽ سڃاتو، سو ڏڪڻ لڳا ۽
پانيائون تہ اڄ هو ٺو اسانکي پڪڙائي سوريءَ تي چاڙهائي.
پر سري جئديو صاحب اُنانند ڪين ڏاڍو آدرستڪار ڪيو،
۽ ايترو مان ڏنائين، جو اُنهن جو شڪ شُبهہ سڀ لهي ويو،
۽ سمجهيائون تہ شايد هي اسانکي نہ سڃاڻي. ٻن چئن
ڏينهن کان پوءِ جڏهين بيراڳي روانا ٿيا، تڏهين راجا ڀڳت
جئديو جي چوڻ تي ٻہ وڏيون ڳوٿريون مُهرن سان ڀرائي
کين ڏکڻا طور ڏنيون، ۽ پنهنجن ٻن نوڪرن کي چيو
تہ اهي ڳوٿريون سنتن سان گڏجي وڃو، ۽ جتي چون اُتي
پهچائي ڏجون.

واٽ تي نوڪرن کي اچي اُٺ ڏٺ ٿي تہ اسين سنتن
کان پڇون تہ ڪهڙو سبب آهي جو راجا اوهانتي خاص
مهرباني ڪئي آهي. سو اُنهن کان پڇيائون تہ سائين،
ڀلائي ڪري ٻڌايو تہ اسانجو راجا ۽ ڀڳت جئديو اوهان تي
ايترو موهت ڇو ٿيا؟ تنهن تي ٺڳن مان هڪڙي ٺهہ پهہ
جواب ڏنو، تہ اهو ماڻهو جنهنکي اوهين ڀڳت جئديو ڪري

سو کڻائي آيس پنهنجي محلات ۾، جتي پنهنجي خاص وئد کي حڪم ڏنائين ته وڃي هن سنت جي چڱيءَ طرح دوا درمل ڪر. راجا به وٽس روز پيو ايندو ويندو هو ۽ سندس ٽهل ٽڪور ڪندو هو. جڏهين سنت چڱو ڀلو ٿيو، تڏهين راجا کيس ميڙ منٿ ڪري پاڻوٽ ٽڪائي ڇڏيو. سنت راجا کي صبح سانجهيءَ اهڙيون سٺيون ڪٿائون وارتائون ٻڌائيندو هو، جو راجا جو منجهس ڏينهون ڏينهن ويو نسچو وڌندو، تان جو هو سندس شش ٿيو.

هڪڙي ڏينهن راجا ڀڳت چندر يو کي چيو ته "سوامي! مهرباني ڪري مونکي ٻڌايو ته مان ڪهڙو اُتم ڪرم ڪريان، جنهنڪري پرميشر مونتي پرسن ٿئي." ڀڳت جواب ڏنو ته "پيارا! جي توکي پنهنجو جنم سڦلو ڪرڻو آهي، ته تون ڏينهن رات سنتن جي شيوا ۾ لڳو رهه. تو وٽ ته پئسي جي ڪمي ڪانهي. ڌاڻو مڱو پيو اٿيئي. هڪڙو ڪيتر کٽي کول ۽ رسويا رک. پوءِ جيڪي سنت مهاتما تنهنجي نگريءَ ۾ پنهنجا پوتر چرن گهمائين، تنهنجي تون ڀليءَ ڀت ٽهل ٽڪور ڪج." راجا کي هيءَ ڳالهه بلڪل پسند آئي، تنهنڪري هن سنت جي صلاح موجب هڪ شاهي ڀنڊارو کٽي کوليو. اُتي ڪئين سنت مهاتما رتن ڪندا اچي بسرام پائيندا هئا، ۽ اُتي جا سندن پريم سان پرگهور ٿيندي هئي، سا هو ڏسي راجا کي لک آسيسون ڏيندا ويندا هئا. ٿوري ئي عرصي ۾ ڀنڊاري جو نامُچار ديسان ديس ڦهلجي ويو، ۽ آخر اُنهن ڏڳن، جن سري چندر يو صاحب جا هٿ ڪپيا هئا، تنهنجي ڪن تائين به اُهو نامُچار وڃي پهتو. گهڻن ڏينهن کان اُنهن ڏڳن کي

ڳچھ وقت ڏائين تہ پڳت لئين ڪرڻ کان انڪار ڪيو، پر جڏھين راجا ڪيس تمام گھڻو ايلايو، تڏھين ھن لاچار ساري وارتا ڪيس چئي ٻڌائي. اھو ٻڌي راجا کي حيرت وٺي ويئي ۽ ھو خوشيءَ وچون ڪڇڻ ۾ نہ ٿي ماپيو. چي وڏا ڀاڳ منھنجا! جو پرماتما مونکي ھھڙي مھاتما جو سنگ بخشيو آھي. سچا سنت بيشڪ ڪميا جي کاڻ آھن. منجھن خوبي اھا آھي جو ھو برائي ڪندڙن سان بہ ڀلائي ٿا ڪن.

پيارا پاٺڪو! وڏائي وير وڏڻ ۾ نہ آھي، پر معافي ڏيڻ ۾. جو انسان ڪميا ڌاري ٿو، سو بيشڪ پنھنجا لائق ٿو ڪري. سنتن جي ھميشہ اھا سکيا ھوندي آھي، تہ جي ڪو اوھان سان بُرائي ڪري، تہ اوھين بدلي وٺڻ جو پھہ نہ پچايو، پر ٻاڻ ھنسان ڀلائي ڪري ھنکي پنھنجو ڪري ڇڏيو. سچي انسانيت جي نشاني اھا آھي.

شيخ فريد صاحب پڻ پنھنجي آمولڪ سلوڪن ۾ فرمائين ٿا:-

(١) ”فريدا جو تيءِ مارن مُڪيان، تنان نہ ماري گھمِ
آپنڑي گھرِ جائيئيءِ، پير تنان دي چُمِ.“
(سلوڪ ٧)

آرٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا تہ جي توکي مڪن سان مارين، تنکي تون وري نہ مار. اُلٽو اُنھن جا پير چمي (سانت سان) پنھنجي گھر ھليو وڃ.

(٢) ”فريدا بُري دا ڀلا ڪرِ، غُصا مَنِ نہ ھنڍاءِ
ديھي روڳ نہ لڳئي، پلئي سَڀُ ڪِڇُ پاءِ.“
(سلوڪ ٧٨)

ڏا سڏيو، سو چنڊال آهي. راجا کي شايد انهيءَ ڳالهه جي سُڌ ڪا نه ٿي ڏسجي. هڪڙي پيري مون اهڙو برو ڪم ڪيو هو، جو ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ملي هئي، پر اسان سنتن جي چوڻ تي راجا سندس هٿ ڪپائي ڪيس هڪڙي کوهه ۾ ڪٽي ڦٿو ڪرايو. هاڻي خبر نه آهي ته ڪهڙي ڪيڏ پکيڙي اٿس، جو اوهانجي راجا کي پنهنجو شش ڪري پاڻ گورو بڻجي ويٺو آهي. هيئنر ته ڪيس سڀڪو نمسڪار پيو ڪري ۽ راجا وٽ سندس ايتري هلي ٿي، جو امير اُمرا به ڪانئس ڪنبي پيا هڻن. اسانجي خوشامد هن انهيءَ لاءِ ٿي ڪئي ته اسين سندس پردو نه لاهيون. ڏکين جو ائين چوڻ ۽ ڏرتيءَ جو اوڏيءَ مهل ڏيڻ! ڪن ۾ جنهن زمين تي ڏکيا بيٺا هئا، سا ڦاٽي پيئي ۽ سڀ اندر غرق ٿي ويا!

هي اسرار ڏسي نوڪر وائڙا ٿي ويا، ۽ پويان پير ڪري ڪوٺريون آڏي راجا کي موٽائي ڏنائون. پڪت چندر يو، جو راجا سان اوڏي مهل ويٺو هو، تنهن نوڪرن کان پڇيو ته خبر ڪريو ته ڪوٺريون ڇو موٽائي ڪٽي آيا آهيو؟ تنهن تي اُنهن ساري حقيقت پيرائتي ڪري ٻڌائي. پڪت کان رڙ نڪري ويئي. چي هان! هي ڇا ٿيو! ۽ هو افسوس ۾ ڏڦ ٿيون مهڻا لڳو. هن جو ائين ڪرڻ ۽ اُتي جو اُتي هنجا ڏوان هٿ نڪري پوڻ! هي عجيب اسرار ڏسي راجا پڪت جي پيرن تي ڪري پيو، ۽ چيائين ته ”ڌن آهن سنت! جن پرميشر کي جيئن جاتو، تيئن ئي ڪيس پاتو آهي.“ پوءِ راجا پڪت کي وينتي ڪئي ته ”هي سوامي! دِيا پالي مونکي اِنهن ٻنهي اسرارن جي سمجهاڻي ڏيو.“

ارٿ :- تنهنجي دل جي روش اهڙي هئڻ گهرجي جهڙي وڻ جي. وڻ ڇا ٿو ڪري، جو ڏک لڳڻ تي ميون ۽ ٻور جي ورکا ڪري؛ ڪٽي ڪو ڪهاڙو هڻيس، ته ٻه نڪا دانهن ڪوڪ ئي ڪري، نڪو اندر ۾ ڪو سورئي ساندي. وڍيندڙ ٻل ته ٻيجي تڪر تڪر ڪري وجهيس، ته ٻه وير وروڌ اصلي ڪين، اُلٽو ڀاڳ ڪي اُنهن ۾ ساڙي انهيءَ تي ڇانو ڪري ٿو. شاهه صاحب جن فرمائين ٿا ته سچو صاحب اُنهن ڀاتو آهي، جي ٻُرن سان ڀلائي ٿا ڪن ۽ دشمن سان دلبري.

سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا :-

”ڪبير جهان گيانُ تهه ڌرمُ هي، جهان جوٺ تهه پاپُ،
جهان لوڀُ تهه ڪالُ هي، جهان ڪِما تهه آپِ.“

(سلوڪ ١٥٥)

ارٿ :- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته جتي گيان آهي، تتي ڌرم آهي. جتي اگيان آهي، تتي پاپ آهي. جتي لوڀ آهي، تتي ڪال آهي، ۽ جتي ڪميا آهي، اُتي ڀڳوان پاڻ ساکيات آهي.

ٻن ڇڻن مهڙن پڇاڙا سري چنڊيو صاحب راجا کي چيو ته ”وطن ڇڏئي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن. پدماوتي مون لاءِ اکيون ٻائي ويٺي هوندي، تنهنڪري مان هينئر اوهانکان موڪلايان ٿو.“ هي لفظ ٻڌي راجا ڀڳت جي پيرن تي ڪري پيو ۽ چيائين ته ”سوامي، ائين ڪيئن ٿا ڪريو؟ جڏهانڪر اوهان پنهنجا سڳورا چرن هتي گهمايا آهن، تڏهانڪر منهنجي پرجا ۾ ڌرم جو انگ وڌيو آهي. جي اوهين هتان تڪڙائي هليا ويندا، ته اُهو صدق ۽ پريم جو اوهان لوڪن ۾ گهڻي اُتساهه سان اُتپن ڪيو آهي سو ٻه هليو ويندو. تنهنڪري منهنجي وينتي آهي ته اوهين ڪجهه وقت

آرٿ :- فريد صاحب جن فرمائين ٿا ته ٻين سان ڀلائي ڪر ۽ دل ۾ ڪاوڙ نه ڏار، ته ٻوءِ تنهنجي سرير کي ڪو روڳ نه لڳندو ۽ سڀ ڪجهه پراپت ٿيندءِ.

(٣) ”فريدا ٿيءُ پواهي ڏڀ، جي سائين لوڙهين سڀ
اِڪ ڇڄهه پيا لتاڙيئهه، تان سائين دي درواڙيئهه.“
(سلوڪ ١٦)

آرٿ :- فريد صاحب جن فرمائين ٿا ته جيڪڏهين ڀانئين ته سڀ ڪنڊ سائينءَ کي (پري پورن) ڏسان ته رستي جو گاهه ٿيءُ. جڏهين ڪڙا توکي ڇڄندا ۽ پيا لتاڙيندا (يعني جڏهين تون نرايمان ٿيندين)، تڏهين سائينءَ جي درگاهه ۾ قبول ٿيندين.

شاه صاحب جن پڻ اِنهيءَ باري ۾ فرمائين ٿا :-

”ڏوُ ڇوني تون م ڇؤ واتان ورائي
آگهه آڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪي.“

آرٿ :- جيڪي توکي سخت مُنو ڳالهائين، تنکي تون موٽي سخت ورندي نه ڏي، جو جو جيڪو سخت ڳالهائڻ ۾ سرسي ڪرڻ ٿو چاهي، سو نقصان ٿو سهي، ۽ جيڪو دل ۾ سار وير ٿو رکي، سو ڪجهه به نه ٿو وٺي.

شاه صاحب جي ڏالي سان هيٺين ڪافي مشهور آهي :-

”دِل ڪر درخت جي دستور
ڌاڙپ لڳي ڇڳا ڇڻن، ميوا ۽ ٻيو ٻور
ڪهاڙو لڳي ڪوڪ نه ڪري، ڌره نه رکي سور
وڍيندڙ سان وير نه ڪري، توڙي پڄي ڪري چور
پاڻ جلائي ڇانو ڪري، نت اُنهيءَ تي نور
عبدالشاه لطيف چوي، حاصل ڏين حضور.“

پتيءَ سان چکيا تي چڙهي! ڪهڙو نه پتيءَ سان پيار هوس! مرڻ گهڙيءَ به سندس ڀاسو نه ڇڏيائين." اِهي لفظ ٻڌي پدماوتيءَ ٿورو مرڪيو. تنهن تي راڻيءَ ڪانئس پڇيو ته ڇو ٿي مرڪين؟ پدماوتيءَ وراڻي ڏني ته "پياري، تون ته ڀاڄائيءَ کي ٻڌائي پيئي ٻڌائين. پتيءَ سان گڏ پاڻ کي ساڙڻ ڪا وڏي ڳالهه آهي ڇا؟ اهو ته اڄ ڪلهه جو رواج آهي. سڀڪنهن استريءَ کي لوڪ لڄا جي ڪري ائين ڪرڻو ٿو پوي، پوءِ ڪيس پتيءَ سان پريت هجي خواه نه هجي. تنهنڪري ائين نه سمجهڻ گهرجي ته جا استري پنهنجي مڙس سان چکيا تي چڙهي ٿي، تنهنکي پنهنجي پتيءَ لاءِ ضرور پيار هوندو. مان ته جيڪر سچي اُنهيءَ کي سڏيان، جا پنهنجي پتيءَ جو مرتيو ٻڌندي ئي پران تياڳي. سچي پيار جي نشاني ته اِها آهي." تنهنتي راڻيءَ چيو ته "اهڙي سچي ته ساري جڳتر ۾ تون ٿي پائجين. اسانکي ته ٻي سُجهيئي ڪانه ٿي."

اُنهيءَ ڏينهن کان وٺي راڻيءَ کي ڏاڍي آنڌ مانڌ ٿي پيئي ته ڪنهن به دستور پدماوتيءَ جي پريم جي پريکيا لهان. سو هڪڙي ڀيري جڏهين ڀڳت جئديو ڪنهن ڪم تي شهر ڇڏي ٻاهر نڪتو هو، تڏهين راڻيءَ پنهنجي نوڪرن مان هڪڙي کي سيکاري ڇڏيو ته سڀاڻي فلاڻي وقت جڏهين پدماوتي ۽ مان محلات ۾ گڏ هجون، تڏهين تون روئي اچي هيءَ خبر ڏج ته ڀڳت جئديو کي هڪڙي شينهن جهنگ ۾ ماري وڌو. ٻئي ڏينهن جڏهين راڻيءَ پدماوتيءَ سان محلات ۾ ڳالهيون ٻولهيون ويٺي ڪيون، تڏهين اوچتو

وڌيڪ هتي ٽِڪي پئو، انهيءَ لاءِ ته ڌرم جو سلو جو هيٺئين ٽاڙو اُپريو آهي، سو سڀني وڏي وڏو وڻ ٿي پوي. راڻيءَ جي پاڻ اِها اِڇا آهي ته اوهانجي استريءَ جو درسن ڪريان. جي آگيا ٿئي، ته مان وڃي اوهان جي استريءَ کي هٿ وٺي اچان." پڪيت وراڻي ڏني ته "پيارا، تنهنجو پريم ڏسي منهنجي دل نرم ٿي ٿئي ته ڪو مان توکي نراس ڪريان. چڱو ڀلا، تون پدماوتيءَ کي هٿ وٺي اچ." انهيءَ جواب تي راجا ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ پوءِ هو پاڻ سڀي سنهري پدماوتيءَ کي ڏاڍي مان شان سان پنهنجي نگر ڏي وٺي آيو، ۽ راڻيءَ کي حڪم ڏنائين ته تون داسي ٿي هنجي شيوا ٽهل ڪر. راڻيءَ کي پدماوتي ڏاڍي وڻي ويئي، ويتر جو راجا ٽاڪيد ڪيو هوس ته هنجي بلڪل چڱي خاطري پيئي ڪجي، تنهنڪري هوءَ ڏينهن رات سندس پرگهور پيئي لهندي هئي، جيڪس اِئين چئجي ته هوءَ سندس گولي ٿي گذاريندي هئي.

پدماوتيءَ جي اچڻ کان ٿورا ڏينهن پوءِ راڻيءَ جي ڀاءُ کي سخت تپ ٿي پيو. سندس چڱائڻ لاءِ حڪيمن ۽ ويدن گهڻيئي اُپاءُ ڪيا، پر فائدو فائدي جي ماڳ اُٽلندو مرض ويو زور پوندو. جيئن پوءِ تيئن مرض ويو وڌندو ۽ آخر هو هيءَ ديهي ڇڏي پرلوڪ پڌاريو. دستورموجب راڻيءَ جي ڀاڄائي پنهنجي پتيءَ سان چکيا تي چڙهي. انهيءَ موقعي کان ڪي ڏهاڙا پوءِ راڻيءَ هڪڙي ڏينهن پدماوتيءَ سان اوڀاريون لهواريون ڳالهيون پئي ڪيون. ڳالهين ڪندي هوءَ پنهنجي ڀاڄائيءَ جي ساراهه اچي ڇيڙڪي. چي "ستي ته هيڙي چئجي. ڏنءِ ته ڪهڙيءَ نه خوشيءَ سان هوءَ پنهنجي

جيئري ئي ڀاڪي جلائي ڇڏيان." سو هن لهو ڀي پڇائي هڪ چڪيا ٺهرائي ڀاڪي جيئري ئي آگني سنسڪار ڪرڻ جو آرنڀ ڪيو.

تنهن وچ ۾ سري چند يو صاحب کي هن سموري قصي جي خبر وڃي پهتي. سو جلد اچي سر زمين تي وارد ٿيو، ۽ راڻيءَ کي چيائين تہ "هي سُپتري، تون ڇو حياتيءَ مان ڪڪ تي پيئي آهين؟ پڙ و ڪين اٿيئي تہ "آپ گهاتي مها پاپي." تو کي ايترو شوڪ ڇو ٿيو آهي؟ جيڪي پرماتما ڪري ٿو، تنهن ۾ ڪانہ ڪا حڪمت رکيل آهي. هن منجهہ ڪا چڱائي هوندي." ائين چئي هو يڪتارو کڻي پنهنجي استريءَ جي لاشي اڳيان گهڻي پريم سان گيت گوبند ڳائڻ ۾ لڳي رهيو. بس، ڪرتار جي قدرت! اوڏي مهل ڇا ٿيو جو پريم ڀريل گيتن جي پرتاب ڪري پدماوتيءَ ۾ اوچتو اچي ساهہ پيو، ۽ هوءَ ڪڙي ٿي پنهنجي پتيءَ سان گڏ ويهي ڳائڻ لڳي.

هيءَ اسرار ڏسي سيٺي جا ڏند ڇپڻ سان لڳي ويا، ۽ هو خوشيءَ وچون ڳوڙها ڳاڙڻ لڳا. راجا ۽ راڻيءَ کي نهايت خوشي ٿي. هٿي ٻڌي ۽ سندس استري جي چرڻن تي ڪري پيا، ۽ سندن مهما ڪرڻ لڳا. اُنهيءَ ڏينهن ساري نگر ۾ شادمانا ٿي ويا. ٺڪاڻن ۽ مندرن ۾ ديگيون رڌائي غريبن غربن کي پئي کارايائون. سارو ڏينهن ڪٿا ڪيرتن پئي هليو، ۽ رات جو ساري نگر جي ماڻهن پنهنجن گهرن

اُهو نوڪر منهن مٿو پٽيندو ۽ ڳوڙها ڳاڙيندو اندر گهڙي آيو، ۽ چوڻ لڳو ته ”هاءِ هاءِ! اسانجو پيارو ڀڳت چنڊ ديو اوچتو چلي رهيو.“ تنهنتي راڻيءَ ڏڪ ۽ ساهه کڻي کانئس پڇيو ته ”هان! ڇا ٿيس؟“ نوڪر سڏڪا ڀري چيو ته ”راڻي، ڪهڙو حال ڪريان! ڳالهه ڪندي منهنجو جيءُ ٿو جلي؛ منهنجا ڇهه ڏا ڇڄن. جيئن اسانجو پيارو ڀڳت جهنگ مان ٿي موٽيو، تيئن هڪڙي ندوري شينهن کيس ماري وڌو. بس، اسان جي نگر جي ڪمبختي ٿي ڏسجي، جو هڙا مهاپرش اسانکان هميشه وڇڙيو وڃن.“

هيءَ خبر پڌي پدماوتي مورڇا ٿي ڪري پيئي، ۽ اُتي جو اُتي پران تيا ڳيائين. اهو حال ڏسي راڻيءَ جو منهن لهي ويو، ۽ او چنگارن ۾ اچي چتڪي، چي ”مون ڇا ڪيو! ڇا مان ڇا ٿي پيو! اڙي ڪنهن ٿي سمجهيو ته سچ پچ پدماوتي پتيءَ جو مرتيو پڌندي ئي پران تيا ڳيندي! بس، منهنجا ڪرم ڪوڙا ڏا ڏسجن. مون ڪهڙو نه اُگر پاپ ڪيو، جو هڙي مهاتما کي سنديس پتورتا استريءَ کان وڇوڙيم. لوڪ ڇا چوندا! ائين ئي سمجهندا ته مان ڪا ڏائڻ آهيان، جو اهڙيءَ سيلونت استريءَ کي ٻه نه سٺم.“ ساري نگر ۾ واءِ ويلا ٿي ويئي. جڏهين راجا جي ڪَن تي هيءَ ڳالهه پيئي، تڏهين راجا راڻيءَ تي ڏاڍو ڪوپ ٿيو ۽ کيس گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو، چي ”تو اسانجي ڪُل تي ڪلنڪ لڳايو. تو برهم هتيا ڪئي آهي. تو جهڙي نه ڇائي پلي.“ اهي لفظ پڌي راڻيءَ کي نهايت شوڪ ٿيو. دل ۾ چيائين ته ”بس، هينئر حياتي مون لاءِ وِهُه آهي. بهتر ائين ٿيندو جو مان

ਗੂਜਰੀ ਸ੍ਰੀ ਜੈਦੇਵ ਜੀਉ ਕਾ ਪਦਾ ਘਰੁ ੪

੧ ਓ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਪਰਮਾਦਿ ਪੁਰਖ ਮਨੋਪਿਮੰ ਸਤਿ ਆਦਿ ਭਾਵ ਰਤੰ ॥ ਪਰਮਦਭੁਤੰ ਪਰਕ੍ਰਿਤਿ ਪਰੰ ਜਦਿਚਿੰਤਿ ਸਰਬ ਗਤੰ ॥ ੧ ॥ ਕੇਵਲ ਰਾਮ ਨਾਮ ਮਨੋਰਮੰ ॥ ਬਦਿ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਤਤਮਇਅੰ ॥ ਨਦ ਨੋਤਿ ਜਸਮਰਣੇ ਨ ਜਨਮ ਜਰਾਧਿ ਮਰਣ ਭਇਅੰ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਇਛਸਿ ਜਮਾਦਿ ਪਰਾਭਯੰ ਜਸੁ ਸ੍ਵਸਤਿ ਸੁਕ੍ਰਿਤ ਕ੍ਰਿਤੰ ॥ ਭਵ ਭੂਤ ਭਾਵ ਸਮਬਿਅੰ ਪਰਮੰ ਪ੍ਰਸੰਨੰ ਮਿਦੰ ॥ ੨ ॥ ਲੋਭਾਦਿ ਦ੍ਰਿਸਟਿ ਪਰਗ੍ਰਿਹੰ ਜਦਿ ਬਿਧਿ ਆਚਾਰਣੰ ॥ ਤਜਿ ਸਕਲ ਦੁਹ ਕ੍ਰਿਤ ਦੁਰਮਤੀ ਭਜੁ ਚਕ੍ਰ ਧਰ ਸਰਣੰ ॥ ੩ ॥ ਹਰਿ ਭਗਤ ਨਿਜ ਨਿਹਕੇਵਲਾ ਰਿਦ ਕਰਮਣਾ ਬਚਸਾ ॥ ਜੋਗੇਨ ਕਿੰ ਜਗੇਨ ਕਿੰ ਦਾਨੇਨ ਕਿੰ ਤਪਸਾ ॥ ੪ ॥ ਗੋਬਿੰਦ ਗੋਬਿੰਦੇਤਿ ਜਪਿ ਨਰ ਸਕਲ ਸਿਧਿ ਪਦੰ ॥ ਜੈਦੇਵ ਆਇਉ ਤਸ ਸਫੁਟੰ ਭਵ ਭੂਤ ਸਰਬ ਗਤੰ ॥ ੫ ॥ ੧ ॥

گوجري سري ڄئديو جيئہ کا پدا گهر چوٿان شبد (۱)

ايک اونکار ستگور پرساد

(۱) پرمادِ پرکہ منوپمن، ستِ آدِ ڀاو رتن

پرمد ڀتن پرکرتِ پرن، جدِ چنتِ سرب گتن

ارٿ:- پرماتما سڀ کان وڏو ۽ سڀني جي آد پ آهي يعني انهيءَ کان اڳي ڪوبہ نہ هو. هو پورن آهي ۽ هو اپما کان رهت آهي يعني هن جهڙو ٻيو ڪونهي، جنهن سان هنکي ڪٿي پيٽجي. هو ست آهي يعني هميشه جيئرو جاڳندو آهي ۽ ڪڏهين ناس نہ ٿو ٿئي. هو چت آهي يعني پرڪاشوان آهي ۽ آنند روپ آهي.

۽ ٻئيون ۽ هنديون ڪٽي ٻاريون، جنهنڪري اهڙي رونق لڳي ويئي جهڙي اڳي ڪانہ لڳي هئي. اُنهيءَ ڏينهن ٻزار ۾ ڏسط وڻان هئي. سڀني دڪاندارن پنهنجا دڪان پنهنجي پنهنجي نموني ۾ سينگاري ڇڏيا هئا. مطلب تہ هر طرح اُهو ڏينهن ڇڳيءَ پر ملهايو ويو.

سري چندديو صاحب ۽ سندس سُپٽني ڪجهہ وقت آڳڪال جي راڄا وت گذاري پنهنجي وطن ڪنڊوليءَ ۾ موٽي آيا، ۽ پوءِ ڪڏهين ٻہ سفر تي ڪونہ نڪتا. وٽن هميشہ ساڌ ۽ مهاتما تڪيا پيا هوندا هئا. هڪڙا پيا ويندا هئا، تہ ٻيا پيا ايندا هئا. ڏينهن رات وٽن ڪٿا ڪيرتن ۽ ڀڄن ڀاءُ پيو ٿيندو هو. سوين ماڻهو وٽن ايندا هئا، جنکي اُپديش ڏيئي نهال ڪندا هئا. پدماوتي پنهنجي هٿن سان سڀ ڀوڄن تيار ڪري پتيءَ ۽ سندس مترن کي کارائيندي هئي، ۽ گهر جي صفائي سٿائي ۽ اُٿي ويٺي ٻہ پاٺ ڪندي هئي. سندس پتيءَ کي انهيءَ ڪري گهر جي ڪنهن قسم جي ڳڻتي ڪانہ هوندي هئي، ۽ هو سڄو ڏينهن سنتن جي شيوا ۾ ۽ هڪ سچي پاربرهم جي پريما ڀڳتيءَ ۾ مگهن هوندو هو.

سري گورو ارجن ديو سچي پاتشاه ڀڳت چندديو جا فقط ٻہ شبد سري گرو گرنٿ صاحب تي چاڙهيا آهن، جن مان هڪ يوگہ بابت راڳہ ملار ۾ اچي ٿو ۽ ٻيو شبد جو مهاسندر آهي، ۽ جنهن ۾ پرماتما جي اُستت آهي، سو راڳہ گوجري ۾ اچي ٿو، جنهنجو ارٿ هٿي ڏجي ٿو.

تہ هينئر، گذريل وقت ۾ ۽ ايندڙ وقت ۾ ساڳيو ئي هڪ پرماتما آهي. هنگي پرم پرسن روپ جاڻ. [اِڇس = جي اِڇا ڪرين ٿو. جماد پرايين = جم آد جي پو ڪان پري ٿيان. جس سوست = ڪلياڻ روپ پرماتما جو جس ڳاءِ. سڪرت ڪرتن = سڪرت ڪر. پو = هينئر. پوت = گذريل وقت ۾. ڀاو = ايندڙ وقت ۾. سم پيئن = ساڳيو ئي آهي. پرمن پرسنن = پرم پرسن روپ. مِدن = اِدن يعني هنگي جؤ.]

(٣) لوپادِ دِرشٽِ پر گِرهن، جدِ پِڌِ آچرڻن
تجِہ سڪل دهہ ڪرت درمتي، ڀجہ چڪر ڏرسرڻن

ارٿ :- جيڪڏهين وِڏي پورٻڪ شاسترن موجب شُڀ ڪرم ڪرڻا اٿيئي، تہ پرائي گهر تي لوڀ جي نظر ڦٽي ڪر ۽ سڀ کوٽا ڪرم ۽ کوٽي مت پڻ ڇڏي ڏي ۽ پرماتما جي سرن وٺي سندس ڀڄن ڪر. [لوپا درشٽ پر گرهن = پرائي گهر تي لوڀ وغيرهہ جي نظر. جد پِڌ آچرنن = جيڪڏهين وڏي پورٻڪ شاسترن موجب شُڀ ڪرم ڪرڻا اٿيئي. تجہ = ڇڏي ڏي. دهہ ڪرت = کوٽا ڪرم. درمتي = کوٽي مت. چڪر ڌر = پربھ، جنهنگي چڪر هٿ ۾ آهي. سرڻن = هنجي سرڻ ۾ اچ.]

(٤) هرِ ڀڳت نجہ نِهڪيولا، رد ڪرمڻا ڀچسا
جو ڳين ڪِن، جڳين ڪِن، دانين ڪِن تپسا

ارٿ :- هي ڀائي! جنهن من، وچن ۽ ڪرمن سان هڪ سچي پار برهم جي پريما ڀڳتي ڪئي آهي، تنهن لاءِ جوڳہ

هو پريم پر رتال آهي. هو مها اسچرج روپ آهي ۽ پرڪرتي يعني مايا کان پري آهي. جڏهين مان جنتن يعني خيال ڪريان ٿو، تڏهين هنکي سروويابي سمجهان ٿو. [پرماد= جو سڀني کان وڏو ۽ سڀني کان اڳي آهي. پُرکر= پورن. منوپمن= انوپ، اُپما رهت. ست آد= ست، چت ۽ آنند. پاورتن= پريم پر رتل. پرمديتن= مها اسچرج روپ. پرڪرت پرن= پرڪرتي يا مايا کان پري. جد جنت سرب گتن= جڏهين مان جنتن يعني خيال ڪريان ٿو؛ تڏهين هنکي سروويابي سمجهان ٿو.]

ڪيول رام نام منو رمن، بدِ اَمرت تت مئٿن
نَدنوت جسمرٿي نہ جنم جراد مِرتِ پٿن

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- پريوءِ جو ڪيول نام سندر يا منوهر آهي. جؤ تہ اُهو امرت جي سار سان ڀريل آهي، جنهنجي سمرن ڪري جنم، پيدائش ۽ مرتّ جي ڀپ جا دکہ نہ ٿا ٿين. [منو رمن= منوهر يا سندر. بد= جؤ. امرت تت مٿن= امرت جي سار سان ڀريل. نَدنوت= دکہ نہ ٿا ڏين. جسمرٿي= جنهنجي سمرڻ ڪري. جراد= پيدائش وغيره جا. مرت پٿن= مرتّ جو ڀپ.]

(۲) اِڇس جماد پراپين، جس سُوسٿ سُڪرتِ ڪِرتن
پو پوت پاو سم پيئن، پرمن پر سندن مدن

ارٿ:- جي اِڇا ڪرين ٿو تہ جم آد جي پو کان پري ٿيان تہ ڪلياڻ روپ پرماتما جو جس ڳاءِ ۽ سُڪرت ڪر ۽ ائين چاڻ

صاحب چون ٿا ته پرماتما سڀ کان وڏو ۽ سڀني جي آدم آهي يعني اُنهيءَ کان اڳي ڪو به نه هو. هو پُورن آهي، هو اُپما کان رهت آهي يعني هن جهڙو ٻيو ڪونهي، جنهن سان هنکي ڀيٽجي. هو ست آهي يعني هميشه جيئرو جاڳندو آهي ۽ ڪڏهين ناس نه ٿو ٿئي. هو چت آهي يعني پرڪاشوان آهي ۽ آنند روپ آهي. هو اسچرج روپ آهي، هو مايا کان الڳ آهي. هن سڀني کي رچيو، پر ڪيس ڪنهن ڪو نه رچيو آهي. هو سرو وياپڪ آهي. اهڙي پرماتما سان ڪيئن ملجي؟ صاحب اُپديش ڪن ٿا ته هي پيارا! جيڪڏهين پائڻين ته پريوءَ سان ملان ته اُنجو نام جپ. هنجو نام امرت سان ڀريل آهي ۽ من کي شانتي ڏيندڙ آهي. سندس نام ئي هڪ اُپاءُ هنکي پائڻ جو آهي ۽ ٻيو ڪونهي. نام ڏ پائڻ مان اهو لاڀ ٿيندو، جو تون جنم، پيدائش ۽ مرڻ جي ڀوَ کان ڇٽي پوندين. هي جيو! جي تنهنجي اِڇا آهي ته ڦهري ڪال جي ڇنبي کان ڇٽان، ۽ آنند روپ پرماتما جا گڻ ڳايان ۽ چڱا ڪرم ڪريان، ته هيٺين پنجن ڳالهين تي ويچار ڪر.

(١) لوڀ کان پاسو ڪر (٢) پرائي استري ماءُ ڀيڻ يا ڌيءُ ڪري سمجهه (٣) آڳيان جا سڀ ڪرم تياڳ (٤) ڪُبڌ ۽ ڪوڙا ڪم ڇڏي ڏي (٥) سچي پرماتما جو آسرو وٺ. هي پائي، جنهن من، وچن ۽ ڪرم سان هڪ سچي پاربرهم جي پريما پڪتي ڪئي آهي، تنهن لاءِ يوگ ڪهڙي

ڪهڙي ڪم جا، يگيہ ڪهڙي ڪم جا، دان ڪهڙي ڪم جا ۽ تپ ڪهڙي ڪم جا آهن؟ (ڀاو- هن سچي مالڪ جي ڀڳتي ڪري گهڻو لاڀ ٿاتو آهي ۽ هو رڌين ۽ سڌين جو مالڪ آهي.) [نجہ = ڪيول هڪ پرماتما جي. نهڪيولا = شڌ. رد ڪرمڻا ٻچسا = رڌي ڪرمن ۽ وچڻن سان. جوگين ڪن = جوگہ سان اسانجو ڇا؟ جڳين ڪن = يگن سان اسانجو ڇا؟ دانين ڪن = دان سان اسانجو ڇا؟ تپشا = تپشائن سان اسانجو ڇا؟]

(٥) گوبندَ گوبِندَ يتْ، جَپِ نَرَ سڪالَ سِڌِ پَدَنْ
جِڳديو آئِتہ تَس سڦُلنْ، پوِ پوُت سَرب گتَنْ.

ارٿ:- هي ڀائِي! گوبند گوبند ائين ڪر يعني گوبند گوبند جو ذالو ٻيو اُچار تہ توکي سڀ سڌين جا پد يا سڌيون هٿ اچن. جڳديو ڀڳت هٿ جوڙي پرڀوءَ کي وينتي ڪن ٿا تہ "مان ڪُليو ڪُلايو تنهنجي سرڻ ۾ آيو آهيان، جو تون هاڻي بہ آهين، اڳي بہ هوئين ۽ سرووياپي آهين." [گوبند گوبند يت = گوبند گوبند ائين ڪر يعني گوبند گوبند جو ذالو ٻيو اُچار. نر = جيو. سڪال = سڀ. سڌ پدن = سڌين جا پد يا سڌيون. سڦلن = کليو کلايو. پو = هاڻي. ڀوت = گذريل وقت ۾. سرب گتن = سرووياپي.]

ٿات پرچ

هن من موهيندڙ شبد ۾ سري جڳديو صاحب جن ٽن ڳالهين جو ورنن ڪن ٿا:-

(١) پرماتما جي اُستتي (٢) جيوَ کي ڇا ڪرڻ جڳائي (٣) يوگہ، يگيہ، دان ۽ تپ وئرٿ آهن ۽ ڪيول هري پرماتما جي ڀڳتي اُتم آهي.

੧ ਓ ਸਤਿਨਾਮੁ ਕਰਤਾ ਪੁਰਖੁ ਨਿਰਭਉ ਨਿਰਵੈਰੁ
ਅਕਾਲ ਮੂਰਤਿ ਅਜੂਨੀ ਸੈਭੰ ਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਰਾਗੁ ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ

ਮਹਲਾ ੪ ਘਰੁ ੧

ਸੇਵਕ ਜਨ ਬਨੇ ਠਾਕੁਰ ਲਿਵ ਲਾਗੇ ॥ ਜੋ ਤੁਮਰਾ ਜਸੁ ਕਹਤੇ ਗੁਰਮਤਿ ਤਿਨ ਮੁਖ ਭਾਗ ਸਭਾਗੇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਟੂਟੇ ਮਾਇਆ ਕੇ ਬੰਧਨ ਫਾਹੇ ਹਰਿ ਰਾਮ ਨਾਮ ਲਿਵ ਲਾਗੇ ॥ ਹਮਰਾ ਮਨੁ ਮੋਹਿਓ ਗੁਰ ਮੋਹਨਿ ਹਮ ਬਿਸਮ ਭਈ ਮੁਖਿ ਲਾਗੇ ॥ ੧ ॥ ਸਗਲੀ ਰੈਣਿ ਸੋਈ ਅੰਧਿਆਰੀ ਗੁਰ ਕਿੰਚਤ ਕਿਰਪਾ ਜਾਗੈ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਕੇ ਪ੍ਰਭ ਸੁੰਦਰ ਸੁਆਮੀ ਮੋਹਿ ਤੁਮ ਸਰਿ ਅਵਰੁ ਨ ਲਾਗੇ ॥ ੨ ॥ ੧ ॥

ايڪ اونڪار ستِ نامُ ڪرتا پُرکھ نربهَؤ نِروَيرُ
آڪال مورتِ آجوني سئيڀن گور پرساد

راڳ ديو گنڌاري

محلا چوٿان گهر پهلا شبد (١)

پرماتما جي سنمکھ وينتي

شيوڪ جن بني ٺاڪر لِو لاڳي
جو تُمرا جس ڪهتي گورمتِ، تنهه مکھ ڀاڳ سڀاڳي
(اِڪ، رهاءُ)

ڪرم جا، يڳيه، کهڙي ڪرم جا، دان کهڙي ڪرم جا، ۽ تپ کهڙي ڪرم جا آهن؟ هن سچي مالڪ جي ڀڳتيءَ ڪري کهٽو لاڀ پاتو آهي. هو رڌ ين سِڌ ين جو مالڪ آهي. هي من! تون به هري جو نام جپ، ته نهال ٿين.

صاحب پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي آزمودي مان چون ٿا ته اسان يوگ، يڳيه، تپ، دان ۽ ٻيا آنيڪ ڪرم ڪيا، پر انهن مان ڪي به ڪين وريو. آخر جڏهين سچي پرماتما جي سرن پڪڙيسين، تڏهين سچو سک اسانکي نصيب ٿيو. گوروانيءَ ۾ به چيل آهي ته

”سڀ ڌرم نهڦل مان
سڀ ڪرم ڦوڪٽ جان
بن ايڪ ڀڳت ڀڳوان.“

ست سري آڪال!

ਮਧੁਰੀ ਠਾਕੁਰ ਭਾਈ ਓਹ ਸੁੰਦਰਿ ਹਰਿ ਢੁਲਿ ਮਿਲੀ ॥ ੧ ॥ ਏਕੋ ਪ੍ਰਿਉ ਸਖੀਆ ਸਭ ਪ੍ਰਿਅ ਕੀ ਜੋ ਭਾਵੈ ਪਿਰ ਸਾ ਭਲੀ ॥ ਨਾਨਕ ਗਰੀਬੁ ਕਿਆ ਕਰੈ ਬਿਚਾਰਾ ਹਰਿ ਭਾਵੈ ਤਿਤੁ ਰਾਹਿ ਚਲੀ ॥ ੨ ॥ ੨ ॥

ديو گنڌاري محلا چوٿان شبد (۲)

اُٿانڪا :- هن من موهيندڙ شبد جي پهرين ٻن ٽڪن ۾ هڪ پريمي سکر سنگتيءَ جو پرشن آهي ۽ پوين ٽڪن ۾ ستگورن جو اُتر آهي. سِکر داسيءَ ڀاو سان پرشن ڪري ٿو.

ميرو سُندرُ ڪهُر مِليءَ ڪِتُ گَلي

هَرِ ڪي سَنت بتاوهُ مارگُر، هم پيڇيءَ لاگِر چلي

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- (پرشن) هي هريءَ جا سنتو! ٻڌايو ته منهنجو سندر پتي پرماتما ڪهڙي رستي ملندو. مان اوهان جي پٺيان لڳي پيئي هلان، ڪو رستو ڏسيو. [گلي = ڳالهين يا گهٽي.]

(۱) پِرئُ ڪي بچن سُکاني هيئري، اِهَ چال بني هيءَ پلي

لَٽُري مَڌُري ڏاڪُر پائي، اوهُ سُندرِ هرِ ڍُلِ ملي

ارٿ :- (اُتر) هي سکي! پياري پرماتما جا وچن جن جي هردي کي عمدا لڳا آهن يعني جيڪي ايشور جي ڀاڻي ۾ پنل آهن، تن لاءِ اهوئي سنو رستو آهي، پوءِ ڪٺي اهي ماٺهو ڪهڙا به جنچل هجن ۽ گڻن رهت هجن، تہ به جاڪاڻ ته اهي سندر هريءَ کي پيارا لڳن ٿا، تنهنڪري اهي سنسار کان ڦري ڪري، هريءَ پياري سان ملي ويا آهن. [پرئُ = پيارو. سُکاني = عمدا. هيئري = هردو. لٽري = جنچل. مڌري = ننڍا يعني گڻن کان خالي. ڍل = ڦري.]

ارٿ:- هي ٺاڪر! تو ۾ پريت لڳائڻ ڪري تنهنجا داس سوڀاڳمان ٿيا آهن. هي پريو، جي گوروءَ جي سکيا ڏاران تنهنجو جس ڳائين ٿا، انهنجا سريشٽ ڀاڳ آهن، جنهنڪري اُهي سڀاڳا جوڙ ۾ اچن ٿا.

(١) تُوٽي مائِيا ڪي ٻنڌن ڦاهي، هَرِ رام نام لِوَ لاڳي
همرا مَنُ موهِئو گور موهَن، هم بِسمِ ڀئي مُکِ لاڳي

ارٿ:- هي هري رام! جيڪي تنهنجي نام ۾ لِنوَ لڳائي رهيا آهن، تنهنجا مايا ۾ ڦاسائڻ وارا ٻنڌن ٽٽي ويا آهن. هي من موهن گورو! منهنجو من تو موهي ڇڏيو آهي. تنهنجي ساکيات درشن ڪرڻ تي مان تہ اسچرج ۾ پئجي ويو آهيان! [بسم ڀئي = اسچرج ۾ پئجي ويو آهيان.]

(٢) سَگلي رَئِڻِ سوئِي انڌِياري، گور ڪِنچِت ڪِرپا جاڳي
جَن نانڪ کي پرڀ سُندر سوامي، موهِ تُم سَرِ اَوُرُ نہ لاڳي.

ارٿ:- اسين اگيان روپي اوستا جي انڌاري رات ۾ سُتا پيا هئاسين، پر جڏهين گورن جي ٿوري ئي ڪرپا ٿي تہ گيان روپي جاڳرت اوستا ۾ اچي سجاڳ ٿيا آهيون. سري گورو جن فرمائين ٿا تہ ”هي سندر سوامي پريو! مون داسيءَ کي هاڻي اوهان جي برابر ٻيو ڪوبہ ڪونہ ٿو لڳي. (ڀاو- منهنجو مالڪ هڪ تون ئي آهين.)“ [ڪنچت = ٿوري.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ

ਮੇਰੋ ਸੁੰਦਰੁ ਕਹਹੁ ਮਿਲੈ ਕਿਤੁ ਗਲੀ ॥ ਹਰਿ ਕੇ ਸੰਤ ਬਤਾਵਹੁ ਮਾਰਗੁ ਹਮ ਪੀਛੈ ਲਾਗਿ ਚਲੀ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਪ੍ਰਿਅ ਕੇ ਬਚਨ ਸੁਖਾਨੇ ਹੀਅਰੈ ਇਹ ਚਾਲ ਬਨੀ ਹੈ ਭਲੀ ॥ ਲਟੁਰੀ

ਸਤਿਗੁਰ ਪੁਰਖੁ ਮਨਾਵਹੁ ਅਪਨਾ ਹਰਿ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਪੀ ਝੋਲੀਐ ॥ ਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ਜਨ ਨਾਨਕ ਪਾਇਆ ਹਰਿ ਲਾਧਾ ਦੇਹ ਟੋਲੀਐ ॥ ੨ ॥ ੩ ॥

ديو گنڌاري محلا چوٿان شبد (٣)

پريم سان پريو پائجي ٿو.

ميري مَن، مِکَر هَرِ هَرِ ٻولِيئيِ

گُرمکِ رَنگِ چلُولئِ راتِي، هَرِ پريم ڀيني چوليئيِ

(اِک رهاءُ)

ارٿ :- هي منهنجا مَن! مکر سان هري هري ٻوليندو رھُ. گورن ڏئاران پريم جي گھاٽي رنگ ۾ منهنجي پُڏي رنگي ڀيٺي آهي ؛ هريءَ جي پريم سان منهنجو ديھ روپي چولو پنو پيو آهي. [چلولئِ = تکو، گھاٽو. چوليئيِ = چولو.]

(١) هَئُں ڦِرؤنْ دِوانِي آوَلَ باوَلَ، تِسُ کارڻِ هَرِ ڍُوليئيِ

کوئِي ميلئِ ميرا پرِيتمِ پيارا، هَمِ تِسُ کِي گُلِ گوليئيِ

ارٿ :- تنهن ڍول هريءَ جي ملڻ لاءِ مان ديواني ٿي هيڏانهن هوڏانهن ڦران پيئي. منهنجو پيارو پريتم ٻتي پرماتما کو مونکي ملائي تہ مان اُنجي داسن جي ۾ داسي ٿي گذاريان. [آول باول = هيڏانهن هوڏانهن (٢) باوري، جري، ديواني. کارڻ = لاءِ. ڍوليئيِ = ڍول، ڍولڻ، پيارو. گل گوليئيِ = داسن جي داسي.]

(٢) ستگُورُ پُرکُ مَناوَهُ آپنا، هَرِ آمرِتَ پِي جھوليئيِ

گُورِ پرسادِ جَن نانَک پائِيا، هَرِ لاڌا ديھ ٽوليئيِ.

ارٿ :- ستگور پرش کي مان منايان ٿي، جنهنکري واشنائن

(٢) ايڪو پرکُ سکيئان سڀ پرکَ ڪي، جو ڀاوي پِر، سا ڀلي

نانڪُ غريبُ ڪِيا ڪري بِچارا، هرِ ڀاوي تِت راهِ چلي.

ارٿ:- اُهو پتي پرماتما هڪ ئي آهي ۽ سڀ جيو اُن پياري جون سکيون يا استريون آهن، پر جيڪي سکيون اُن پرماتما پتيءَ کي وڻن ٿيون، سي ئي چڱيون آهن. گورو جن فرمائين ٿا تہ مان غريب ۽ ويچارو ڇا ڪري سگهان؟ جيڪي هريءَ کي وڻن ٿا، سي اِنهيءَ رستي ۾ هلن ٿا.

سري گورو امر ديو جن وڏهنس جي وار ۾ فرمائين ٿا تہ:-

"اِسَ جگَ مهِ پُرکُ ايڪ هيءِ، هور سگلي نارِ سبائي."

يعني هن سنسار ۾ ناٿ هڪڙوئي آهي، ٻيون سڀئي هنجون استريون آهن.

شاهہ عبداللطيف پڻ "ليلان چنيسر" ۾ فرمائين ٿا:-

"مون وَرُ تون ئي تون، تو وَرُ مون ڪيترين."

يعني هي مالڪ! منهنجو گهوٽ هڪڙو تون آهين، پر تو گهوٽ جون ڪيتريون ئي استريون آهن. (ڀاو- پرماتما هڪ آهي ۽ جيو آتمائون هنجون استريون آهن يعني هن تي تعلق رکن ٿيون.)

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ

ਮੇਰੇ ਮਨ ਮੁਖਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਬੋਲੀਐ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਰੰਗਿ ਚਲੂਲੈ ਰਾਤੀ ਹਰਿ ਪ੍ਰੇਮ ਭੀਨੀ ਚੋਲੀਐ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਹਉ ਫਿਰਉ ਦਿਵਾਨੀ ਆਵਲ ਬਾਵਲ ਤਿਸੁ ਕਾਰਣਿ ਹਰਿ ਢੋਲੀਐ ॥ ਕੋਈ ਮੇਲੈ ਮੇਰਾ ਪ੍ਰੀਤਮੁ ਪਿਆਰਾ ਹਮ ਤਿਸਕੀ ਗੁਲ ਗੋਲੀਐ ॥ ੧ ॥

ناس ڪري ڇڏيو آهي. [اُپما = ساراهہ. بئسنتر = باهہ. جار = ساڙي ڇڏيو آهي. ڏار = ڏاهي ڪري، ناس ڪري.]

(٢) جو آوت سرڻ ٺاڪُر پربھُ تُمري، تِسُ راکھُ ڪِرپا ڌارِ
جنَ نانڪَ سرِڻ تُماريِ هرِ جيئُ، راکھُ لاج مُرارِ.

ارٿ:- هي پربهو! جيڪو تنهنجي سرڻ ۾ اچي ٿو، تنهنکي تون ڪرپا ڪري رکي وٺين ٿو. صاحب وينتي ڪري چوي ٿا ته "هي هري! اسين تنهنجي سرڻ آيا آهيون. هي مراري! اسانجي لڄ تون رکہ." [مرار = مرڏئت جو دشمن، سري ڪرشن ڀڳوان، واهگوروء.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ

ਹਰਿ ਗੁਣ ਗਾਵੈ ਹਉ ਤਿਸੁ ਬਲਿਹਾਰੀ ॥ ਦੇਖਿ ਦੇਖਿ ਜੀਵਾ ਸਾਧ ਗੁਰ ਦਰਸਨੁ ਜਿਸੁ ਹਿਰਦੈ ਨਾਮੁ ਮੁਰਾਰੀ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਤੁਮ ਪਵਿਤ੍ਰ ਪਾਵਨ ਪੁਰਖ ਪ੍ਰਭ ਸੁਆਮੀ ਹਮ ਕਿਉ ਕਰਿ ਮਿਲਹ ਜੂਠਾਰੀ ॥ ਹਮਰੈ ਜੀਇ ਹੋਰੁ ਮੁਖਿ ਹੋਰੁ ਹੋਤੁ ਹੈ ਹਮ ਕਰਮਹੀਣ ਕੂੜਿਆਰੀ ॥ ੧ ॥ ਹਮਰੀ ਮੁਦ੍ਰ ਨਾਮੁ ਹਰਿ ਸੁਆਮੀ ਰਿਦ ਅੰਤਰਿ ਦੁਸਟ ਦੁਸਟਾਰੀ ॥ ਜਿਉ ਭਾਵੈ ਤਿਉ ਰਾਖਹੁ ਸੁਆਮੀ ਜਨ ਨਾਨਕ ਸਰਣਿ ਤੁਮਾਰੀ ॥ ੨ ॥ ੫ ॥

ديو گنڌاري محلا چوٿان شبد (٥)

"جِنَ مَنِ هورُ مُکِہ هورُ سي ڪاڍي ڪڇِيا."

هرِ گُڻ گاويُ هئُہ تِسُ ٻلِهاري
ديکِہ ديکِہ جيوان ساڌ گور درسن، جِسُ هِردئِ نامُ مُراري
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- جيڪو هريءَ جا گڻ ڳائي ٿو، تنهن تان مان ٻلهار

کي هٿائي مان امرت پيئان ٿي. سري گورو جن فرمائين ٿا ته
انهيءَ نموني گورن جي ڪريا سان هن ديهه ۾ ئي تلاش ڪري
هريءَ جي داسن هريءَ کي ڳولي لڌو آهي. [جهوليئي = (واشنائن
کي) هٿائي. ٽوليئي = تلاش ڪري.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ

ਅਬ ਹਮ ਚਲੀ ਠਾਕੁਰ ਪਹਿ ਹਾਰਿ ॥ ਜਬ ਹਮ ਸਰਣਿ ਪ੍ਰਭੂ ਕੀ ਆਈ ਰਾਖੁ ਪ੍ਰਭੂ ਭਾਵੈ ਮਾਰਿ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਲੋਕਨ ਕੀ ਚਤੁਰਾਈ ਉਪਮਾ ਤੇ ਬੈਸੰਤਰਿ ਜਾਰਿ ॥ ਕੋਈ ਭਲਾ ਕਹਉ ਭਾਵੈ ਬੁਰਾ ਕਹਉ ਹਮ ਤਨੁ ਦੀਓ ਹੈ ਢਾਰਿ ॥ ੧ ॥ ਜੋ ਆਵਤ ਸਰਣਿ ਠਾਕੁਰ ਪ੍ਰਭੁ ਤੁਮਰੀ ਤਿਸੁ ਰਾਖਹੁ ਕਿਰਪਾ ਧਾਰਿ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਸਰਣਿ ਤੁਮਾਰੀ ਹਰਿ ਜੀਉ ਰਾਖਹੁ ਲਾਜ ਮੁਰਾਰਿ ॥ ੨ ॥ ੪ ॥

ديو گنڌاري محلا چوٿان شبد (۴)

بيهد نيزاري

اَب هم چلي ٺاڪر پهه هارِ

جب هم سرڻ پربهو کي آئي، راکه پربهو ڀاوي مارِ

(۱ ڪ رهاءُ)

ارٿ :- هاڻي مان هارائي ٺاڪر وٽ هلي آئي آهيان. هي مالڪ! جڏهين مان تو پربهوءَ جي سرن آئي آهيان، تڏهين وڻيئي ته رکيا ڪر وڻيئي ته ماري ڇڏ. [هارِ = هارائي. پهه = وٽ.]

(۱) لوڪن کي چترائي اُپما، تي بئسنتر جارِ

ڪوئي ڀلا ڪهئُه، ڀاوي برا ڪهئُه، هم تن ديئو هئي ڍارِ

ارٿ:- لوڪن جي چترائي ۽ ساراهه، اسان باهه ۾ ساڙي ڇڏي آهي. وڻين ڀلو چون، وڻين برو چون؛ اسان ته سرير جو اهنڪار

ਜਿਉ ਨਿਗੁਰਾ ਬਹੁ ਬਾਤਾ ਜਾਣੈ ਓਹੁ ਹਰਿ ਦਰਗਹ ਹੈ ਭ੍ਰਸਟੀ ॥ ੧ ॥ ਜਿਨ ਕਉ ਦਇਆਲੁ ਹੋਆ ਮੇਰਾ ਸੁਆਮੀ ਤਿਨਾ ਸਾਧ ਜਨਾ ਪਗ ਚਕਟੀ ॥ ਨਾਨਕ ਪਤਿਤ ਪਵਿਤ ਮਿਲਿ ਸੰਗਤਿ ਗੁਰ ਸਤਿਗੁਰ ਪਾਛੈ ਛੁਕਟੀ ॥ ੨ ॥ ੬ ॥ ਛਕਾ ੧

ديو گنڌاري محلا چوٿان شبد (٦)

نام ھيڻو ٻڇڙو بدڪار آھي

ھرِ ڪي نام بِنا سُندرِ ھئ نَڪَٽِي

جِئُ بيشوا ڪي گھر پُوُت جمتُ ھئ،

تِسُ نامُ پرِئو ھئ ڌرڪٽِي (اِڪ رھاءُ)

ارٿ:- ھريءَ جي نام کانسواءِ جيڪو ڪھڙو بہ سُندر ھجي تہ ھو بي نڪو يعني بدزيبو آھي. جئن ويشوا جي گھر پٽ ڄمي ٿو تہ ھن تي نالو ڌڪار جوڳو پوي ٿو. [نڪٽي = نڪ ڪٽي، نڪٽو، نڪ وڍيل، بي نڪو، بدزيبو، ٻڇڙو. ڌرڪٽي = ڌڪار جوڳو.]

(١) جِنِ ڪئ ھِردئي نا ھرِ سوامي، تي بِگڙ رُوپ بيرڪَٽِي

جِئُ نِگُرا بھُ باتا جاڻئ، اوھُ ھرِ درگھ ھئ ڀرشٽِي

ارٿ:- جنھجي ھردي ۾ ھري سوامي نہ آھي، سي بدشڪل ۽ ڪوڙھيا آھن. جئن نگرو ڪيتريون ئي ڳالھيون ڪٿي ڄاڻي تہ بہ ھريءَ جي درگاھ ۾ ھو ڪوٺي ھڏيءَ وارو سمجھڻ ۾ اچي ٿو. [بگڙ روپ = بد شڪل. بيرڪٽي = ڪوڙھيو. ڀرشٽي = ٻڇڙو، ڪوٺي ھڏيءَ وارو.]

پرماڻ:- "نگُري ڪا ھئ نام بُرا."

(٢) جِنِ ڪئُ دئيالُ ھوئا ميرا سُئامي، تِنان ساڌ جنا پَگ چَڪَٽِي

نانڪ پتِت پوِت مِل سنگتِ، گُرو ستگُرو پاڇئ ڇُڪَٽِي.

وڃان ٿو. جنهنجي هردي ۾ پرماتما جو نام آهي، تنهن ساڌو گوروءَ جو درسن ڏسي مان جيئان ٿو.

(۱) ڌُمر پوِتر پاوَن پُرکه پرَڀ سوامي، هم ڪِئُه ڪرِ مِلهه جوُٺاري

هُمريَ جيِئُه هور، مُکهُ هور هوت هيَ، هَم ڪَرم هيڻِ ڪوُڙِڏاري

ارٿ:- هي پريو سوامي! تون پوتر آهين ۽ پين کي ٻه پوتر ڪندڙ آهين. اسين اپوتر توسان ڪيئن ريت ملون؟ اسانجي اندر ۾ ڪُڙي آهي ۽ ٻاهر مکه ۾ ٻي آهي. (ڀاو- اسين اندر جا ڪوڙا آهيون.) اسين ڪوڙا آهيون ۽ ڪرمن کان رهت آهيون. [جوُٺاري = اپوتر. جيئه = اندر. هيڻ = رهت.]

(۲) همريِ مُدرِ نام هر سوامي، رِد اَنتر دُشٽ دُشٽاري

جِئُه ڀاوَهُ تِئُه راکهُ سُوامي، جَن نانڪ سَرَڻِ تُماري.

ارٿ:- هي پرماتما! منهنجي اندر دشٽن جي پليتائي آهي، تنهنکي نام جي ڄهاري سان صفا ڪندس. صاحب وينتي ڪن ٿا ته "هي سوامي! اسين تنهنجي شرن آيا آهيون. جيئن وڻيئي تيئن اسانکي رکي وٺ." [مُدر = ڄوهارو، جنهنسان زيور صفا ٿيندا آهن. دشٽ دشٽاري = ڪامادڪ وڪارن جي غليظائي.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ

ਹਰਿ ਕੇ ਨਾਮ ਬਿਨਾ ਸੁੰਦਰਿ ਹੈ ਨਕਟੀ ॥ ਜਿਉ ਬੇਸੁਆ ਕੇ ਘਰਿ ਪੂਤੁ ਜਮਤੁ ਹੈ ਤਿਸੁ ਨਾਮੁ ਪਰਿਓ ਹੈ ਧ੍ਰਕਟੀ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਿਨਕੈ ਹਿਰਦੈ ਨਾਹਿ ਹਰਿ ਸੁਆਮੀ ਤੇ ਬਿਗੜ ਰੂਪ ਬੇਰਕਟੀ ॥

ارٿ :- اندر توڙي ٻاهر هڪڙوئي تون پرميشور آهين ۽ سڀ ۾ تون هڪڙوئي سمايو پيو آهين. سولي استان توڙي ڏکئي استان ۾ تون وياپي رهيو آهين ۽ سڀني هنڌ تون پورن برهم ڏسڻ ۾ اچين ٿو. [گهٽ اوگهٽ = سولي توڙي اؤکي استان تي.]

(٢) اُستت ڪرهِ شيوڪ مُنِ ڪيتي، تيرا انتُ نہ ڪتهوُ پائيئي

سُکہ داتي دُکہ ڀنجن سوامي، جنَ نانڪ سدَ ٻلِ جائيئي.

ارٿ :- ڪيترائي شيوڪ ۽ مُنِي جن تنهنجي اُستت ڪن ٿا، پر تنهنجو انت ڪنهن بہ نہ پاتو آهي. صاحب وينتي ڪن ٿا تہ "هي سُکن جا داتار ۽ دکن جا ناس ڪندڙ سوامي! مان توتان سدئي بلهار وڃان ٿو."

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ

ਮਾਈ ਹੋਨਹਾਰ ਸੁ ਹੋਈਐ॥ ਰਾਚਿ ਰਹਿਓ ਰਚਨਾ ਪ੍ਰਭੁ ਅਪਨੀ ਕਹਾ ਲਾਭੁ ਕਹਾ ਖੋਈਐ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ॥ ਕਹ ਫੂਲਹਿ ਆਨੰਦ ਬਿਖੈ ਸੋਗ ਕਬ ਹਸਨੋ ਕਬ ਰੋਈਐ॥ ਕਬਹੂ ਮੈਲੁ ਭਰੇ ਅਭਿਮਾਨੀ ਕਬ ਸਾਧੂ ਸੰਗਿ ਧੋਈਐ॥ ੧ ॥ ਕੋਇ ਨ ਮੇਟੈ ਪ੍ਰਭ ਕਾ ਕੀਆ ਦੂਸਰ ਨਾਹੀ ਅਲੋਈਐ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਤਿਸੁ ਗੁਰ ਬਲਿਹਾਰੀ ਜਿਹ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ਸੁਖਿ ਸੋਈਐ॥ ੨ ॥ ੨ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٣)

نوٽ :- شبد (٢) کان شبد (٧) تائين سري گورو گرنٿ صاحب ۾ "محلا پنجوان" اهي لفظ لکيل نہ آهن، پر اهي سمجهڻ گهرجن.

ارٿ :- جن تي منهنجو سوامي واهگورو ديال ٿئي ٿو، تنکي ساڌو جنن جي چرنن سان پريت لڳي ٿي. صاحب فرمائين ٿا تہ ساڌ سنگت سان ملي پاپي پوتر ٿين ٿا ؛ پوڄڻ يوگ ستگوروءَ جي ڇنيان لڳي ساري سرشٽي ڇٽي ٿي. [ڇڪٽي = لڳي ٿي. پتت = ڪريل، پاپي. پوت = پوتر. ڇڪٽي = ڇٽي ٿي.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫ ਘਰੁ ੨

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਮਾਈ ਗੁਰ ਚਰਣੀ ਚਿਤੁ ਲਾਈਐ ॥ ਪ੍ਰਭੁ ਹੋਇ ਕ੍ਰਿਪਾਲੁ ਕਮਲੁ ਪਰਗਾਸੇ ਸਦਾ ਸਦਾ ਹਰਿ ਧਿਆਈਐ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਅੰਤਰਿ ਏਕੋ ਬਾਹਰਿ ਏਕੋ ਸਭ ਮਹਿ ਏਕੁ ਸਮਾਈਐ ॥ ਘਟਿ ਅਵਘਟਿ ਰਵਿਆ ਸਭ ਠਾਈ ਹਰਿ ਪੂਰਨ ਬ੍ਰਹਮੁ ਦਿਖਾਈਐ ॥ ੧ ॥ ਉਸਤਤਿ ਕਰਹਿ ਸੇਵਕ ਮੁਨਿ ਕੇਤੇ ਤੇਰਾ ਅੰਤੁ ਨ ਕਤਹੂ ਪਾਈਐ ॥ ਸੁਖਦਾਤੇ ਦੁਖ ਭੰਜਨ ਸੁਆਮੀ ਜਨ ਨਾਨਕ ਸਦ ਬਲਿਜਾਈਐ ॥ ੨ ॥ ੧ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (١)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

مائي گُر چرڻي چِتُ لائِيئِي

پرڀُ هوءِ ڪِرپالُ ڪَمَلُ پرگاسي، سدا سدا هرِ ڌِيائِيئِي

(١ ڪ رهاءُ)

ارٿ :- هي امڙ يعني هي سنتو! اهڙي ڪرپا ڪريو جو گورن جي چرنن ۾ چت لڳي. جڏهين سمرٿ گورو ڪرپال ٿئي ٿو ؛ هردي روپي ڪمل ٽڙي ٿو، تڏهين سديو هريءَ کي ڌيائجي ٿو. [ڪمل = هردي روپي ڪمل. پرگاسي = ٽڙي ٿو.]

(١) اَنتر ايڪو ٻاهرِ ايڪو سڀ مهِ ايڪُ سمائِيئِي

گهٽِ اَوگهٽِ رِوِئا سڀ ٺائي، هرِ پُورن برهمُ دِکائِيئِي

ਮਾਨਉ ਨਾਹਿ ਨ ਕਾ ਬੋਲ ਕਰਤ ॥ ਨਿਮਖ ਨ ਬਿਸਰਉ ਹੀਏ ਮੋਰੇ ਤੇ ਬਿਸਰਤ ਜਾਈ ਹਉ ਮਰਤ ॥ ੧ ॥ ਸੁਖਦਾਈ ਪੂਰਨ ਪ੍ਰਭੁ ਕਰਤਾ ਮੇਰੀ ਬਹੁਤੁ ਇਆਨਪ ਜਰਤ ॥ ਨਿਰਗੁਨਿ ਕਰੂਪਿ ਕੁਲ ਹੀਣ ਨਾਨਕ ਹਉ ਅਨਦ ਰੂਪ ਸੁਆਮੀ ਭਰਤ ॥ ੨ ॥ ੩ ॥

ديو گنڌاري مهلا پنجوان شبد (٣)

مائي، سُنت سوچ پيئي ڏرت

ميرتير تجئه آپمانا، سرنِ سُئامي ڪي پرت

(اِڪ رهائو)

ارٿ :- هي مائي! جڏهين جم جا ڏکه پڙان ٿو، تڏهين پنهنجن ڪرمن جو ويچار ڪري ڏجان ٿو، اِنهيءَ ڪري پنهنجي پرائي جا خيال ۽ ايمان ڇڏي سواميءَ جي سرن ۾ پوان ٿو. [سوچه = ويچار ڪري. ڏرت = ڏجان ٿو. ميرتير = ميري تيري جا خيال يعني پنهنجي پرائي جا خيال.]

(١) جو جو ڪهيءِ سوئي ڀل مانئه، ناهِ نه ڪا ٻول ڪرت

نمکه نه بِسرئه هيئي موري تي، بِسرت جائي هئه مرت

ارٿ :- جيڪي سوامي چوي ٿو، سو مان ڀلو ڪري مڃان ٿو. (ڀاو- اُنجي آگيا موجب هلان ٿو.) مان ناهه جو ٻول نه ڪريان ٿو. (ڀاو- جيڪي مونکي چوي ٿو، سو مان ست وچن چئي هڪدم ڪريان ٿو ۽ ڪڏهين ناڪار ڪا نه ڪريان ٿو.) مان اهو دان پڙان ٿو ته جنهنجي وسارڻ ڪري مان جيڪر مري وڃان، سو شل مونکان هڪ ڪن ڀر نه وسري!

(٢) سُکدائي پورن پرڀ ڪرتا، ميري ٻهت اِيانپ جرت

نرگُنِ ڪرُوپ ڪُل هيڻ نانڪ، هئه آنند رُوپ

سُئامي ڀرت.

مائي هون هارِسُ هوئيئي

راچِ رهئو رچنا پرڀُ اپني، ڪها لاڀُ ڪها کوئيئي

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي مائي! جيڪي ٿيڻو آهي، سو ضرور ٿيندو. پريو پنهنجي رچنا ۾ رچيو پيو آهي. ڪن کي (سندن شُڀ ڪرمن انوسار) لاڀ ڏيئي رهيو آهي؛ ڪن کي (سندن بُرن ڪرمن ڪري) ناس ڪري رهيو آهي.

(١) ڪهُ ڦولهُ آنند بِکيءِ سوگ، ڪب هسنو ڪب روئيئي

ڪبهون ميلُ پري اِيماني، ڪب سادُو سنگِ ڌوئيئي

ارٿ:- ڪڏهين (هي جيو) وشين جي آنند ۾ ڦوليو وينو آهي. ڪڏهين ڪلي وينو تہ ڪڏهين دک ڪري روئي ٿو. ڪڏهين پاپن روپي مئل سان پرجي ايماني بنجي وينو آهي؛ ڪڏهين سادن جي سنگ ۾ پاپن روپي مئل کي ڌوئي وينو آهي.

(٢) ڪوءِ نہ ميٽئي پرڀ ڪا ڪيئا، دُوسر ناهي آلوئيئي

ڪهُ نانڪ تِسُ گور بِلهاري، جهہ پرسادِ سکہ سوئيئي.

ارٿ:- پريوءَ جو ڪيل ڪم ڪوبہ نٿو ميٽي سگهي. هن جهڙو ٻيو ڪوبہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. صاحب فرمائين ٿا تہ اسين اُنهيءَ گوروءَ تان ٻلهار وڃون ٿا، جنهنجي ڪرپا سان اسين سکہ سان سمهون ٿا. [آلوئيئي = ڏسجي ٿو. سوئيئي = سمهجي ٿو.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ

ਮਾਈ ਸੁਨਤ ਸੋਚ ਭੈ ਡਰਤ ॥ ਮੇਰ ਤੇਰ ਤਜਉ ਅਭਿਮਾਨਾ ਸਰਨਿ ਸੁਆਮੀ ਕੀ ਪਰਤ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜੋ ਜੋ ਕਹੈ ਸੋਈ ਭਲ

(١) جَھہ تي اُپجِئو تَہي سَمائِئو، اِھ ٻِڌِ جاني تَبھونٛ
جَہا جَہا اِھ ديہي ڌاري، رَھنُ نہ پائِئو ڪَبھونٛ

ارٿ :- (ڀھرين ٻِي سٽ جو ارٿ ڪري پوءِ ڀھرين سٽ جو ارٿ ڪجي.) (ھن جيو ڪرمن انوسار) جتي جتي ديھ ڌارن ڪئي آھي، تتي ڪڏھين بہ اُنھيءَ ديھ ۾ ٽڪاءُ نہ ڪاڏو اٿس. جڏھين ھن جيو اِھا ڳالھ سمجھي (يعني ديھ کي ناسونت ڄاتو ۽ پرميشور جو سمرن ڪيو)، تڏھين ھي جيو جتان پيدا ٿيو ھو، تتي سمائجي ويو.

(٢) سُکُ آئِئو ڀيءِ ڀرم بِناسي، ڪِرپال ھوئي پِرڀ جَبھونٛ
ڪَھُ نانَڪ ميري پوري مَنورَٿ، سادسَنگ تَجِ لَبھونٛ.

ارٿ :- جڏھين (ڪيرتن ڪرڻ سان) پرڀو ڪرپال ٿيو، تڏھين ڀرم ۽ ڀؤ ناس ٿي ويو ۽ آتم سک پراپت ٿيو. صاحب فرمائين ٿا تہ سادسنگت ۾ لوڀ لالچ ڇڏڻ ڪري منھنجا سڀ منورٿ پورا ٿيا. [تجِ لبھون = لوڀ کي ڇڏڻ ڪري.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ

ਮਨ ਜਿਉ ਅਪੁਨੇ ਪ੍ਰਭ ਭਾਵਉ ॥ ਨੀਚਹੁ ਨੀਚੁ ਨੀਚੁ ਅਤਿ ਨਾਨ੍ਹ੍ਹਾ ਹੋਇ ਗਰੀਬੁ ਬੁਲਾਵਉ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਅਨਿਕ ਅਡੰਬਰ ਮਾਇਆ ਕੇ ਬਿਰਥੇ ਤਾ ਸਿਉ ਪ੍ਰੀਤਿ ਘਟਾਵਉ ॥ ਜਿਉ ਅਪੁਨੋ ਸੁਆਮੀ ਸੁਖੁ ਮਾਨੈ ਤਾ ਮਹਿ ਸੋਭਾ ਪਾਵਉ ॥ ੧ ॥ ਦਾਸਨ ਦਾਸ ਰੇਣੁ ਦਾਸਨ ਕੀ ਜਨ ਕੀ ਟਹਲ ਕਮਾਵਉ ॥ ਸਰਬ ਸੂਖ ਬਡਿਆਈ ਨਾਨਕ ਜੀਵਉ ਮੁਖਹੁ ਬੁਲਾਵਉ ॥ ੨ ॥ ੫ ॥

ارٿ:- صاحب فرمائين ٿا تہ "سک ڏيڻ وارو پورن ڪرتار پريو منهنجيون گهڙيون اياڻيون سهاري ٿو. مان نرگڻي، ھڪڙي ۽ ڪُل هيڻ آهيان، پر منهنجو پتار سوامي آنند روپ آهي."

شاھ صاحب پڻ "ليلان چنيسر" ۾ فرمائين ٿا:-

"لڳڙ ڪيم لکيجہ، جي موڙامين ناھ مون
مونکي ملهائيجہ، وارو ڏيئي ولھا."

يعني هي پريو! منهنجي لڇڻن جو ڪو ويچار نہ ڪجہ، جي مون ۾ اصل ڪونہ آهن. مونتي ديا جي نظر ڪري مونکي آڏج.

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ

ਮਨ ਹਰਿ ਕੀਰਤਿ ਕਰਿ ਸਦਹੂੰ ॥ ਗਾਵਤ ਸੁਨਤ ਜਾਪਤ ਉਧਾਰੈ ਬਰਨ ਅਬਰਨਾ ਸਭਹੂੰ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਹ ਤੇ ਉਪਜਿਓ ਤਹੀ ਸਮਾਇਓ ਇਹ ਬਿਧਿ ਜਾਨੀ ਤਬਹੂੰ ॥ ਜਹਾ ਜਹਾ ਇਹ ਦੇਹੀ ਧਾਰੀ ਰਹਨੁ ਨ ਪਾਇਓ ਕਬਹੂੰ ॥ ੧ ॥ ਸੁਖੁ ਆਇਓ ਭੈ ਭਰਮ ਬਿਨਾਸੇ ਕ੍ਰਿਪਾਲ ਹੂਏ ਪ੍ਰਭ ਜਬਹੂ ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਮੇਰੇ ਪੂਰੇ ਮਨੋਰਥ ਸਾਧ ਸੰਗਿ ਤਜਿ ਲਬਹੂੰ ॥ ੨ ॥ ੪ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (۴)
هري ڪيرتن جي مهما

مَنَ، هَرِ ڪيرَتِ ڪَرِ سَدَهُون
گاوَتَ سُنَتَ جاپَتَ اُڌارِيَ، بَرَنَ اَبَرَنا سڀهون
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي من! تون سديو هريءَ جي ڪيرتي ڪر، جنهن هري ڪيرتن جي ڳائڻ، ٻڌڻ ۽ جپڻ سيني اُتم ذات توڙي نيچ ذات وارن جو اُڌار ڪيو آهي. [برن ابرنا = اوچي ڪُل جا يا نيچ ڪل جا.]

ਪਰਾਧ ਮਿਟੈ ਤੇਰੀ ਸੇਵਾ ਦਰਸਨਿ ਦੂਖੁ ਉਤਾਰਿਓ ॥ ਨਾਮੁ ਜਪਤ ਮਹਾ ਸੁਖੁ ਪਾਇਓ ਚਿੰਤਾ ਰੋਗੁ ਬਿਦਾਰਿਓ ॥ ੧ ॥ ਕਾਮੁ ਕ੍ਰੋਧੁ ਲੋਭੁ ਝੂਠੁ ਨਿੰਦਾ ਸਾਧੂ ਸੰਗਿ ਬਿਸਾਰਿਓ ॥ ਮਾਇਆ ਬੰਧ ਕਾਟੇ ਕਿਰਪਾਨਿਧਿ ਨਾਨਕ ਆਪਿ ਉਧਾਰਿਓ ॥ ੨ ॥ ੬ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٦)

هي ڪرپانڌان! تنهنجي ڪرپا ئي گهرجي

ڀرڀ جي، تئه پرساد ڀرم ڏارِئو

تمري ڪِرپا تي سيڪو آپنا، مَن مهِ اِهيٰ بيچارِئو

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي ڀريو! تنهنجي ڪرپا سان مون ڀرم دور ڪيو آهي. تنهنجي ڪرپا سان منهنجي من ۾ اهو ويچار آيو آهي ته سيڪو پنهنجو (متر) آهي. [ڏارئو=وڃايو، دور ڪيو.]

(۱) ڪوٽِ پراڌ مِٽيءِ تيري شيوا، درسن دوُکه اُتارِئو

نامُ جپت مها سُکه پائِئو، چِنتا روگه بِدارِئو

ارٿ:- تنهنجي شيوا ڪرڻ سان ڪروڙين وڏا پاپ ناس ٿي وڃن ٿا ۽ تنهنجي درسن ڪرڻ سان دکه دور ٿي وڃن ٿا. تنهنجي نام جپڻ سان مون وڏو سکه (آتم آنند) پاتو آهي ۽ چنتا روپي روگه ناس ڪيو آهي. [پراڌ=اپراڌ، وڏا پاپ. بدارئو=ناس ڪيو.]

(۲) ڪامُ ڪروڌُ لوڀُ جهوُٺُ نِندا، ساڌوُ سنگهِ بِسارِئو

مائِيا بند ڪاٽي ڪِرپانِڌ، نانڪ آپ اُڌارِئو.

ارٿ:- ساڌن جي سنگه ۾ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، ڪوڙ ۽ نندا اهي سڀ وڪار مون وساريا آهن يعني ناس ڪيا آهن. صاحب

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٥)

نماڻو ٿيءُ تہ قبول پوين

مَنَ، جِتُہ آپني پرڀ پاوءِ

نِيچهہ نِيچُہ، نِيچهہ اَتِ نانا، هوءِ غريبُ بُلاوءِ

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- هي من، جي پائين تہ پنهنجي پريوءَ کي وٽان تہ نماڻن کان نماڻو ٿيءِ، بلڪ اُنهن کان بہ بلڪل نماڻو ۽ غريب ٿي وينتي ڪر. [نانا = نيچہ، ننڍو، نماڻو. بلاوءِ = وينتي ڪر.]

(١) اَنِڪَ اَڊنبر مائِيا ڪي بِرٿي، تا سِئُہ پِرِيتِ گهٽاوءِ

جِئُہ اَپنو سُامي سُکہ مانئي، تامهہ سوِيا پاوءِ

ارٿ :- مايا جا انيڪ ڏيکر سڀ اجايا آهن، تن سان پنهنجي پريت گهٽاءِ. جنهن پنهنجو سوامي خوش ٿئي، سو ڪم ڪرڻ سان تنهنجي سوڀيا يعني وڏائي ٿيندي. [اڊنبر = ڏيکر. برٿي = اجايا.]

(٢) داسَنِ داسِ ريڻُ داسَنَ ڪي، جِنَ ڪِي ٽَهلِ ڪماوءِ

سَرَبَ سُوکہ وَڏائِي نانَڪ، جِيوَهُ مُکهہ بُلاوءِ.

ارٿ :- مالڪ جي داسن جي داس جي چرنن جي ڌوڙ ٿيءُ ۽ انهن سنت جنن جي ٽهل ڪر. صاحب فرمائين ٿا تہ سڀ سک ۽ وڏائي انهيءَ ۾ آهي جو مکہ سان پرميشور جو جس اُچارن ڪر؛ انهيءَ طرح تون جيئرو رهندين يعني خوش گذاريندين. [ريڻ = ڌوڙ. جيوهہ = جيئرو رهندين.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ

ਪ੍ਰਭ ਜੀ ਤਉ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ਭ੍ਰਮੁ ਡਾਰਿਓ ॥ ਤੁਮਰੀ ਕ੍ਰਿਪਾ ਤੇ ਸਭੁ ਕੋ ਅਪਨਾ ਮਨ ਮਹਿ ਇਹੈ ਬੀਚਾਰਿਓ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਕੋਟਿ

مون سکھ پاتو آهي ۽ منھنجو ڀرم روپي انڌيرو لھي ويو آهي.
[آپ = آپاپڻو. مت = بُڌي، سمجھ. کھي = جيل، ڏسيل. مان = مڃي.]

(٢) جانِ پربين سُئامي پرڀ ميري، سرطِ تُماري آهي
کِن مهِ ڌاپِ اُٿاپن هاري، قُدرتِ قيمَ نہ پهي.

ارٿ:- هي منھنجا سوامي پربو! توکي سڀ پرڪار سياڻو سمجھي مون تنھنجي سرن ورتي آهي. هي کن ۾ جڳت کي ڌاهڻ ۽ ناس ڪرڻ وارا، تنھنجي قدرت جي قيمت پاني نٿي وڃي.
[جانِ = ڄاڻي، سمجھي. پربين = چاتر، سياڻو، سمجھو. آهي = مون جاهي آهي. قيم = قيمت. پهي = پاتي وڃي.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਹਰਿ ਪ੍ਰਾਨ ਪ੍ਰਭੂ ਸੁਖਦਾਤੇ ॥ ਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ਕਾਹੂ ਜਾਤੇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸੰਤ ਤੁਮਾਰੇ ਤੁਮਰੇ ਪ੍ਰੀਤਮ ਤਿਨ ਕਉ ਕਾਲ ਨ ਖਾਤੇ ॥ ਰੰਗਿ ਤੁਮਾਰੈ ਲਾਲ ਭਏ ਹੈ ਰਾਮ ਨਾਮ ਰਸਿ ਮਾਤੇ ॥ ੧ ॥ ਮਹਾ ਕਿਲ ਬਿਖ ਕੋਟਿ ਦੋਖ ਰੋਗਾ ਪ੍ਰਭ ਦ੍ਰਿਸਟਿ ਤੁਹਾਰੀ ਹਾਤੇ ॥ ਸੋਵਤ ਜਾਗਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਗਾਇਆ ਨਾਨਕ ਗੁਰ-ਚਰਨ ਪਰਾਤੇ ॥ ੨ ॥ ੮ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٨)

هي پربوُ! سنت ئي تنھنجا پيارا آهن

هرِ پران پربوُ سُکہ داتي
گور پرسادِ ڪاهوُ جاتي (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي هري پربو! پرانن کان پيارا! سُکن جا دانار! گورن جي ڪرپا سان ڪنھن ورلي توکي جاتو آهي.

ويڻتي ڪري ڄڻ ٿا تہ ”هي ڪرپانڌان! تو منهنجا مايا جا ٻنڌن ڪٽي ڇڏيا آهن ؛ تو پاڻ مونکي تاري ڇڏيو آهي.“ [ڪرپانڌ= ڪرپا جو خزانو. اڌارئو= اڌار ڪيو يعني تاريو.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ

ਮਨ ਸਗਲ ਸਿਆਨਪ ਰਹੀ ॥ ਕਰਨ ਕਰਾਵਨ ਹਾਰ ਸੁਆਮੀ ਨਾਨਕ ਓਟ ਗਹੀ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਆਪੁ ਮੇਟਿ ਪਏ ਸਰਣਾਈ ਇਹ ਮਤਿ ਸਾਧੂ ਕਹੀ ॥ ਪ੍ਰਭ ਕੀ ਆਗਿਆ ਮਾਨਿ ਸੁਖੁ ਪਾਇਆ ਭਰਮੁ ਅੰਧੇਰਾ ਲਹੀ ॥ ੧ ॥ ਜਾਨ ਪ੍ਰਬੀਨ ਸੁਆਮੀ ਪ੍ਰਭ ਮੇਰੇ ਸਰਣਿ ਤੁਮਾਰੀ ਅਹੀ ॥ ਖਿਨ ਮਹਿ ਥਾਪਿ ਉਥਾਪਨਹਾਰੇ ਕੁਦਰਤਿ ਕੀਮ ਨ ਪਹੀ ॥ ੨ ॥ ੭ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجون شبد (٧)

”سهس سياڻپا لکہ هوء اِڪ نہ چلي نال.“

[جپ صاحب]

مَنَ، سَگَلَ سِئانَپ رَهي

ڪَرَنَ ڪَراوَنَ هار سُئامي، نانَڪ اوٽ گَهي

(اِڪ رَهاءُ)

ارٿ:- هي ٻائي! منهنجي سموري سياڻپ يا چترائي گم ٿي ويئي آهي. هاڻي مون ڪرن ڪراون هار سواميءَ جي اوٽ ورتي آهي. [من= هي ٻائي. گهي= پڪڙي آهي.]

(١) آپُ ميٽِ پئي سَرَڻائي، اِهَ مَتِ سادُوُ ڪَهي

پِرَڀَ ڪي آگيا مانِ سُکُہ پائِيا، ڀرَمُ آنڌيرا لَهي

ارٿ:- مان پنهنجو آپاڻپو مٽائي پرڀوءَ جي سرڻ پيو آهيان. اِها سمجهہ سادن جي ڏسيل مونکي ملي آهي. پرڀوءَ جي آگيا مڃي

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٩)

گوروءَ جا چرن سُکدائي

سو پرڀُ جَتَ ڪَتَ پيکئو نئَٽي

سُکدائي جيئَنِ ڪو داتا، اَمرِتُ جاکي بئَٽي

(اِڪ رهائو)

ارٿ :- اُهو پربهو، جو سکدائي ؛ سڀني جيون جو داتار آهي ؛ جنهنجي ٻاڻي امرت روپ آهي، سو اسان پنهنجن اکين سان جتي ڪٿي ڏٺو آهي. [نئَٽي = اکين سان. بئَٽي = ٻاڻي، وچن.]

(١) اَگيانُ اَنڌيرا سَنتي ڪاٽِئا، جيئَه دانُ گورَ دَئِٽي

ڪَرِ ڪِرپا ڪَرِ لينو اَپنا، جَلَ تي سيتل هوٽي

ارٿ :- گوروءَ سنت اگيان روپي انڌيرو ڪٽيو آهي ؛ اسانکي جيئدان ڏنو آهي. (ٻاو- امر ڪيو آهي). ڪرپا ڪري هن اسانکي پنهنجو ڪيو آهي ؛ اسين جو ترشنا روپي اگنيءَ ۾ پئي جلياسون، سو اسانکي سيتل ڪري ڇڏيو اٿس.

(٢) ڪَرمُ ڌَرمُ ڪِڇُه اُپجه نه آئِئو، نه اُپجي نِرمل ڪَرَٽي

ڇاڏِ سِيانپ سَنجم نانڪ، لاگو گورَ ڪي چرَٽي.

ارٿ :- اسان مان ڪجهه ڪرم ؛ ڌرم نه پيدا ٿيو آهي ؛ نڪي نرمل ڪرٽي پيدا ٿي آهي. (ٻاو- اسان نڪو ڪرم ڌرم ڪيو آهي ؛ نڪي شڀ ڪرٽي يعني ڪيتي ڪئي آهي). صاحب فرمائين ٿا ته اسين سڀ سياڻپون ؛ سنجم ڇڏي گورن جي چرنن تي لڳي پيا آهيون. [سنجم = اندرين کي روڪڻ.]

(۱) سنت تُماري تُمري پريتم، تِن ڪَءُ ڪال نہ کاتي
رَنگِ تُماريَ لال ڀئي هيءِ، رام نام رسِ ماتي

ارٿ:- تنهنجا سنت، تنهنجائي پريتم آهن. اُنهنکي ڪال نٿو کائي يعني اُهي جنم مرڻ ۾ نٿا اچن، ڇو جو اُهي تنهنجي رنگ ۾ لعل ٿيا پيا آهن؛ رام نام جي رس ۾ مست آهن. [کاتي = کائي. ماتي = مست.]

(۲) مها ڪَلبِکہ ڪوٽِ دوکہ روگا، ڪِرپ دِرشٽ تُهاري هاتي
سووت جاگِ هرِ هرِ هرِ گائيا، نانڪ گور چرن پراتي.

ارٿ:- هي پريو! وڏا وڏا پاپ، ڪروڙين دک؛ روڳ تنهنجي ڪرپا درشٽيءَ سان ناس ٿي وڃن ٿا. صاحب وينتي ڪري چون ٿا تہ ”هي هري! گورن جي چرنن ۾ پئي سُتل جاڳن ٿا؛ تنهنجو هري جس ڳائين ٿا. [هاتي = ناس ٿين ٿا. پراتي = پئي.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ੫

ਸੋ ਪ੍ਰਭੁ ਜਤ ਕਤ ਪੇਖਿਓ ਨੈਣੀ ॥ ਸੁਖ ਦਾਈ ਜੀਅਨ ਕੋ ਦਾਤਾ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਜਾਕੀ ਬੈਣੀ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਅਗਿਆਨੁ ਅੰਧੇਰਾ ਸੰਤੀ ਕਾਟਿਆ ਜੀਅਦਾਨੁ ਗੁਰ ਦੈਣੀ ॥ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਕਰਿ ਲੀਨੋ ਅਪੁਨਾ ਜਲ ਤੇ ਸੀਤਲ ਹੋਣੀ ॥ ੧ ॥ ਕਰਮੁ ਧਰਮੁ ਕਿਛੁ ਉਪਜਿ ਨ ਆਇਓ ਨਹ ਉਪਜੀ ਨਿਰਮਲ ਕਰਣੀ ॥ ਛਾਡਿ ਸਿਆਨਪ ਸੰਜਮ ਨਾਨਕ ਲਾਗੋ ਗੁਰ ਕੀ ਚਰਣੀ ॥ ੨ ॥ ੯ ॥

(٢) سي وڏڀاڳي سي پتونتي، سيئي پوري شاها
سُندر سُگهڙ سروپ تي نانڪ، جن هر هر نامُ وِساها.

ارٿ:- صاحب فرمائين ٿا ته اهي ئي وڏڀاڳي، عزت وارا، وڏا شاهوڪار، سندر سروپ وارا ۽ سياڻا آهن، جن هريءَ جو نام خريد ڪيو آهي.

نوٽ:- "وساها" لفظ جون ٻه معنائون آهن (١) خريد ڪيو آهي (٢) وشواس يا نسچي ڪيو آهي.

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ੫

ਮਨ ਕਹ ਅਹੰਕਾਰਿ ਅਫਾਰਾ ॥ ਦੁਰਗੰਧ ਅਪਵਿਤ੍ਰ ਅਪਾਵਨ ਭੀਤਰਿ ਜੋ ਦੀਸੈ ਸੋ ਛਾਰਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਿਨਿ ਕੀਆ ਤਿਸੁ ਸਿਮਰਿ ਪਰਾਨੀ ਜੀਉ ਪ੍ਰਾਨ ਜਿਨਿ ਧਾਰਾ ॥ ਤਿਸਹਿ ਤਿਆਗਿ ਅਵਰ ਲਪਟਾਵਹਿ ਮਰਿ ਜਨਮਹਿ ਮੁਗਧ ਗਵਾਰਾ ॥ ੧ ॥ ਅੰਧ ਗੁੰਗ ਪਿੰਗੁਲ ਮਤਿ ਹੀਨਾ ਪ੍ਰਭ ਰਾਖਹੁ ਰਾਖਨਹਾਰਾ ॥ ਕਰਨ ਕਰਾਵਨ ਹਾਰ ਸਮਰਥਾ ਕਿਆ ਨਾਨਕ ਜੰਤ ਬਿਚਾਰਾ ॥ ੨ ॥ ੧੧ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (١١)

"جو ڏيسي، سو سگل بناسي"

مَن ڪهه اهنڪارِ اڦارا
دُرگنڌ اپوتر اپاون ڀيتر، جو ڏيسيءِ سو ڇارا
(١، رهاءُ)

ارٿ:- هي من! اهنڪار ڪري ڇو ڦنڊيو ويٺو آهين؟ هي سرير درگنڌ سان ڀريل، ٻاهران ٻه اپوتر ۽ اندران ٻه اشڌ آهي. جيڪي

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ੫

ਹਰਿ ਰਾਮ ਨਾਮੁ ਜਪਿ ਲਾਹਾ ॥ ਗਤਿ ਪਾਵਹਿ ਸੁਖ ਸਹਜ ਅਨੰਦਾ ਕਾਟੇ ਜਮ ਕੇ ਫਾਹਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਖੋਜਤ ਖੋਜਤ ਖੋਜਿ ਬੀਚਾਰਿਓ ਹਰਿ ਸੰਤ ਜਨਾ ਪਹਿ ਆਹਾ ॥ ਤਿਨਾ ਪਰਾਪਤਿ ਏਹੁ ਨਿਧਾਨਾ ਜਿਨ ਕੈ ਕਰਮਿ ਲਿਖਾਹਾ ॥ ੧ ॥ ਸੇ ਬਡਭਾਗੀ ਸੇ ਪਤਿਵੰਤੇ ਸੇਈ ਪੂਰੇ ਸਾਹਾ ॥ ਸੁੰਦਰ ਸੁਘੜ ਸਰੂਪ ਤੇ ਨਾਨਕ ਜਿਨ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਵਿਸਾਹਾ ॥ ੨ ॥ ੧੦ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (١٠)

رام نام جپڻ جو لاهو

هرِ رام نامُ جپ لاها

گتِ پاوهِ سُکهَ سهج آنندا، ڪاٽي جم ڪي ڦاها

(اِڪ، رهاءُ)

ارٿ:- هي ڀائي! تون رام نام جپ تہ توکي لاڀ ٿيندو. تون مڪتي، هن لوڪ جو سکہ ۽ سروپ جو آنند پراپت ڪندين ۽ تنهنجي جم جي ڦاهي ڪٽبي. [لاها = فائدو، لاڀ. سهج آنند = سروپ جو آنند.]

(١) کوجت کوجت کوجِ بيچارِئو، هرِ سنت جنا پهہ آها

تِنا پراپت ايهُ نِڌانا، جِن ڪئِ ڪرم لِکاها

ارٿ:- ڳوليندي ڳوليندي مون اهو رستو ڳولي لڌو آهي تہ هري سنت جنن وٽ آهي، پر جن جي مستڪ تي چڱو ليکہ لکيل آهي، تنکي اهو خزانو (هري) ملي ٿو. [کوجہ = رستو. پهہ = وٽ. آها = آهي. نڌانا = خزانو.]

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (١٢)
پريُو ويجهي کان ويجهو آهي

سو پرڀ نيرڙي هُو تي نيرڙي

سِمرِ ڌِياءِ گاءِ گُنَ گوبند، ڏِنُ رَئِنِ ساجهہ سويري

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي ڀائي! اُهو پريو ويجهي کان ويجهو آهي. اُنهيءَ جوئي سمرن ڪر، اُنهيءَ جوئي ڌيان ڪر ۽ اُنهيءَ گوبند جا ئي ڏينهن رات، سوير ۽ شام گن ڳاءِ.

(١) اُڌَرُ ديهہ دُلَڀِ ساڌُو سنگہِ، هَرِ هرِ نامُ جپي ري

گهڙي نہ مهُتُ نہ چسا بِلنبهُ، ڪالَ نِتهِ نِت هيري

ارٿ:- هي ڀائي! ساڌن جي سنگت ۾ ملي هر هر نام جپي هن دُرلڀ مانکا ديهہ جو اُڌار ڪر. هڪ گهڙي اڌ گهڙي ۽ پل ڀر دير نہ ڪر، ڇو تہ ڪال نت توکي پيو تڪي. [بلنبهہ = دير ڪر. هيرئي = تڪي.]

(٢) اَنڌ بِلاتي ڪاڍهُ ڪَرتي، ڪِيا ناهي گهرِ تيري

نامُ اَڌارُ ديجئي نانڪ ڪئُ، آننڌ سُو کہ گهنيري.

ارٿ:- هي ڪرتار! مونکي اوديا روپي انڌيري کڏ مان ٻاهر ڪڍ. هي پيارا، تنهنجي گهر ۾ ڇا نہ آهي؟ (ڀاو- سڀڪجهہ آهي.) گورو صاحب وينتي ڪري جون ٿا تہ "هي پريو! مونکي نام جو آڌار ڏي، جنهنڪري مونکي آنند ۽ گهڻا سک پراپت ٿين." [بلا = کڏ. بلاتي = کڏ مان.]

جڳتر ۾ ڏسين ٿو سو خاڪ آهي. [اتارا = آڦريو، ڦند يو. اپاون = اپوتر، اشڌ. ڇارا = ڇار، ڌوڙ، خاڪ.]

(١) جِنِ ڪيئا تِسُ سِمرِ پراڻي، جيئُ پران جِنِ ڌارا

تِسهِ تياڳِ اوَر لپٽاوهِ، مرِ جنمهِ مُگَڌ گوارا

ارٿ :- هي پراڻي! جنهن توکي پيدا ڪيو آهي، تنهنجو تون سمرن ڪر. جنهن پرماتما سرير ۾ جيءُ ۽ پران ڌارن ڪيا آهن، تنهنکي ڇڏي جو ٻين سان جنبڙي پوي ٿو، (ياو- پريت رکي ٿو)، سو مورکہ بيوقوف وري وري جمي ۽ مري ٿو. [ڪيئا = پيدا ڪيو. مگڌ = مورکہ. گوارا = بيوقوف.]

(٢) اَنڌ گُنگہ پِنگُلِ مَتِ هِينا، پربھ راکھُ راکنهارا

ڪَرنَ ڪراوَن هار سمرٿا، ڪِيا نانڪ جنت بِچار.

ارٿ :- هي رکڻهار مالڪ! مان (گيان روپي اکين کان) انڌو، (پريم روپي زبان کان) گونگو، (نشڪام ڪرم روپ چرنن کان) پنگلو ۽ مت هين يعني بي عقل آهيان، مونکي تون رکي وٺ. صاحب وينتي ڪري جون ٿا تہ "هي ڪرن ڪراون هار سوامي! هي سمرٿ! مان تنهنجي اگيان ڪهڙو تچھ جيو آهيان. (ياو- مان ڪجھ بہ نہ آهيان ۽ ڪجھ بہ ڪري نٿو سگهان.) [جنت = جيو. بچارا = ويچارو، تچھ.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ੫

ਸੋ ਪ੍ਰਭ ਨੇਰੈ ਹੂ ਤੇ ਨੇਰੈ ॥ ਸਿਮਰਿ ਧਿਆਇ ਗਾਇ ਗੁਨ ਗੋਬਿੰਦ ਦਿਨੁ ਰੈਨਿ ਸਾਝ ਸਵੇਰੈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਉਧਰੁ ਦੇਹ ਦੁਲਭ ਸਾਧੂ ਸੰਗਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਜਪੇਰੈ ॥ ਘਰੀ ਨ ਮੁਹਤੁ ਨ ਚਸਾ ਬਿਲੰਬਹੁ ਕਾਲ ਨਿਤਹਿ ਨਿਤ ਹੇਰੈ ॥ ੧ ॥ ਅੰਧ ਬਿਲਾਤੇ ਕਾਢਹੁ ਕਰਤੇ ਕਿਆ ਨਾਹੀ ਘਰਿ ਤੇਰੈ ॥ ਨਾਮੁ ਅਧਾਰੁ ਦੀਜੈ ਨਾਨਕ ਕਉ ਆਨਦ ਸੂਖ ਘਨੇਰੈ ॥ ੨ ॥ ੧੨ ॥ ਛਕੇ ੨ ॥

(٢) پيئو انگرهه، مِٽيو مورچا، امول پدارٿ لاڌئو
بلهاري نانڪ لکه ڀيرا، ميري ٺاڪر اگم اگاڌئو.

ارٿ:- ڀڳونت جي مونتي ڪرپا ٿي آهي، جو مون تان وشين وڪارن جا اگيان جو مورچو يا داغ دور ٿي ويو آهي ۽ مون نام روپي امولڪ پدارٿ لڌو آهي. صاحب فرمائين ٿا تہ مان انهي ۽ اگم اگاڌ پرماتما تان لکين ڀيرا ٻلهار وڃان. [انگرهه = ڪرپا. مورچا = مورچو، داغ. اگم = جنهنجي گم يا خبر پئي نہ سگهي. اگاڌ = بي انت.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ੫

ਮਾਈ ਜੋ ਪ੍ਰਭ ਕੇ ਗੁਨ ਗਾਵੈ ॥ ਸਫਲ ਆਇਆ ਜੀਵਨ ਫਲ ਤਾਕੋ ਪਾਰਬ੍ਰਹਮ ਲਿਵ ਲਾਵੈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸੁੰਦਰੁ ਸੁਘੜੁ ਸੂਰੁ ਸੋ ਬੇਤਾ ਜੋ ਸਾਧੂ ਸੰਗੁ ਪਾਵੈ ॥ ਨਾਮੁ ਉਚਾਰ ਕਰੇ ਹਰਿ ਰਸਨਾ ਬਹੁੜਿ ਨ ਜੋਨੀ ਧਾਵੈ ॥ ੧ ॥ ਪੂਰਨ ਬ੍ਰਹਮੁ ਰਵਿਆ ਮਨ ਤਨ ਮਹਿ ਆਨ ਨ ਦ੍ਰਿਸਟੀ ਆਵੈ ॥ ਨਰਕ ਰੋਗ ਨਹੀ ਹੋਵਤ ਜਨ ਸੰਗਿ ਨਾਨਕ ਜਿਸੁ ਲੜਿ ਲਾਵੈ ॥ ੨ ॥ ੧੪ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (١٤)
هري ڪيرتن جي مهما

مائي، جو پرڀ کي گن گاوئي
سڦل آئيا جيون ڦل تاڪو، پاربرهم لو لاوئي
(١ ڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي مائي! جو پرڀو جا گن ڳائي ٿو ۽ پاربرهم سان

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ੫

ਮਨ ਗੁਰ ਮਿਲਿ ਨਾਮੁ ਅਰਾਧਿਓ ॥ ਸੂਖ ਸਹਜ ਆਨੰਦ ਮੰਗਲ ਰਸ ਜੀਵਨ ਕਾ ਮੂਲੁ ਬਾਧਿਓ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਅਪੁਨਾ ਦਾਸੁ ਕੀਨੋ ਕਾਟੇ ਮਾਇਆ ਫਾਧਿਓ ॥ ਭਾਉ ਭਗਤਿ ਗਾਇ ਗੁਣ ਗੋਬਿਦ ਜਮ ਕਾ ਮਾਰਗੁ ਸਾਧਿਓ ॥ ੧ ॥ ਭਇਓ ਅਨੁਗ੍ਰਹੁ ਮਿਟਿਓ ਮੋਰਚਾ ਅਮੋਲ ਪਦਾਰਥੁ ਲਾਧਿਓ ॥ ਬਲਿਹਾਰੈ ਨਾਨਕ ਲਖ ਬੇਰਾ ਮੇਰੇ ਠਾਕੁਰ ਅਗਮ ਅਗਾਧਿਓ ॥ ੨ ॥ ੧੩ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (١٣)

پريم ئي سڀني سُکن جو ڪارڻ آهي

مَن گُور مِل نامُ آرادِئو

سُکَ سَهَجَ آنَنْد مَنگَل رَس، جِيوَن ڪا مُولُ ٻادِئو

(١ ڪ رهاءُ)

ارٿ:- منهنجي من گوروءَ سان ملي نام جپيو آهي. پرميشور سان پريم رکڻ ڪري مونکي سک، شانتي، آنند ۽ خوشيون پراپت ٿيون آهن ۽ مون جيئڻ جو مول يا مٿ پڌو آهي. (ٻاو- مان مرڻ کان ڇٽو آهيان.)

(١) ڪَرِ ڪِرپا آپُنا داسُ ڪِينو، ڪاٽي مائِيا ڦادِئو

ڀاءُ ڀڳَتِ گاءِ گُڻَ گوبِنْد، جَمَ ڪا مارَگُ سادِئو

ارٿ:- پرميشور ڪرپا ڪري مونکي پنهنجو داس ڪيو آهي ۽ منهنجا مايا جا بندن ڪاٽي ڇڏيا آهن. پريما ڀڳتيءَ سان گوبند جا گڻ ڳائڻ ڪري مون جم جو مارگ ساڌيو آهي يعني جم جو ڀؤ دور ڪري ڇڏيو آهي. [ڦادئو = ڦاهي، بندن. سادئو = جيتيو آهي.]

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (١٥)

هي جيو مايا ۾ قائل آهي

چَنچَلُ سُپنئِ هي اُرجهائِئو

اِتني نہ بُوجهيَ ڪبهُون چَلنا، بِڪَلُ ڀئِئو سَنگہ مائِئو

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- هيءَ چنچل من سنسار روپي سپني ۾ اٽڪيو پيو آهي. مايا جي ڪري وياڪل ٿي اِها ڳالهہ بہ نہ ٿو سمجهي تہ مونکي ڪڏهين هلڻو آهي. [اُرجهائِئو = اٽڪيو پيو آهي. بڪل = وياڪل.]

(١) ڪُسَم رنگہ سَنگہ رَس رَچِيا، بِکِيا ايڪَ اُپائِئو

لوڀُ سُنئِ مَنِ سُکہ ڪَرِ مانئِ، بيگہ تهانْ اُٺِ ڌائِئو

ارٿ :- جن پدارٿن جو آنند گلن وانگر ٿورو وقت جٽاءُ ڪندڙ آهي، اُنهن سان هو پريم ڪري ٿو ۽ هڪڙو وشين جوئي اُپاءُ ڪندو رهي ٿو. جتي ڪا لالچي شيءِ ٻڌي ٿو تہ من ۾ سک ٿئيس ٿو ۽ لوڀ ڪري جلدي اوڏانهن ڊوڙي وڃي ٿو. [ڪسم = گلن وانگر. بيگہ = تڪڙ ۾، جلدي.]

(٢) ڦِرَت ڦِرَت بهُتُ سرمُ پائِئو، سَنت دُئارِيَ آئِئو

ڪري ڪِرپا پاربرهم سوامي، نانڪ ليئو سمائِئو.

ارٿ :- هو جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦري ڦري گهڻو ڪشٽ پائي ٿو. پر جڏهين سنتن جي دُئاري اچي ٿو، تڏهين صاحب فرمائين ٿا تہ پرميشور هن تي ڪرپا ڪري ٿو ۽ هنکي پاڻ سان ملائي ڇڏي ٿو. [سرم = ٿڪ، تڪليف، ڪشٽ.]

لئو لڳائي تہ اُنجو جڳت ۾ اچڻ سڦل آهي ۽ جيئڻ جو ڦل اُنهيءَ ئي پاتو آهي.

(١) سُنڌرُ سُگھڙُ سُورُ سو بيتا، جو ساڌو سنگُ پاوي
نامُ اُچارَ ڪري هرِ رسنا، ڦِرِ نہ جوني ڌاوي

ارٿ:- جو ساڌن جو سنگ پراپت ڪري ۽ هريءَ جو نام رسنا سان اُچارڻ ڪري تہ، سو وري جونين ۾ نہ ٿو ڀٽڪي. اهڙو شخص ئي سنڌر، سياڻو، سورهو ۽ گيانوان آهي. [سگھڙ = سياڻو. سور = سورهو. بيتا = گيان جاڻندڙ، گيانوان. ڌاوي = ڊوڪي، ڀٽڪي.]

(٢) پُورن برهم روِئا مَن تَن مَهِ، آن نہ درِشٽي آوي
نَرَڪ روگ نهي هووت جن سنگِ، نانڪ جِسُ لڙِ لاوي.

ارٿ:- جو پرميشور کي من تن ۾ وياپڪ جاڻي تہ، اُنکي پرميشور کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نظر ۾ نہ ٿو اچي. صاحب فرمائين ٿا تہ ساڌن جي سنگ ڪرڻ ڪري جنهنکي پريو پنهنجي لڙھ لڳائي تہ، تنهنکي نرڪ جو روڳ نہ ٿو لڳي. [روئا = وياپڪ.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ੫

ਚੰਚਲੁ ਸੁਪਨੈ ਹੀ ਉਰਝਾਇਓ ॥ ਇਤਨੀ ਨ ਬੂਝੈ ਕਬਹੂ ਚਲਨਾ ਬਿਕਲ ਭਇਓ ਸੰਗਿ ਮਾਇਓ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਕੁਸਮ ਰੰਗ ਸੰਗ ਰਸਿ ਰਚਿਆ ਬਿਖਿਆ ਏਕ ਉਪਾਇਓ ॥ ਲੋਭ ਸੁਨੈ ਮਨਿ ਸੁਖੁ ਕਰਿ ਮਾਨੈ ਬੇਗਿ ਤਹਾ ਉਠਿ ਧਾਇਓ ॥ ੧ ॥ ਫਿਰਤ ਫਿਰਤ ਬਹੁਤੁ ਸ੍ਰਮੁ ਪਾਇਓ ਸੰਤ ਦੁਆਰੈ ਆਇਓ ॥ ਕਰੀ ਕ੍ਰਿਪਾ ਪਾਰਬ੍ਰਹਮਿ ਸੁਆਮੀ ਨਾਨਕ ਲੀਓ ਸਮਾਇਓ ॥ ੨ ॥ ੧੫ ॥

(٢) سڪل مورت پرسڻ، سنتن ڪي، اهي ڏيانا ڌرنا
ٿيئو ڪرپال ٺاڪر نانڪ ڪئُه، پريو ساڌ ڪي سرنا.

ارٿ - مان اهوئي ڌيان ڌريان ٿو، جو سنتن جي سڪل مورت جو درشن ڪريان ٿو. صاحب فرمائين ٿا تہ جن تي مالڪ ڪرپال ٿئي ٿو، اهي سنتن جي سرن پون ٿا. [پرسڻ = ڇهان ٿو، درسن ڪريان ٿو.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ੫

ਅਪੁਨੇ ਹਰਿ ਪਹਿ ਬਿਨਤੀ ਕਹੀਐ ॥ ਚਾਰਿ ਪਦਾਰਥ ਅਨਦ ਮੰਗਲ ਨਿਧਿ ਸੂਖ ਸਹਜ ਸਿਧਿ ਲਹੀਐ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਮਾਨੁ ਤਿਆਗਿ ਹਰਿ ਚਰਨੀ ਲਾਗਉ ਤਿਸੁ ਪ੍ਰਭ ਅੰਚਲੁ ਗਹੀਐ ॥ ਆਂਚ ਨ ਲਾਗੈ ਅਗਨਿ ਸਾਗਰ ਤੇ ਸਰਨਿ ਸੁਆਮੀ ਕੀ ਅਹੀਐ ॥ ੧ ॥ ਕੋਟਿ ਪਰਾਧ ਮਹਾ ਅਕ੍ਰਿਤਘਨ ਬਹੁਰਿ ਬਹੁਰਿ ਪ੍ਰਭ ਸਹੀਐ ॥ ਕਰੁਣਾਮੈ ਪੂਰਨ ਪਰਮੇਸੁਰ ਨਾਨਕ ਤਿਸੁ ਸਰਨਹੀਐ ॥ ੨ ॥ ੧੭ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (17)

هريءَ جي سرن وٺڻ مان انيڪ سُکھ

اُپني هر پهہ بنتي ڪهيئي
چار پدارٿ آنند منگل نڌ، سوکھ سهج سڌ لهيئي
(اڪ رهاءُ)

ارٿ :- پنهنجي هريءَ وٽ وينتي ڪجي تہ چار پدارٿ (ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موکيہ)، آنند، خوشيون، خزانا، سکھ، شانتي ۽ رڌيون سڌيون پائجن. [پهہ = وٽ.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ੫

ਸਰਬ ਸੁਖਾ ਗੁਰ ਚਰਨਾ ॥ ਕਲਿਮਲ ਡਾਰਨ ਮਨਹਿ ਸਧਾਰਨ ਇਹ ਆਸਰ ਮੋਹਿ ਤਰਨਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਪੂਜਾ ਅਰਚਾ ਸੇਵਾ ਬੰਦਨ ਇਹੈ ਟਹਲ ਮੋਹਿ ਕਰਨਾ ॥ ਬਿਗਸੈ ਮਨੁ ਹੋਵੈ ਪਰਗਾਸਾ ਬਹੁਰਿ ਨ ਗਰਭੈ ਪਰਨਾ ॥ ੧ ॥ ਸਫਲ ਮੂਰਤਿ ਪਰਸਉ ਸੰਤਨ ਕੀ ਇਹੈ ਧਿਆਨਾ ਧਰਨਾ ॥ ਭਇਓ ਕ੍ਰਿਪਾਲੁ ਠਾਕੁਰੁ ਨਾਨਕ ਕਉ ਪਰਿਓ ਸਾਧ ਕੀ ਸਰਨਾ ॥ ੨ ॥ ੧੬ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (١٦)

سنگورن جي مهما

سَرَب سُکا گور چَرَنا

ڪَلِمَلِ ڈارَن، مَنَهِ سَڌارَن، اِهَ آسَر موهِ تَرَنا

(اڪ رهاءُ)

ارٿ:- سنگورن جا چرن جي سڀ سکر ڈيندڙ، پاپن جا ناس ڪندڙ ۽ من کي شد ڪندڙ آهن، تن جي آسري تي مان (ڀوسا گر مان) تري وڃان ٿو. [ڪَلِمَلِ = وڏا پاپ. ڈارن = ناس ڪندڙ. آسر = آسرو.]

(١) پوُجا اَرچا شيوا بندَن، اِهيُ ٽَهَل موهِ ڪَرَنا

بِگسيُ مَنُ هوويُ پرگاسا، ٻهُرِ نہ گربيُ پَرَنا

ارٿ- مون لاءِ گورن جي ٽهل ڪرڻ ئي پوجا، ارچا، شيوا ۽ ڈنڊوت ڪرڻ آهي. جڏهين (ستگورن دئاران) گيان جو پرڪاش ٿئي ٿو، تڏهين من ٽڙي ٿو ۽ پوءِ وري جنم مرڻ جي چڪر ۾ نٿو پئجي. [آرچا = ٺاڪرن کي چندن آگرسان چتڪارڻ. بندن = بندنا، ڈنڊوت. بگسيُ = ٽڙي ٿو، خوش ٿئي ٿو.]

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (١٨)

ستگورن جي چرنن جي نواس جي برڪت

گُر ڪي چرن رِدئي پرويسا

روڳ سوڳ سڀ دوکہ بناسي، اُتري سگل ڪليشا

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- جڏهين ستگورن جا چرن اسانجي هردي ۾ نواس ڪن ٿا، تڏهين هرطرح جا روڳ شوڪ؛ سڀ دکہ ناس ٿي وڃن ٿا؛ سڀ ڪليش نورت ٿي وڃن ٿا.

(١) جنم جنم ڪي ڪِلوِکہ ناسهِ، ڪوٽِ مجن اِشنانا

نامُ نِڌانُ گاوت گُڻ گوبِند، لاگو سهج ڌِيانا

ارٿ:- جنم جنمانترن جا پاپ ناس ٿي وڃن ٿا؛ ڪروڙين تيرٿن جي اشنان جو ڦل ملي ٿو. گوبند جا گن ڳائڻ ڪري نام جو خزانو هٿ اچي ٿو؛ سهجيئي ڌيان لڳي ٿو.

(٢) ڪرِ ڪرپا اپنا داسُ ڪينو، بنڌن توڙِ نِراري

جپِ جپِ نامُ جيوانْ تيري باڻي، نانڪ داس بلهاري.

ارٿ:- پرميشور ڪرپا ڪري پنهنجو داس ڪري ٿو. هاڻي اسين پنهنجا بنڌن توڙي نرليپ رهون ٿا. گورو صاحب وينتي ڪري چون ٿا تہ ”هي پرميشور! تنهنجي نام روپي باڻي جپي جپي اسين جيئون ٿا؛ اسين داس توتان قربان وڃون ٿا.“

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਮਾਈ ਪ੍ਰਭ ਕੇ ਚਰਨ ਨਿਹਾਰਉ ॥ ਕਰਹੁ ਅਨੁਗ੍ਰਹੁ ਸੁਆਮੀ

(۱) مانُ تياڳِ، هرِ چرڻي لاڳُ، تِسُ پرڀ آنچلُ گهيئُي
آنچ نہ لاڳيُ، آڳنِ ساڳر تي، سرنِ سُئامي کي
آهيئُي

ارٿ:- ايمان ڇڏي هريءَ جي چرنن ۾ لڳجي ۽ اُنهيءَ پرڀوءَ جو پلؤ پڪڙجي. مالڪ جي سرن جي جاهنا رکڻ ڪري اگن روپ سنسار جي لهس نہ لڳندي. [انچل = دامن، پلؤ. گهيئُي = پڪڙجي، وٺجي. آهيئُي = جاهنا ڪجي.]

(۲) ڪوٽِ پراڌ مها اَڪِرتگهن، ڦِرِ ڦِرِ پرڀ سهيئُي
ڪرُڻا مئي پوُرن پرميسر، نانڪ تِسُ سر نهيئُي.

ارٿ:- منهنجو پرڀو ڪروڙين اپراڌ ڪندڙن ۽ وڏن وڏن بي شُڪرن کي سهارن ڪري ٿو يا پالي ٿو. صاحب فرمائين ٿا تہ ڪرپالو پورن پرميشور جي سرن وٺڻ گهرجي. [ڪوٽ = ڪروڙين. پراڌ = اپراڌ، وڏا پاپ. اڪرتگهن = بي شُڪرا، احسان فراموش. سرنهيئُي = سرن وٺڻ گهرجي.]

نوٽ:- ڪي ٽيڪا ڪار "سرنهيئُي" جو ارٿ ڪن ٿا تہ "اُنهيءَ جي برابر ڪوبہ نہ آهي".

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ੫

ਗੁਰ ਕੇ ਚਰਨ ਰਿਦੈ ਪਰਵੇਸਾ ॥ ਰੋਗ ਸੋਗ ਸਭਿ ਦੂਖ ਬਿਨਾਸੇ ਉਤਰੇ ਸਗਲ ਕਲੇਸਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਨਮ ਜਨਮ ਕੇ ਕਿਲਵਿਖ ਨਾਸਹਿ ਕੋਟਿ ਮਜਨ ਇਸਨਾਨਾ ॥ ਨਾਮੁ ਨਿਧਾਨੁ ਗਾਵਤ ਗੁਣ ਗੋਬਿੰਦ ਲਾਗੋ ਸਹਜਿ ਧਿਆਨਾ ॥ ੧ ॥ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਅਪੁਨਾ ਦਾਸੁ ਕੀਨੋ ਬੰਧਨ ਤੋਰਿ ਨਿਰਾਰੇ ॥ ਜਪਿ ਜਪਿ ਨਾਮੁ ਜੀਵਾ ਤੇਰੀ ਬਾਣੀ ਨਾਨਕ ਦਾਸ ਬਲਿਹਾਰੇ ॥ ੨ ॥ ੧੮ ॥ ਛਕੇ ੩ ॥

(٢) گُن گاوهہ ٺاڪُر اِبناسي، ڪَلمَل سگلي جهارَ
نامُ نِڌانُ نانڪ دانُ پاوَ، ڪَنٺِ لاءِ اُرِڌارَ.

ارٿ - هي ابناسي ٺاڪر! مان شل تنهنجا گن ڳائيندو رهان ۽ اهڙيطرح سڀني پاپن کي ٻهاري ڇڏيان (يعني ناس ڪريان.) صاحب وينتي ڪري ٿو تہ "هي پريو! شل مان تو وٽان نام روپي خزاني جو دان پايان ۽ اُن نام کي ڪنٺ سان لڳائي هردي ۾ ڌاريان!" [جهارَ = ٻهاري ڇڏيان، ناس ڪري ڇڏيان.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਪ੍ਰਭ ਜੀਉ ਪੇਖਉ ਦਰਸੁ ਤੁਮਾਰਾ ॥ ਸੁੰਦਰ ਧਿਆਨੁ ਧਾਰੁ ਦਿਨੁ ਰੈਨੀ ਜੀਅ ਪ੍ਰਾਨ ਤੇ ਪਿਆਰਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਾਸਤ੍ਰ ਬੇਦ ਪੁਰਾਨ ਅਵਿਲੋਕੇ ਸਿਮ੍ਰਿਤਿ ਤਤੁ ਬੀਚਾਰਾ ॥ ਦੀਨਾਨਾਥ ਪ੍ਰਾਨ ਪਤਿ ਪੂਰਨ ਭਵਜਲ ਉਧਰਨ ਹਾਰਾ ॥ ੧ ॥ ਆਦਿ ਜੁਗਾਦਿ ਭਗਤ ਜਨ ਸੇਵਕ ਤਾਕਾ ਬਿਖੈ ਅਧਾਰਾ ॥ ਤਿਨ ਜਨ ਕੀ ਧੂਰਿ ਬਾਛੈ ਨਿਤ ਨਾਨਕੁ ਪਰਮੇਸੁਰੁ ਦੇਵਨਹਾਰਾ ॥ ੨ ॥ ੨੦ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٢٠)
پرميشور پرانن کان بہ پيارو آهي

پرڀ جيئُہ پيکئُہ، درسُ تُمارا
سُنّدر ڌِيانُ ڌارُ دِنُ رَئني، جيئہ پران تي پيارا
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي پريو جي! شل مان تنهنجو درسن ڏسان! شل

ਮੇਰੇ ਮਨ ਤੇ ਕਬਹੁ ਨ ਡਾਰਉ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਾਧੂ ਧੂਰਿ ਲਾਈ ਮੁਖਿ ਮਸਤਕਿ ਕਾਮ ਕ੍ਰੋਧ ਬਿਖੁ ਜਾਰਉ ॥ ਸਭ ਤੇ ਨੀਚੁ ਆਤਮ ਕਰਿ ਮਾਨਉ ਮਨ ਮਹਿ ਇਹੁ ਸੁਖੁ ਧਾਰਉ ॥ ੧ ॥ ਗੁਨ ਗਾਵਹ ਠਾਕੁਰ ਅਬਿਨਾਸੀ ਕਲਮਲ ਸਗਲੇ ਝਾਰਉ ॥ ਨਾਮੁ ਨਿਧਾਨੁ ਨਾਨਕ ਦਾਨੁ ਪਾਵਉ ਕੰਠਿ ਲਾਇ ਉਰਿ ਧਾਰਉ ॥ ੨ ॥ ੧੯ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (١٩)

پرميشور جي چرنن جي درسن جي برڪت

مائي، پرڀ ڪي چرن نهارؤ

ڪرهُ انُگرهُ سوامي ميري، من تي ڪبهُ نه ڏارؤ

(اِڪ رهاؤ)

ارٿ:- هي ڀائي! مان پرڀوءَ جي چرنن جو درسن ڪريان ٿو. هي منهنجا سوامي! مون تي اها ڪرپا ڪريو جو مونکي ڪڏهين به پنهنجي من تان نه لاهيو يعني مونکي سديو ياد ڪريو يا مان ڪڏهين به توهان کي من تان نه تياڳيان يعني سديو ياد ڪريان. [انگرهه = ڪرپا. ڏارؤ = تياڳيو يا تياڳيان.]

(١) ساڌو ڌوُرِ لائي مُکِ مستڪِ، ڪامُ ڪروڌ بِکُه جارؤ

سڀ تي نيچُه آتم ڪرِ مانئُه، من مهِ اِههُ سُکه ڌارؤ

ارٿ:- مان پنهنجي منهن ۽ مستڪ تي ساڌن جي چرنن جي ڌوڙ لڳايان ۽ ڪام، ڪروڌ ۽ دک روپ وشين کي ساڙي ڇڏيان. پاڻکي سڀ کان نيچ ڪري سمجهان. مان شل من ۾ اهو سک ڌاريان. [آتم = پاڻکي.]

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٢١)
پريو! توکي چڏي ڪاڏي وڃجي؟

تيرا جن رام رسائڻ ماتا

پريم رسائڻ جا ڪئہ اُپجي، ڇوڏ نہ ڪتهوُن جاتا

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي سوامي! تنهنجو داس تنهنجي امرت نام رس ۾ مست ٿيو پيو آهي. پريم رس جو خزانو جنهنجي هردي ۾ پيدا ٿيو آهي، سي توکي ڇڏي ڪيڏانهن نٿا وڃن. [رسائن = (رس = امرت ۽ ائن = گهر).]

(١) بئٺت هر هر، سووت هر هر، هر رس ڀوجن کاتا

اٺ سٺ تيرٿ مجن ڪينو، ساڌو ڌوري ناتا

ارٿ:- اُهي وهندي سمهندي هر هر نام جپين ٿا ۽ هريءَ جي رس جو ڀوجن کائين ٿا. جيڪي سنت جنن جي ڌوڙ جو اشنان ڪن ٿا، سي ڄڻ تہ اٺهٺ تيرٿن جو اشنان ڪن ٿا.

(٢) سڦل جنم هر جن ڪا اُپجيا، جن ڪينو سوُت پڌاتا

سگل سموه لئي اُڌري نانڪ، پوُرن برهم پڇاتا.

ارٿ:- هي هري! تنهنجي داس جو جنم وٺڻ سڦل آهي، جن تو ورڌاتا کي اولاد وارو ڪيو آهي (يعني جڳ ۾ پٽن وارو ڪيو آهي. سنت پرميشور جو اولاد آهن.) جن تو پورن پرميشور کي سڃاتو آهي، سي سڀني سنگين کي وٺي تري وڃن ٿا.

نوٽ:- ”سوُت“ جي معنيٰ آهي ”سپٽو“. اُنجي اُبتر لفظ آهي ”اٺت“ جنهنجي معنيٰ آهي ”نپٽو.“

مان تو سندر جو ڏينهن رات ڏيان ڌاريان! تون جيءَ پرانن کان به پيارو آهين.

(١) شاستر بيد پران آولوڪي، سمرت تت بيچارا

دينا ناٿ پران پت پورن، ڀوجل اُڌرن هارا

ارٿ:- ڇهه شاستر، چار ويد، ارڙهان پُران ۽ ستاويهه سمرتيون ڀون ڏٺيون آهن ۽ جڳي طرح اُنهنجو تت مون ويچاريو آهي ته غريبن جي مالڪ، پرانن جي پتيءَ ۽ پورن پرماتما جو نام ڀوجل سنسار مان اُڌار ڪرڻ وارو آهي.

(٢) آد جڳاد ڀڳت جن شيوڪ، تاڪا بڪيءِ آڌارا

تن جن ڪي ڌُور ٻاڇيءِ نت نانڪ، پرميسر ديون هارا.

ارٿ:- هي پرماتما! جي تنهنجا آد جڳاد کان ڀڳت جن ۽ شيوڪ آهن، تن تو ٻئي پنهنجو آسرو ڏنو آهي. صاحب وينتي ڪري چوي ٿا ته "هي پرميشور! مان اهڙن سنت جنن جي ڌوڙ نت چاهيان ٿو ۽ تون ئي اُها ڏيڻ وارو آهين." [ٻاڇيءِ = چاهيان ٿو.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਤੇਰਾ ਜਨੁ ਰਾਮ ਰਸਾਇਣਿ ਮਾਤਾ ॥ ਪ੍ਰੇਮ ਰਸਾ ਨਿਧਿ ਜਾ ਕਉ ਉਪਜੀ ਛੋਡਿ ਨ ਕਤਹੂ ਜਾਤਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਬੈਠਤ ਹਰਿ ਹਰਿ ਸੋਵਤ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਰਸੁ ਭੋਜਨੁ ਖਾਤਾ ॥ ਅਠ ਸਠਿ ਤੀਰਥ ਮਜਨੁ ਕੀਨੋ ਸਾਧੂ ਧੂਰੀ ਨਾਤਾ ॥ ੧ ॥ ਸਫਲੁ ਜਨਮੁ ਹਰਿ ਜਨ ਕਾ ਉਪਜਿਆ ਜਿਨਿ ਕੀਨੋ ਸਉਤੁ ਬਿਧਾਤਾ ॥ ਸਗਲ ਸਮੂਹ ਲੈ ਉਧਰੇ ਨਾਨਕ ਪੂਰਨ ਬ੍ਰਹਮੁ ਪਛਾਤਾ । ੨ ॥ ੨੧ ॥

(٢) ڪري اَنگرهُ سوامي ميرا، ساڌ چرن چِتُ لائيٽي
سَنڪَتَ گهورُ ڪٽي کِنَ ڀيتَرِ، نانڪ هرِ درسِ
سمائيٽيءِ.

ارٿ:- صاحب فرمائين ٿا تہ جڏهين منهنجو مالڪ ڪرپا ڪري ٿو ۽ ساڌن جي چرنن سان منهنجو چت لڳائي ٿو، تڏهين هڪ کن ۾ منهنجو ڀيانڪ دکہ ڪٽي ڇڏي ٿو ۽ مان هريءَ جي سروپ ۾ سمائجي وڃان ٿو. [سنڪٽ = مشڪلات، دکہ. درس = درسن، سروپ.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਠਾਕੁਰ ਹੋਏ ਆਪਿ ਦਇਆਲ ॥ ਭਈ ਕਲਿਆਣ ਅਨੰਦ ਰੂਪ ਹੋਈ ਹੈ ਉਬਰੇ ਬਾਲ ਗੁਪਾਲ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਦੁਇ ਕਰ ਜੋੜਿ ਕਰੀ ਬੇਨੰਤੀ ਪਾਰਬ੍ਰਹਮੁ ਮਨਿ ਧਿਆਇਆ ॥ ਹਾਥੁ ਦੇਇ ਰਾਖੇ ਪਰਮੇਸੁਰਿ ਸਗਲਾ ਦੁਰਤੁ ਮਿਟਾਇਆ ॥ ੧ ॥ ਵਰ ਨਾਰੀ ਮਿਲਿ ਮੰਗਲੁ ਗਾਇਆ ਠਾਕੁਰ ਕਾ ਜੈਕਾਰੁ ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਜਨ ਕਉ ਬਲਿਜਾਈਐ ਜੋ ਸਭਨਾ ਕਰੇ ਉਧਾਰੁ ॥ ੨ ॥ ੨੩ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٢٣)

پرڀوءَ جي ديا

ٺاڪُر هوئي آپ دئيالَ
ڀئي ڪَلِياڻ آنند رُوپ هوئي هيَ، اُبري ٻال گوپالَ
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- منهنجو ٺاڪر پاڻ مون تي ديال ٿيو آهي. هاڻي منهنجو ڪلياڻ ٿيو آهي. منهنجي ٻُڌي آنند روپ ٿي آهي ۽ منهنجا سڀ ٻال گوپال تري ويا آهن.

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਮਾਈ ਗੁਰ ਬਿਨੁ ਗਿਆਨੁ ਨ ਪਾਈਐ ॥ ਅਨਿਕ ਪ੍ਰਕਾਰ ਫਿਰਤ ਬਿਲਲਾਤੇ ਮਿਲਤ ਨਹੀ ਗੋਸਾਈਐ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਮੋਹ ਰੋਗ ਸੋਗ ਤਨੁ ਬਾਧਿਓ ਬਹੁ ਜੋਨੀ ਭਰਮਾਈਐ ॥ ਟਿਕਨੁ ਨ ਪਾਵੈ ਬਿਨੁ ਸਤ ਸੰਗਤਿ ਕਿਸੁ ਆਗੈ ਜਾਇ ਰੂਆਈਐ ॥ ੧ ॥ ਕਰੈ ਅਨੁਗ੍ਰਹੁ ਸੁਆਮੀ ਮੇਰਾ ਸਾਧੁ ਚਰਨ ਚਿਤੁ ਲਾਈਐ ॥ ਸੰਕਟ ਘੋਰ ਕਟੇ ਖਿਨ ਭੀਤਰਿ ਨਾਨਕ ਹਰਿ ਦਰਸਿ ਸਮਾਈਐ ॥ ੨ ॥ ੨੨ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٢٢)

”گور بِنُ گيان نہ هوء“

[سري آسا دي وار]

مائي گور بِنُ گيانُ نہ پائِيئِي

اَنِڪ پرڪار ڦِرت بِلَلاتي، مِلَت نهي گوسائِيئِي

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- هي مائي! گوروءَ کانسواءِ گيان نٿو پراپت ٿئي. جيو انيڪ طرحن سان ورلاپ ڪندا ڦرن ٿا، پر مالڪ سان نٿا ملن.

(١) موهہ روگہ سوگہ تنُ باڌِئو، بهہ جوني ڀرمائِيئِي

ٽِڪُن نہ پاوِئِ بِنُ سَت سَنگَتِ، ڪِسُ آگِئِ جاءِ رُوئائِيئِي

ارٿ :- موهہ ڪري هي سرير روڳہ ۽ ڏکہ ۾ ٻڌو پيو آهي ۽ هي جيو گهڻين جونين ۾ ڀٽڪي ٿو. ست سنگت کانسواءِ هن جيو کي ٽڪاڻو نہ ٿو ملي. (گوروءَ کانسواءِ) ڪنهن جي اڳيان وڃي روئي پنهنجو حال ڪري؟ [ٽِڪن = ٽڪاڻو.]

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٢٤)

ستگورن وٽ وينتي ڪرڻ

اُپني ستگور پهہِ بِنَئہ ڪَهِيا

ڀئي ڪِرپال دئِيال دُکهہ ڀنجن، ميرا سگل اَندِيسرا گَئِيا (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- جڏهين مون ستگورن کي وينتي ڪئي، تڏهين دک ڀنجن ۽ ديال پربهو مون تي ڪرپال ٿيو ۽ منهنجو سڀ انديشو يا سنسو دور ٿي ويو.

(١) هم پاپي پاکنڊي لوڀي، همرا گُنُ اَوگُنُ سڀُ سهِئا

ڪرُ مستڪِ ڌارِ ساجہ نِوازي، مُئي دُشٽ جو کَئِئا

ارٿ:- پربهو مون پاپيءَ، پاکنڊيءَ ۽ لوڀيءَ جا (ٿورا) گڻ ۽ (گهڻا) اوگڻ سڀ سهارن ڪيا (يعني چشم پوشي ڪئي.) مونکي مٿي تي ڪرپا جو هٿ رکي ساجي نوازي ڇڏيو، پوءِ دک ڏيڻ وارا ڪام آدڪ دشٽ ناس ٿي ويا. [ڪر = هٿ. کئِئا = دکهہ ڏيڻ وارا.]

(٢) پر اُپڪاري سرب سڌاري، سڦل درسن سهجئِئا

ڪهُ نانڪ نرگُڻ ڪَئہ داتا، چرڻ ڪمل اُرڌ رِئا.

ارٿ:- صاحب فرمائين ٿا تہ پربهو جو پر اپڪاري، ۽ سڀني جو سڌاريندڙ آهي ۽ جنهنجو درسن سهڄ ۾ ئي ڦلدايڪ آهي ۽ جو نرگڻن جو داتار آهي، تنهنجا چرن ڪمل مون هردي ۾ ڌاريا. [اُر = هردو.]

(١) ڏهِ ڪَر جوڙِ ڪري بينتي، پار برهم مَن ڌيائيا
هاٿُ ديئي راکي پرميسرِ، سگلا دُرت مِٽائيا

ارٿ:- هاڻي ٻئي هٿ ٻڌي مون وينتي ڪئي آهي ۽ پاربرهم کي مون من ۾ ڌيايو آهي. پرميشور مونکي هٿ ڏيئي رکيو آهي ۽ منهنجا سڀ پاپ مِٽائي ڇڏيا آهن. [ڪر = هٿ. درت = پاپ.]

(٢) وَر ناري مِل منگلُ گائيا، ٺاڪُر ڪا جيڪارُ
ڪهُ نانڪ جن ڪئه ٻلِ جائيئي، جو سڀنا ڪري اُڌارُ.

ارٿ:- هاڻي سريشٽ استرين يعني ٻگت جنن ملي خوشيءَ جا گيت ڳايا آهن ۽ ٺاڪر جي جئي جيڪار ڪئي آهي. صاحب فرمائين ٿا ته اهڙن سنت جنن تان ٻلهاري وڃون ٿا، جي سڀني جيون جو اُڌار ڪن ٿا. [ور = سريشٽ. ناري = استري. منگل = خوشيءَ جا گيت.]

੧ ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਅਪੁਨੇ ਸਤਿਗੁਰ ਪਹਿ ਬਿਨਉ ਕਹਿਆ ॥ ਭਏ ਕ੍ਰਿਪਾਲ ਦਇਆਲ ਦੁਖ ਭੰਜਨ ਮੇਰਾ ਸਗਲ ਅੰਦੇਸਰਾ ਗਇਆ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਹਮ ਪਾਪੀ ਪਾਖੰਡੀ ਲੋਭੀ ਹਮਰਾ ਗੁਨੁ ਅਵਗੁਨੁ ਸਭੁ ਸਹਿਆ ॥ ਕਰੁ ਮਸਤਕਿ ਧਾਰਿ ਸਾਜਿ ਨਿਵਾਜੇ ਮੁਏ ਦੁਸਟ ਜੋ ਖਇਆ ॥ ੧ ॥ ਪਰ ਉਪਕਾਰੀ ਸਰਬ ਸਧਾਰੀ ਸਫਲ ਦਰਸਨ ਸਹਜਇਆ ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਨਿਰਗੁਣ ਕਉ ਦਾਤਾ ਚਰਣ ਕਮਲ ਉਰ ਧਰਿਆ ॥ ੨ ॥ ੨੪ ॥

(٤) مَنَ مَهرِ راکُهُ ايڪ آساري

نانَڪَ پرڀ ميري ڪَرنيءَ هاري.

ارٿ :- صاحب وينتي ڪن ٿا تہ ”هي منهنجا ڪرڻهار پريو! مان پنهنجي من ۾ هڪ تنهنجو ئي آسرو رکان ٿو.“

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਪ੍ਰਭ ਇਹੈ ਮਨੋਰਥੁ ਮੇਰਾ ॥ ਕ੍ਰਿਪਾ ਨਿਧਾਨ ਦਇਆਲ ਮੋਹਿ ਦੀਜੈ ਕਰਿ ਸੰਤਨ ਕਾ ਚੇਰਾ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਪ੍ਰਾਤਹਕਾਲ ਲਾਗਉ ਜਨ ਚਰਨੀ ਨਿਸ ਬਾਸੁਰ ਦਰਸੁ ਪਾਵਉ ॥ ਤਨੁ ਮਨੁ ਅਰਪਿ ਕਰਉ ਜਨ ਸੇਵਾ ਰਸਨਾ ਹਰਿ ਗੁਨ ਗਾਵਉ ॥ ੧ ॥ ਸਾਸਿ ਸਾਸਿ ਸਿਮਰਉ ਪ੍ਰਭੁ ਅਪੁਨਾ ਸੰਤ ਸੰਗਿ ਨਿਤ ਰਹੀਐ ॥ ਏਕੁ ਅਧਾਰੁ ਨਾਮੁ ਧਨੁ ਮੋਰਾ ਅਨਦੁ ਨਾਨਕ ਇਹੁ ਲਹੀਐ ॥ ੨ ॥ ੨੬ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٢٦)

نوٽ :- هي سنڌر شبد مجلس وقت ۽ گوروءَ جي پرڪاش وقت ڳائڻ ۾ ايندو آهي.

پرڀ اهيءَ منورٿُ ميرا

ڪِرپانڌان دئِيال موهِ ديجيءِ ڪرِ سنتن ڪا چيرا

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- هي پريو! منهنجو منورٿ اهو آهي، جو هي ڪرپانڌان! هي ديال! مونکي اِهو دان ڏي جو مونکي سنتن جو داس ڪر.

(١) پراتهڪال لاڳئُ جن چرني، نِس ٻاسرُ درسُ پاوءُ

تنُ منُ آرپِ ڪرءُ جن شيوا، رسنا هرِ گُن گاوءُ

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਅਨਾਥ ਨਾਥ ਪ੍ਰਭ ਹਮਾਰੇ ॥ ਸਰਨਿ ਆਇਓ ਰਾਖਨ ਹਾਰੇ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਰਬ ਪਾਖ ਰਾਖੁ ਮੁਰਾਰੇ ॥ ਆਗੈ ਪਾਛੈ ਅੰਤੀ ਵਾਰੇ ॥੧॥ ਜਬ ਚਿਤਵਉ ਤਬ ਤੁਹਾਰੇ ॥ ਉਨ ਸਮਾਰਿ ਮੇਰਾ ਮਨੁ ਸਧਾਰੇ ॥ ੨ ॥ ਸੁਨਿ ਗਾਵਉ ਗੁਰ ਬਚਨਾਰੇ ॥ ਬਲਿ ਬਲਿ ਜਾਉ ਸਾਧ ਦਰਸਾਰੇ ॥ ੩ ॥ ਮਨ ਮਹਿ ਰਾਖਉ ਏਕ ਅਸਾਰੇ ॥ ਨਾਨਕ ਪ੍ਰਭ ਮੇਰੇ ਕਰਨੈ ਹਾਰੇ ॥ ੪ ॥ ੨੫ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٢٥)
سنهڪر وينتي

اَناٿ ناٿ پرڀ هماري - سرڻِ آئِئو راکن هاري
(اڪ رهائو)

ارٿ :- هي منهنجا پربڀو! اناٿن جا ناٿ! هي رکڻ هارا! مان تنهنجي سرن آيو آهيان.

(١) سرب پاکر راکهُ مُراري - آگيءِ پاڇيءِ اَنتي واري

ارٿ :- هي مر دئيت کي ناس ڪرڻ وارا! سڀ پاسي مونکي رکي وٺ. اڳي پوءِ ۽ انت ويلي منهنجي رکيا ڪر. [پاکر=پاسي.]

(٢) جَب چِتوءُ تَب تُهاري - اُنَ سمارِ ميرا مَنُ سَڌاري

ارٿ :- جڏهين مان توکي ياد ڪريان ٿو، تڏهين تنهنجا گن ڳايان ٿو. اُهي تنهنجا گڻ ياد ڪري منهنجي من کي آڌار اچي وڃي ٿو- يا- منهنجو من سڌري ٿو.

(٣) سُنِ گاوءُ گور بَچناري - ٻَلِ ٻَلِ جاءُ ساڌ دَرساري

ارٿ :- گورن جا وچن ٻڌي مان تنهنجا گڻ ڳايان ٿو. ساڌن جي درشن تان مان ٻلهار ٻلهار وڃان ٿو.

ارٿ :- هي متر! مون اهڙو هري پيارو پاتو آهي، جو ڪڏهين به مونکي ڇڏي نٿو وڃي ؛ سدئيو مونسان سنگ آهي. انهيءَ هريءَ جا گڻ مون گوروءَ سان ملي رات ڏينهن ڳايا آهن. [جيڻُ = پيارو.]

(١) مِلِئو منوهر سرب سُکئِنا، تِيا گِہ نہ ڪتهوُن جائي
اَنڪ اَنِڪ ڀاتِ بهُہ پيکي، پرِئہ روم نہ سمسرِ لائي

ارٿ :- مونکي مَن کي هريندڙ ؛ سڀني سُکن جو گهر (پرماتما) مليو آهي. هاڻي اهو مونکي ڇڏي ڪيڏانهن نٿو وڃي. مون انيڪ طرح جا پدارٿ بلڪل گهڻا ڏٺا آهن، پر اُهي منهنجي پياري هريءَ جي هڪ وار جي برابر به نہ آهن. [منوهر = من کي هريندڙ، سندر. سکئنا = سکن جو گهر (ائن = گهر.) سمسر = برابر. روم = وار.]

(٢) مندرِ ڀاڳہ سوڀ دُئاريءِ، اَنهت رُڻ جهڻ لائي
کهہ نانڪ سدا رنگہ ماڻي، گِرهہ پرِئہ ٿيِتي سد ٿائي.

ارٿ :- ساڌن جي مندرن ۾ ويندڙن جو وڏو ڀاڳ آهي ؛ اُنهنجي سوڀيا ٿئي ٿي. اُنهيءَ دواري ۾ انحد پڳتيءَ جي رڻ جهڻ لڳي پيئي آهي. صاحب فرمائين ٿا تہ هاڻي مان سدئيو آنند ماڻيان ٿو، جو جو منهنجي هردي روپي گهر ۾ منهنجو پيارو سدئيو استٿ ٿيو آهي. [رڻ جهڻ = آنند. ٿيتي = استٿ ٿيو آهي. سد ٿائي = سدائين اُنهيءَ ٿانو ۾ يعني هردي ۾.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ੫

ਦਰਸਨ ਨਾਮ ਕਉ ਮਨੁ ਆਛੈ ॥ ਭ੍ਰਮਿ ਆਇਓ ਹੈ ਸਗਲ ਥਾਨ ਰੇ ਆਹਿ ਪਰਿਓ ਸੰਤ ਪਾਛੈ ॥੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਕਿਸੁ ਹਉ ਸੇਵੀ ਕਿਸੁ ਆਰਾਧੀ ਜੋ ਦਿਸਟੈ ਸੋ ਗਾਛੈ ॥ ਸਾਧ ਸੰਗਤਿ ਕੀ ਸਰਨੀ ਪਰੀਐ

ارٿ :- مان شل سوير پريان جو اُٿي سنت جنن جي چرنن تي لڳان ۽ ڏيئهن جو اُنهن جو درسن ڪريان! مان شل پنهنجو تن من ارپي تنهنجي داسن جي شيوا ڪريان ۽ زبان سان تنهنجا گن ڳايان!

(۲) سا‌س سا‌س سمرڻ پرڀ اپُنا، سَت سنگت نِت رهيئي

ايڪُ اڌارُ نامُ ڌَنُ ميرا، آننڊُ نانڪ اِهُ لهيئي.

ارٿ :- هي منهنجا پريُو! شل مان سا‌س سا‌س تنهنجو سمرن ڪريان ۽ نت سنتن جي سنگت ۾ رهان! صاحب فرمائين ٿا ته نام ڌن جو هڪڙو ئي منهنجو آڌار آهي ۽ شل اهو آنند مان پايان!

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫ ਘਰੁ ੩

੧ ਓ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਮੀਤਾ ਐਸੇ ਹਰਿ ਜੀਉ ਪਾਏ ॥ ਛੋਡਿ ਨ ਜਾਈ ਸਦਹੀ ਸੰਗੇ ਅਨ ਦਿਨੁ ਗੁਰ ਮਿਲਿ ਗਾਏ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਮਿਲਿਓ ਮਨੋਹਰੁ ਸਰਬ ਸੁਖੈਨਾ ਤਿਆਗਿ ਨ ਕਤਹੂ ਜਾਏ ॥ ਅਨਿਕ ਅਨਿਕ ਭਾਤਿ ਬਹੁ ਪੇਖੇ ਪ੍ਰਿਅ ਰੋਮ ਨ ਸਮਸਰਿ ਲਾਏ ॥ ੧ ॥ ਮੰਦਰਿ ਭਾਗੁ ਸੋਭ ਦੁਆਰੈ ਅਨਹਤ ਤੁਣ ਝੁਣ ਲਾਏ ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਸਦਾ ਰੰਗੁ ਮਾਣੇ ਗ੍ਰਿਹ ਪ੍ਰਿਅ ਥੀਤੇ ਸਦ ਥਾਏ ॥ ੨ ॥ ੧ ॥ ੨੭ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (۲۷)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

پريُو مليو ته ڀيو ڇا کپي

ميِتا اَئِسي هرِ جيئُ پائي

ڇوڊِ نہ جائي سدهي سنگي، اَنَ دِنُ گور مِلِ گائي

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- مان ڪا جڳتي نٿو ڄاڻان ته مون ۾ ڪو گڻ نه آهي. هيءَ مايا بلڪل ڪٺن آهي. صاحب فرمائين ٿا ته مان ستگورن جي چرنن تي اچي پيو آهيان، جنهنڪري منهنجي ساري کوٽي مت دور ٿي ويئي آهي. [دتر = ڪٺن، اوکي. جيُ = آهي (گجراتيءَ ۾ جيُ جي معنيٰ آهي "آهي"). ڊراجيُ = دئيت پڻو، ڏرمت، کوٽي مت.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ੫

ਅੰਮ੍ਰਿਤਾ ਪ੍ਰਿਅ ਬਚਨ ਤੁਹਾਰੇ ॥ ਅਤਿ ਸੁੰਦਰ ਮਨ ਮੋਹਨ ਪਿਆਰੇ ਸਭਹੂੰ ਮਧਿ ਨਿਰਾਰੇ ॥ ੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਰਾਜੁ ਨ ਚਾਹਉ ਮੁਕਤਿ ਨ ਚਾਹਉ ਮਨਿ ਪ੍ਰੀਤਿ ਚਰਨ ਕਮਲਾਰੇ ॥ ਬ੍ਰਹਮ ਮਹੇਸ ਸਿਧ ਮੁਨਿ ਇੰਦ੍ਰਾ ਮੁਹਿ ਠਾਕੁਰ ਹੀ ਦਰਸਾਰੇ ॥ ੧ ॥ ਦੀਨੁ ਦੁਆਰੈ ਆਇਓ ਠਾਕੁਰ ਸਰਨਿ ਪਰਿਓ ਸੰਤ ਹਾਰੇ ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਪ੍ਰਭ ਮਿਲੇ ਮਨੋਹਰ ਮਨੁ ਸੀਤਲ ਬਿਗਸਾਰੇ ॥ ੨ ॥ ੩ ॥ ੨੯ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٢٩)

پريو! توکي ڇڏي مان ديوتائن کي نه پوڄيندس

اَمرِتا پرِيَه بچن تهاري

اَتِ سُندر مَنَ موهن پِياري، سڀهُون مَڌِ نِراري

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- هي پيارا! تنهنجا وچن امرت روپ آهن. هي اتي سندر سروپ وارا، هي من موهن پيارا، تون سڀ ۾ پريپورن ته سڀ کان نيارو آهين.

ਚਰਣ ਰੇਨੁ ਮਨੁ ਬਾਛੈ ॥ ੧ ॥ ਜੁਗਤਿ ਨ ਜਾਨਾ ਗੁਨੁ ਨਹੀ ਕੋਈ ਮਹਾ ਦੁਤਰੁ ਮਾਇਆ ਛੈ ॥ ਆਇ ਪਇਓ ਨਾਨਕ ਗੁਰ ਚਰਨੀ ਤਉ ਉਤਰੀ ਸਗਲ ਦੁਰਾਛੈ ॥ ੨ ॥ ੨ ॥ ੨੮ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٢٨)

پريوءَ جي درشن لاءِ سڪ

دَرسَن نام ڪئُہ مَنُ آڇيُ

ڀرم آئئو هيُ سڪل ٿانَ ري، آهِ پريُو سَنتُ پاڇيُ

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- منهنجو من چاهي ٿو تہ پريوءَ جو درسن ڪريان ۽ سندس نام جپيان. هي ڀائي! مان سڀ آستان ڀٽڪي آيو آهيان ۽ هاڻي اچي سنتن جي پنيان پيو آهيان.

(١) ڪِسُ هئُہ شيوي ڪِسُ آراڌي، جو دِشٽيُ سو گاچيُ

ساڌ سنگتِ ڪي سرني پريئيُ، چرن رين مَنُ ٻاڇيُ

ارٿ :- (واهگوروءَ کانسواءِ ٻئي) ڪنهنجي مان شيوا ڪريان ۽ ڪنهنجي آراڌنا ڪريان؟ جيڪي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو هلڻ هارو يعني ناسونت آهي. منهنجو من اهو چاهي ٿو تہ ساڌ سنگت ۾ پيو هجان ۽ ساڌن جي چرنن جي ڌوڙ لڳايان. [گاچيُ = ويندو، ويندڙ آهي، هلڻ هارو يا ناسونت آهي. سنسڪرت ۾ (گڇہ = وڃڻ.) ٻاڇيُ = چاهي ٿو.]

(٢) جُگَتِ نہ جانا گُنُ نهي ڪوئي، مَها دُتَرُ مائيا ڇيُ

آءِ پئئو نانڪ گور چرني، تئُہ اُتري سَگَل دُراڇيُ.

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٣٠)

هريءَ جا گڻ ڳائڻ ڪري هي جيو سنسار ساگر کان تري پار پوي ٿو

هَرِ جپِ شيوڪَ پارِ اُتارِئو

دِينِ دئيال ڀئي پرڀ اَپني، ٻهُڙِ جنمِ نهي مارِئو

(رهاءُ ڪ!)

ارٿ:- هري نام جي جپڻ ڪري پرڀو شيوڪ کي سنسار سمندر مان پار اُتاري ٿو. پرڀو جنهن غريب تي ٻاڍ ديال ٿيو آهي، سو نڪي وري جنم وٺي ٿو ۽ نڪي مري ٿو.

(١) ساڌ سَنگمِ گُڻ گاوهَ هرِ ڪي، رَتن جنمُ نهي هارِئو

پرڀ گُن گاءِ بِکيءِ بِنُ تَرِئا، ڪُلهَ سموهَ اُڌارِئو

ارٿ:- جو ساڌن جي سنگ ۾ هريءَ جا گڻ ڳائي ٿو، سو رتن روپ مانکا جنم نٿو هارائي. اُهو پرڀوءَ جي گڻ ڳائڻ ڪري وشيه روپي ٻن يعني سنسار ساگر مان تري پار پوي ٿو ۽ ساري ڪُل کي تاري ٿو.

(٢) چَرن ڪمل بسئا رِدَ ڀيتَرِ، ساسِ گراسِ اُچارِئو

نانَڪَ اوٽ گهي جگديسُر، پُنهَ پُنهَ ٻلهارِئو.

ارٿ:- هنجي هردي ۾ واهگوروءَ جا چرن ڪمل وسن ٿا ۽ هو ساس گراس نام جو اُچارن ڪري ٿو. صاحب فرمائين ٿا ته جنهن جگت ايشور جي اوٽ پڪڙي آهي، تنهن تان مان وري وري ٻلهار وڃان ٿو. [پنهه پنهه = وري وري.]

(١) راڄُ نہ چاهئُہ مُڪتِ نہ چاهئُہ، مَنِ پِريتِ چرَنَ ڪمَلارِي

بْرهم مهيش سِڌ مُنِ اِنْدرا، مُهِ ٺاڪُر هي دَرساري

ارٿ:- مونکي نڪا راڄ جي چاهنا آهي نڪا مُڪتيءَ جي. مونکي فقط اِها چاهنا آهي تہ منهنجي من ۾ تنهنجي ڪمل روپي چرنن جي پريت بڻي رهي. هي ٺاڪر! برهما، شِو، سڌ ۽ رشي مُني ۽ اندر- انهن سڀني هوندي مان توکي ئي ڏسان ٿو. (ڀاو- ديوتائن کي ڇڏي مان تنهنجي شيوا ڪريان ٿو.)

(٢) دِينَ دُئارِئِ آئِئو ٺاڪُر، سَرنِ پرِئو سَنت هاري

ڪهُ نانڪ پِرَبِ مِلي مَنوهر، مَنَ سيتل بِگساري.

ارٿ:- هي ٺاڪر! مان غريب تنهنجي دروازي تي آيو آهيان ۽ هارائي تنهنجي سنتن جي سرن پيو آهيان. صاحب وينتي ڪري چون ٿا تہ "هي من کي موهيندڙ پريو! جڏهين تون مونکي مليو آهين، تڏهين منهنجو من سيتل ٿي ٽڙيو آهي."

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਹਰਿ ਜਪਿ ਸੇਵਕੁ ਪਾਰਿ ਉਤਾਰਿਓ ॥ ਦੀਨ ਦਇਆਲ ਭਏ ਪ੍ਰਭ ਅਪਨੇ ਬਹੁੜਿ ਜਨਮਿ ਨਹੀ ਮਾਰਿਓ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਾਧ ਸੰਗਮਿ ਗੁਣ ਗਾਵਹ ਹਰਿ ਕੇ ਰਤਨ ਜਨਮੁ ਨਹੀ ਹਾਰਿਓ ॥ ਪ੍ਰਭ ਗੁਨ ਗਾਇ ਬਿਖੈ ਬਨੁ ਤਰਿਆ ਕੁਲਹ ਸਮੂਹ ਉਧਾਰਿਓ ॥ ੧ ॥ ਚਰਨ ਕਮਲ ਬਸਿਆ ਰਿਦ ਭੀਤਰਿ ਸਾਸਿ ਗਿਰਾਸਿ ਉਚਾਰਿਓ ॥ ਨਾਨਕ ਓਟ ਗਹੀ ਜਗਦੀਸੁਰ ਪੁਨਹ ਪੁਨਹ ਬਲਿਹਾਰਿਓ ॥ ੨ ॥ ੪ ॥ ੩੦ ॥

جنهجي زبان مان سمنڊر وديا پيئي نڪري- يا- چئن ويدن جي وديا جن جي رسنا تي آهي يعني چارئي ويد ياد اٿن، [چار = سمنڊر.]

(٣) مانَ موهہ ميرَ تيرَ بِبرَجِت، ايهُہ مارگُہ کنڌي ڏار

ارٿ:- بر ايمان، موهہ ۽ منهنجي تنهنجي جي خيال کي روڪڻ، اهو رستو ترار جي ڏار وانگر آهي يعني جئن ترار جي ڌار تي هلڻ ڏکيو آهي، تئن هن رستي تي هلڻ بہ بلڪل کٺن آهي. [مير تير = ميري تيري جا خيال يعني هي ٻ منهنجو هي ٻ تنهنجو. ببرجت = روڪڻ.]

(٤) کَهُہ نانڪ تِن ڀوجلُ تريئلي، پربَ کِرپا سنت سنگار.

ارٿ:- صاحب فرمائين ٿا تہ جن کي سنتن جو سنگ ۽ پربهو جي ڪرپا پراپت ٿي آهي، سي هن ڀوجل (سنسار ساگر) مان تري پار پون ٿا.

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫ ਘਰੁ ੫

੧ ਓ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਮੈ ਪੇਖਿਓ ਰੀ ਊਚਾ ਮੋਹਨੁ ਸਭ ਤੇ ਊਚਾ ॥ ਆਨ ਨ ਸਮਸਰਿ ਕੋਊ ਲਾਗੈ ਢੂਢਿ ਰਹੇ ਹਮ ਮੂਚਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਬਹੁ ਬੇਅੰਤੁ ਅਤਿ ਬਡੋ ਗਾਹਰੋ ਥਾਹ ਨਹੀ ਅਗਹੂਚਾ ॥ ਤੋਲਿ ਨ ਤੁਲੀਐ ਮੋਲਿ ਨ ਮੁਲੀਐ ਕਤ ਪਾਈਐ ਮਨ ਰੂਚਾ ॥ ੧ ॥ ਖੋਜ ਅਸੰਖਾ ਅਨਿਕ ਤਪੰਥ ਬਿਨੁ ਗੁਰ ਨਹੀ ਪਹੂਚਾ ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਕਿਰਪਾ ਕਰੀ ਠਾਕੁਰ ਮਿਲਿ ਸਾਧੂ ਰਸ ਭੂੰਚਾ ॥ ੨ ॥ ੧ ॥ ੩੨ ॥

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫ ਘਰੁ ੪

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਕਰਤ ਫਿਰੇ ਬਨ ਭੇਖ ਮੋਹਨ ਰਹਤ ਨਿਰਾਰ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ॥

ਕਥਨ ਸੁਨਾਵਨ ਗੀਤ ਨੀਕੇ ਗਾਵਨ ਮਨ ਮਹਿ ਧਰਤੇ ਗਾਰ ॥ ੧ ॥

ਅਤਿ ਸੁੰਦਰ ਬਹੁ ਚਤੁਰ ਸਿਆਨੇ ਬਿਦਿਆ ਰਸਨਾ ਚਾਰ ॥ ੨ ॥

ਮਾਨ ਮੋਹ ਮੇਰ ਤੇਰ ਬਿਬਰਜਿਤ ਏਹੁ ਮਾਰਗੁ ਖੰਡੇ ਧਾਰ ॥ ੩ ॥

ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਤਿਨਿ ਭਵਜਲੁ ਤਰੀਅਲੇ ਪ੍ਰਭ ਕਿਰਪਾ ਸੰਤ ਸੰਗਾਰ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥ ੩੧ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان گهر چوٿان شبد (۳۱)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

پاکنڊ بن جو حال

ڪرت ڦري بن ڀيک، موهن رهت نِرار

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- جي (پاکنڊي سان) ڀيک ڌاري بن ۾ ڦرن ٿا، تن کان موهن نيارو آهي. (مطلب تہ اُنهنکي موهن نٿو ملي.)

(۱) ڪٿن سُناوَن گيِت نيِڪي گاوَن، مَن مهہ ڌرتي گار

ارٿ :- جي سُندر ڪٿائون ٻڌائين ٿا ۽ سُندر گيت ڳائين ٿا، پر من ۾ رکن ٿا گيرب، [گار = گيرب، هٺ.]

(۲) اَتِ سُندر بهہ چتر سيانِي، بِدِيا رسنا چار

ارٿ :- جي بلڪل سُندر آهن ۽ گهڻا چاتر ۽ سياڻا آهن ۽

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਮੈ ਬਹੁ ਬਿਧਿ ਪੇਖਿਓ ਦੂਜਾ ਨਾਹੀ ਰੀ ਕੋਊ ॥ ਖੰਡ ਦੀਪ ਸਭ ਭੀਤਰਿ ਰਵਿਆ ਪੂਰਿ ਰਹਿਓ ਸਭ ਲੋਊ ॥੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਅਗਮ ਅਗੰਮਾ ਕਵਨ ਮਹਿੰਮਾ ਮਨੁ ਜੀਵੈ ਸੁਨਿ ਸੋਊ ॥ ਚਾਰਿ ਆਸਰਮ ਚਾਰਿ ਬਰੰਨਾ ਮੁਕਤਿ ਭਏ ਸੇਵ ਤੋਊ ॥੧॥ ਗੁਰਿ ਸਬਦੁ ਦ੍ਰਿੜਾਇਆ ਪਰਮ ਪਦੁ ਪਾਇਆ ਦੁਤੀਅ ਗਏ ਸੁਖ ਹੋਊ ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਭਵ ਸਾਗਰੁ ਤਰਿਆ ਹਰਿ ਨਿਧਿ ਪਾਈ ਸਹਜੋਊ ॥੨॥੩੩॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (۳۳)

پرميشور کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونهي

ميٖ بهُ بِڌِ پيکئو، دوُجا ناهي ري ڪوئُو

کنڊ ديپ سڀ ڀيترِ روِئا، پوُر رهِئو سڀ لوئُو

(رهاءُ ۱)

ارٿ:- مون گهڻن ئي نمونن سان ڏٺو آهي، پر پرميشور کان سواءِ ٻيو ڪو ڪونهي. هو سڀني کنڊن ۽ ٻيٽن ۾ رمي رهيو آهي ۽ سڀني لوڪن ۾ پريپورن ٿي رهيو آهي. [ديپ = ٻيٽ. لوئُو = لوڪ.]

(۱) اگم اگنما ڪَوَن مهِما، مَنُ جيوئي سُن سوئُو

چار آشرم چارِ برنا، مُڪتِ ڀئي سيو توئُو

ارٿ:- هو بي انت کان بي انت آهي (يعني جنهنجي شاسترن ۽ ديوتائن کي بہ خبر نہ ٿي پوي.) هنجي مهما ڪير ڪري سگهي؟ هنجي مهما ٻڌي منهنجو من جيئرو ٿئي ٿو. چار آشرم (برهمچريہ، گرهست، وان پرست ۽ سنياس) ۽ چار ورن

ديو گنڌاري محلا پنجوان گهر (۵) شبد (۳۲)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

پياري موهن جي برابر ڪوبہ ڪونهي

ميءِ پيکئوري اوُچا موهن سڀ تي اوُچا

آن نہ سمسرِ ڪوئو لاگيءِ ، ڍوُنڍِ رهي هر موُچا

(ايڪ رهاءُ)

ارٿ :- هي سکي! مون موهن کي وڏو، سڀکان وڏو سمجهيو آهي. مون گهڻوئي ڍونڍي ڏٺو آهي، پر مونکي ٻيو ڪوبہ موهن جي برابر نٿو لڳي. [پيکئو = ڏٺو، سمجهيو. سمسر = برابر. موُچا = گهڻو.]

(۱) ٻهُ بي اَنٽ اَت ٻڏو گاهرو، ٿاهہ نهي آگهوُچا

تولِ نہ تُلِيئيءِ، مولِ نہ مُليئيءِ، ڪَت پائِيئيءِ مَن روُچا

ارٿ :- موهن گهڻو بي انت، ۽ بلڪل وڏو ۽ اونهو آهي. هنجو انت لهي نٿو سگهجي ۽ هنکي ٻجهي نٿو سگهجي. تورڻ سان هنکي توري نٿو سگهجي ۽ هنجو ملهہ ڪٿي نٿو سگهجي. منهنجي من ۾ هنجي لاءِ چاهنا آهي. اُهو پيارو مان ڪيئن پائيندس؟ [گاهرو = اونهو. آگهوچا = ٻجهڻ جهڙو. روُچا = رُچي، چاهنا.]

(۲) کوجِ اَسنکا اَنِڪت پنٿا، بِنُ گور نهي پهوُچا

ڪَهُ نانڪ ڪِرپا ڪري ٺاڪُر، مِلِ سادهوُ رس ڀُونچا.

ارٿ :- بي شمار جيو ۽ انيڪ پنٿن وارا هنکي کوجين ٿا، پر گورن بنا ڪوبہ هنکي نٿو پهچي. صاحب فرمائين ٿا تہ جن تي ٺاڪر ڪرپا ڪئي آهي، سي سادن جي سنگ ۾ هريءَ جو رس ماڻين ٿا. [اسنکا = بيشمار. ڀُونچا = ماڻين ٿا.]

ارٿ :- هي ڀائي! هري هڪڙوئي آهي. هنکي هڪڙو ئي ڪري ڄاڻو. گورن ڏنارن هنکي هڪڙو ئي ڪري ڄاڻو.

(۱) ڪاهي ڀرمت هئر، تم ڀرمهر نه ڀائي،

رَوِئا رَي رَوِئا سرب ٿان

ارٿ :- هي ڀائي! اوهين ڇو ٿا ڀٽڪو؟ اوهين نه ڀٽڪو. هو سڀني استانن ۾ رمي رهيو آهي.

(۲) جِئر بِئِسنتر ڪاشٽ مَجهارِ، بِن سنجم نهي ڪارج سارِ

بِن گور نه پاوئيگو، هرجي ڪو ڏئار

مِل سنگتِ تجِ آپمان،

ڪهُ نانڪ پائي هيئ پرم نِدان.

ارٿ :- جئن سڀنهن ڪاٺيءَ ۾ اگني آهي، پر (ٻن ڪاٺين جي گهرڻ جي) سنجم يا اٽڪل ڪانسواءِ ڪارج نٿو سنوري يعني اگني نه ٿي ٻري، تئن هي جيو گوروءَ کي لڳڻ کانسواءِ هريءَ جو دروازو نه پائيندو. صاحب فرمائين ٿا ته گورن جي، سنگت ۾ ملي ايمان ڇڏبو، تڏهين پرم نڌان يعني پرميشور کي پائبو. [بئسنتر = اگني. ڪاشٽ = ڪاٺ، ڪاٺي. مجهار = ۾. سنجم = اٽڪل. نڌان = خزانو.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ੫

ਜਾਨੀ ਨ ਜਾਈ ਤਾਕੀ ਗਾਤਿ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਕਹ ਪੇਖਾਰਉ ਹਉ ਕਰਿ ਚਤੁਰਾਈ ਬਿਸਮਨ ਬਿਸਮੇ ਕਹਨ ਕਹਾਤਿ ॥ ੧ ॥ ਗਣ ਗੰਧਰਬ ਸਿਧ ਅਰੁ ਸਾਧਿਕ ॥ ਸੁਰਿ ਨਰ ਦੇਵ ਬ੍ਰਹਮ ਬ੍ਰਹਮਾਦਿਕ ॥ ਚਤੁਰ ਬੇਦ ਉਚਰਤ ਦਿਨੁ ਰਾਤਿ ॥ ਅਗਮ ਅਗਮ

(برهمڻ، کتري، ويش ۽ سودر) تو کي شيوا ڪري مڪت ٿين ٿا. [اگر آگنما = بي انت کان بي انت. سوئو = هنجي (مهما). تو ئو = تو کي.]

(٢) گورِ شبدُ دِڙائيا، پرم پدُ پائيا، دُتيئہ گئي سکہ هوئو

ڪهُ نانڪ ڀَو ساگرُ ترِئا، هرِ ندِ پائي سهجوئو.

ارٿ :- جڏهين گورن اُپديش درڙ ڪرايو، تڏهين مون پرم پد پاتو. ڀوءِ دئيت ڀاو ناس ٿي ويو ۽ سکہ پراپت ٿيو. صاحب فرمائين ٿا تہ مون سهجيئي هري روپ خزانو پاتو آهي ۽ ڀو ساگر کان تري پار ٿيو آهيان. [دتيئہ = دئيت ڀاو. سهجوئو = سهجيئي.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫ ਘਰੁ ੬

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਏਕੈ ਰੇ ਹਰਿ ਏਕੈ ਜਾਨ ॥ ਏਕੈ ਰੇ ਗੁਰਮੁਖਿ ਜਾਨ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਕਾਹੇ ਭ੍ਰਮਤ ਹਉ ਤੁਮ ਭ੍ਰਮਹੁ ਨ ਭਾਈ ਰਵਿਆ ਰੇ ਰਵਿਆ ਸ੍ਰਬ ਥਾਨ ॥ ੧ ॥ ਜਿਉ ਬੈਸੰਤਰੁ ਕਾਸਟ ਮਝਾਰਿ ਬਿਨੁ ਸੰਜਮ ਨਹੀ ਕਾਰਜ ਸਾਰਿ ॥ ਬਿਨੁ ਗੁਰ ਨ ਪਾਵੈਗੋ ਹਰਿ ਜੀ ਕੋ ਦੁਆਰ ॥ ਮਿਲਿ ਸੰਗਤਿ ਤਜਿ ਅਭਿਮਾਨ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਪਾਏ ਹੈ ਪਰਮ ਨਿਧਾਨ ॥ ੨ ॥ ੧ ੩੪ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان گهر ڇهان شبد (٣۴)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

هڪڙوئي آهي پرماتما، جو گوروءَ دئاران پائي سگهبو

ايڪئي ري هر ايڪئي جان

ايڪئي ري گورمکہ جان (اِڪ رهاءُ)

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਧਿਆਏ ਗਾਏ ਕਰਨੈ ਹਾਰ ॥ ਭਉ ਨਾਹੀ ਸੁਖ ਸਹਜ ਅਨੰਦਾ ਅਨਿਕ ਓਹੀ ਰੇ ਏਕ ਸਮਾਰ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਫਲ ਮੂਰਤਿ ਗੁਰੁ ਮੇਰੈ ਮਾਥੈ ॥ ਜਤ ਕਤ ਪੇਖਉ ਤਤ ਤਤ ਸਾਥੈ ॥ ਚਰਨ ਕਮਲ ਮੇਰੇ ਪ੍ਰਾਨ ਅਧਾਰ ॥ ੧ ॥ ਸਮਰਥ ਅਥਾਹ ਬਡਾ ਪ੍ਰਭੁ ਮੇਰਾ॥ ਘਟ ਘਟ ਅੰਤਰ ਸਾਹਿਬੁ ਨੇਰਾ ॥ ਤਾਕੀ ਸਰਨਿ ਆਸਰ ਪ੍ਰਭ ਨਾਨਕ ਜਾਕਾ ਅੰਤੁ ਨ ਪਾਰਾਵਾਰ ॥ ੨ ॥ ੩ ॥ ੩੬ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٣٦)

صاحبن جي سُندر دشا

ڌيائي گائي ڪَرنيءُ هار
ڀَؤُ ناهي سُکَ سهجَ آنندا،
اَنِڪَ اوهي ري ايڪَ سمارَ   (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هون جڳت جي ڪرتار کي ڌيايو آهي ۽ هنجا گڻ ڳايا آهن. هاڻي هونکي ڪنهنجو ڀؤ ڪونهي. هونکي سهجيئي سک ۽ آنند پراپت ٿيو آهي. انيڪ جيون ۾ اهوئي هڪڙو آهي، تنهنکي مان ياد ڪريان ٿو. [سمار = ياد ڪريان ٿو.]

(١) سَڦَلَ مورَتِ گورُ ميريءَ ماٿيءَ
جَتَ ڪَتَ پيکئُ، تَتَ تَتَ ساٿيءَ
چَرَنَ ڪَمَلَ ميري پِرانَ آڌارَ

ارٿ:- جڏهانڪر سڦل مورت واري ستگوروءَ منهنجي مٿي تي هٿ رکيو آهي، تڏهانڪر جتي مان ڏسان ٿو، تتي پرميشور مونسان سنگ آهي. هنجا چرن ڪمل منهنجي پران جو آڌار آهن.

ਠਾਕੁਰੁ ਆਗਾਧਿ ॥ ਗੁਨ ਬੇਅੰਤ ਬੇਅੰਤ ਭਨੁ ਨਾਨਕ ਕਹਨੁ ਨ ਜਾਈ ਪਰੈ ਪਰਾਤਿ ॥ ੨ ॥ ੨ ॥ ੩੫ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٣٥)

پرماتما بي انت آهي

جاني نہ جائي ڻاڪي گاتِ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- هن اڪال پورکہ جي گت ڄاڻي نٿي وڃي.

(١) ڪهہ پيکارهُ هئہ ڪرِ چتُرائي، بِسمن بِسمي ڪهن ڪهاتِ

ارٿ :- مان ڀنهنجي چترائي ڪري ڪنهنکي ڏيکاريان؟ جوڻ وارا توڙي جوائڻ وارا (يعني پيدا ڪرڻ وارا) اسچرج ۾ پئجي ويا آهن.

(٢) گڻ گندرب سڌ اُر ساڌڪ
سُر نر ديو برهم برهمادِ ڪ
چتُر بيد اُچرت ڊِنُ راتِ
اَگم اَگم ٺاڪُر اگاڌ
گُن بي اَنت بي انت ڀنُ ناڻڪ،
ڪهن نہ جائي پرےُ پراتِ.

ارٿ :- گڻ، گندرب، سڌ، ساڌڪ، ديوتائون، اِنسان، ديو، برهمڻ ۽ برهم آدڪ ديوتائون چار ويد ڏينهن رات اُچارين ٿا تہ ٺاڪر بي انت آهي. صاحب فرمائين ٿا تہ بي انت پربوءَ جا گڻ بہ بي انت آهن. هنجا گڻ جيئي نٿا سگهجن. هو پري کان پري آهي. [گڻ = لشڪر. گندرب = سرگہ جا گوئيا. سڌ = سِڌ پرش. ساڌڪ = جگياسو. اگم = جنهنجي گم يا خبر نہ پئي سگهي. اگاڌ = بي انت. ڀن = فرمائين ٿا. پراٿ = پري.]

ارٿ:- هي من! تنهنجي پريتي جا پرميشور کان الٽي آهي، سا ساڪت يا منمک کان الٽي ڪري پرماتما سان سنمک ڪر. هي من! جوئن پدارٿن جي پريت ۾ جوٽي اٿيئي. اها اڄ سڀان ڇٽڪي ويندءِ. پر هي پيارا، جي تون منمک سان سنگت ڪندين ته ڏکن کان ڪين ڇٽندين. [ساڪت = منمک.]

(١) جِئُن ڪاجر ڀرِ منڊرُ راکِئُو، جو پئسي ڪالوکي ري
ڏُورهُه هي تي ڀاڳِ گئيئو هي، جِسُ گور مِلِ ڇُٽڪي
ترڪُٽي ري

ارٿ:- جيئن ڪو گھر ڪاراٺ سان ڀريل هجي، اُن ۾ جيڪو گھڙندو سو ڪارو ٿي نڪرندو، (تيئن جيڪو منمک جو سنگ ڪندو، سو ضرور پاپي ٿي پوندو.) جنهن پرش جي گورن سان ملي ترڪٽي ڇٽي آهي، سو پريان ئي (منمک جي سنگ کان) ڀڄندو. [ڪاجر = ڪاراٺ، سرهو. پئسي = گھڙندو. ڪالوکي = ڪارو. ترڪُٽي = اهو لفظ سنسڪرت مان نڪتل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي رجو، ستو ۽ تمو يا گياتا، گيان ۽ گيير.]

(٢) مانگئُو دانُ ڪِرپالَ ڪِرپانِڌِ،
ميرا مُکُ ساڪَتَ سَنگِ نہ جُٽَسي ري
جَنَ نانَڪَ داسَ داسَ ڪو ڪريئَهُه،
ميرا مونڊُ ساڌَ پَگا هيٺِ رُلسي ري.

ارٿ:- هي ديالو پرميشور! هي ڪرپا جا خزانا! مان اهو دان پنان ٿو ته منهنجو مک شل منمک سان نہ لڳي. صاحب وينتي ڪري چون ٿا ته ”هي پريو! مون داس کي پنهنجن داسن جو داس ڪر ۽ منهنجو سر شل ساڌن جي چرنن هيٺ رُلي يعني شل مان پنهنجو سر هنن جي چرنن ۾ ڏيان.“

(٢) سمرٿ اڳاهہ ٻڏا پرڀ ميرا

گهٽ گهٽ انتر صاحب نيرا

تاڪي سرڻ آسر پرڀ نانڪ، جاڪا انت نہ پارا وار.

ارٿ:- منهنجو پريو سمرٿ، بي انت ۽ وڏو آهي. هو سڀني جي هردي ۾ پريپورن آهي، تنهنڪري هو ويجهو آهي. صاحب فرمائين ٿا تہ جنهن پريوءَ جو نڪو انت ۽ حد آهي، تنهنجي سرن ۽ آسرو مون ورتو آهي. [پاراوار - پار = پرين پڙ ۽ اورار = اورين پڙ يعني حد.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫

ਉਲਟੀ ਰੇ ਮਨ ਉਲਟੀ ਰੇ ॥ ਸਾਕਤ ਸਿਉ ਕਰਿ ਉਲਟੀ ਰੇ ॥ ਝੂਠੈ ਕੀਰੇਝੂਠੁ ਪਰੀਤਿ ਛੁਟਕੀ ਰੇ ਮਨ ਛੁਟਕੀ ਰੇ ਸਾਕਤ ਸੰਗਿ ਨ ਛੁਟਕੀ ਰੇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਿਉ ਕਾਜਰ ਭਰਿ ਮੰਦਰੁ ਰਾਖਿਓ ਜੋ ਪੈਸੈ ਕਾਲੂਖੀ ਰੇ ॥ ਦੂਰਹੁਹੀ ਤੇ ਭਾਗਿ ਗਇਓ ਹੈ ਜਿਸੁ ਗੁਰ ਮਿਲਿ ਛੁਟਕੀ ਤ੍ਰਿਕੁਟੀ ਰੇ ॥ ੧ ॥ ਮਾਗਉ ਦਾਨੁ ਕ੍ਰਿਪਾਲ ਕ੍ਰਿਪਾਨਿਧਿ ਮੇਰਾ ਮੁਖੁ ਸਾਕਤ ਸੰਗਿ ਨ ਜੁਟਸੀ ਰੇ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਦਾਸ ਦਾਸਕੋ ਕਰੀਅਹੁ ਮੇਰਾ ਮੂੰਡੁ ਸਾਧ ਪਗਾ ਹੇਠਿ ਰੁਲਸੀ ਰੇ ॥ ੨ ॥ ੪ ॥ ੩੭ ॥

ديو گنڌاري محلا پنجوان شبد (٣٧)

ڪسنگين کي تياڳيو

الٽي ري من الٽي ري

ساڪت سيئہ ڪر الٽي ري

جهوٺي ڪي ري جهوٺ پريت،

ڇٽڪي ري من ڇٽڪي ري،

ساڪت سنگہ نہ ڇٽڪي ري   (١ رهاءُ)

(٢) رڌ سڌ نڌ ڪرتل جڳ جيون، سرب ناٿ انيڪي ناءِ
ديا ميا ڪرپا نانڪ ڪئُ، سُن سُن جسُ جيواءِ.

ارٿ:- هي جڳ جيون پرماتما! سڀ رڌيون، سڌيون ۽ نڌيون (خزانا) تنهنجي هٿ جي ترئيءَ تي آهن. تون سڀني جو مالڪ آهين ۽ تنهنجا انيڪ نام آهن. صاحب وينتي ڪري ٿو ته "هي پرڀو! تون مونتي اها ديا، ميا ۽ ڪرپا ڪر جو مان تنهنجو جس ٻڌي جيئان." [ڪر = هٿ. تر = ترئيءَ.]

੧ ਓ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਰਾਗੁ ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੯

ਯਹ ਮਨੁ ਨੈਕ ਨ ਕਹਿਓ ਕਰੈ ॥ ਸੀਖ ਸੀਖਾਇ ਰਹਿਓ ਅਪਨੀ ਸੀ ਦੁਰਮਤਿ ਤੇ ਨ ਟਰੈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਮਦਿ ਮਾਇਆ ਕੈ ਭਇਓ ਬਾਵਰੋ ਹਰਿ ਜਸੁ ਨਹਿ ਉਚਰੈ ॥ ਕਰਿ ਪਰਪੰਚੁ ਜਗਤ ਕਉ ਡਹਕੈ ਅਪਨੋ ਉਦਰੁ ਭਰੈ ॥ ੧ ॥ ਸੁਆਨ ਪੂਛ ਜਿਉ ਹੋਇ ਨ ਸੂਧੋ ਕਹਿਓ ਨ ਕਾਨ ਧਰੈ ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਭਜੁ ਰਾਮ ਨਾਮ ਨਿਤ ਜਾਤੇ ਕਾਜੁ ਸਰੈ ॥ ੨ ॥ ੧ ॥

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

راڳ ديوگنڌاري محلا ناوان شبد (١)

مايا جي مستي ۾ نه مست ٿيءُ

يهه منُ نيڪ نه ڪهيو ڪري
سيکه سکاءِ رهيو اپني سي، دُرمت تي نه ٽري
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي من ذرو بهه جيو ننو ڪري. جيتري منهنجي

ਰਾਗੁ ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੫ ਘਰੁ ੭

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਸਭ ਦਿਨ ਕੇ ਸਮਰਥ ਪੰਥ ਬਿਠੁਲੇ ਹਉ ਬਲਿ ਬਲਿ ਜਾਉ ॥ ਗਾਵਨ ਭਾਵਨ ਸੰਤਨ ਤੋਰੈ ਚਰਨ ਉਵਾ ਕੈ ਪਾਉ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜਾਸਨ ਬਾਸਨ ਸਹਜ ਕੇਲ ਕਰੁਣਾ ਮੈ ਏਕ ਅਨੰਤ ਅਨੂਪੈ ਠਾਉ ॥ ੧ ॥ ਰਿਧਿ ਸਿਧਿ ਨਿਧਿ ਕਰ ਤਲ ਜਗ ਜੀਵਨ ਸ੍ਰਬ ਨਾਥ ਅਨੇਕੈ ਨਾਉ ॥ ਦਇਆ ਮਇਆ ਕਿਰਪਾ ਨਾਨਕ ਕਉ ਸੁਨਿ ਸੁਨਿ ਜਸੁ ਜੀਵਾਉ ॥ ੨ ॥ ੧ ॥ ੩੮ ॥ ੬ ॥ ੪੪ ॥

راڳ ديو گنڌاري محلا پنجوان گھر (٧) شبد (٣٨)

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

ڪپي تنھنجي سنتن جو سنگ

سَبَ ڏِنَ ڪي سمرٿ پنٿ بيٺُلي، هئُو ٻَلِ ٻَلِ جاءُ

گاوَنَ ڀاوَنَ سنتن توري، چرنُ اوواڪي پاءُ

(اڪ رهاءُ)

ارٿ :- هي بيٺل (پرماتما)! تنھنجي مارگ ڏيکارڻ وارا جيڪي سمرٿ سنت آهن، تن تان مان ٿل سڀ ڏينھن ٻهار ٻهار وڃان! هي پرماتما! جيڪي تنھنجا سنت تنھنجو جس ڳائين ٿا، سي توکي وڻن ٿا؛ مان ٿل انھنجا چرن ڀايان.

(١) جاسن باسن سهج ڪيل ڪرڻامئي، ايڪ اننت آنوپئي ٺاءُ

ارٿ :- هي ڪرڻامئي! جنکي سنسار جي واشنا ڪانهي، سي توسان ملي گيان جا مزا؛ آنند ڪن ٿا؛ تون جو هڪ مان انيڪ ٿيل انوپ پرماتما آهين، تنھنجو هنن پنھنجو من ٽڪايو آهي. [جاسن = جنکي. باسن = واشنا نه آهي. ڪرڻامئي = ڪرپا جا سمند ر. سهج = گيان. ڪيل = مزا. انوپئي = انوپ، اُپما رهت. ٺاءُ = ٽڪايو آهي.]

ديو گنڌاري محلا ناوان شبد (٢)
ڪو ڪنهنجو سنگي ڪونهي

سَڀُ ڪِڇُهُ جيوَتَ ڪو بِوهار
مات پِتا ڀائي سُت بنڌپ، اَرُ ڦُنِ گِرِهُ ڪي نارِ
(١ ڪ رهاءُ)

ارٿ :- جيڪو وهنوار آهي سو سڀ تيسين آهي جيسين حياتي آهي. ماءُ، پيءُ، ڀاءُ ۽ ٻيا سنبنڌي ۽ بلڪ گهر جي استري اهي سڀ جيئري تائين سنگي آهن.

(١) تن تي پران هوت جب نِياري، ٽيرت پريت پُڪارِ
آڌ گهڙي ڪوئو نهِ راکيءِ، گهر تي ديت نِڪارِ

ارٿ :- جڏهين هن سرير مان پران جدا ٿين ٿا، تڏهين سڀ اهي سنبنڌي "پريت" "پريت" ڪري پڪاري چون ٿا. (پوءِ اُن مُردي کي) اڌ گهڙي به ڪو نٿو رکي ۽ يڪدم گهر مان ٻاهر ڪڍن ٿا. [نياري = جدا. ٽيرت = چون ٿا.]

(٢) مِرگ ترِشنا جِيُن جگ رچنا، يهِ ديکهُ رِدئي بِچار
ڪهُ نانڪ ڀجُ رام نام نت، جاتي هوت اُڌار.

ارٿ :- هي ڀائي! هيءَ جڳتر جي رچنا مرگهه ترشنا وانگر جوٺي آهي، اوهين رديءَ ۾ ويچار ڪري ڏسو. صاحب فرمائين ٿا ته "هي ڀائي! نت رام نام جو ڀڄن ڪر جنهنڪري تنهنجو اُڌار ٿئي."
[مرگ ترشنا = رڃ. رچنا = جوڙ، ليلا.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੯

ਜਗਤ ਮੈ ਝੂਠੀ ਦੇਖੀ ਪ੍ਰੀਤਿ ॥ ਅਪਨੇ ਹੀ ਸੁਖ ਸਿਉ ਸਭ ਲਾਗੇ ਕਿਆ ਦਾਰਾ ਕਿਆ ਮੀਤ ॥੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਮੇਰਉ ਮੇਰਉ ਸਭੈ ਕਹਤ ਹੈ ਹਿਤ ਸਿਉ ਬਾਧਿਓ ਚੀਤ ॥ ਅੰਤਿ ਕਾਲਿ ਸੰਗੀ ਨਹ

ٻُڌي هئي تنهن موجب پنهنجي مَن کي سکيا سيکاري رهيو آهي، پر تڏهين به ڪوئي مت ڪان رهيئي ٿو. [نٽڪ = ڏرو. سيکر = سکيا. اپني سي = پنهنجي (ٻڌي) هئي.]

(۱) مد مايا ڪي ڀئِئو ٻاورو، هرِ جس نهي اُچري

ڪرِ پرپنچ جگت ڪئُ ڏهڪي، اپنو اُدر ڀري

ارٿ:- مايا جي مستيءَ ۾ چريو ٿي پيو آهي ۽ هريءَ جو جس نٿو اُچاري. ڇل ول ڪري جهان کي پيو ٺڳي يا ڏيچاري ۽ پنهنجو پيٽ انهيءَ طرح پيو ڀري. [مد = مستي. ٻاورو = چريو. پرپنچ = ڇل ول. ڏهڪئي = ٺڳي يا ڏيچاري. اُدر = پيٽ.]

(۲) سُئان پوُڇ جِئُ هوءِ نہ سوُڌو، ڪهئو نہ ڪان ڌري

ڪهُ نانڪ ڀجُ رام نام نِت، جاتي ڪاج سري.

ارٿ:- ڪتي جي پڇ وانگر سِڌو نٿو ٿئي ۽ منهنجي چئي يعني سکيا کي ڪن نٿو ڏئي. سري گورو تيغ بهادر صاحب جن فرمائين ٿا تہ تون رام جو نالو سدائين جپ، جنهنڪري تنهنجا ڪارج راس ٿين. [سئان = ڪتو. ڪان = ڪن. سري = سنورن، راس ٿين.]

ਦੇਵ ਗੰਧਾਰੀ ਮਹਲਾ ੯

ਸਭ ਕਿਛੁ ਜੀਵਤ ਕੋ ਬਿਵਹਾਰ ॥ ਮਾਤ ਪਿਤਾ ਭਾਈ ਸੁਤ ਬੰਧਪ ਅਰੁ ਫੁਨਿ ਗ੍ਰਹ ਕੀ ਨਾਰਿ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਤਨ ਤੇ ਪ੍ਰਾਨ ਹੋਤ ਜਬ ਨਿਆਰੇ ਟੇਰਤ ਪ੍ਰੇਤਿ ਪੁਕਾਰਿ ॥ ਆਧ ਘੜੀ ਕੋਊ ਨਹਿ ਰਾਖੈ ਘਰਿ ਤੇ ਦੇਤ ਨਿਕਾਰਿ ॥ ੧ ॥ ਮ੍ਰਿਗ ਤ੍ਰਿਸਨਾ ਜਿਉ ਜਗ ਰਚਨਾ ਯਹ ਦੇਖਹੁ ਰਿਦੈ ਬਿਚਾਰ ॥ ਕਹੁ ਨਾਨਕ ਭਜੁ ਰਾਮ ਨਾਮ ਨਿਤ ਜਾਤੇ ਹੋਤ ਉਧਾਰ ॥ ੨ ॥ ੨ ॥

੧ ਓ ਸਤਿਨਾਮੁ ਕਰਤਾ ਪੁਰਖੁ ਨਿਰਭਉ ਨਿਰਵੈਰੁ
ਅਕਾਲ ਮੂਰਤਿ ਅਜੂਨੀ ਸੈਭੰ ਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਰਾਗੁ ਬਿਹਾਗੜਾ

ਚਉਪਦੇ ਮਹਲਾ ੫ ਘਰੁ ੨ ਦੇ

ਦੂਤਨ ਸੰਗਰੀਆ ॥ ਭੁਇਅੰਗਨਿ ਬਸਰੀਆ ॥ ਅਨਿਕ ਉਪਰੀਆ ॥ ੧ ॥ ਤਉ ਮੈ ਹਰਿ ਹਰਿ ਕਰੀਆ ॥ ਤਉ ਸੁਖ ਸਹਜਰੀਆ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਮਿਥਨ ਮੋਹਰੀਆ ॥ ਅਨਿ ਕਉ ਮੇਰੀਆ ॥ ਵਿਚਿ ਘੂਮਨ ਘਿਰੀਆ ॥ ੨ ॥ ਸਗਲ ਬਟਰੀਆ ॥ ਬਿਰਖ ਇਕਤਰੀਆ ॥ ਬਹੁ ਬੰਧਹਿ ਪਰੀਆ ॥ ੩ ॥ ਥਿਰੁ ਸਾਧ ਸਫਰੀਆ ॥ ਜਹ ਕੀਰਤਨੁ ਹਰੀਆ ॥ ਨਾਨਕ ਸਰਨਰੀਆ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

اِڪ اَونڪار سَت نام ڪَرَتا پُرکہ نِربَؤ نِرويَر اَڪال مورتِ
اَجوني سيَڀَن گور پرساد

راگُ بِهاگڙا

چوپدي محلا پنجوان گهر دوجي دي شبد (١)

(١) دُوتن سَنگَرِيئا - ڀُئِينگن بسريئا - اَنڪ اُپريئا

ارٿ :- (ڪامادڪ) دوتن جو سنگ اهڙو آهي، جهڙو نانگن ۾ وسڻ يا رهڻ. اِنهن انيڪ جيون جي ٻاڙ ڀتي آهي. [ڀُئِينگن = نانگن. اُپريئا = ٻار ڀتي آهي.]

ਕੋਊ ਇਹ ਅਚਰਜ ਹੈ ਰੀਤਿ ॥ ੧ ॥ ਮਨ ਮੂਰਖ ਅਜਹੂ ਨਹ ਸਮਝਤ ਸਿਖ ਦੈ ਹਾਰਿਓ ਨੀਤ ॥ ਨਾਨਕ ਭਉਜਲੁ ਪਾਰਿ ਪਰੈ ਜਉ ਗਾਵੈ ਪ੍ਰਭ ਕੇ ਗੀਤ ॥ ੨ ॥ ੩ ॥

ديو گنڌاري محلا ناوان شبد (٣)

سڀڪو سُکَ جو سنگي آهي

جَڳَتَ مِءِ جهوٺي ديکي پريتِ

آپني هي سُکَ سِءُ سَبِ لاگي، ڪِءَا دارا ڪِءَا ميتِ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي ڀائي! مون ڄاتي ڏٺو آهي تہ هن سنسار جو پيار ڪوڙو آهي. ڇا استري، ڇا متر، سڀڪو پنهنجي ئي سک پٺيان لڳو پيو آهي. [دارا = استري. ميت = متر.]

(١) ميرءُ ميرءُ سڀءِ ڪهت هءِ، هِتَ سِءُ باڌئو چيتِ

اَنتِ ڪال سنگي نهَ ڪوئو، اِهَ اَچرجَ هءِ ريتِ

ارٿ:- سڀڪو "منهنجو" "منهنجو" جوي ٿو ۽ انهن سان ڏاڍي پيار سان جت لڳائي ٿو، پر انت سمي ڪو بہ ڪنهنجو ساٿي ڪونہ ٿئي. اها سنسار جي عجيب ريت آهي. [هت = پيار.]

(٢) مَن مُورکَ اَجهُوُ نهَ سمجهتَ، سِکَ دءِ هارئو نيتَ

نانڪ ڀؤُجلُ پارِ پرءِ، جءُ گاوءِ پربَ ڪي گيتَ.

ارٿ:- هي مورک من اڃا نٿو سمجهي، جيتوڻيڪ مان کيس هرروز سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پيو آهيان. صاحب فرمائين ٿا "هي من! جيڪڏهين پربوءَ جا گيت ڳائيندين تہ هن ڀوساگر مان تري پار پوندين." [اجهو = اڃا. نيت = نت، هرروز. هارئو = ٿڪجي پيو آهيان.]

ਅਗਨਤ ਅਪਾਰੁ ਅਲਖ ਨਿਰੰਜਨ ਜਿਹ ਸਭ ਜਗੁ ਭਰਮਾਇਓ ॥
ਸਗਲ ਭਰਮ ਤਜਿ ਨਾਨਕ ਪ੍ਰਾਣੀ ਚਰਨਿ ਤਾਹਿ ਚਿਤੁ ਲਾਇਓ ॥੩॥
੧ ॥ ੨ ॥

اِڪ اونڪار ستگور پرساد

راڳ ڀاڳڙا محلا ناوان

هريءَ جي گت ڪوبہ ڪونہ ٿو ڄاڻي

هَرِ ڪي گَتِ نهِ ڪوئُو ڄاني
جوڳي جَتِي تپي پَچِهاري، اَرُ بَهُ لوگ سِياني

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هريءَ جي گت کو ڪونہ ٿو ڄاڻي. (انهيءَ کوڄنا ۾) ڪئين جوڳي، جتي، تپيشر ۽ گهڻيئي سياڻا لوڪ پڇي پڇي هارائي ويهي رهيا. [پچهاري = پڇي پڇي ٿڪجي پيا.]

(۱) ڇِنَ مهِ راءُ رنڪ ڪَئُہ ڪَرَئي، راءُ رَنڪ ڪَرِ ڏاري
رِيتي ڀري، ڀري سَکناوي، يهَ تاڪو بِوهاري

ارٿ:- ڀريو کن ۾ غريب کي راڄا ڪري ٿو ۽ راڄا کي غريب ڪيو ڇڏي. سکڻن کي ڀريو ڇڏي ۽ ڀريلن کي سکڻو ڪيو ڇڏي، اهوئي سندس وهنوار آهي. [راءُ = راڄا. رنڪ = غريب، ڪنگال. ريتي = سکڻا. سکناوئي = سکڻو ڪري ڇڏي ٿو.]

(۲) اَپني مايا آپِ پسارِي، آپهِ ديکن هارا
نانا روُپ ڌري بهُ رنگي، سَڀ تي رهي نيارا

ارٿ:- پنهنجي مايا جو پسارو پاڻ ئي ڪيو اٿس ۽ پاڻ ئي اُن کي ڏسڻ وارو آهي. گهڻن رنگن جا انيڪ روپ هن ڌاريا آهن ۽ وري سڀني کان نيارو ٿي ويٺو آهي.

تَنُ مَنُ هَرِ هَرِ ڪرِيئا - تَنُ سُکَ سَهجَرِيئا

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- انهي ڪري اسان هري هري جپيو آهي، جنهنڪري اسان کي سهجيئي سک پراپت ٿيو آهي.

(٢) مِٿَنِ موهَرِيئا - اَنِ ڪَنُ ميرِيئا - وِچِ گهُومَنِ گهِرِيئا

ارٿ :- ٻوهه مٿيا روپ يا جونو آهي. (انهيءَ موهه جي ڪري) هيءُ جيو ٻين پدارٿن کي پنهنجو سمجهي ويٺو آهي ۽ سنسار روپي ڪُن ۾ پيو آهي. [مٿن = جونو. گهومن گهيرِيئا = ڪُن.]

(٣) سَگَلَ ٻنرِيئا - ٻرکَ اِڪتَرِيئا - ٻهه ٻنڌهِ پرِيئا

ارٿ :- سڀ جيو واٽهڙو آهن ۽ سنسار روپي وڻ هيٺ اچي ڪٺا ٿيا آهن، (ٻر موهه جي ڪري) گهڻن ٻنڌنن ۾ اچي پيا آهن. [ٻنرِيئا = واٽهڙو. ٻرکَ = وڻ. اِڪترِيئا = ڪٺا ٿيا آهن.]

(٤) ٿِرُ ساڌ سَڦرِيئا - جَهه ڪيرتَنُ هَرِيئا - نانڪ سَرَنرِيئا

ارٿ :- ٿر آهن ساڌ، جي سڦل آهن ۽ جن وٽ هريءَ جو ڪيرتن آهي. صاحب فرمائين ٿا ته اسان انهن جي سرن ورتي آهي.

੧ ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਰਾਗੁ ਬਿਹਾਗੜਾ ਮਹਲਾ ੯

ਹਰਿ ਕੀ ਗਤਿ ਨਹਿ ਕੋਊ ਜਾਨੈ ॥ ਜੋਗੀ ਜਤੀ ਤਪੀ ਪਚਿਹਾਰੇ ਅਰੁ ਬਹੁ ਲੋਗ ਸਿਆਨੇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਛਿਨ ਮਹਿ ਰਾਉ ਰੰਕ ਕਉ ਕਰਈ ਰਾਉ ਰੰਕ ਕਰਿ ਡਾਰੇ ॥ ਰੀਤੇ ਭਰੇ ਭਰੇ ਸਖਨਾਵੈ ਯਹ ਤਾਕੋ ਬਿਵਹਾਰੇ ॥ ੧ ॥ ਅਪਨੀ ਮਾਇਆ ਆਪਿ ਪਸਾਰੀ ਆਪਹਿ ਦੇਖਨਹਾਰਾ ॥ ਨਾਨਾ ਰੂਪੁ ਧਰੇ ਬਹੁ ਰੰਗੀ ਸਭ ਤੇ ਰਹੈ ਨਿਆਰਾ ॥੨॥

ਪ੍ਰਭੁ ਆਇ ਮਿਲੁ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਗੁਰਮਤਿ ਨਾਮੁ ਪਰਗਾਸੇ ਰਾਮ ॥ ਹਉ ਹਰਿ ਬਾਝੁ ਉਡੀਣੀਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਿਉ ਜਲ ਬਿਨੁ ਕਮਲ ਉਦਾਸੇ ਰਾਮ ॥ ਗੁਰਿ ਪੂਰੈ ਮੇਲਾਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਹਰਿ ਸਜਣੁ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭੁ ਪਾਸੇ ਰਾਮ ॥ ਧਨੁ ਧਨੁ ਗੁਰੂ ਹਰਿ ਦਸਿਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਨ ਨਾਨਕ ਨਾਮਿ ਬਿਗਾਸੇ ਰਾਮ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

راڳ ٻها ڳڙا ڇنت محلا چوٿان گهر پهلا ڇنت (١)

اڪ اونڪار ستگور پرساد

پرماتما لاء بيحد سِڪ

(١) هَرِ هر نامُ ڌيائيئي ميري جِندُڙيئي،

گورمکهِ نامُ اَمولي رام

هَرِ رَسِ بيڌا، هَرِ مَنُ پيارا،

مَنُ هَرِ رَسِ نامِ جهَڪولي رام

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! گورن ڏناري اولڪ رام جو هر هر نام ڌياءِ. هي پياري، جن جو من هريءَ جي رس پا پريم سان ونڌجي ٿو، تن کي هري پيارو لڳي ٿو؛ اُنهيءَ جو من هري نام جو رس ولوڙي ٿو يعني پيئي ٿو. [جندڙيئي = جند يا هي سڪي. امولي = اولڪ. بيڌا = ونڌجي ٿو، ملي ٿو. جهڪولي = ولوڙي ٿو، پيئي ٿو.]

گورمَتِ مَنُ ٺهرائيئي ميري جِندُڙيئي،

اَنَت نہ ڪاهُو ڏولي رام

مَنُ چِندِ ٺُڙا ڦَلُ پائيا، هَرِ پربِ گڻ نانڪ باڻي بولي رام

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! جن گورن جي سکيا وٺي من کي ٺهرايو آهي، سي ٻئي ڪنهن هنڌ ڏنا ٻڌڪن. صاحب فرمائين ٿا ته

(٣) اَگنت اَپار اَلکهہ نرنجنُ، جنهہ سڀ جڳ ڀرمايو
سَکَل ڀرم تجِ نانڪ پرانِي، چرن تاهِ چِتُ لائيو.

ارٿ:- اُهو پرماتما جنهن سارِي جڳ کي ڀرم ۾ ڀلائي ڇڏيو آهي، سو بي انت، اَپار، الکهہ ۽ نرنجن آهي. صاحب فرمائين ٿا تہ هي پراڻِي! سڀ ڀرم ڇڏي اُنهيءَ واهگوروءَ جي چرنن سان چت لڳايو. [نرنجن = مايا جي داغ کان رهت، اليپ.]

ਰਾਗੁ ਬਿਹਾਗੜਾ ਛੰਤ ਮਹਲਾ ੪ ਘਰੁ ੧

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ

ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਧਿਆਈਐ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਗੁਰ ਮੁਖਿ ਨਾਮੁ ਅਮੋਲੇ ਰਾਮ ॥ ਹਰਿ ਰਸਿ ਬੀਧਾ ਹਰਿ ਮਨੁ ਪਿਆਰਾ ਮਨੁ ਹਰਿ ਰਸਿ ਨਾਮਿ ਝਕੋਲੇ ਰਾਮ ॥ ਗੁਰ ਮਤਿ ਮਨੁ ਠਹਰਾਈਐ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਅਨਤ ਨ ਕਾਹੂ ਡੋਲੇ ਰਾਮ ॥ ਮਨ ਚਿੰਦਿਅੜਾ ਫਲੁ ਪਾਇਆ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭੁ ਗੁਣ ਨਾਨਕ ਬਾਣੀ ਬੋਲੇ ਰਾਮ ॥ ੧ ॥ ਗੁਰਮਤਿ ਮਨਿ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਵੁਠੜਾ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਮੁਖਿ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਬੈਣ ਅਲਾਏ ਰਾਮ ॥ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਬਾਣੀ ਭਗਤ ਜਨਾ ਕੀ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਮਨਿ ਸੁਣਿਐ ਹਰਿ ਲਿਵ ਲਾਏ ਰਾਮ ॥ ਚਿਰੀ ਵਿਛੁੰਨਾ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭੁ ਪਾਇਆ ਗਲਿ ਮਿਲਿਆ ਸਹਜਿ ਸੁਭਾਏ ਰਾਮ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਮਨਿ ਅਨਦੁ ਭਇਆ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਅਨਹਤ ਸਬਦ ਵਜਾਏ ਰਾਮ ॥੨ ॥ ਸਖੀ ਸਹੇਲੀ ਮੇਰੀਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਕੋਈ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭੁ ਆਣਿ ਮਿਲਾਵੈ ਰਾਮ ॥ ਹਉ ਮਨੁ ਦੇਵਉ ਤਿਸੁ ਆਪਣਾ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭ ਕੀ ਹਰਿ ਕਥਾ ਸੁਣਾਵੈ ਰਾਮ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਸਦਾ ਅਰਾਧਿ ਹਰਿ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਮਨ ਚਿੰਦਿਅੜਾ ਫਲੁ ਪਾਵੈ ਰਾਮ ॥ ਨਾਨਕ ਭਜੁ ਹਰਿ ਸਰਣਾਗਤੀ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਵਡਭਾਗੀ ਨਾਮੁ ਧਿਆਵੈ ਰਾਮ ॥ ੩ ॥ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ

ارٿ:- هي منهنجي سنت روپ سکيءَ پياري سهيلي! هي منهنجي جندڙي! مونکي ڪو هري پريوءَ سان اچي ملائي. هي پياري! جو هري پريوءَ جي ڪٿا مونکي ٻڌائي، تنهنکي مان جيڪر پنهنجو من ڏيان.

گورمک سدا آراڌ هر ميري جندڙيئي،

من چندِ ڌيا ڦَل پاويءِ رام

نانڪ ڀجُه هر سر لاڳتي ميري جندڙيئي

وڏ ڀاڳي نام ڌياويءِ رام.

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! گورن ڏناري سديو هريءَ جو آراڌن ڪر ته من گهريا ڦل پائين. صاحب فرمائين ٿا ته هي منهنجي پياري! جو هريءَ جي سرن وٺي ڀجن ڪري ٿو، رام جو نام ڌيائي ٿو، سو وڏ ڀاڳي ٿئي ٿو.

(٣) ڪر ڪرپا پرڀ آءِ مل ميري جندڙيئي

گورمت نام پرڪاسي رام

هئُه هر پاجُه اُڌ ليئا ميري جندڙيئي

جِئُه جل بن ڪمل اُداسي رام

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! جڏهين گورو پنهنجي اُپديش ڏناران نام جو پرڪاش ڪري ٿو، تڏهين پريو ڀاڳ ڪريا ڪري اچي ملي ٿو. هي پياري جئن جل کا نسواءِ ڪنول گل اُداس رهي ٿو يعني ڪومائجي وڃي ٿو، تئن مان بہ هريءَ کان سواءِ اُداس رهان ٿي. [اُڌليئا = اُداسين، اُداس.]

جي هري جن ڀريوءِ جي ڳڻن جي ٻاڻي ڳائين ٿا، سي من گهريا ڦل پائين ٿا.

(٢) گورمت مَن اَنمرت وُٺا ميري جِندڙيئي،

مُکِ آنمرت ٻڻ آلائي رام

اَنمرت ٻاڻي ڀڳت جنان کي ميري جِندڙيئي،

مَن سُڻيئي هرِ لِوَ لائي رام

چِري وِڇُنا هرِ ڀرڀُ پائيا، گَلِ مِليا سهجِ سُڀائي رام

جن نانڪ مَن آنندُ ڀئيا هي ميري جِندڙيئي،

اَنهت شبد وڄائي رام.

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! جن جي من ۾ گورن جي سکيا ڏئارن امرت نام وسيو آهي، سي مُکَ مان امرت روپ وچن ٻولين ٿا. هي پياري! جن هري نام ۾ من جي ورتي لڳائي ڀڳت جنن جي امرت روپ ٻاڻي سروڻ ڪئي آهي، تن گهڻي وقت کان وڇڙيل ڀريوءَ کي پاتو آهي؛ انهن جي گلي سان سهج سڀاءِ سان رام مليو آهي. صاحب فرمائن ٿا ته هي منهنجي جندڙي! سنت جنن پنهنجي من ۾ انهت شبد وڄائي آنند پاتو آهي. [وٺا = وسيو آهي. چرِي وڇنا = گهڻي وقت کان وڇڙيل.]

(٣) سَکي سهيلي ميريِئا ميري جِندڙيئي،

ڪوئي هرِ ڀرڀُ آڻِ ملاوئي رام

هئُ مَنُ ديوءِ تِسُ آپڻا ميري جِندڙيئي،

هرِ ڀرڀ کي هرِ ڪٿا سُڻاوئي رام

ਰਾਮ ॥ ਜਿਉ ਪੰਖੀ ਕਪੋਤਿ ਆਪੁ ਬਨਾਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਤਿਉ ਮਨਮੁਖ ਸਭਿ ਵਸਿ ਕਾਲੇ ਰਾਮ ॥ ਜੋ ਮੋਹਿ ਮਾਇਆ ਚਿਤੁ ਲਾਇਦੇ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਸੇ ਮਨਮੁਖ ਮੂੜ ਬਿਤਾਲੇ ਰਾਮ ॥ ਜਨ ਤ੍ਰਾਹਿ ਤ੍ਰਾਹਿ ਸਰਣਾਗਤੀ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਗੁਰ ਨਾਨਕ ਹਰਿ ਰਖਵਾਲੇ ਰਾਮ ॥ ੩ ॥ ਹਰਿ ਜਨ ਹਰਿ ਲਿਵ ਉਬਰੇ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਧੁਰਿ ਭਾਗ ਵਡੇ ਹਰਿ ਪਾਇਆ ਰਾਮ ॥ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਪੋਤੁ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਗੁਰ ਖੇਵਟ ਸਬਦਿ ਤਰਾਇਆ ਰਾਮ ॥ ਹਰਿ ਹਰਿ ਪੁਰਖੁ ਦਇਆਲੁ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਗੁਰ ਸਤਿਗੁਰ ਮੀਠ ਲਗਾਇਆ ਰਾਮ ॥ ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਸੁਣਿ ਬੇਨਤੀ ਹਰਿ ਹਰਿ ਜਨ ਨਾਨਕ ਨਾਮੁ ਧਿਆਇਆ ਰਾਮ ॥ ੪ ॥ ੨ ॥

راڳ ڀاڳڙا محلا چوٿان ڇنت (٢)

هري نام جي سِڪ

(١) اَنمرتُ هرِ هرِ نامُ هئ ميري جِندُڙئي،
اَنمرتُ گُرمتِ پائي رامَ
هؤمئ مائيا بِکُهُ هئ ميري جِندُڙئي،
هرِ اَنمرتِ بِکُهُ لهِ جائي رامَ

ارٿ:- هي منهنجي پياري جندڙي! هريءَ جو نام جو امرت آهي، سو امرت گورن جي سکيا سان پراپت ٿئي ٿو. هي پياري! هومئي ۽ مايا وِکُه روپ آهن. جڏهين هرنام جو امرت پيئجي ٿو، تڏهين اها وِکُه لهي وڃي ٿي.

مَنُ سُڪا هريا هوئيا ميري جِندُڙئي،
هرِ هرِ نامُ ڌيائي رامَ
هرِ ڀاڳُ وڏي لِکهِ پائيا ميري جِندُڙئي،
جنُ نانڪ نامِ سمائي رامَ.

گرِ پوري ميلائِئا ميري جِندڙيئي ،
هرِ سجڻُ هرِ پرڀ پاسي رام
ڌنُ ڌنُ گورو هرِ دسِئا ميري جِندڙيئي ،
جن نانڪ نامِ بِگاسي رام.

ارٿ:- هي پياري! جڏهين پوري گوروءَ ڪرپا ڪري مونکي هريءَ سان ملايو، تڏهين مون ڄاتو ته منهنجو هري پريو سجڻ منهنجي پاسي ۾ آهي يعني مون سان سنگ آهي. صاحب فرمائين ٿا ته هي منهنجي پياري! منهنجو گورو ڌنيواد جو لائق آهي، جنهن مونکي پريوءَ جو ڏس ڏنو آهي؛ جنهن پريوءَ جي نام جپڻ ڪري مونکي آنند پراپت ٿيو آهي. [دسئا = ڏس ڏنو آهي. بگاسي = ٽڙيو آهيان، خوش ٿيو آهيان.]

ਰਾਗੁ ਬਿਹਾਗੜਾ ਮਹਲਾ ੪

ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਗੁਰਮਤਿ ਪਾਏ ਰਾਮ ॥ ਹਉਮੈ ਮਾਇਆ ਬਿਖੁ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਹਰਿ ਅੰਮ੍ਰਿਤਿ ਬਿਖੁ ਲਹਿ ਜਾਏ ਰਾਮ ॥ ਮਨੁ ਸੁਕਾ ਹਰਿਆ ਹੋਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਧਿਆਏ ਰਾਮ ॥ ਹਰਿ ਭਾਗ ਵਡੇ ਲਿਖਿ ਪਾਈਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਨ ਨਾਨਕ ਨਾਮਿ ਸਮਾਏ ਰਾਮ ॥ ੧ ॥ ਹਰਿ ਸੇਤੀ ਮਨੁ ਬੇਧਿਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਿਉ ਬਾਲਕ ਲਗਿ ਦੁਧ ਖੀਰੇ ਰਾਮ ॥ ਹਰਿ ਬਿਨੁ ਸਾਂਤਿ ਨ ਪਾਈਐ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਿਉ ਚਾਤ੍ਰਿਕੁ ਜਲ ਬਿਨੁ ਟੇਰੇ ਰਾਮ ॥ ਸਤਿਗੁਰ ਸਰਣੀ ਜਾਇ ਪਉ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਗੁਣ ਦਸੇ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭ ਕੇਰੇ ਰਾਮ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਹਰਿ ਮੇਲਾਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਘਰਿ ਵਾਜੇ ਸਬਦ ਘਣੇਰੇ ਰਾਮ ॥ ੨ ॥ ਮਨਮੁਖਿ ਹਉਮੈ ਵਿਛੁੜੇ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਬਿਖੁ ਬਾਧੇ ਹਉਮੈ ਜਾਲੇ

(٣) مَنمُکِ هؤمئِ وِڇڙي ميري جِندُ ڙيئي،
بِکُ ٻاڌي هؤمئِ جالي رامَ
جِئُ پَنکي کَپوتِ آپُ بَنائِيا ميري جِندُ ڙيئي،
تِئُ مَنمُکَ سَبِ وَسِ کالي رامَ

ارٿ:- هي پياري سکي! منمک هؤمئِ جي کري هريءَ کان وڇڙيل آهن، اهي وشين جي کري هؤمئِ روپي جاڙيءَ ۾ ٻڌا پيا آهن. هي پياري! جئن ڪبوتر پکي ڦاٽ کي ڦاٽيهي ٻڌائي ٿو، تئن هي سڀ منمک ڦاٽيهي ڪال جي وس ٿين ٿا. [ڪپوت = ڪبوتر.]

جو موهِ مائيا چِتُ لائِدي ميري جِندُ ڙيئي،
سي مَنمُکَ موڙِ بِتالي رامَ
جَنَ تِراهِ تِراهِ سَرڻاگتي ميري جِندُ ڙيئي،
گُر نانَکَ هَرِ رکِوالي رامَ.

ارٿ:- هي منهنجي جند ڙي! جي موه کري مايا ۾ چت لڳائين ٿا، سي مورک منمک ڀوتن وانگي آهن. صاحب فرمائين ٿا ته هي پياري! جي داس "رکيا ڪر، رکيا ڪر" چئي اچي گورن جي سرڻ پون ٿا، تن جي هري روپ گورو رکيا ڪري ٿو. [موڙ = مورک. بتالي = ڀوتن وانگر. تراهه تراهه = رکيا ڪر، رکيا ڪر (چون ٿا). سرڻاگتي = سرڻ پون ٿا.]

(٤) هَرِ جَنَ هَرِ لِوَ اُڌري ميري جِندُ ڙيئي،
ڌُرِ ڀاڳِ وَڏي هَرِ پائِيا رامَ
هَرِ هَرِ نامُ پوتُ هئِ ميري جِندُ ڙيئي،
گُرِ کيوَٽ شَبدِ تَرائِيا رامَ

ارٿ :- هي منهنجي جندڙي! منهنجو من، جو سڪو پيو هو يعني گڻن کان خالي هو، سو هاڻي سائو ٿيو آهي يعني هن ۾ ديوي گڻ پيدا ٿيا آهن؛ هو هاڻي هريءَ جو نام ڏيائي ٿو. صاحب فرمائين ٿا ته هي پياري! جن جا وڏا ڀاڳ لکيل آهن تن ئي هريءَ پاتو آهي؛ نام ۾ سمائجي ويا آهن. [هريا = سائو ٿيو آهي.]

(٢) هر سيتي مَنُ ڀيدِئا ميري جِندُ ڙيئي،

جِئُ ٻالڪ لَڳِ دُڌَ کيِري رامَ

هَرِ بِنُ سانْتِ نه پائيئي ميري جِندُ ڙيئي،

جِئُ چاتِرڪُ جَلُ بِنُ ٽيري رامَ

ارٿ :- هي منهنجي جندڙي! جئن ٻالڪ ماتا جي ٿڻن جي کير سان لڳو رهي ٿو، تئن منهنجي من جي پريت هريءَ سان آهي. هي منهنجي جندڙي! جئن چاترڪ مينهن جي بوند لاءِ پڪاري ٿو، تئن ٻونڪي ۾ هريءَ کان سواءِ سانت نٿي اچي. [ٽيري = پڪاري ٿو.]

سَتِ گور سَرڻي جاءِ پئُ ميري جِندُ ڙيئي،

گُڻَ دَسي هَرِ پرَڀ ڪيري رامَ

جَنَ نانڪ هَرِ ميلائيا ميري جِندُ ڙيئي،

گهرِ واجي شَبَدَ گهڻيري رامَ.

ارٿ :- تنهنڪري هي منهنجي جندڙي! تون وڃين اُنهيءَ ست گوروءَ جي سرن پئُ، جو توکي هري پربوءَ جا گڻ ڏسي. صاحب فرمائين ٿا ته هي پياري! جن کي گوروءَ هريءَ سان ملايو آهي تن جي اندر ۾ گهڻا انهد شبد وڄن ٿا. [دسي = ڏسي. گهر = اندر.]

ਰਾਮ ॥ ੨ ॥ ਹਮ ਪਾਪੀ ਬਲਵੰਚੀਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਪਰਦ੍ਰੋਹੀ ਠਗ ਮਾਇਆ ਰਾਮ ॥ ਵਡਭਾਗੀ ਗੁਰੁ ਪਾਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਗੁਰਿ ਪੂਰੈ ਗਤਿ ਮਿਤਿ ਪਾਇਆ ਰਾਮ ॥ ਗੁਰਿ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਹਰਿ ਮੁਖਿ ਚੋਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਫਿਰਿ ਮਰਦਾ ਬਹੁੜਿ ਜੀਵਾਇਆ ਰਾਮ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਸਤਿਗੁਰ ਜੋ ਮਿਲੇ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਤਿਨ ਕੇ ਸਭ ਦੁਖ ਗਵਾਇਆ ਰਾਮ ॥ ੩ ॥ ਅਤਿ ਉਤਮੁ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਿਤੁ ਜਪਿਐ ਪਾਪ ਗਵਾਤੇ ਰਾਮ ॥ ਪਤਿਤ ਪਵਿਤ੍ਰ ਗੁਰਿ ਹਰਿ ਕੀਏ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਚਹੁ ਕੁੰਡੀ ਚਹੁ ਜੁਗਿ ਜਾਤੇ ਰਾਮ ॥ ਹਉਮੈ ਮੈਲੁ ਸਭ ਉਤਰੀ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਹਰਿ ਅੰਮ੍ਰਿਤਿ ਹਰਿ ਸਰਿ ਨਾਤੇ ਰਾਮ ॥ ਅਪਰਾਧੀ ਪਾਪੀ ਉਧਰੇ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਨ ਨਾਨਕ ਖਿਨੁ ਹਰਿ ਰਾਤੇ ਰਾਮ ॥ ੪ ॥ ੩ ॥

راڳ ٻهاڳڙا محلا چوٿان ڇنت (٣)

هريءَ جو نام سڀني ڏکن کي دور ڪندڙ

(١) جڳ سڪرت ڪيرت نام هئي ميري جندڙيئي ،

هر ڪيرت هر من ڌاري رام

هر هر نام پوت هئي ميري جندڙيئي ،

جپ هر هر نام اُڌاري رام

ارٿ :- هي منهنجي جندڙي ! هري نام جو ڪيرتن ئي جڳ ۾ سڪرت يا ڀلو ڪم آهي ، تنهنڪري هري نام جو ڪيرتن ئي من ۾ ڌارڻ گهرجي . هي پياري ! هريءَ جو نام پوتر آهي ؛ هريءَ جي نام جپڻ ڪري ئي تنهنجو اُڌار ٿيندو .

سڀ ڪلوڪ پاپ ڌڪ ڪٽيا ميري جندڙيئي ،

مل گورمک ڌام اُڌاري رام

ارٿ :- هي منهنجي جندڙي! هريءَ جا داس هري سان لِنو لڳائي ترِي وڃن ٿا. ڏُر کان اُنهن جا وڏا ڀاڳ آهن، تنهنڪري اُنهن هرت ڀانو آهي. هي منهنجي جندڙي! (سنسار سمنڊ ڀان پار لنگهڻ لاءِ) هريءَ جو نام جهاز آهي، گورو ملاح آهي، جو پنهنجو اُپديش ڏيئي تاري ٿو. [اُبري = ترِي وڃن ٿا. بوت = جهاز. کيوٽ = ملاح، ناکئون.]

هَرِ هَرِ پُرکُ دَئِيالُ هيءُ ميري جِندُڙيئي،

گورسَتُ گورميتُ لڳائِيا رامُ

کَرِ کِرپا سُڻِ ڀنتي هَرِ هَرِ، جَن نانڪ نامُ ڏِيائِيا رامُ.

ارٿ :- هي منهنجي جندڙي! ديال پورکُ جو هري نام، پوڄيه ست گوروءَ مونکي منو لڳايو. صاحب فرمائين ٿا ته جڏهين هريءَ منهنجي وينتي ٻڌي، تڏهين مون هري نام ڏنايو. [گور = وڏو، پوڄيه.]

ਬਿਹਾਗੜਾ ਮਹਲਾ ੪ ॥

ਜਗਿ ਸੁਕ੍ਰਿਤੁ ਕੀਰਤਿ ਨਾਮੁ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਹਰਿ ਕੀਰਤਿ ਹਰਿ ਮਨਿ ਧਾਰੇ ਰਾਮ ॥ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਪਵਿਤੁ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਪਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਉਧਾਰੇ ਰਾਮ ॥ ਸਭ ਕਿਲਵਿਖ ਪਾਪ ਦੁਖ ਕਟਿਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਮਲੁ ਗੁਰਮੁਖਿ ਨਾਮਿ ਉਤਾਰੇ ਰਾਮ ॥ ਵਡਪੁੰਨੀ ਹਰਿ ਧਿਆਇਆ ਜਨ ਨਾਨਕ ਹਮ ਮੂਰਖ ਮੁਗਧ ਨਿਸਤਾਰੇ ਰਾਮ ॥ ੧ ॥ ਜੋ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਧਿਆਇਦੇ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਤਿਨਾ ਪੰਚੇ ਵਸਗਤਿ ਆਏ ਰਾਮ ॥ ਅੰਤਰਿ ਨਵਨਿਧ ਨਾਮ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਗੁਰੁ ਸਤਿਗੁਰੁ ਅਲਖੁ ਲਖਾਏ ਰਾਮ ॥ ਗੁਰਿ ਆਸਾ ਮਨਸਾ ਪੂਰੀਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਹਰਿ ਮਿਲਿਆ ਭੁਖ ਸਭ ਜਾਏ ਰਾਮ ॥ ਧੁਰਿ ਮਸਤਕਿ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭਿ ਲਿਖਿਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਨ ਨਾਨਕ ਹਰਿ ਗੁਣ ਗਾਏ

جن جي مستڪ ۾ ڌُر ڪان هري پريوءَ اُمر ليکھ لکيو آهي، سي داس هريءَ جا گڻ ڳائين ٿا.

(٣) هَم پاپِي بَلوَنچِيئا ميري جِند ڙِيئي،

پَر دِروهي ٺَڳَ مائيا رام

وَڏَ ڀاڳي گُور پائيا ميري جِند ڙِيئي،

گُور پُوريءِ گَتِ مِتِ پائيا رام

ارٿ:- هي منهنجي جند ڙي! مان پاپي ول ونچ يعني ڪوڙ بڌور ڪندڙ، ٻين سان دروهه ڪندڙ ۽ مايا جو ٺڳ يعني ويساهه گهاتي ڪندڙ آهيان. هي پياري! وڏن ڀاڳن وارن گورو پاتو آهي ۽ اُنهيءَ پوري گوروءَ ڏاران اُنهن مڪتي جي مرجادا يا پرماتما سان ملڻ جي جُڳتي پاتي آهي. [بلونچيئا = ول ونچ يا ڪوڙ بڌور يا ٺڳيون ڪندڙ. گت مت = گتيءَ جي مت، يعني مڪتي جي مرجادا يا اندازو.]

گُورِ اَنمرتُ هَرِ مُکِه چوئِيا ميري جِند ڙِيئي،

ڦِرِ مردا ٻهڙِ جيوائِيا رام

جَن نانڪ سَتِ گُور جو مِلي ميري جِند ڙِيئي،

تِن ڪي سڀ ڏُکھ گوائِيا رام.

ارٿ:- هي منهنجي جند ڙي! گوروءَ هريءَ جو امرت نام مونکي مُکھ ۾ وجهي، مون مردي کي وري ٻهر جيئاريو آهي. صاحب فرمائين ٿا ته هي پياري! جي داس ست گورن سان ملن ٿا، تن جا سڀ ڏکھ ست گورو دور ڪري ڇڏين ٿا. [چوئيا = پئاريو.]

(٤) اَتِ اُوتَم هَرِ نام هيءِ ميري جِند ڙِيئي،

جِتُ جپئي پاپ گواتي رام

وَڏَ ڀُڳي هَرِ ڏِيائيا جَن نانڪ،

هَرِ مورکہ مُگڌ نِستاري رامَ

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! گورن ڏٺاري نام جپڻ سان سڀ اُگر پاپ ۽ نندا پاپ ڪندڙ وڃن ٿا ۽ پاپن روپي مٽل لهي وڃي ٿي. صاحب فرمائين ٿا تہ وڏن ڀڳن وارن هري نام ڏيايو آهي. اُنهيءَ هرنام مون مورکہ ۽ موڳي کي تاريو آهي. [ڪلوکہ = وڏا پاپ، اُگر پاپ.]

(۲) جو هَرِ نامُ ڏِيائِدي ميري جِندُڙيئي،

تِنا پُنجي وَ سڳتِ آئي رامَ

اَنترِ نونِڌِ نامُ هيُ ميري جِندُڙيئي،

گورُ سَتِ گورُ اَلکہ لَکائي رامَ

ارٿ:- مي منهنجي جندڙي! جن هريءَ جو نام ڏيايو آهي، تن جي وس پنجہ ڪامادڪ ٿيا آهن. هي جندڙي! اُنهن جي اندر ۾ نونڌ روپ نام آهي. پوجيہ ستگوروءَ اُنهن کي الکہ پرماتما لکايو آهي يعني اُن جو درسن ڪرايو آهي.

گورِ آسا مَنسا پورِيئا ميري جِندُڙيئي،

هَرِ ملِيا ڀُکہ سڀ جائي رامَ

ڏُرِ مَستِڪ هَرِ پربِ لِکِيا ميري جِندُڙيئي،

جَن نانڪ هَرِ گُڻ گائي رامَ.

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! گورن اُنهن جون سڀ آسائون ۽ منشائون پوُرن ڪيون آهن. اُنهن کي هري مليو آهي ۽ اُنهن جون سڀ بکون لهي ويئون آهن. صاحب فرمائين ٿا تہ هي منهنجي جندڙي!

ਪ੍ਰਭ ਕੇਰੇ ਰਾਮ ॥ ਤੇ ਸ੍ਰਵਨ ਭਲੇ ਸੋਭਨੀਕ ਹਹਿ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਹਰਿ ਕੀਰਤਨੁ ਸੁਣਹਿ ਹਰਿ ਤੇਰੇ ਰਾਮ ॥ ਸੋ ਸੀਸੁ ਭਲਾ ਪਵਿਤ੍ਰ ਪਾਵਨੁ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜੋ ਜਾਇ ਲਗੈ ਗੁਰ ਪੈਰੇ ਰਾਮ ॥ ਗੁਰ ਵਿਟਹੁ ਨਾਨਕੁ ਵਾਰਿਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਿਨ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਚਿਤੇਰੇ ਰਾਮ ॥ ੨ ॥ ਤੇ ਨੇਤ੍ਰ ਭਲੇ ਪਰਵਾਣੁ ਹਹਿ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜੋ ਸਾਧੂ ਸਤਿਗੁਰੁ ਦੇਖਹਿ ਰਾਮ ॥ ਤੇ ਹਸਤ ਪੁਨੀਤ ਪਵਿਤ੍ਰ ਹਹਿ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜੋ ਹਰਿਜਸੁ ਹਰਿ ਹਰਿ ਲੇਖਹਿ ਰਾਮ ॥ ਤਿਸੁ ਜਨ ਕੇ ਪਗ ਨਿਤ ਪੂਜੀਅਹਿ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜੋ ਮਾਰਗਿ ਧਰਮ ਚਲੇਸਹਿ ਰਾਮ ॥ ਨਾਨਕੁ ਤਿਨ ਵਿਟਹੁ ਵਾਰਿਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਹਰਿ ਸੁਣਿ ਹਰਿਨਾਮੁ ਮਨੇਸਹਿ ਰਾਮ ॥ ੩ ॥ ਧਰਤਿ ਪਾਤਾਲੁ ਆਕਾਸੁ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਸਭ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਧਿਆਵੈ ਰਾਮ ॥ ਪਉਣੁ ਪਾਣੀ ਬੈਸੰਤਰੋ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਨਿਤ ਹਰਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਜਸੁ ਗਾਵੈ ਰਾਮ ॥ ਵਣੁ ਤ੍ਰਿਣੁ ਸਭੁ ਆਕਾਰੁ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਮੁਖਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਧਿਆਵੈ ਰਾਮ ॥ ਨਾਨਕ ਤੇ ਹਰਿ ਦਰਿ ਪੈਨਾਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜੋ ਗੁਰਮੁਖਿ ਭਗਤਿ ਮਨੁ ਲਾਵੈ ਰਾਮ ॥ ੪ ॥ ੪ ॥

راڳ ٻهاڳڙا محلا چوٿون ڇنت (٤)

عضوا ۽ سرير ڪهڙو سڦل؟

(١) هئُه ٻلهاري تن کئُه ميري جندڙيئي،
جن هر هر نام آڌارو رام
گور ستگور نام دڙائيا ميري جندڙيئي،
بکه ٻئوجل تارڻ هارو رام

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! جن کي هري جي نام جو آڌار آهي، تن تان مان ٻلهار وڃان ٿو. هي پياري! جنهن ستگوروءَ مونکي اهو نام دڙ ڪرايو آهي، جو وک روپ سنسار ساگر مان تارڻ وارو آهي.

پَتِت پَوِتر گور هَرِ ڪِيئي ميري جِندڙيئي،
ڇهُ ڪُنڊي ڇهُ جُڳِ جاتي رامَ.

ارٿ :- هي منهنجي جندڙي! هري جو نام بلڪل اُتم آهي، جنهن جي جپڻ سان پاپ ناس ٿي وڃن ٿا. هي پياري! هري روپ گوروءَ پاپين کي اهڙو پوتر ڪيو آهي جو اُهي چئن ئي ڪنڊن ۽ چئن ئي جُڳن ۾ ڄاڻا وڃن ٿا. [گواتي = دور يا ناس ٿي وڃن ٿا.]

هؤمي مئُل سڀِ اُتري ميري جِندڙيئي،
هَرِ انمرتِ هرِ سرِ ناتي رامَ
اَپراڌِي پاپِي اُڌري ميري جِندڙيئي،
جن نانڪ کِنُ هَرِ راتي رامَ.

ارٿ :- هي منهنجي جندڙي! اُنهن جي هؤمي روپي مئل سڀ لهي ويئي آهي جو تہ اُنهن هر نام روپي امرت سروور يعني ساڌ سنگت ۾ اشنان ڪيو آهي. صاحب فرمائين ٿا تہ هي پياري! وڏا وڏا اپراڌي ۽ پاپي هريءَ سان پريم رکڻ ڪري هڪ کن ۾ تري ويا آهن. [ناتي = اشنان ڪيو آهي.]

ਬਿਹਾਗੜਾ ਮਹਲਾ ੪

ਹਉ ਬਲਿਹਾਰੀ ਤਿਨ ਕਉ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਿਨੁ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਅਧਾਰੋ ਰਾਮ ॥ ਗੁਰਿ ਸਤਿਗੁਰਿ ਨਾਮੁ ਦ੍ਰਿੜਾਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਬਿਖੁ ਭਉ ਜਲੁ ਤਾਰਣਹਾਰੋ ਰਾਮ ॥ ਜਿਨ ਇਕ ਮਨਿ ਹਰਿ ਧਿਆਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਤਿਨ ਸੰਤਜਨਾ ਜੈਕਾਰੋ ਰਾਮ ॥ ਨਾਨਕ ਹਰਿ ਜਪਿ ਸੁਖੁ ਪਾਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਸਭਿ ਦੂਖ ਨਿਵਾਰਣਹਾਰੋ ਰਾਮ ॥ ੧ ॥ ਸਾ ਰਸਨਾ ਧਨੁ ਧੰਨੁ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਗੁਣ ਗਾਵੈ ਹਰਿ

(٣) تي نيتر ڀلي پرواڻ هه، ميري جِندڙيئي،
جو ساڌو سَت گور ديکه رام
تي هست پنيت پوتر هه، ميري جندڙيئي،
جو هر جس هر هر ليکه رام

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! جي نيتر سريشٽ سَت گورو ديداري رام کي ڏسن ٿا، سي سڦلا ۽ قبول پيل آهن. هي پياري! جي هٿ هريءَ جو جس لکن ٿا، سي بلڪل پوتر آهن. [ساڌو = سريشٽ. هست = هٿ. پنيت = پوتر. پنيت پوتر = بلڪل پوتر.]

تِس جن ڪي پگ نت پوجيئه ميري جِندڙيئي،
جو مارگ ڌرم چليسه رام
نانڪ تن وِٿهُ وارڻا ميري جِندڙيئي،
هر سُڻ نام منيسه رام

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! جو داس ڌرم مارگ تي هلي ٿو، تنهنجا چرن نت پوڄڻ گهرجن. صاحب فرمائين ٿا ته هي پياري! اسين اُنهن تان ٻلهار وڃون ٿا، جي هريءَ نام ٻڌن ٿا ۽ هريءَ نام مڃين ٿا. [پگ = پير.]

(٤) ڌرت پاتال آڪاس هيءِ ميري جِندڙيئي،
سڀ هر هر نام ڌياوئي رام
پئُڻ پاڻي بيسنتر و ميري جِندڙيئي،
نت هر هر جس گاوئي رام

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! ڌرتي پاتال ۽ آڪاس اهي

جِنَ اِڪَ مَنِ هَرِ ڌِيائِيا ميري جِندُڙيئي،

تِنَ سَنتَ جَنا جَيڪارُ رام

نانڪ هَرِ جَپِ سُکُ پائِيا ميري جِندُڙيئي،

سَڀِ دُوکَ نِوارَڻ هارو رام

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! جن هڪ منو ٿي هريءَ کي ڌيايو آهي، تن سنت جنن جي سدائين جئه آهي. صاحب فرمائين ٿا ته اُنهن سڀني دکن کي نواريندڙ هريءَ جو نام جپي سک پاتو آهي.

(٢) سا رسنا ڌَنُ ڌَنُ هيءَ ميري جندڙيئي،

گُڻ گاويءَ هرِ پرڀ ڪيري رام

تي سروَن ڀلي سوڀنيڪ هه ميري جندڙيئي،

هرِ ڪيرتنُ سُڻهِ هرِ تيري رام

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! جا رسنا هري پربهوءَ جا گڻ گائي ٿي، سا ڌنيواد جي لائق آهي. جي ڪن هري ڪيرتن ٻڌن ٿا سي بلڪل سوڀنيڪ آهن. [سروَن = ڪن.]

سو سيس ڀلا پوتر پاوَنُ هيءَ ميري جندڙيئي،

جو جاءِ لڳي گُر پيري رام

گُر وِٽهُ نانڪ وارِيا ميري جندڙيئي،

جِن هرِ هرِ نام چِتيري رام

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! جو سِرُ وڃي گُورن جي چرنن تي لڳي ٿو، سو بلڪل پوتر ۽ سريشٽ آهي. صاحب فرمائين ٿا ته هي پياري! جن اسان کي هريءَ جو نام ياد ڪرايو آهي، تن تان اسين ٻلهار وڃون ٿا.

ਡਰੈ ਜਿਨਿ ਪਾਪ ਕਮਤੇ ਰਾਮ ॥ ਜਿਸੁ ਅੰਤਰੁ ਹਿਰਦਾ ਸੁਧੁ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਤਿਨਿ ਜਨਿ ਸਭਿ ਡਰ ਸੁਟਿ ਘਤੇ ਰਾਮ ॥ ਹਰਿ ਨਿਰਭਉ ਨਾਮਿ ਪਤੀਜਿਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਸਭਿ ਝਖ ਮਾਰਨੁ ਦੁਸਟ ਕੁਪਤੇ ਰਾਮ ॥ ਗੁਰੁ ਪੂਰਾ ਨਾਨਕਿ ਸੇਵਿਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਿਨਿ ਪੈਰੀ ਆਣਿ ਸਭਿ ਘਤੇ ਰਾਮ ॥ ੩ ॥ ਸੋ ਐਸਾ ਹਰਿ ਨਿਤ ਸੇਵੀਐ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜੋ ਸਭਦੂ ਸਾਹਿਬੁ ਵਡਾ ਰਾਮ ॥ ਜਿਨੀ ਇਕ ਮਨਿ ਇਕੁ ਅਰਾਧਿਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਤਿਨਾ ਨਾਹੀ ਕਿਸੈ ਦੀ ਕਿਛੁ ਚਡਾ ਰਾਮ ॥ ਗੁਰ ਸੇਵਿਐ ਹਰਿ ਮਹਲੁ ਪਾਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਝਖ ਮਾਰਨੁ ਸਭਿ ਨਿੰਦਕ ਘੰਡਾ ਰਾਮ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਨਾਮੁ ਧਿਆਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਧੁਰਿ ਮਸਤਕਿ ਹਰਿ ਲਿਖਿ ਛਡਾ ਰਾਮ ॥ ੪ ॥ ੫ ॥

راڳ ڀاڳڙا محلا چوٿان ڇنت (٥)

هريءَ جي جپڻ ۾ هڪ کن به ڍِلَ نه ڪجي

(١) جِن هر هر نام نه چيتيو ميري جِندڙيئي،

تي منمکه موڙ ايااڻي رام

جو موه مائيا چِت لائدي ميري جِندڙيئي،

سي آنت گئي پڇتاڻي رام

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! جن هريءَ جو نام چت ۾ نه رکيو آهي، سي منمکه مورکه ۽ ايااڻا آهن. هي پياري! جي مايا جي موه ۾ چت لڳائين ٿا، سي انت ويلي پڇتائيندا وڃن ٿا. [چيتيو = چت ۾ رکيو. موڙ = مورکه.]

هر در گهه ڍوئي نه لهن ميري جِندڙيئي،

جو منمکه پاپ لپاڻي رام

جن نانڪ گور مِل اُڌري ميري جِندڙيئي،

در جپ هر نام سماڻي رام.

سڀني هريءَ جو نام ڌيائين ٿا. هي پياري! هوا پاڻي ۽ اگني سڀ نت هريءَ جو جس ڳائين ٿا. [ٻئسنتر = اگني، باهه.]

وڻ ترڻ سڀ آڪار هئي ميري جندڙيئي،
مکهه هر هر نام ڌياوئي رام

نانڪ تي هر در پئنائيا ميري جندڙيئي،
جو گورمکهه ڀڳت مَن لاوئي رام.

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! وڻ ترڻ ۽ سڀ آڪار مکهه سان هريءَ جو نام ڌيائين ٿا، صاحب فرمائين ٿا ته هي پياري! جي گورمکهه هريءَ جي ڀڳتيءَ سان من لڳائين ٿا، سي هريءَ جي درگاهه ۾ پهرايا وڃن ٿا يعني عزت پائين ٿا. [پئنائيا = پوشاڪ جي وڃن ٿا يعني عزت پائين ٿا.]

ਬਿਹਾਗੜਾ ਮਹਲਾ ੪

ਜਿਨਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਨ ਚੇਤਿਓ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਤੇ ਮਨਮੁਖ ਮੂੜ ਇਆਣੇ ਰਾਮ ॥ ਜੋ ਮੋਹਿ ਮਾਇਆ ਚਿਤੁ ਲਾਇਦੇ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਸੇ ਅੰਤਿ ਗਏ ਪਛੁਤਾਣੇ ਰਾਮ ॥ ਹਰਿ ਦਰਗਹ ਢੋਇ ਨਾ ਲਹਨਿ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜੋ ਮਨਮੁਖਿ ਪਾਪਿ ਲੁਭਾਣੇ ਰਾਮ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਗੁਰ ਮਿਲਿ ਉਬਰੇ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਹਰਿ ਜਪਿ ਹਰਿਨਾਮਿ ਸਮਾਣੇ ਰਾਮ ॥ ੧ ॥ ਸਭਿ ਜਾਇ ਮਿਲਹੁ ਸਤਿਗੁਰੂ ਕਉ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜੋ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਦ੍ਰਿੜਾਵੈ ਰਾਮ ॥ ਹਰਿ ਜਪਦਿਆ ਖਿਨੁ ਢਿਲ ਨ ਕੀਜਈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਮਤੁ ਕਿ ਜਾਪੈ ਸਾਹੁ ਆਵੈ ਕਿ ਨ ਆਵੈ ਰਾਮ ॥ ਸਾ ਵੇਲਾ ਸੋ ਮੂਰਤੁ ਸਾ ਘੜੀ ਸੋ ਮੁਹਤੁ ਸਫਲੁ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਿਤੁ ਹਰਿ ਮੇਰਾ ਚਿਤਿ ਆਵੈ ਰਾਮ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਨਾਮੁ ਧਿਆਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਮਕੰਕਰੁ ਨੇੜਿ ਨ ਆਵੈ ਰਾਮ ॥ ੨ ॥ ਹਰਿ ਵੇਖੈ ਸੁਣੈ ਨਿਤ ਸਭੁ ਕਿਛੁ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਸੋ

(٣) هر وِيڪيءَ سُڻيءَ نِت سڀُ ڪِڇُ ميري جِند ڙيئي،
سو ڏريءَ جن ڀاپ ڪٽي رام
جِسُ آنتر هِردا سُڌُ هيءِ ميري جِند ڙيئي،
تِن جن سڀِ ڏر سُت گهتي رام

ارٿ:- هي منهنجي جند ڙي! هري سديو سڀ ڪجهه ڏسي ۽ ٻڌي ٿو، تنهنڪري جن پاپ ڪمايا آهن سي ڏرن ٿا. هي پياري! جن جو اندر جو هردو شُڌ آهي، تن پنهنجا سڀ ڊپ ڀاءُ ٻري ڦٽا ڪيا آهن يعني دور ڪيا آهن. [ڪٽي = ڪمايا آهن. ڏر = ڊپ ڀاءُ. سُٽ گهتي = ڦٽا ڪيا آهن.]

هرِ نِربھؤ نامِ پتيڄمَا ميري جِند ڙيئي،
سڀ جهکر مارن دُشٽ ڪُپتي رام
گورُ پوُرا نانڪ سيوِئا ميري جِند ڙيئي،
جِن پيَرِي آڻِ سڀ گهتي رام

ارٿ:- هي منهنجي جند ڙي! جن کي نربھؤ هريءَ جي نام ۾ نسچو آيو آهي، انهنجي دشٽ ۽ ڪپتيا نندا ڪن ٿا (پر انهن جو ڪو نقصان ڪونه ٿو ٿئي.) صاحب فرمائين ٿا ته هي پياري! اسان انهيءَ پوري گوروءَ جي شيوا ڪئي آهي، جنهن سڀني دشمنن کي آڻي اسان جي پيرن تي وڌو آهي. [جهکر مارن = نندا ڪن ٿا. پتيڄمَا = پتيارو يا نسچو آيو آهي. گهتي = پاڻا آهن، وڌا آهن.]

(٤) سو آئسا هرِ نِت سيو يئيءَ ميري جند ريئي،
جو سڀ دوُ صاحب وڏا رام
جِني اِڪ مَن اِڪُ آرادِيا ميري جند ڙيئي،
تنا ناهي ڪِسيءَ دي ڪِڇُ ڇڏا رام

ارٿ :- هي منهنجي جندڙي! جي منهنجا پاپ ۽ ليئمان آهن تن کي هريءَ جي درگاهه ۾ دخل نٿو ملي. صاحب فرمائين ٿا تہ هي پياري! جي گوروءَ سان مليا ٻچيا آهن، سي هريءَ جو جاپ جپي نام ۾ سمائجي ويا آهن. [ڍوئي = دخل. ليائي = ليئمان، لوپ ۾ اٽڪيل. اُبري = ٻچيا، تري ويا.]

(٢) سڀ جاءِ مِلهِہ سٽ گوُرَ ڪئہ ميري جِندُڙيئي،

جو هر هرِ نامُ دِرڙاوئي رامَ

هرِ جپِدِ ئا کِنُ ڍِلَ نہ ڪيجئي ميري جِندُڙيئي،

مَٽُ ڪِہ جاپئي ساهہ آوئي ڪِہ نہ آوئي رامَ

ارٿ :- هي ڀائي! سڀ وقت اُنهيءَ سٽگوروءَ سان ملو، جو هريءَ جو نام درڙ يا پڪو ڪرائي ٿو. هي منهنجي جندڙي! هريءَ جي جپڻ ۾ هڪ کن بہ ڍل نہ ڪجي، جو تہ ڪهڙي خبر تہ ساهہ وري اندر اچي کي نہ اچي.

سا وِيلا، سو مهُورَتُ، سا گهڙِي، سو مهتُ سڦلُ هيئي

ميرِي جِندُڙيئي، جِتُ هرِ ميرا چِتِ آوئي رامَ

جنَ نانڪ نامُ ڌِيائيا ميري جِندُڙيئي،

جمَ ڪنڪرُ نيڙِ نہ آوئي رامَ.

ارٿ :- هي منهنجي جندڙي! اُها ويلا، اُهو مهُورت، اُها گهڙي، اُها اڌ گهڙي سڦلي آهي، جنهن ۾ منهنجو هري پريو چت ۾ اچي ٿو. صاحب فرمائين ٿا تہ هي پياري! جن نام ڌيائيو آهي، تن جي ويجهو جم جا دوت نٿا اچن. [مورت = مهُورت. مهت = اڌ گهڙي.]

ਰਸਨਾ ਜਪਿ ਗੋਬਿੰਦੋ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਪਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਤ੍ਰਿਸਨਾ ਜਾਏ ਰਾਮ ॥ ਜਿਸੁ ਦਇਆ ਕਰੇ ਮੇਰਾ ਪਾਰਬ੍ਰਹਮ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਤਿਸੁ ਮਨਿ ਨਾਮੁ ਵਸਾਏ ਰਾਮ ॥ ਜਿਸੁ ਭੇਟੇ ਪੂਰਾ ਸਤਿਗੁਰੂ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਸੋ ਹਰਿ ਧਨੁ ਨਿਧਿ ਪਾਏ ਰਾਮ ॥ ਵਡ ਭਾਗੀ ਸੰਗਤਿ ਮਿਲੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਨਾਨਕ ਹਰਿ ਗੁਣ ਗਾਏ ਰਾਮ ॥ ੩ ॥ ਥਾਨ ਥਨੰਤਰਿ ਰਵਿ ਰਹਿਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਪਾਟ ਬ੍ਰਹਮ ਪ੍ਰਭੁ ਦਾਤਾ ਰਾਮ ॥ ਤਾਕਾ ਅੰਤੁ ਨ ਪਾਈਐ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਪੂਰਨ ਪੁਰਖੁ ਬਿਧਾਤਾ ਰਾਮ ॥ ਸਰਬ ਜੀਆ ਪ੍ਰਤਿ ਪਾਲਦਾ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦਿੜੀਏ ਜਿਉ ਬਾਲਕ ਪਿਤ ਮਾਤਾ ਰਾਮ ॥ ਸਹਸ ਸਿਆਣਪ ਨਹ ਮਿਲੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜਨ ਨਾਨਕ ਗੁਰ ਮੁਖਿ ਜਾਤਾ ਰਾਮ ॥ ੪ ॥ ੬ ॥ ਛਕਾ ੧

راڳ ٻهاڳڙا محلا چوٿان ڇنت (٦)

هي پريُوُ! تون سڀني جي سار سنڀال لهين ٿو

(١) سڀ جيءَ تيري تُون ورتدا مهري هرِ پربپ،

تون جاڻهِ جو جيءَ ڪمائيئي رامَ

هرِ انترِ ٻاهرِ نالِ هيُ ميري جِندڙيئي،

سڀ ويکيُ من مُڪرائِيئيُ رامَ

ارٿ:- هي منهنجا هري پريو! سڀ جيو تنهنجا آهن، تون سڀ ۾ ورتي رهيو آهين. جيڪي ڪرم جيو ڪن ٿا، سي سڀ تون ڄاڻين ٿو. هي منهنجي جندڙي! هري اندر ٻاهر انگ سنگ آهي. هو سڀ ڪجهه ڏسي ٿو، پر هي من آئِي وڃي ٿو. [مڪرائيئي = انڪاري ٿئي ٿو، ائي وڃي ٿو.]

منهنڪانو هرِ دوُر هيُ ميري جِندڙيئي،

سڀ ٻرٿي گهال گوائيئيُ رامَ

ارٿ :- هي منهنجي جندڙي! جو صاحب سڀ کان وڏو آهي، اُنهيءَ هريءَ جي نت شيوا ڪرڻ گهرجي. هي پياري! جن هڪ منو تي هڪڙي پريوءَ جو آراڌن ڪيو آهي، تن کي ڪنهن جي ڪانجهه به ڪاڻ نه آهي. [جڏا = ڪاڻ، پرواهه.]

گورسيوِ پئي هرِ مهلُ پائيا ميري جِندڙيئي،
جهڪ مارنُ سڀ نِندڪ گهنڌا رام
جن نانڪ نامُ ڌيائيا ميري جِندڙيئي،
ڌر مستڪ هرِ لِکِ ڇڏا رام.

ارٿ :- هي منهنجي جندڙي! گوروءَ جي شيوا ڪرڻ سان هريءَ جو مهل پائجي ٿو، سڀ نندڪ ءِ موڙڪ جهڪ مارين ٿا (يعني اجائي بڪوات ڪن ٿا.) صاحب فرمائين ٿا ته هي پياري! جن جي مستڪ تي هريءَ ڌر کان اُتم ليک لکي ڇڏيو آهي، تن سنت جنن نام ڌيائيو آهي. [گهنڌا = موڙکہ.]

ਬਿਹਾਗੜਾ ਮਹਲਾ ੪

ਸਭਿ ਜੀਅ ਤੇਰੇ ਤੂੰ ਵਰਤਦਾ ਮੇਰੇ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭ ਤੂੰ ਜਾਣਹਿ ਜੋ ਜੀਇ ਕਮਾਈਐ ਰਾਮ ॥ ਹਰਿ ਅੰਤਰਿ ਬਾਹਰਿ ਨਾਲਿ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਸਭ ਵੇਖੈ ਮਨਿ ਮੁਕਰਾਈਐ ਰਾਮ ॥ ਮਨਮੁਖਾ ਨੋ ਹਰਿ ਦੂਰਿ ਹੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਸਭ ਬਿਰਥੀ ਘਾਲ ਗਵਾਈਐ ਰਾਮ ॥ ਜਨ ਨਾਨਕ ਗੁਰਮੁਖਿ ਧਿਆਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਹਰਿ ਹਾਜਰੁ ਨਦਰੀ ਆਈਐ ਰਾਮ ॥ ੧ ॥ ਸੇ ਭਗਤ ਸੇ ਸੇਵਕ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਜੋ ਪ੍ਰਭ ਮੇਰੇ ਮਨਿ ਭਾਣੇ ਰਾਮ ॥ ਸੇ ਹਰਿ ਦਰਗਹ ਪੈਨਾਇਆ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਅਹਿ ਨਿਸਿ ਸਾਚਿ ਸਮਾਣੇ ਰਾਮ ॥ ਤਿਨਕੈ ਸੰਗਿ ਮਲੁ ਉਤਰੈ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਰੰਗਿ ਰਾਤੇ ਨਦਰਿ ਨੀਸਾਣੇ ਰਾਮ ॥ ਨਾਨਕ ਕੀ ਪ੍ਰਭ ਬੇਨਤੀ ਮੇਰੀ ਜਿੰਦੁੜੀਏ ਮਿਲਿ ਸਾਧੂ ਸੰਗਿ ਅਘਾਣੇ ਰਾਮ ॥ ੨ ॥ ਹੇ

آهي ته سادن جي سنگ ۾ ملي مان ترپت رهان. [نيشاٽي = نشان روپ، ٻرگهت. آگهاٽي = ترپت.]

(٣) هي رسنا جپ گوبندي ميري جند ڙيئي،

جپ هر هر ترشنا جائي رام

جس دئيا ڪري ميرا پار برهم ميري جند ڙيئي،

تس من نام وسائي رام

ارت :- هي منهنجي جند ڙي! تون زبان سان گوبند کي جپ. هري جي جپڻ ڪري تنهنجي ترشنا ناس ٿي ويندي. هي منهنجي پياري! جنهن تي منهنجو پاربرهم دياڪري ٿو، تنهنجي من ۾ نام وسي ٿو.

جس ڀيٽي پورا ست گورو ميري جند ڙيئي،

سو هر ڌن نڌ پائي رام

وڏ ڀاڳي سنگت ملئي ميري جند ڙيئي،

نانڪ هر گڻ گائي رام

ارت :- هي منهنجي جند ڙي! جنهن پوري ستگورو جو درشن ڪيو آهي، تنهنکي هري ڌن روپي خزانو ملي ٿو. هي پياري! وڏ ڀاڳين کي ست سنگت ملي ٿو. صاحب فرمائين ٿا ته اهي ئي هري جا گن ڳائين ٿا.

(٤) ٿان ٿننتر رو رهيا ميري جند ڙيئي،

پار برهم پرڀ داتا رام

تاڪا انت نه پائيئي ميري جند ڙيئي،

پورن پرکه بڌاتا رام

جن ناٿ ڪو رمڪ ڏيائيا ميري جند ڙيئي ،

هر حاضر نذري آئيئي رام.

ارٿ :- هي منهنجي جندڙي! هري منمڪن ڪان دور آهي، أنهن جي سڀ ڪمائي اجائي وڃي ٿي؛ صاحب فرمائين ٿا تہ هي پياري! جن گورمکن هريء کي ڏيائيو آهي، تنکي هري حاضر ناظر نظر اچي ٿو. [ٻرٿي = اجائي. گهال = ڪمائي. گوائيئي = وڃي ٿي.]

(٢) سي ڀڳت سي سيوڪ ميري جند ڙيئي ،

جو پرڀ ميري من ڀاڻي رام

سي هر درگهہ پئنائئا ميري جند ڙيئي ،

آهنس ساچ سماڻي رام

ارٿ :- هي منهنجي جندڙي! سچا ڀڳت ۽ شيوڪ اُهي آهن، جي منهنجي پرڀوء جي من کي وڻن ٿا. اُهي هريء جي درگاه ۾ ٻت روبي سروپاء ڏڪين ٿا، جي ڏينهن رات سچي سروپ ۾ سمائجي رهن ٿا. [پئنائئا = پوشاڪ ڏجي وڃن ٿا، عزت سان وڃن ٿا.]

تن ڪي سنگہ مل اُتري ميري جند ڙيئي ،

رنگہ راتي نذر نهشاڻي رام

ناٿ ڪي پرڀ بينتي ميري جند ڙيئي ،

مل ساڌو سنگہ آگهاڻي رام.

ارٿ :- هي منهنجي جندڙي! اُنهن جي سنگہ ۾ پاپن روبي مئل اُتري وڃي ٿي. جي هريء جي رنگہ ۾ رتل آهن، سي هريء جي ڪرپا درشٽيء ڪري نشان روپ يا پرگهٽ ٿين ٿا. صاحب فرمائين ٿا تہ هي منهنجي پياري! پرڀوء وٽ منهنجي اها وينتي

ਲਾਲ ਜੀਉ ਜਮ ਕਾ ਮਾਰਗੁ ਸਾਧੇ ਰਾਮ ॥ ਮਾਰਗੁ ਬਿਖੜਾ ਸਾਧਿ ਗੁਰਮੁਖਿ ਹਰਿ ਦਰਗਹ ਸੋਭਾ ਪਾਈਐ ॥ ਜਿਨ ਕਉ ਬਿਧਾਤੈ ਧੁਰਹੁ ਲਿਖਿਆ ਤਿਨਾ ਰੈਨਿ ਦਿਨੁ ਲਿਵ ਲਾਈਐ ॥ ਹਉਮੈ ਮਮਤਾ ਮੋਹੁ ਛੁਟਾ ਜਾ ਸੰਗਿ ਮਿਲਿਆ ਸਾਧੇ ॥ ਜਨੁ ਕਹੈ ਨਾਨਕੁ ਮੁਕਤੁ ਹੋਆ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਅਰਾਧੇ ॥ ੨ ॥ ਕਰ ਜੋੜਿਹੁ ਸੰਤ ਇਕਤ੍ਰ ਹੋਇ ਮੇਰੇ ਲਾਲ ਜੀਉ ਅਬਿਨਾਸੀ ਪੁਰਖੁ ਪੂਜੇਹਾ ਰਾਮ ॥ ਬਹੁ ਬਿਧਿ ਪੂਜਾ ਖੋਜੀਆ ਮੇਰੇ ਲਾਲ ਜੀਉ ਇਹੁ ਮਨੁ ਤਨੁ ਸਭੁ ਅਰਪੇਹਾ ਰਾਮ ॥ ਮਨੁ ਤਨੁ ਧਨੁ ਸਭੁ ਪ੍ਰਭੂ ਕੇਰਾ ਕਿਆ ਕੋ ਪੂਜ ਚੜਾਵਏ ॥ ਜਿਸੁ ਹੋਇ ਕ੍ਰਿਪਾਲੁ ਦਇਆਲੁ ਸੁਆਮੀ ਸੋ ਪ੍ਰਭ ਅੰਕਿ ਸਮਾਵਏ ॥ ਭਾਗੁ ਮਸਤਕਿ ਹੋਇ ਜਿਸਕੈ ਤਿਸੁ ਗੁਰ ਨਾਲਿ ਸਨੇਹਾ ॥ ਜਨੁ ਕਹੈ ਨਾਨਕੁ ਮਿਲਿ ਸਾਧ ਸੰਗਤਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਪੂਜੇਹਾ ॥ ੩ ॥ ਦਹ ਦਿਸ ਖੋਜਤ ਹਮ ਫਿਰੇ ਮੇਰੇ ਲਾਲ ਜੀਉ ਹਰਿ ਪਾਇਅੜਾ ਘਰਿ ਆਇ ਰਾਮ ॥ ਹਰਿ ਮੰਦਰੁ ਹਰਿ ਜੀਉ ਸਾਜਿਆ ਮੇਰੇ ਲਾਲ ਜੀਉ ਹਰਿ ਤਿਸੁ ਮਹਿ ਰਹਿਆ ਸਮਾਇ ਰਾਮ ॥ ਸਰਬੇ ਸਮਾਣਾ ਅਪਿ ਸੁਆਮੀ ਗੁਰਮੁਖਿ ਪਰਗਟੁ ਹੋਇਆ ॥ ਮਿਟਿਆ ਅਧੇਰਾ ਦੂਖੁ ਨਾਠਾ ਅਮਿਉ ਹਰਿ ਰਸੁ ਚੋਇਆ ॥ ਜਹਾ ਦੇਖਾ ਤਹਾ ਸੁਆਮੀ ਪਾਰਬ੍ਰਹਮੁ ਸਭ ਠਾਇ ॥ ਜਨੁ ਕਹੈ ਨਾਨਕੁ ਸਤਿਗੁਰਿ ਮਿਲਾਇਆ ਹਰਿ ਪਾਇਅੜਾ ਘਰਿ ਆਂਇ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

راڳ ٻھاڳڙا محلا پنجوان گھر پھلا ڇنت (١)

ايڪ اونڪار ست گور پرساد

ھريءَ جي نام جپڻ سان جيو جو ڪلياڻ ٿئي ٿو

(١) ھرڪا ايڪُ اَچنڀُو ديکيا ميري لعل جيئُ،

جو ڪري سُ ڌرمَ نِيائي رام

ھر رنگُ آکاڙا پائيوُن ميري لعل جيئُ،

آوڻُ جاڻُ سڀائي رام

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! سڀني اسٿانن (جي أنهن ۾ رهندڙ جيون) ۾ پارٻرهم داتار ڀرپور رمي رهيو آهي. هي منهنجي پياري! هنجو انت پائي نٿو سگهجي. هو پورن پرک ۽ ڦل داتا آهي. [ٿان ٿننتر = اسٿانن. ٻداتا = وڙداتا، ڦل داتا.]

سَرَبَ جيئا پرتِ پالدا ميري جِندُڙيئي،
جِئُ پالڪ پت ماتا رام
سَهَسَ سِياڻپ نهَ مِلئي ميري جِندُڙيئي،
جَنَ نانڪ گُرمُکِ جاتا رام.

ارٿ:- هي منهنجي جندڙي! جئن ماتا پتا ٻالڪ جي پالنا ڪن ٿا، تئن ڀرپور سڀني جيون جي پالنا ڪري ٿو. هي منهنجي پياري! هزارين چترائين سان ڀرپور نٿو ملي. صاحب فرمائين ٿا تہ واهگورو گورن دئارن ئي جاتو وڃي ٿو.

ਬਿਹਾਗੜਾ ਮਹਲਾ ੫ ਛੰਤ ਘਰੁ ੧

ੴ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਹਰਿ ਕਾ ਏਕੁ ਅਚੰਭਉ ਦੇਖਿਆ ਮੇਰੇ ਲਾਲ ਜੀਉ ਜੋ ਕਰੇ ਸੁ ਧਰਮ ਨਿਆਏ ਰਾਮ ॥ ਹਰਿ ਰੰਗੁ ਅਖਾੜਾ ਪਾਇਓਨੁ ਮੇਰੇ ਲਾਲ ਜੀਉ ਆਵਣੁ ਜਾਣੁ ਸਬਾਏ ਰਾਮ ॥ ਆਵਣੁ ਤ ਜਾਣਾ ਤਿਨਹਿ ਕੀਆ ਜਿਨਿ ਮੇਦਨਿ ਸਿਰਜੀਆ ॥ ਇਕਨਾ ਮੇਲਿ ਸਤਿਗੁਰੁ ਮਹਲਿ ਬੁਲਾਏ ਇਕਿ ਭਰਮਿ ਭੂਲੇ ਫਿਰਦਿਆ ॥ ਅੰਤੁ ਤੇਰਾ ਤੂੰ ਹੈ ਜਾਣਹਿ ਤੂੰ ਸਭ ਮਹਿ ਰਹਿਆ ਸਮਾਏ ॥ ਸਚੁ ਕਹੈ ਨਾਨਕੁ ਸੁਣਹੁ ਸੰਤਹੁ ਹਰਿ ਵਰਤੈ ਧਰਮ ਨਿਆਏ ॥ ੧ ॥ ਆਵਹੁ ਮਿਲਹੁ ਸਹੇਲੀਹੋ ਮੇਰੇ ਲਾਲ ਜੀਉ ਹਰਿ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਅਰਾਧੇ ਰਾਮ ॥ ਕਰਿ ਸੇਵਹੁ ਪੂਰਾ ਸਤਿਗੁਰੂ ਮੇਰੇ

مارگ بکڙا ساڌ گورمکھ، ھر در درگھ سوڀا پائيئي

جن کئہ ڀڏاڳي ڏرھ لکيا، تنا رئڻ ڏن لو لائيئي

ارٿ:- ھي ڀائي! گورن ڏاڍي کٺن جم جو مارگ ساڌن، ھريءَ جي درگاھ ۾ سوڀيا پائيندي ٿي. جن کي ورڏاتا ڌر کان مستڪ ۾ چڱو ليکو لکيو آھي، تن رات ڏينھن ھريءَ سان لنؤ لڳائي آھي.

ھؤمئي ممتا موھ ڇٽا، جا سنگ ملپا ساڌي

جن کھئي نانڪ مکت ھوئا، ھر ھر نام آراڌي.

ارٿ:- جڏھين ساڌن جو سنگ ملي ٿو، تڏھين ھومئي، ممتا ۽ موھ ناس ٿي وڃن ٿا. صاحب فرمائين ٿا تہ اُھي پرش ھريءَ جو نام جپي مکت ٿين ٿا. [ساڌي = ساڌن. ممتا = منھنجو منھنجو.]

(٣) ڪر جوڙھ سنت اِڪتر ھوءِ ميري لعل جيئہ،

آبناسي پرکہ پوجيھا رام

پھر پڏ پوُجا کو جيئا ميري لعل جيئہ،

اِھ من تن سڀ آرپيھا رام

ارٿ:- ھي سنت جنو! سڀ کنا ٿي ھٿ جوڙي منھنجي پياري لعل ابناسي پرکہ جي پوجا ڪريو. منھنجي پياري لعل جون گھڻن قسمن جون پوجائون مون آزمائي ڏٺيون (پر ھاڻي پڪ ٿي اُٿم تہ سڀ ۾ اُتم پوجا اِھا آھي جو) ھي من تن سڀ ھنکي ارپڻ ڪجي.

من تن ڌن سڀ پربھو کيرا، کِيا کو پوُج چڙاوئي

جس ھوءِ ڪرپال ديال سوامي،

سو پرپ آنڪ سماوئي

ارٿ :- هي منهنجا پيارا! مون هريءَ جو هڪڙو اسچرج ڏٺو آهي، جو هو جيڪي ڪري ٿو سو ڌرم نياءَ سان ڪري ٿو. هي منهنجا پيارا! هريءَ طرحين طرحين جي رنگن جو سنسار روپ آکاڙو يا کيل بڻايو آهي، جنهن ۾ سڀ جيوا اچن وڃن پيا. [اَجنيئہ = اسچرج، عجب. اکاڙا = آکاڙو.]

آوڻ تہ جاڻا تنهہِ ڪيئا، جنِ ميدنِ سِرجيئا

اِڪنا ميل سَتِگور مَحل بُلائي، اِڪِ ڀرمِ ڀُولي ڦِردِيا

ارٿ :- جنهن پرماتما هيءَ معدني يا ڌرتي رچي آهي، تنهن ئي هيءَ آواڳون بڻايو آهي. هري هڪڙن (گورمکن) کي ست گوروءَ سان ملائي پنهنجي محل ۾ ڪوٺائي ٿو ۽ ٻيا (منمکہ) ڀرمن ۾ ڀلي ڀٽڪن ٿا. [ميدن = معدني، سرشٽي، ڌرتي.]

اَنتُ تيرا تون هيِ جاڻهِ، تُون سڀ مهِ رهِيا سمائي

سچُ ڪهيِ نانڪُ سُڻهُ سنتهُ، هرِ ورتيِ ڌرم نيائي.

ارٿ :- هي هري! تون ئي پنهنجو انت ڄاڻين ٿو ۽ تون ئي سڀ ۾ وياپڪ ٿي رهيو آهين. صاحب فرمائين ٿا تہ هي سنت جنو! ٻڌو، مان سچ چوان ٿو تہ هري ڌرم ۽ نياءَ سان ورتي ٿو.

(٢) آوهُ مِلهُ سهيليهو ميري لعل جيئُہ،

هرِ هرِ نام آراڌي رام

ڪرِ سيوهُ پوُرا سَتِ گوروُ ميري لعل جيئُہ،

جم ڪا مارگ ساڌي رام

ارٿ :- هي منهنجي پياري لعل جون سکيون سهيليون اچي ملو ۽ ملي هريءَ جو نام ڌيايو. هي منهنجا پيارا! پوري ست گوروءَ جي شيوا ڪريو، جنهن ڪري توهان جم جو مارگ ساڌيو (يعني جم جو رستو سهنجو ڪريو.)

تڏھين اگيان روپي انڌيرو مٽي ويو، ۽ ڏکُ دور ٿي ويو. [آڌيرا = انڌيرو، اوندھ. ناٺا = ناس ٿي ويو. امڙُ = امرت. جوئيا = جوسيو، ڏٺو.]

جِها ڏيکا! تَها سُوامِي، پارَ برَهمُ سپ ٺائي

جَن کَهيَ نانَکُ سَتِ گورِ مِلائِيا، هَرِ پائِيڙا گهرِ آئِي.

ارٿ :- (هاڻي) جيڏانهن مان ڏسان ٿو، تيڏانهن پاربرهم سوامي سڀ هنڌ براجمان آهي. صاحب فرمائين ٿا ته جڏهين ستگورن اسانکي ملايو، تڏهين اسان هري گهر (سروپ) ۾ اچي پاتو.

ਬਿਹਾਗੜਾ ਮਹਲਾ ੫

ਅਤਿ ਪ੍ਰੀਤਮ ਮਨ ਮੋਹਨਾ ਘਟ ਸੋਹਨਾ ਪ੍ਰਾਨ ਅਧਾਰਾ ਰਾਮ ॥ ਸੁੰਦਰ ਸੋਭਾ ਲਾਲ ਗੋਪਾਲ ਦਇਆਲ ਕੀ ਅਪਰ ਅਪਾਰਾ ਰਾਮ ॥ ਗੋਪਾਲ ਦਇਆਲ ਗੋਬਿੰਦ ਲਾਲਨ ਮਿਲਹੁ ਕੰਤ ਨਿਮਾਣੀਆ ॥ ਨੈਨ ਤਰਸਨ ਦਰਸ ਪਰਸਨ ਨਹ ਨੀਦ ਰੈਣਿ ਵਿਹਾਣੀਆ ॥ ਗਿਆਨ ਅੰਜਨ ਨਾਮ ਬਿੰਜਨ ਭਏ ਸਗਲ ਸੀਗਾਰਾ ॥ ਨਾਨਕੁ ਪਇਅੰਪੈ ਸੰਤ ਜੰਪੈ ਮੇਲਿ ਕੰਤੁ ਹਮਾਰਾ ॥ ੧ ॥ ਲਾਖ ਉਲਾਹਨੇ ਮੋਹਿ ਹਰਿ ਜਬ ਲਗੁ ਨਹ ਮਿਲੈ ਰਾਮ ॥ ਮਿਲਨ ਕਉ ਕਰਉ ਉਪਾਵ ਕਿਛੁ ਹਮਾਰਾ ਨਹ ਚਲੈ ਰਾਮ ॥ ਚਲ ਚਿਤ ਬਿਤ ਅਨਿਤ ਪ੍ਰਿਅ ਬਿਨੁ ਕਵਨ ਬਿਧੀ ਨ ਧੀਜੀਐ ॥ ਖਾਨ ਪਾਨ ਸੀਗਾਰ ਬਿਰਥੇ ਹਰਿ ਕੰਤ ਬਿਨੁ ਕਿਉ ਜੀਜੀਐ ॥ ਆਸਾ ਪਿਆਸੀ ਰੈਨਿ ਦਿਨੀਅਰੁ ਰਹਿ ਨ ਸਕੀਐ ਇਕੁ ਤਿਲੈ ॥ ਨਾਨਕੁ ਪਇਅੰਪੈ ਸੰਤ ਦਾਸੀ ਤਉ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ਮੇਰਾ ਪਿਰੁ ਮਿਲੈ ॥ ੨ ॥ ਸੇਜ ਏਕ ਪ੍ਰਿਉ ਸੰਗਿ ਦਰਸੁ ਨ ਪਾਈਐ ਰਾਮ ॥ ਅਵਗਨ ਮੋਹਿ ਅਨੇਕ ਕਤ ਮਹਲਿ ਬੁਲਾਈਐ ਰਾਮ ॥ ਨਿਰਗੁਨਿ ਨਿਮਾਣੀ ਅਨਾਥਿ ਬਿਨਵੈ ਮਿਲਹੁ ਪ੍ਰਭ ਕਿਰਪਾ ਨਿਧੇ ॥ ਭ੍ਰਮ ਭੀਤਿ ਖੋਈਐ ਸਹਜਿ ਸੋਈਐ ਪ੍ਰਭ ਪਲਕ ਪੇਖਤ ਨਵ ਨਿਧੇ ॥ ਗ੍ਰਿਹਿ ਲਾਲੁ ਆਵੈ ਮਹਲੁ ਪਾਵੈ ਮਿਲਿ ਸੰਗਿ ਮੰਗਲੁ ਗਾਈਐ ॥ ਨਾਨਕੁ ਪਇਅੰਪੈ

ارٿ :- من تن ڌن سڀ ڀريوءِ جا آهن، ڀوءِ هيءُ جيو ڀوڄا ۾ ڇا جاڙهي سگهندو (يعني هن جيو کي تن من ڌن ارپڻ ڪرڻ جو ڀر ايمان ڪرڻ نہ گهرجي جو تہ سڀ ڀريوءِ جائي ڏنل آهن). ديال سوامي جنهن تي ڪرپا ڪري ٿو، سو ڀريوءِ جي سروپ ۾ سمائجي وڃي ٿو يعني مالڪ سان هڪ ٿي وڃي ٿو. [انڪ = سروپ.]

پاڳر مستڪِ هوءِ جسڪيِ، تِس ڪورَ ڏال سنيها

جنُ ڪهيِ ناڻڪُ مِل ساڌ سنگتِ، هَرِ هرِ نامُ پوُ جيها.

ارٿ :- جنهنجي مستڪ ۾ اُتم ڀاڳ لکيل آهي، تنهنجو گورن سان پريم ٿئي ٿو. صاحب فرمائين ٿا تہ اُهو ساڌ سنگت سان ملي هريءَ جي نام جي پوڄا ڪري ٿو يعني جپي ٿو. [سنيها = پريم.]

(۴) ڏهہ دِس کوجت هرِ ڦري ميري لعل جيئُہ،

هرِ پائيڙا گهرِ آئي رام

هر مندرُ هرِ جيئُہ ساجيا ميري لعل جيئُہ،

هرِ تِس مهِ رهِيا سمائي رام

ارٿ :- هي پائي! مان پياري لعل کي ڳولڻ لاءِ ڏهئي ڏسائون ڦريس، پر نيٺ هريءَ کي گهر ۾ اچي پاتم. هيءُ هريءَ جو مندر يعني سرير منهنجي پياري لعل بنايو آهي ۽ هري اُن ۾ سمائجي رهيو آهي. [ڏهہ دِس = ڏهہ ڏسائون. گهر = سرير، انتهڪرڻ.]

سربي سماڻا آپِ سُوامِي، گورمکِہ پرگٽُ هوئيا

مٽِيا آڌيرا دوُ کہ ناڻا، اُمِئہ هرِ رسُ چوئيا

ارٿ :- سوامي پاڻ سڀ ۾ سمايل آهي، هو گورن دئاران پرگهٽ ٿئي ٿو (جڏهين گوروءَ دئاران) مون امرت هر رس پيتو،

فرمائين ٿا ته هي سنتو! توهين پرماتما جو نام جپيو ٿا، توهين مونکي پتي پرماتما سان ملايو. [پئُنپي = فرمائين ٿا. جنپُي = جپيو ٿا.]

(٢) لاکه اُلاهني موهه هرِ جب لگه نه ملئي رام
ملن کئه کره اُپاو، ڪِڇه همارا نه چلئي رام

ارٿ :- جيستائين مونکي پيارو هري نٿو ملي، تيستائين مونکي لکين ڏوراپا سهڻا پون ٿا. پر جي ملڻ جو کو اُپاءُ کريان ٿي ته منهنجو کو به اُپاءُ نٿو هلي. [اُلاهني = ڏوراپا.]

چل چت، بت انت،
پربه بن کون پڌي نه ڏيجيئي
کان پان سينگار برٿي،
هر کنت بن کئه جيجيئي

ارٿ :- ناسونت پدارٿن ڏانهن منهنجو چت پيو ڏکي. پربھ جي ملڻ کان سواءِ کنهن به طرح مونکي ڌيرج نٿو اچي. کائڻ پيئڻ ۽ سينگار سڀ اجايا آهن؛ هري گهوٽ کان سواءِ کيئن جيئجو. [بت = ڌن. انت = ناسونت. پڌي = طرح. برٿي = اجايا. کنت = گهوٽ.]

آسا پياسي رئن دنيئر، رهه نه سکيئي اِک تلئي
نانک پئنپي سنت داسي، تئه پرساد ميرا پر ملئي.

ارٿ :- پياري جي ملڻ جي آس ۾ مان رات ڏينهن پياسي آهيان ۽ مان هڪ پل به رهي نٿي سگهان. صاحب فرمائين ٿا ته هي سنتو! شل مان توهان جي داسي ٿي رهان ته توهان جي کرپا سان مونکي پرين ملي. [رئن = رات. دنيئر = ڏينهن. تلئي = تر، پل.]

ਸੰਤ ਸਰਣੀ ਮੋਹਿ ਦਰਸੁ ਦਿਖਾਈਐ ॥ ੩ ॥ ਸੰਤਨ ਕੈ ਪਰਸਾਦਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਪਾਇਆ ਰਾਮ ॥ ਇਛ ਪੁੰਨੀ ਮਨਿ ਸਾਂਤਿ ਤਪਤਿ ਬੁਝਾਇਆ ਰਾਮ ॥ ਸਫਲਾ ਸੁ ਦਿਨਸ ਰੈਣੇ ਸੁਹਾਵੀ ਅਨਦ ਮੰਗਲ ਰਸੁ ਘਨਾ ॥ ਪ੍ਰਗਟੇ ਗੁਪਾਲ ਗੋਬਿੰਦ ਲਾਲਨ ਕਵਨ ਰਸਨਾ ਗੁਣ ਭਨਾ ॥ ਭ੍ਰਮ ਲੋਭ ਮੋਹ ਬਿਕਾਰ ਥਾਕੇ ਮਿਲਿ ਸਖੀ ਮੰਗਲੁ ਗਾਇਆ ॥ ਨਾਨਕੁ ਪਇਅੰਪੈ ਸੰਤ ਜੰਪੈ ਜਿਨਿ ਹਰਿ ਹਰਿ ਸੰਜੋਗਿ ਮਿਲਾਇਆ ॥ ੪ ॥ ੨ ॥

راڳ ڀاڳڙا محلا پنجوان ڇنت (٢)

گهوٽ پرماتما لاءِ پريم

(١) اَتِ پريتم مَن موهَنا، گهَٽ سوهَنا، پران آڌارا رام
سُندَر سوڀيا لعل گوپال دَئيال ڪي، اَپَر اَپارا رام

ارٿ:- هي ڀائي! پرماتما اَتي پريتم، مَن کي موهيندڙ، سڀني هردن ۾ سوڀيندڙ ۽ پرانن جو آڌار آهي. اُن دَيال پياري گوپال جي سوڀيا سُندر ۽ ڀري ڪان ڀري آهي.

گوپال دَئيال گوبِند لالَن، مِلهُ ڪَنت نِماڻيئا!
نئڻ ترسن، درس پرسن، نهَ نيِند رئڻِ وِهاڻيئا

ارٿ:- هي لعل گوپال ديال گوبند پتي! مون نماڻيءَ سان اچي مل. منهنجيون اکيون تنهنجي درسن ڏسڻ لاءِ پيئون ترسن. ننڊ (سانت روپي) نند تي اچيم ۽ نڪا (آيو روپي) رات تي گذريم. [وهاڻيئا = گذريم.]

گيانَ آنجَن، نامَ بِنجَن، ڀئي سَڪَل سِينگارا
نانَڪُ پئنپئي، سنت جنپئي، ميل ڪَنتُ همارا.

ارٿ:- جن گيان روپي سرمو (پاتو آهي) ۽ نام روپي پوڄن (کاڌو آهي)، اُنهن جڳ تہ سڀ سينگار ڪيا آهن. صاحب

ارٿ :- هي ڀائي! سنتن جي ڪرپا سان مون هري پاتو آهي ؛ منهنجي اِڇا پورن ٿي آهي، منهنجي مَن کي سانت آئي آهي ؛ منهنجي ترشنا روپي تپت اُجهامي ويئي آهي.

سَڦَلا سُ دِنَسُ، رَئڻي سُهاوِي، اَنَدَ مَنگَلَ رَسُ گهَنا
پِرَگَٽي گُپالَ گوبِندَ لالَنِ، ڪَوَنَ رَسَنا گُڻَ ڀَنا

ارٿ :- هاڻي ڏينهن ڀر سڦل ٿيو آهي ؛ رات ڀر سوڀنيڪ ٿي آهي. ڀريم ڪري گهڻا آنند منگل خوشيون پراپت ٿيا آهن. گوبند گوپال لعل پرگهٽ ٿيو آهي. زبان سان مان هنجا ڪهڙا ڪهڙا گڻ ڪٿن ڪريان؟ [رس = ڀريم. ڀنا = ڪٿن ڪريان.]

ڀِرَمَ لوڀَ موهَ بِڪارَ ٿاڪي، مِلِ سَکِي مَنگَلَ گائِيا
نانَڪُ پَئنپَئي، سَنتَ جَنپَئي، جِنِ هَرِ هَرِ سَنجوگِ مِلائيا.

ارٿ :- منهنجا ڀرم، لوڀ، موهه ؛ وڪار ٿڪجي پيا آهن يعني ناس ٿيا آهن. مون سکين (سنتن) سان گڏجي منگل گيت ڳايا آهن. صاحب فرمائين ٿا تہ آءٌ اُنهن سنتن کي جپيان ٿو، جن پنهنجي سنجوڳ يا ميلاپ سان مونکي هريءَ سان ملايو آهي.

ਬਿਹਾਗੜਾ ਮਹਲਾ ੫

ਕਰਿ ਕਿਰਪਾ ਗੁਰ ਪਾਰਬ੍ਰਹਮ ਪੂਰੇ ਅਨ ਦਿਨੁ ਨਾਮੁ ਵਖਾਣਾ ਰਾਮ ॥ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਬਾਣੀ ਉਚਰਾ ਹਰਿ ਜਸੁ ਮਿਠਾ ਲਾਗੈ ਤੇਰਾ ਭਾਣਾ ਰਾਮ ॥ ਕਰਿ ਦਇਆ ਮਇਆ ਗੋਪਾਲ ਗੋਬਿੰਦ ਕੋਇ ਨਾਹੀ ਤੁਝ ਬਿਨਾ ॥ ਸਮਰਥ ਅਗਥ ਅਪਾਰ ਪੂਰਨ ਜੀਉ ਤਨੁ ਧਨੁ ਤੁਮ ਮਨਾ॥ ਮੂਰਖ ਮੁਗਧ ਅਨਾਥ ਚੰਚਲ ਬਲਹੀਨ ਨੀਚ ਅਜਾਣਾ ॥ ਬਿਨਵੰਤਿ ਨਾਨਕ ਸਰਣਿ ਤੇਰੀ ਰਖਿ ਲੇਹੁ ਆਵਣ ਜਾਣਾ ॥ ੧ ॥ ਸਾਧਹ ਸਰਣੀ ਪਾਈਐ ਹਰਿਜੀਉ ਗੁਣ ਗਾਵਹ ਹਰਿ ਨੀਤਾ ਰਾਮ ॥ ਧੂਰਿ

(٣) سيجھ ايڪ پريہ سنگہ، درسُ نہ پائيئي رامَ
آوگن موهہ انيڪ، ڪت مَحَل بُلائيئي رامَ

ارٿ:- هردي روپي سيجھ هڪڙي آهي ۽ پريہ سان گڏ رهان ٿي، پر تڏهين بہ هن جو درشن نٿي پايان، ڇو تہ مون ۾ انيڪ اوگڻ آهن. پوءِ ڪهڙي طرح مونکي پنهنجي محل ۾ گهرائيندو؟

نرگن نماڻي اناٿ بنوئي، ملهہ پرڀ ڪرپا ندي
پرم پيت کوئيئي، سهجہ سوئيئي،
پرڀ پلڪ پيکت نو ندي

ارٿ:- مان نرگڻي نماڻي ۽ اناٿ وينتي ڪريان ٿي تہ هي ڪرپانڌان پريو! مون سان اچي مل. منهنجي پرم جي پيت دور ڪر تہ سانت ۾ سمهان. تو پريوءَ جي پلڪ ماتر درشن ڪرڻ سان نونديون پراپت ٿين ٿيون.

گرهہ لعلُ آوئي، محلُ پاوئي،
مل سنگہ منگلُ گائيئي
نانڪ پئنپئي، سنت سرڻي، موهہ درسُ دکائيئي.

ارٿ:- شل منهنجي گهر ۾ پيارو لعل اچي ۽ مان پنهنجو سروپ پايان! پوءِ سنتن جي سنگہ ۾ ويهي گيت منگل ڳايان. صاحب فرمائين ٿا تہ هي سنتو مان توهان جي سرن ۾ آئي آهيان، مونکي پياري جو درسن ڏيکاريو.

(٤) سنتن ڪئي پرساد هر هر پائيا رامَ
اچ پئي من سانت، تپت بجهائيا رامَ

ڪرِ دَئِيا مَئِيا گوپال گوبِند، ڪوء ناهي تُجهہ بِنا
سَمرت اَگَت اَپار پُورن، جِيئہ تَن ڌَنُ تُم منا

ارت :- هي گوپال گوبند! مون تي ديا ۽ ڪرپا ڪر. تو کان سواءِ منهنجو ڪو ٻہ سنگي نہ آهي. هي سمرت، ڪٿڻ کان پري، اپار، پورن پرميشور! هي منهنجو تن، ڌن ۽ من تنهنجو ئي آهي. [اگت = اڪٿ، ڪٿڻ کان پري.]

مُوڙکہ مُگَدَ اَناتَ چَنچَل ٻَلَ هِينَ نِيچہ اَجاڻا
بِنوَنتِ نانڪ سَرڻِ تيري، رَکِ ليهُ آوَڻ جاڻا.

ارت :- هي هري! مان موڙکہ، موڳو، انات، چنچل، نيچ ۽ اجاڻ آهيان. صاحب وينتي ڪري چوي ٿا تہ هي مهراج! مان تنهنجي سرڻ ۾ آيو آهيان، مونکي آواگون کان رکي وٺ. [اَنات = مالڪ کان سواءِ. چنچل = چنچل مت وارو.]

(۲) ساڌهہ سرڻي پائِيئِي هرِ جِيئہ، گُڻ گاوهِ هرِ نِيتا رام
ڌُورِ ڀڳتن ڪي مَن تَن لَڳَئہ هرِ جِيئہ،
سَبِ پَتِت پُنِيتا رام

ارت :- هي هري! شل انهن ڀڳتن جي چرنن جي ڌوڙ منهنجي من تن کي پياري لڳي، جنهنڪري مان پاپي پوتر ٿي پوان. [نيتا = نت، هرروز.]

پَتِتا پُنِيتا هوهِ تِن سنگہ، جِن بِڌاتا پائِيا
نام راتي جِيئہ داتي، نِت ديهِ چڙهِ سوائِيا

ارت :- هي ورڌاتا! جن توکي پاتو آهي، سي سنتن جي سنگہ ۾ پاپي پوتر ٿي پون ٿا. جي سنت تنهنجي نام سان رتل آهن ۽

آپي سَنگَتِ سدِ ٻهالِئِ، آپي وِدا ڪَراوِئِ
جِسنو ڪِرپالُ هووئِ هر آپي، تِسنو حُڪَمُ مناوِئِ.

ارٿ:- پاڻ ئي جل ڏئي ٿو، پاڻ ئي ڇنگون (ڏندن کوٽڻ لاءِ) ڏئي ٿو؛ گرڙيون ڪرائي ٿو. پاڻ ئي سنگت کي سڏي وهاري ٿو؛ پاڻ ئي (سيوا ڪري) موڪلائي ڪري ٿو. جنهن تي پاڻ هري ڪرپال ٿئي ٿو، تنهنکي پنهنجو حڪم مڃائي ٿو.
[چلي = گرڙيون. ٻهالئِ = وهاري ٿو. ودا = وداع، موڪلائي.]

॥ ਸਲੋਕ ਮਃ ੩ ॥ ਕਰਮ ਧਰਮ ਸਭਿ ਬੰਧਨਾ ਪਾਪ ਪੁੰਨ ਸਨਬੰਧੁ ॥ ਮਮਤਾ ਮੋਹੁ ਸੁ ਬੰਧਨਾ ਪੁਤ੍ਰ ਕਲਤ੍ਰ ਸੁ ਧੰਧੁ ॥ ਜਹ ਦੇਖਾ ਤਹ ਜੇਵਰੀ ਮਾਇਆ ਕਾ ਸਨਬੰਧੁ ॥ ਨਾਨਕ ਸਚੇ ਨਾਮ ਬਿਨੁ ਵਰਤਣਿ ਵਰਤੈ ਅੰਧੁ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੪ ॥ ਅੰਧੇ ਚਾਨਣੁ ਤਾ ਥੀਐ ਜਾ ਸਤਿਗੁਰੁ ਮਿਲੈ ਰਜਾਇ ॥ ਬੰਧਨ ਤੋੜੈ ਸਚਿ ਵਸੈ ਅਗਿਆਨੁ ਅਧੇਰਾ ਜਾਇ ॥ ਸਭੁ ਕਿਛੁ ਦੇਖੈ ਤਿਸੈ ਕਾ ਜਿਨਿ ਕੀਆ ਤਨੁ ਸਾਜਿ ॥ ਨਾਨਕ ਸਰਣਿ ਕਰਤਾਰ ਕੀ ਕਰਤਾ ਰਾਖੈ ਲਾਜ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਜਦਹੁ ਆਪੇ ਥਾਟੁ ਕੀਆ ਬਹਿ ਕਰਤੈ ਤਦਹੁ ਪੁਛਿ ਨ ਸੇਵਕੁ ਬੀਆ ॥ ਤਦਹੁ ਕਿਆ ਕੋ ਲੇਵੈ ਕਿਆ ਕੋ ਦੇਵੈ ਜਾ ਅਵਰੁ ਨ ਦੂਜਾ ਕੀਆ ॥ ਫਿਰਿ ਆਪੇ ਜਗਤੁ ਉਪਾਇਆ ਕਰਤੈ ਦਾਨੁ ਸਭਨਾ ਕਉ ਦੀਆ ॥ ਆਪੇ ਸੇਵ ਬਣਾਈਅਨੁ ਗੁਰ ਮੁਖਿ ਆਪੇ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਪੀਆ ॥ ਆਪਿ ਨਿਰੰਕਾਰ ਆਕਾਰੁ ਹੈ ਆਪੇ ਆਪੇ ਕਰੈ ਸੁ ਥੀਆ ॥ ੭ ॥

نت ڏوئڻ گهرجن. مان اهڙي درويش تان ٻلهار وڃان ٿو. [انديشا = سنسا. ٻکاليمُهہ = ڏوئجن.]

(٢) محلا ٽيجا

سري ڪي وڻ سان پيٽيو ويو آهي، جنهن ۾ جيو روپي پکي رهي ٿو

(٢) نانڪ تروَرُ ايڪ ڦلُ دُءِ پنکيڙوُ آهِ

آوَتَ جاتَ نہ دِيسهي، نا پرَ پنکي تاهِ

ارٿ:- صاحب فرمائين ٿا تہ هيءُ ديهي روپي هڪ وڻ آهي ان ۾ دکر ۽ سکر ٻہ ڦل آهن ۽ اُن ۾ هڪ جيو روپي پکي ويٺو آهي. اِنهيءَ جيو روپي پکي کي ايندو ويندو ڪونہ ٿو ڏسجي؛ هنکي پر ڪونهن. [ترور = وڻ. آهِ = آهي.]

بهُ رَنگي رسَ ڀوگِئا، شبدِ رهيُ نِرباڻُ

هرِ رسِ ڦلِ راتي نانڪا، ڪرمِ سچا نيِشاڻُ.

ارٿ:- جيتوڻيڪ اهو جيو روپي پکي ڪئين قسمن جا ڀوگہ ماڻي ٿو، مگر هو فقط ستگورن جو اُپديش گرهڻ ڪري ڇوٽڪارو حاصل ڪري ٿو. سري گورو امرديو جن فرمائين ٿا تہ جو جيو هري نام جي ڦل جي رس ۾ رتل آهي، تنهنجا ڪرم سچا آهن ۽ نيشان وانگي پرگهٽ آهن. [رنگي = قسم. نرباڻ = دکر کان رهت، ڇوٽڪارو.]

پؤڙي (٦)

پريوُ سرو وياپڪ آهي

آپي ڌرتي آپي هيُ راهڪُ، آپِ جنماءِ پيِساوِئُ

آپ پڪاوئُ، آپِ ڀانڊي ديئہِ پروسئُ،

آپي هي ڀهِ کاوئُ

ارٿ:- بوءِ هو سڀڪجهه اُنهيءَ هريءَ جو ڏسي ٿو، جنهن هي سرير ٺاهي رچيو آهي. صاحب فرمائين ٿا ته ڪرتار جي سرڻ وٺڻ ڪري ڪرتار هنجي لڄ پت رکي ٿو.

پؤڙي (٧)

پرماتما جي اُستت

جَدَهُ آپي ٺاٺُ ڪيِٺا بهِ ڪَرَتيِ،

تَدَهُ پُڇِ نه سيوَڪُ ٻِيِٺا

تَدَهُ ڪِيا ڪو ليوئِ، ڪِيا ڪو ديوئِ،

جا اَوُر نه دُوجا ڪيِٺا

ارٿ:- جڏهين ڪرتار پاڻ ويهي هن سرشٽيءَ جي بناوت بنائي، تڏهين بيو ڪو شيوڪ (صلاح لاءِ) ڪونه پڇائين. جڏهين بيو ڪو پيدا ئي ڪونه ڪيو هئائين، تڏهين ڪنهن ڪنهن کان (دان) ورتو ٿي ۽ ڪنهن ڪنهن کي (دان) ڏنو ٿي. [ٺاٺ = بناوت.]

ڦِرِ آپي جَگَتُ اُپائِيا ڪَرَتيِ، دانُ سَبِنا ڪَئُ ديِٺا

آپي سيوَ بڻائيئُنُ، گورمُکِ آپي اَمرتُ پِيِٺا

آپ نِرَنڪار آڪارُ هيِ آپي، آپي ڪَرِئِ سُ ٿيِٺا.

ارٿ:- بوءِ ڪرتار پاڻ جڳت اُپايو ۽ سڀني کي دان ڏنائين. پاڻ ئي ڀڳتي روپي شيوا بڻايائين ۽ پاڻ ئي سِکُ ٿي گورن دئاران نام روپي امرت پيتائين. اڪال پرک پاڻ ئي نرآڪار آهي ۽ پاڻ ئي آڪار روپ آهي. جيڪي هو پاڻ ڪري ٿو، سوئي ٿئي ٿو. [نرنڪار = نرآڪار، آڪار يا روپ کانسواءِ.]

(١) سلوڪ محلا تيجا

ممتا، موهہ ۽ دنيوي سنبنڌ ٻنڌن روپ آهن

(١) ڪرم ڌرم سڀ ٻنڌنا، پاپ پُن سنبنڌُ
ممتا موهُ س ٻنڌنا، پتر ڪلترس ڌنڌُ

ارٿ:- سڀني ڪرمن ڌرمن، پاپن ۽ پنن جو سنبنڌ ٻنڌن روپ آهي. اهو جيئن پتر ۽ استري، جي ڌنڌي روپ آهن، تن جي ممتا ۽ موهہ ٻڌجي ٿو.

جهہ ديکا تهہ جيوڙي، مائيا ڪا سنبنڌُ
نانڪ سچي نام بنُ، ورتڻ ورتيءِ آنڌُ.

ارٿ:- جيڏانهن نهارجي ٿو تيڏانهن ڦاهي روپ مايا جو سنبنڌ ڏسجي ٿو. صاحب فرمائين ٿا تہ سچي نام کان سواءِ سڀ اگيانتا جي ورتڻ ورتي رهي آهي. [جيوڙي = ڦاهي. آنڌ = اگيانتا.]

(٢) محلا تيجا

ستگوروءَ جي ملڻ سان سڀ ٻنڌن ٽٽي وڃن ٿا

آنڌي چانڻُ تا ٿيئي، جا ست گورُ ملئي رضاءِ
ٻنڌن توڙئي سچہِ وسئي، اگيانُ آنڌيرا جاءِ

ارٿ:- هن انڌي (اگياني) جيو کي گيان روپي پرڪاش تڏهين ٿئي ٿو، جڏهن پرماتما جي رضا يا آگيا سان هنکي ست گورو ملي ٿو. پوءِ هو مايا جا ٻنڌن توڙي ٿو، سچ ۾ وسي ٿو ۽ هنجو اگيان روپي انڌيرو ناس ٿي وڃي ٿو.

سڀُ ڪڇہ ديکئي تسئي ڪا، جن ڪيئا تنُ ساج
نانڪ سرڻ ڪرتار کي، ڪرتا راکئي لاج.

ارٿ :- اُنهن جي اندر ۾ پريتم وسي ٿو جو تہ ڏرکان کرتار اُنهن جي مستڪ ۾ شُپ ليکہ لکيو آهي. صاحب فرمائيين ٿا تہ گورمکن کي پرماتما ڀاڳ ئي ڪرپا ڪري ڀاڳ ۾ ملائي ڇڏيو آهي.

(٣) محلا تيجا

ڪٿائن ڪرڻ سان پرماتما هٿ نہ اچي سگهندو

کہئي ڪِٿئي نہ پائيئي، اَنَ ڊِنُ رهئي سَدا گُڻ گاءِ

وِڻُ ڪَرمئي ڪِنئي نہ پائيو، پؤڪِ مُئي بِلَلاءِ

ارٿ :- رگو جوڻ ۽ ڪٿائن ڪرڻ سان هري نٿو پائجي، مگر جو رات ڏينهن هنجا گڻ ڳائي ٿو، سوئي هنکي پائي ٿو. شپ ڪرمن يا بخشش کان سواءِ ڪنهن بہ هنکي نہ پاتو آهي. ڪئين پؤنکي پؤنکي ورلاپ ڪندا مري ويا، (پر هنکي نہ پاتائون).

گورڪئي سَبدِ مَنُ تَنُ ڀِجئي، آپِ وَسئي مَنِ آءِ

نانڪ نَدَري پائيئي، آپي لَئي مِلاءِ.

ارٿ :- جنهن جو من تن گوروءَ جي شبد ۾ ڀِڄي ٿو، تنهنجي من ۾ پريو پاڻ اچي وسي ٿو. صاحب فرمائيين ٿا تہ پرماتما جي ڪرپا درشٽيءَ سان پرماتما ملي ٿو ۽ پاڻ سان ملائي ڇڏي ٿو.

پؤڙي (٨)

سرگڻ اوستا جو بيان

آپي ويد پراڻ سَڀِ سا سَت، آپِ ڪَٿئي آپ ڀِجئي

آپي هي بهہِ پوجي ڪَرتا، آپ پرپنچہ ڪريجئي

ارٿ :- هري پاڻ ئي ويد پران ۽ سڀئي شاسترن جو روپ آهي پاڻ ئي ڪٿائون ڪري ٿو ۽ پاڻ ئي (پڌندڙ ٿي پريم ۾) ڀڄي ٿو. پاڻ ئي ويهي (پوڄاري ٿي) پوڄا ڪري ٿو ۽ سنسار جو پرپنچ پيدا ڪري ٿو.

॥ ਸਲੋਕੁ ਮਃ ੩ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਪ੍ਰਭੁ ਸੇਵਹਿ ਸਦ ਸਾਚਾ ਅਨਦਿਨੁ ਸਹਜਿ ਪਿਆਰਿ ॥ ਸਦਾ ਅਨੰਦਿ ਗਾਵਹਿ ਗੁਣ ਸਾਚੇ ਅਰਧਿ ਉਰਧਿ ਉਰਿ ਧਾਰਿ ॥ ਅੰਤਰਿ ਪ੍ਰੀਤਮੁ ਵਸਿਆ ਧੁਰਿ ਕਰਮ ਲਿਖਿਆ ਕਰਤਾਰਿ ॥ ਨਾਨਕ ਆਪਿ ਮਿਲਾਇਅਨੁ ਆਪੇ ਕਿਰਪਾ ਧਾਰਿ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੩ ॥ ਕਹਿਐ ਕਥਿਐ ਨ ਪਾਈਐ ਅਨਦਿਨੁ ਰਹੈ ਸਦਾ ਗੁਣ ਗਾਇ ॥ ਵਿਣੁ ਕਰਮੈ ਕਿਨੈ ਨ ਪਾਇਓ ਭਉਕਿ ਮੁਏ ਬਿਲਲਾਇ ॥ ਗੁਰਕੈ ਸਬਦਿ ਮਨੁ ਤਨੁ ਭਿਜੈ ਆਪਿ ਵਸੈ ਮਨਿ ਆਇ ॥ ਨਾਨਕ ਨਦਰੀ ਪਾਈਐ ਆਪੇ ਲਏ ਮਿਲਾਇ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਅਪੇ ਵੇਦ ਪੁਰਾਣ ਸਭਿ ਸਾਸਤ ਆਪਿ ਕਥੈ ਆਪਿ ਭੀਜੈ ॥ ਆਪੇਹੀ ਬਹਿ ਪੂਜੇ ਕਰਤਾ ਆਪਿ ਪਰਪੰਚੁ ਕਰੀਜੈ ॥ ਆਪਿ ਪਰਵਿਰਤਿ ਆਪਿ ਨਿਰਵਿਰਤੀ ਆਪੇ ਅਕਥੁ ਕਥੀਜੈ ॥ ਆਪੇ ਪੁੰਨੁ ਸਭੁ ਆਪਿ ਕਰਾਏ ਆਪਿ ਆਲਿਪਤੁ ਵਰਤੀਜੈ ॥ ਆਪੇ ਸੁਖੁ ਦੁਖੁ ਦੇਵੈ ਕਰਤਾ ਆਪੇ ਬਖਸ ਕਰੀਜੈ ॥ ੮ ॥

(ا) سلوڪ محلا تيجا

گورمکن جي اوستا

گورمکہ پربُ سيوَهِ سَد ساچا، اَن دِنُ سهجِ پيارِ

سَدا اَنَندِ گاوَهِ گُڻَ ساچي، اَرِڌ اُرِڌ اُرِڌارِ

ارٿ :- گورمکہ سديو سچي پربوءِ جي سيوا ڪن ٿا. سپاويڪ ئي اُنهن جو پيار رات ڏينهن پرميشور سان آهي. سچو پرماتما جو پاتال ۽ آڪاس ۾ پريپورن آهي، تنهن کي هو هردي ۾ ڌارين ٿا ۽ سديو آنند سان هن سچي جا گڻ ڳائين ٿا. [آرڌ = پاتال. اُرڌ = آڪاس. اُر = ڇاتي، هردو.]

اَنترِ پريتمُ وَسيا، ڌُرِ ڪَرمُ لِکيا ڪَرتارِ

نانَڪَ آپِ مِلائيَنُ، آپي ڪِرپا ڌارِ.

(۱) سلوڪ محلا ٽيجا

اُٿانڪا:- گووندوال صاحب، جتي سري گورو امرديو جن رهندا هئا، تتي هڪ شيخ رهندو هو. هو صاحبن جي وڏائي ڏسي پيو سڙندو ۽ پوسرندو هو. هو اهنڪار جو پتلو هو ۽ سديو صاحبن سان وير رکندو هو. هو سکن کي تڪليف ڏيندو هو. ڪوهن ۾ گرڙيون وجهي ڇڏيندو هو. سري گورو امرديو هن شبد ۾ کيس پربوڌ ٿا ڏين:-

(۱) شيخا اَندَرهُ زورُ ڇڏِ، ڏُون ڀَئُ ڪَرِ جهلُ گَواءِ
گورَ ڪيِ ڀيِّ ڪيتي نِستري، ڀيِّ وِچِ نِربَهُ پاءِ

ارٿ:- هي شيخ! اندر مان اهنڪار روپي زور ڪيڏي ڇڏ، تون پرماتما جو ڀؤ رک ۽ چريائي ڇڏ. گورن جو ڀؤ رکي ڪيترا سنسار مان تري ويا. تون ڀي ڀؤ رکي نربؤ پرماتما کي پاءِ. [شيخا = شيخ. جهل = سودائپ، چريائي. نستري = وشيش ڪري تري ويا.]

مَنُ ڪَٺورُ سَبدِ ڀيدِ تون، سانت وَسيِ مَن آءِ
سانتي وِچ ڪار ڪَماوَڻي، سا خَصَمُ پائي ڏاءِ
نانَڪ ڪامِ ڪِروڌِ ڪِنيِ نہ پائيو، پُڇهُ گِياني جاءِ.

ارٿ:- گورن جي شبد سان تون ڪٺور من کي وندہ تہ تنهنجي من ۾ شانتي اچي وسي. جيڪي شانتيءَ ۾ ڪجي ٿو، سو ٿئي پرماتما کي قبول ٿئي ٿو. صاحب فرمائين ٿا تہ ڪام ڪروڌ آدڪ وڪارن سان ڪنهن بہ هريءَ کي نہ پاتو آهي، اها ڳالهہ تون وڃي گيانين کان پڇہ. [ڀيد = ڀيد، وندہ، اثر ڪراءِ. خصم = پتي. پائي ڏاءِ = قبول ٿئي ٿو.]

آپ پرورتِ آپ نِروِرتي، آپي اَکٿ ڪٿيجئ
آپي پُن سڀ آپِ ڪرائي، آپ الپتُ ورتيجئ
آپي سُکُ دُکُ ديوئ ڪرتا، آپي بخش ڪريجئ.

ارٿ:- پريو پرورتي مارگ ۾ پاڻ آهي؛ نروِرتي مارگ ۾ بہ پاڻ آهي. هو پاڻ ئي (گوروتي) پنهنجي اکٿ ڪٿا ڪٿي ٿو. پاڻ ئي پڃ روپ آهي، پاڻ ئي سڀ پڃ ڪرائي ٿو؛ پاڻ ئي وري سڀ کان الگ ٿي ورتي ٿو. پاڻ ئي ڪرتار (ڪرمن انوسار) سک دک ڏئي ٿو؛ پاڻ ئي بخشش ڪري ٿو. [پرورت = پرورتي، سنسار ۾ ورتڻ. نروِرتي = سنسار کان الگ جدا رهڻ.]

॥ ਸਲੋਕ ਮਃ ੩ ॥ ਸੇਖਾ ਅੰਦਰਹੁ ਜੋਰੁ ਛਡਿ ਤੂ ਭਉ ਕਰਿ ਝਲੁ ਗਵਾਇ ॥ ਗੁਰ ਕੈ ਭੈ ਕੇਤੇ ਨਿਸਤਰੇ ਭੈ ਵਿਚਿ ਨਿਰਭਉ ਪਾਇ ॥ ਮਨੁ ਕਠੋਰੁ ਸਬਦਿ ਭੇਦਿ ਤੂੰ ਸਾਂਤਿ ਵਸੈ ਮਨਿ ਆਇ ॥ ਸਾਂਤੀ ਵਿਚਿ ਕਾਰ ਕਮਾਵਣੀ ਸਾ ਖਸਮੁ ਪਾਏ ਥਾਇ ॥ ਨਾਨਕ ਕਾਮਿ ਕ੍ਰੋਧਿ ਕਿਨੈ ਨ ਪਾਇਓ ਪੁਛਹੁ ਗਿਆਨੀ ਜਾਇ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੩ ॥ ਮਨਮੁਖ ਮਾਇਆ ਮੋਹੁ ਹੈ ਨਾਮਿ ਨ ਲਗੋ ਪਿਆਰੁ ॥ ਕੂੜੁ ਕਮਾਵੈ ਕੂੜੁ ਸੰਗ੍ਰਹੈ ਕੂੜੁ ਕਰੇ ਆਹਾਰੁ ॥ ਬਿਖੁ ਮਾਇਆ ਧਨੁ ਸੰਚਿ ਮਰਹਿ ਅੰਤੇ ਹੋਇ ਸਭੁ ਛਾਰੁ ॥ ਕਰਮ ਧਰਮ ਸੁਚ ਸੰਜਮ ਕਰਹਿ ਅੰਤਰਿ ਲੋਭੁ ਵਿਕਾਰੁ ॥ ਨਾਨਕ ਜਿ ਮਨਮੁਖੁ ਕਮਾਵੈ ਸੁ ਥਾਇ ਨਾ ਪਵੈ ਦਰਗਹਿ ਹੋਇ ਖੁਆਰੁ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਆਪੇ ਖਾਣੀ ਆਪੇ ਬਾਣੀ ਆਪੇ ਖੰਡ ਵਰਭੰਡ ਕਰੇ ॥ ਆਪਿ ਸਮੁੰਦੁ ਆਪਿ ਹੈ ਸਾਗਰੁ ਅਪੇਹੀ ਵਿਚਿ ਰਤਨ ਧਰੇ ॥ ਆਪਿ ਲਹਾਏ ਕਰੇ ਜਿਸੁ ਕਿਰਪਾ ਜਿਸਨੋ ਗੁਰਮੁਖਿ ਕਰੇ ਹਰੇ ॥ ਆਪੇ ਭਉਜਲੁ ਅਪਿ ਹੈ ਬੋਹਿਥਾ ਆਪੇ ਖੇਵਟੁ ਆਪਿ ਤਰੇ ॥ ਅਪੇ ਕਰੇ ਕਰਾਏ ਕਰਤਾ ਅਵਰੁ ਨ ਦੂਜਾ ਤੁਝੈ ਸਰੇ ॥ ੯ ॥

ڪيون آهن. پاڻ ئي کنڊ ۽ برهمنڊ پيدا ڪيا اٿس. پاڻ ئي سمنڊ روپ آهي، پاڻ ئي ساگر روپ آهي ۽ پاڻ ئي اُنهن ۾ چوڏهن رتن ڌارڻ ڪيا اٿس.

آپِ لَهائي ڪري جِسُ ڪِرپا، جِسَ نو گورمُکِ ڪَري هري

آپي پؤجَلُ آپِ هئي بوهِٿا، آپي کيوَٽُ آپِ تَري

آپي ڪري ڪرائي ڪَرتا، اَوَرُ نه دوُجا تُجهئي سَري.

ارٿ:- جنهن تي هري ڪرپا ڪري ٿو ۽ جنهنکي گورمکه بنائي گڻن سان ساءُو ڪري ٿو، تنهن کان ئي نام روپي رتن لهائي ٿو. پاڻ ئي ڀوساگر سنسار روپ آهي ۽ پاڻ ئي (اُن مان تارڻ لاءِ) گيان روپ جهاز آهي. پاڻ ئي گورو روپي مهاڻو آهي ۽ پاڻ ئي جگياسو ٿِي تري ٿو. ڪرتار سڀڪجهه ڪري ۽ ڪرائي پاڻ ٿو. ٻيو ڪو هنجي برابر نه آهي. [هري = ساءُو ڪري ٿو. بوهٿا = جهاز. کيوٽ = ملاح، مهاڻو، ميربحر. سري = برابر.]

॥ ਸਲੋਕ ਮਃ ੩ ॥ ਸਤਿਗੁਰ ਕੀ ਸੇਵਾ ਸਫਲ ਹੈ ਜੇਕੋ ਕਰੇ ਚਿਤੁ ਲਾਇ ॥ ਨਾਮੁ ਪਦਾਰਥੁ ਪਾਈਐ ਅਚਿੰਤੁ ਵਸੈ ਮਨਿ ਆਇ ॥ ਜਨਮ ਮਰਨ ਦੁਖੁ ਕਟੀਐ ਹਉਮੈ ਮਮਤਾ ਜਾਇ ॥ ਉਤਮ ਪਦਵੀ ਪਾਈਐ ਸਚੇ ਰਹੈ ਸਮਾਇ ॥ ਨਾਨਕ ਪੂਰਬਿ ਜਿਨ ਕਉ ਲਿਖਿਆ ਤਿਨਾ ਸਤਿਗਰ ਮਿਲਿਆ ਆਇ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੩ ॥ ਨਾਮਿ ਰਤਾ ਸਤਿਗੁਰੂ ਹੈ ਕਲਿਜੁਗ ਬੋਹਿਥੁ ਹੋਇ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਹੋਵੈ ਸੁ ਪਾਰਿ ਪਵੈ ਜਿਨਾ ਅੰਦਰਿ ਸਚਾ ਸੋਇ ॥ ਨਾਮੁ ਸਮਾਲੇ ਨਾਮੁ ਸੰਗ੍ਰਹੈ ਨਾਮੇਹੀ ਪਤਿ ਹੋਇ ॥ ਨਾਨਕ ਸਤਿਗੁਰੁ ਪਾਇਆ ਕਰਮਿ ਪਰਾਪਤਿ ਹੋਇ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਆਪੇ ਪਾਰਸੁ ਆਪਿ ਧਾਤੁ ਹੈ ਅਪਿ ਕੀਤੋਨੁ ਕੰਚਨੁ ॥ ਆਪੇ ਠਾਕੁਰੁ ਸੇਵਕੁ ਆਪੇ ਆਪੇਹੀ ਪਾਪ ਖੰਡਨੁ ॥ ਆਪੇ ਸਭਿ ਘਟ ਭੋਗਵੈ

(٣) محلا تيجا

منمکن جي ڏرگتي

(٢) منمک مائيا موھ ھيءِ، نام نہ لڳو پيار
ڪوڙ ڪماوي ڪوڙ سنگرھيءِ، ڪوڙ ڪري آھار

ارٿ:- منمکن جو مايا ۾ موھ آھي تنھنڪري انھن جو نام ۾ پيار نٿو لڳي. اھي ڪوڙ جي ڪمائي ڪن ٿا، ڪوڙ ڪري مايا ڪٺي ڪن ٿا ۽ ڪوڙ ئي پنھنجو ڀوڄن ڪن ٿا. [سنگرھيءِ = ڪٺي ڪن ٿا. آھار = کاڌو، ڀوڄن.]

بکہ مائيا ڌن سنچہ مرھہ، انتي ھوءِ سڀ ڇار
ڪرم ڌرم سچ سنجم ڪرھہ، انتر لوڀ وڪار
نانڪ جہ منمکہ ڪماوي سہ ٿاءِ نہ پوي،
درگھہ ھوءِ خوار.

ارٿ:- اھي وک روپي مايا ۽ ڌن ڪٺو ڪري مرن ٿا، جو ڌن انت ۾ رک ٿي وڃي ٿو. جيتوڻيڪ اھي ڌرمي ڪريائون، صفائي ڪن ٿا ۽ اندرين کي روڪين ٿا، تہ بہ انھن جي اندر لوڀ ۽ وڪار آھي. صاحب فرمائين ٿا تہ منمک جيڪي ڪرم ڪن ٿا، سي قبول نٿا ٿين. منمک درگاھ ۾ خوار ٿين ٿا. [سنجم = اندرين کي روڪڻ.]

پئوڙي (٩)

سرجڻ اوسٿا جو بيان

آپي کاڻي آپي باڻي، آپي کنڊ ورڀنڊ ڪري
آپ سمند آپ ھيءِ ساگر، آپي ھي وچ رتن ڌري

ارٿ:- اڪال پرک ھاڻ ئي چار کاڻيون (انڊج، جيرج، سيتج، اُتڀج) ۽ چار باڻيون (پرا، پسنتي، مڌيما، ويکري) پيدا

ارٿ:- ستگورو، جي نام ۽ رتن آهن، سي ڪاڄگر ۽ تارڻ لاءِ جهاز آهن. جو منش گوروءَ جي سکيا وٺي ٿو ۽ جنهنجي اندر ۾ سچو پرماتما وسي ٿو، سوئي (ڀوساگر کان) پار پوي ٿو. [بوهٿ = جهاز.]

نامُ سمالي نامُ سنگرهيءِ، نامي هي پت هوءِ
نانڪ ستِ گورُ پائيا، ڪرمِ پراپتِ هوءِ.

ارٿ:- اُهو منش نام جو سمرن ڪري ٿو، نام پدارٿ ڪٺو ڪري ٿو ۽ نام ڪري ئي هنجي عزت رهجي اچي ٿي. صاحب فرمائين ٿا ته اسان ستگورو پاتو آهي ۽ هنجي ڪرپا سان نام پراپت ڪيو اٿئون. [سنگرهيءِ = ڪٺو ڪري ٿو. ڪرم = ڪرپا.]

پؤڙي (١٠)

سرگڻ روپ جو بيان

آپي پارسُ آپِ ڌاتُ هيءِ، آپِ ڪيتونُ ڪنچنُ
آپي ٺاڪرُ سيوڪُ آپي، آپي هي پاپ کنڊنُ

ارٿ:- اُهو پاڻ پرماتما گورو روپ پارس آهي ۽ پاڻ ئي جگياسو روپ لوھ آهي ۽ پاڻ ئي جگياسوءَ کي سفت روپ سون ڪري ٿو. پاڻ ئي ٺاڪر آهي ۽ پاڻ ئي شيوڪ آهي ۽ پاڻ ئي پاپن کي ناس ڪندڙ آهي. [ڌات = ڌاتو، لوھ. ڪنچن = سون.]

آپي سبِ گهٽ ڀوڳويءِ سوامي، آپي هي سبُ انجنُ
آپِ ببيڪُ آپِ سبُ بيتا، آپي گورمکِ ڀنجن
جنُ نانڪ سالاهِ نه رجيءِ ٺڪُ ڪرتي،
ٺونُ سکہ داتا وڏنُ.

ਸੁਆਮੀ ਆਪੇਹੀ ਸਭੁ ਅੰਜਨੁ ॥ ਆਪਿ ਬਿਬੇਕੁ ਆਪਿ ਸਭੁ ਬੇਤਾ ਆਪੇ ਗੁਰਮੁਖਿ ਭੰਜਨੁ ॥ ਜਨੁ ਨਾਨਕ ਸਾਲਾਹਿ ਨ ਰਜੈ ਤੁਧੁ ਕਰਤੇ ਤੂ ਹਰਿ ਸੁਖ ਦਾਤਾ ਵਡਨੁ ॥ ੧੦ ॥

(١) سلوڪ محلا ٽيجا

ستگورن جي شيوا لاڀدائڪ آهي

(١) سَتِ گورَ کي سيوا سَڦَلَ هيُ،

جي ڪو ڪَري چِتُ لاء

نامُ پَدارَٿُ پائِيئِي، اَچِنتُ وَسيُ مَنِ آء

ارٿ:- ستگورن جي شيوا ڦل دائڪ آهي، مگر جيڪو سچي دل سان ڪري. اِنهيءَ شيوا ڪري نام روپي پدارٿ پائجي ٿو ۽ چنتا کان رهت پرماتما من ۾ اچي وسي ٿو. [سڦل = ڦل دائڪ. اچنت = چنتا کان رهت پرماتما.]

جَنَمِ مَرَنَ دُکُ ڪَٽِيئي، هؤمي مَمَتا جاء

اُتَمِ پَدَوِي پائِيئِي، سَچِي رهيُ سماء

نانَڪَ پُورَبِ جِنَ ڪَئُ لِکِيا، تِنا سَتِ گورُ مِليا آء.

ارٿ:- اهڙي پرش جي جنم مرڻ جو دک ڪٽجي وڃي ٿو ۽ اهنتا ۽ ممتا پڻ ناس ٿي وڃي ٿي. هو اُتم پدوي پائي ٿو ۽ سچي پرماتما ۾ سمائجي وڃي ٿو. صاحب فرمائين ٿا ته جن جي (مستڪ تي) پورب کان لکيل آهي، تن کي ئي ستگورو اچي ملي ٿو.

(٢) محلا ٽيجا

ستگورو ڀو ساگر تارڻ لاء جهاز آهن

نامِ رَتا سَتِ گورُو هيُ، ڪَلِجُگِ بوهِتُ هوء

گورمُکِ هووي سُ پارِ پويُ، جِنا اَندرِ سَچا سوء

ارٿ :- ستگورن جي شيوا ڪرڻ کانسواءِ جيا جيڪي ھي جيو ڪرم ڪري ٿو، سي ھاڻ ڪيس ٻڌن ٿا. ستگوروءَ جي شيوا کان سواءِ ھي جيو ڪٿي ٻ استٿي نٿو پائي ۽ جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچي وڃي ٿو. [ٺَور = جاءِ، استٿي، استقامت.]

بِنُ سَتِ گورَ سيوي ڦِڪا بولڻا، نامُ نہ وَسيءِ مَنِ آءِ
نانڪ بِنُ سَتِ گورَ سيوي جمِ پُرِ ٻڌي ماريئھِ،
مُھِ ڪالي اُٺِ جاھِ.

ارٿ :- ستگوروءَ جي شيوا ڪرڻ کانسواءِ ھن جيو جو ٻولڻ ڦڪو يعني جوٺو آھي ۽ نڪي سندس من ۾ پرماتما جو نالو وسي ٿو. صاحب فرمائين ٿا تہ ستگوروءَ جي شيوا ڪرڻ کان سواءِ ھي جيو جمپور ۾ ٻڌي ماريو وڃي ٿو ۽ مُنھن ڪارو پرماتما جي درگاھ مان ھڪاليو وڃي ٿو. (ڀاو- اٺي وھڻ جو لائق نہ آھي، تنھنڪري نرڪ ۾ وڌو وڃي ٿو.)

(٢) محلا تيجا

ستگوروءَ جي شيوا ڪرڻ سان جيو ڀاڻ تہ سڌري ٿو،
پر ڪُل جو اُڌار ڪري ٿو

اِڪ سَتِ گورَ ڪي سيوا ڪَرھِ چاڪري،
ھَر نامي لڳيءِ پيارُ
نانڪ جنمُ سوارَنِ آپڻا، ڪُلَ ڪا ڪَرَنِ اُڌارُ.

ارٿ :- ھڪڙا گورمک جي ستگوروءَ جي شيوا ۽ چاڪري ڪن ٿا، تنھنجو ھريءَ جي نام ۾ پيار لڳي ٿو. صاحب فرمائين ٿا تہ اُھي گورمک پنھنجو تہ جنم سنواريں ٿا، پر پنھنجي سڄي ڪُل جو اُڌار ڪن ٿا. [چاڪري = اُتسام سان نوڪري.]

ارٿ :- هو سوامي ھاڻ ئي سڀني گهٽن ۾ (ويهي) ڀوڳي ٿو ۽ ھاڻ ئي مايا روپي سرمون آهي. ھاڻ ئي گيان آهي، ھاڻ ئي گيان جو جاڻندڙ آهي ۽ ھاڻ ئي گورن ڌاري دک ڀڳندڙ آهي. صاحب فرمائين ٿا تہ اسين تو ڪرتار جي سارم ڪري ڏاهون ئي ٿا. هي هري! تون سڀن جو داتا ۽ سڀني کان وڏو آهين. [گهٽ = آڪار. انجن = مايا روپي سرمون يا ڪارڻ. ٻيڪ = گيان. بيتا = جاڻندڙ. ڀنجن = دک ڀڳندڙ. رجئي = ڏاهون.]

॥ ਸਲੋਕ ਮਃ ੪ ॥ ਬਿਨੁ ਸਤਿਗੁਰ ਸੇਵੇ ਜੀਅ ਕੇ ਬੰਧਨਾ ਜੇਤੇ ਕਰਮ ਕਮਾਹਿ ॥ ਬਿਨੁ ਸਤਿਗੁਰ ਸੇਵੇ ਠਵਰ ਨ ਪਾਵਹੀ ਮਰਿ ਜੰਮਹਿ ਆਵਹਿ ਜਾਹਿ ॥ ਬਿਨੁ ਸਤਿਗੁਰ ਸੇਵੇ ਫਿਕਾ ਬੋਲਣਾ ਨਾਮੁ ਨ ਵਸੈ ਮਨਿ ਆਇ ॥ ਨਾਨਕ ਬਿਨੁ ਸਤਿਗੁਰ ਸੇਵੇ ਜਮਪੁਰਿ ਬਧੇ ਮਾਰੀਅਹਿ ਮੁਹਿ ਕਾਲੈ ਉਠਿ ਜਾਹਿ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੩ ॥ ਇਕਿ ਸਤਿਗੁਰ ਕੀ ਸੇਵਾ ਕਰਹਿ ਚਾਕਰੀ ਹਰਿ ਨਾਮੇ ਲਗੈ ਪਿਆਰੁ ॥ ਨਾਨਕ ਜਨਮੁ ਸਵਾਰਨਿ ਆਪਣਾ ਕੁਲ ਕਾ ਕਰਨਿ ਉਧਾਰੁ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਆਪੇ ਚਾਟਸਾਲ ਆਪਿ ਹੈ ਪਾਧਾ ਆਪੇ ਚਾਟੜੇ ਪੜਣ ਕਉ ਆਣੇ ॥ ਆਪੇ ਪਿਤਾ ਮਾਤਾ ਹੈ ਆਪੇ ਆਪੇ ਬਾਲਕ ਕਰੇ ਸਿਆਣੇ ॥ ਇਕਥੈ ਪੜਿ ਬੁਝੈ ਸਭੁ ਆਪੇ ਇਕਥੈ ਆਪੇ ਕਰੇ ਇਆਣੇ ॥ ਇਕਨਾ ਅੰਦਰਿ ਮਹਲਿ ਬੁਲਾਏ ਜਾ ਆਪਿ ਤੇਰੈ ਮਨਿ ਸਚੇ ਭਾਣੇ ॥ ਜਿਨਾ ਆਪੇ ਗੁਰਮੁਖਿ ਦੇ ਵਡਿਆਈ ਸੇ ਜਨ ਸਚੀ ਦਰਗਹਿ ਜਾਣੇ ॥ ੧੧ ॥

(١) سلوڪ محلا چوٿان

ستگوروءَ جي ضرورت

(١) ٻِنُ سَتِگُرَ سيوي جيئہ کي ٻندنا،

جيتي ڪرم ڪماهِ

ٻِنُ سَتِگُرَ سيوي ٺَوَرَ نہ پاوَهي، مرِ جنمهِ آوَهِ جاهِ

ਮਰਦਾਨਾ ੧ ॥ ਕਾਇਆ ਲਾਹਣਿ ਆਪੁ ਮਦੁ ਮਜਲਸ ਤ੍ਰਿਸਨਾ ਧਾਤ ॥ ਮਨਸਾ ਕਟੋਰੀ ਕੂੜਿ ਭਰੀ ਪੀਲਾਏ ਜਮਕਾਲੁ ॥ ਇਤੁ ਮਦਿ ਪੀਤੈ ਨਾਨਕਾ ਬਹੁਤੇ ਖਟੀਅਹਿ ਬਿਕਾਰ ॥ ਗਿਆਨੁ ਗੁੜੁ ਸਾਲਾਹ ਮੰਡੇ ਭਉ ਮਾਸੁ ਆਹਾਰੁ ॥ ਨਾਨਕ ਇਹੁ ਭੋਜਨੁ ਸਚੁ ਹੈ ਸਚੁ ਨਾਮੁ ਆਧਾਰੁ ॥ ੨ ॥ ਕਾਯਾਂ ਲਾਹਣਿ ਆਪੁ ਮਦੁ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਤਿਸਕੀ ਧਾਰ ॥ ਸਤ ਸੰਗਤਿ ਸਿਉ ਮੇਲਾਪੁ ਹੋਇ ਲਿਵ ਕਟੋਰੀ ਅੰਮ੍ਰਿਤ ਭਰੀ ਪੀ ਪੀ ਕਟਹਿ ਬਿਕਾਰ ॥ ੩ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਆਪੇ ਸੁਰਿ ਨਰ ਗਣ ਗੰਧਰਬਾ ਆਪੇ ਖਟ ਦਰਸਨ ਕੀ ਬਾਣੀ ॥ ਆਪੇ ਸਿਵ ਸੰਕਰ ਮਹੇਸਾ ਆਪੇ ਗੁਰਮੁਖਿ ਅਕਥ ਕਹਾਣੀ ॥ ਆਪੇ ਜੋਗੀ ਆਪੇ ਭੋਗੀ ਆਪੇ ਸੰਨਿਆਸੀ ਫਿਰੈ ਬਿਬਾਣੀ ॥ ਆਪੈ ਨਾਲਿ ਗੋਸਟਿ ਆਪਿ ਉਪਦੇਸੈ ਆਪੇ ਸੁਘੜੁ ਸਰੂਪੁ ਸਿਆਣੀ ॥ ਆਪਣਾ ਚੋਜੁ ਕਰਿ ਵੇਖੈ ਆਪੇ ਆਪੇ ਸਭਨਾ ਜੀਆ ਕਾ ਹੈ ਜਾਣੀ ॥ ੧੨ ॥

(١) سلوڪ مردانا پهلا

اُٿانڪا:- هڪ دفعي سري گورو نانڪ ديو جن ڀائي مرداني سان گڏ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ ويا. گورو صاحب ڳوٺ جي ٻاهران جهنگ ۾ ترسيا، ۽ ڀائي مردانو ڳوٺ ۾ ويو. اُهي هوليءَ جا ڏينهن هئا. ڀائي مرداني ڏٺو ته هڪ هنڌ ڪيترا ماڻهو ڪٺا ٿيا هئا ۽ ڏسڻ ۾ ائين ٿي آيو ته مجلس ڪئي هئائون. جڏهين گهڻا ماڻهو اچي گڏ ٿيا، تڏهين وڏو دونگڙو شراب جو آندو ويو، جنهن مان پيالا ڀري ماڻهن کي ڏيندا ويا، جي پي ماڻهو مست ٿيا. پوءِ ته هڪ ٻئي سان جهيڙو ڪري اچي پاڻ ۾ وڙهيا، جنهن ۾ ڀائي مرداني کي به ڪيترا ڌڪ لڳا، ڇو جو هو ڀرسان بيٺو هو ۽ ويٺي اهو رنگ ڏٺائين. ڀائي مردانو روئندو گورو جن وٽ آيو ۽ اچي کين سمورو حال ٻڌايائين. گورو صاحب اُنوقت ٿي سلوڪ اُچاريا، جن جي مٿان "مردانا" لکيل آهي. گورو صاحبن اِنهن سلوڪن ۾ شراب کي بلڪل گهٽو ننديو آهي.

پؤڙي (١١)

سرگڻ اوستا

آپي ڇاڻسال آپ هئ پاڌا ، آپي ڇاڻڙي پڙڻ ڪڻ آڻي
آپي پِتا ماتا هئ آپي ، آپي ٻالڪ ڪري سياڻي

ارٿ :- پرماتما ٻاڻ پاٺشالا جو روپ آهي، پنڊت ٻاڙهڻ وارو ٻ ٻاڻ آهي ؛ ڇوڪرن جو مائٽ ٿي ڇوڪرا وٺي پڙهڻ لاءِ ٻ ٻاڻ آڻي ٿو. پتا ٻ ٻاڻ آهي ، ماتا ٻ ٻاڻ آهي ؛ سياڻا ٻار ٻ ٻاڻ ڪري ٿو.

اِڪنئ پڙ ٻجهئ سڀُ آپي ، اِڪنئ آپي ڪري اياڻي
اِڪنا اندرِ محل بُلائي ، جا آپِ تيرئ مڻِ سچي ڀاڻي
جِنا آپي گورمکِ دي وڏِيائي ،
سي جن سچي درگهِ جاڻي .

ارٿ :- ڪنهن هنڌ سڀ ٻرڪارن جا شاستر پڙهي ٻاڻ سمجهي ٿو؛ ڪنهن هنڌ وري ٻاڻ کي مورکه اگياني ڪري ٿو. هي سچا، جيڪي تنهنجي من ۾ وڻن ٿا، تنکي تون ٻاڻ محل جي اندر گهرائين ٿو يعني ڪين سروپ جي پراپتي ڪرائين ٿو. جن گورمکن کي تون ٻاڻ وڏائي ڏين ٿو، سي تنهنجي درگاهه ۾ جاتا وڃن ٿا.

॥ ਸਲੋਕੁ ਮਰਦਾਨਾ ੧ ॥ ਕਲਿ ਕਲਵਾਲੀ ਕਾਮੁ ਮਦੁ ਮਨੂਆ ਪੀਵਣਹਾਰੁ ॥ ਕ੍ਰੋਧ ਕਟੋਰੀ ਮੋਹਿ ਭਰੀ ਪੀਲਾਵਾ ਅਹੰਕਾਰੁ ॥ ਮਜਲਸ ਕੂੜੇ ਲਬ ਕੀ ਪੀ ਪੀ ਹੋਇ ਖੁਆਰੁ ॥ ਕਰਣੀ ਲਾਹਣਿ ਸਤੁ ਗੁੜੁ ਸਚੁ ਸਰਾ ਕਰਿ ਸਾਰੁ ॥ ਗੁਣ ਮੰਡੇ ਕਰਿ ਸੀਲੁ ਘਿਉ ਸਰਮੁ ਮਾਸੁ ਆਹਾਰੁ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਪਾਈਐ ਨਾਨਕਾ ਖਾਧੈ ਜਾਹਿ ਬਿਕਾਰ ॥ ੧ ॥

سچ روپي ڳڙ آهي. اهڙو سچو شراب تون سار وستو جاڻي گرهڻ ڪر. شڀ گڻن روپي روٽي تون کاءُ ۽ سيل روپي گيهه منجهس وجهه ۽ خراب ڪمن کان شرم اِهو کاڌو کاءُ. اهڙو شراب ۽ کاڌو گوروءَ جي سکيا سان پراپت ٿئي ٿو، جنهنجي کائڻ سان سڀ وڪار هٽِي وڃن ٿا. [ڪرڻي = شُڀ ڪرم. لاهڻ = مصالحو. سرا = شراب. سار = تت وستو. منڊي = روٽي. سرم = خراب ڪمن کان شرم.]

(٢) مردانا پهلا

ڪايا لاهڻِ آپُ مدُ، مجلس ترِشنا ڌاتُ

منسا ڪٽوري ڪوُڙ ڀري، پيلائي جم ڪالُ

اِتُ مدِ پيتيءِ نانڪا، ٻهُتي کٽيئهِ بِڪارَ

ارٿ :- (جوٺي شراب جو بيان.) منکه ڪايا روپي مٽ ۾ ڪُڪرمن روپي مصالحو مان اهنڪار روپي شراب ڪڍن ٿا ۽ اِها شرابين جي مجلس ترشنائن ڌاتن ڊوڪندڙ آهي. آسا ۽ منشا روپي ڪٽوريءَ ۾ ۽ ڪوڙ روپ پاتليءَ مان جم ڪال کين جهوٺو شراب پياري ٿو. سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته اهڙي جهوٺي شراب پيئڻ ڪري گهڻا وڪار کٽجن ٿا يعني حاصل ڪجن ٿا. [لاهڻ = (ڪُڪرمن روپي) مصالحو. آپ = آپا ڀاو، اهنڪار. ڌات = ڊوڪندڙ. ڀري = شيشي.]

گيانُ ڳُڙُ سالاهِ منڊي، ڀئُ ماسُ آهارُ

نانڪ اِهُ ڀوجنُ سچُ هيءُ، سچُ نامُ آڌار

ارٿ :- (سچي شراب جو بيان.) مردانا! گياني پرش گيان روپي ڳڙ سان ايشور جي ساراهه جي روٽي کائين ٿا ۽ پرماتما جي ڀؤ جو کاڌو کائين ٿا. سري گورو نانڪ ديو جن فرمائين ٿا ته اِهوئي سچو ڀوڄن آهي. اسانکي سچي نام جو ئي آڌار وٺڻ گهرجي. [منڊي = روٽي. ماس آهار = کاڌو.]

ڪَلِ ڪلوالي ڪامُ مَدُ، مَنوُئا پيوُطِ هارُ
ڪروڌ ڪَٽوري موهِ ٻري، پيلاوا آهنڪارُ
مجلسِ، ڪوڙي لَبَ ڪي، پي پي هوءِ خوار.

ارٿ:- مردانا، جوئي شراب جو مَٽُ ڪلهِ يعني ڪهڀيءَ سان ڀريل آهي. شراب ڪام روپ آهي يعني شراب ڀيڙڻ سان جيوَ ۾ ڪام جا خيال اُتپن ٿين ٿا ۽ من ڀيڙيندڙ آهي، ڇو جو من ئي اِڇا تو ڪري تہ وڌيڪ ڀيڙان. ڪٽوري جنهن ۾ شراب ڀيڙبجي ٿو، سا ڪروڌ روپ آهي يعني شراب ڀيڙڻ سان جيوَ ڪروڌ ۾ اچي ٿو ۽ شيشي جنهن مان شراب ڀيڙبجي ٿو، سا موهہ روپ آهي ۽ پياريندڙ اهنڪار آهي؛ مطلب تہ شراب ڀيڙڻ ڪري سڀ وڪار جيوَ کي لڳن ٿا. جنهن مجلس ۾ اهو شراب ورتائبجي ٿو، اُها ڪوڙن لالچي پرشن جي مجلس آهي. اُهي شراب پي پي خراب خوار ٿين ٿا. شرابي هڪ ٻئي سان سچا ڪڏهين نہ ٿا ٿين. اُهي لالچ جي ڪري هڪ ٻئي سان سنگت رکن ٿا ۽ سندن ڀڄاڙي سُرهي نہ ٿي ٿئي، ڇو جو اُهي شراب پي مست ٿي هڪ ٻئي سان وڙهن ٿا ۽ سندن حال بلڪل ڀڄڙو ٿئي ٿو. [ڪل = ڪاهہ واري. ڪلوالي = مٽڪي يا مٽ جنهن ۾ شراب هوندو آهي. مد = شراب. ٻري = شيشي، سُراهي.]

ڪرڻي لاهڻ سَتُ گُڙُ، سچُ سَرا ڪرِ سارُ
گُڻَ مَنڍي ڪرِ سيلَ گهيُ، سرمُ ماسُ آهارُ
گورمکِ پائيئي نانڪا، کاڌي جاهِ بِڪارَ

ارٿ:- (هاڻي گورو صاحب سچي شراب جو ورنن ڪن ٿا.) مردانا! سچو شراب شُڀ ڪرڻي روپي مصالحہ مان نڪري ٿو. اُن ۾

ارٿ :- پريو پاڻ ئي جوڳي آهي، پاڻ ئي ڀوڳي آهي ۽ پاڻ ئي سنياسي ٿي بيابانن ۾ ڦري ٿو. پاڻ سان سِڌن ٿي گيان گوشٽ ڪري ٿو ۽ پاڻ ئي گورو ٿي اُپديش ڪري ٿو. پاڻ ئي سندر سروپ وارو ۽ سياڻو آهي. پريو پاڻ ئي اسچرج ڪري پاڻ ڏسي ٿو ۽ پاڻ ئي سڀني جيون جو جاڻندڙ آهي. [بياڻي = بيابان.]

॥ ਸਲੋਕੁ ਮਃ ੩ ॥ ਏਹਾ ਸੰਧਿਆ ਪਰਵਾਣੁ ਹੈ ਜਿਤੁ ਹਰਿ ਪ੍ਰਭੁ ਮੇਰਾ ਚਿਤਿ ਆਵੈ ॥ ਹਰਿ ਸਿਉ ਪ੍ਰੀਤਿ ਊਪਜੈ ਮਾਇਆ ਮੋਹੁ ਜਲਾਵੈ ॥ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦੀ ਦੁਬਿਧਾ ਮਰੈ ਮਨੂਆ ਅਸਥਿਰੁ ਸੰਧਿਆ ਕਰੇ ਵੀਚਾਰੁ ॥ ਨਾਨਕ ਸੰਧਿਆ ਕਰੈ ਮਨਮੁਖੀ ਜੀਉ ਨ ਟਿਕੈ ਮਰਿ ਜੰਮੈ ਹੋਇ ਖੁਆਰੁ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੩ ॥ ਪ੍ਰਿਉ ਪ੍ਰਿਉ ਕਰਤੀ ਸਭੁ ਜਗੁ ਫਿਰੀ ਮੇਰੀ ਪਿਆਸ ਨ ਜਾਇ ॥ ਨਾਨਕ ਸਤਿਗੁਰ ਮਿਲਿਐ ਮੇਰੀ ਪਿਆਸ ਗਈ ਪਿਰੁ ਪਾਇਆ ਘਰਿ ਆਇ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਆਪੇ ਤੰਤੁ ਪਰਮਤੰਤੁ ਸਭੁ ਆਪੇ ਆਪੇ ਠਾਕੁਰੁ ਦਾਸੁ ਭਇਆ ॥ ਆਪੇ ਦਸ ਅਠ ਵਰਨ ਉਪਾਇਅਨੁ ਆਪਿ ਬ੍ਰਹਮੁ ਆਪਿ ਰਾਜੁ ਲਇਆ ॥ ਆਪੇ ਮਾਰੇ ਆਪੇ ਛੋਡੈ ਆਪੇ ਬਖਸੇ ਕਰੇ ਦਇਆ ॥ ਆਪਿ ਅਭੁਲੁ ਨ ਭੁਲੈ ਕਬਹੀ ਸਭੁ ਸਚੁ ਤਪਾਵਸੁ ਸਚੁ ਥਿਆ ॥ ਆਪੇ ਜਿਨਾ ਬੁਝਾਏ ਗੁਰਮੁਖਿ ਤਿਨ ਅੰਦਰਹੁ ਦੂਜਾ ਭਰਮੁ ਗਇਆ ॥ ੧੩ ॥

(١) سلوڪ محلا ٽيجا

اُٿانڪا :- هيءُ سلوڪ ڪنهن پاکنڊي برهمڻ کي چيل آهي.

(١) ايها سندِيا پروانڻ هيءِ، جِتُ هرِ پربُ ميرا چِتُ آويءِ

هرِ سِئُ پريتِ اُپجيءِ، مائيا موهُ جلاويءِ

ارٿ :- هي ڀائي! سنڌيا اُها قبول پيل آهي، جنهن جي ڪرڻ سان منهنجو هري پريو چت اچي، هري سان پريت پيدا ٿئي ۽ مايا جو موهه جلي وڃي. [پرواڻ = قبول پيل.]

(٣) مردانا پهلا

ڪايا لاهڻ آپ مڌ، انمرت تس ڪي ڌار
ست سنگت سڻ ميلاپ هوء،

اوَ ڪتوري انمرت پيري، پي پي ڪٽهہ بڪار.

ارٿ :- (سنتن جو شراب.) مردانا! سنت ڪايا روپي مٽ ۾ سُڪرمن روپي مصالحہ مان ٻاڻ سڃاڻڻ روپي شراب ڪڍن ٿا انهيءَ مان امرت روپي ڌار نڪري ٿي. اُنهن جو ست سنگ سان ميلاپ ٿئي ٿو. اُهي پريم روپي ڪٽوريءَ ۾ امرت روپي ڀاڻيءَ مان نام روپي شراب پيئن ٿا، جنهن ڪري اُنهنجا وڪار ناس ٿي وڃن ٿا. [آپ = شڌ انڪار، ٻاڻ سڃاڻڻ. لو = پريم، پريت.]

پؤڙي (١٢)

سرگڻ اوستا

آپي سرنرگڻ گنڌربا، آپي کٽ درسن ڪي ٻاڻي
آپي شو شنڪر مهيشا، آپي گورمکہ اڪٿ ڪهاڻي

ارٿ :- پريو ٻاڻ ئي ديوتائن، انسانن، شومهراج جي گڻن ۽ سُرگہ لوڪ جي ڳائيندڙن جو روپ آهي. پريو ٻاڻ ئي ڇهن شاسترن جي واڻي ۾ سمايل آهي. پريو ٻاڻ ئي شو شنڪر ۽ مهيش جو روپ آهي ۽ ٻاڻ ئي گورمکہ ٿي اڪٿ جي ڪهاڻي ڪٿي ٿو. [گنڌربا = سرگہ لوڪ جا ڳائيندڙ. کٽ درسن = ڇهہ شاستر.]

آپي جوگي آپي پوگي، آپي سنياسي ڦري ٻباڻي
آپئ نال گوشٽ آپ اُپديشئ،
آپي سُگهڙ سروپ سياڻي
آپڻا چوج ڪرِ ويکئ آپي،
آپي سڀنا جيئا ڪا هئ جاڻي.

آپي ماري آپئِ ڇوڙئِ، آپي بخشي ڪري دئِيا

آپ اَڀُلُ نہ ڀُليئِ ڪبهي، سڀ سچُ تهاوس سچہ نِيا

آپي جِنا ٻجهائي گورمکہ، تِن اَندَرهُ دوُجا ڀرم گئِيا.

ارٿ:- پاڻ ماري ٿو، پاڻ ڇڏي ٿو ۽ پاڻ ئي دیا ڪري بخشي ٿو. هو پاڻ اڀل آهي ۽ ڪڏهين نٿو ڀُلي. سندس جاچ يا نياءُ سچو آهي ۽ هو سچ ۽ اسٿت آهي. جنکي گورن دئارا پاڻ سان ملڻ جو مارگ ٻڌائي ٿو، تنجي اندر مان دئيت ڀاو ۽ ڀرم نڪري وڃي ٿو.

॥ ਸਲੋਕੁ ਮਃ ੫ ॥ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਨ ਸਿਮਰਹਿ ਸਾਧ ਸੰਗਿ ਤੈ ਤਨਿ ਉਡੈ ਖੇਹ ॥ ਜਿਨਿ ਕੀਤੀ ਤਿਸੈ ਨ ਜਾਣਈ ਨਾਨਕ ਫਿਟ ਅਲੂਣੀ ਦੇਹ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੫ ॥ ਘਟਿ ਵਸਹਿ ਚਰਣਾਰਬਿੰਦ ਰਸਨਾ ਜਪੈ ਗੁਪਾਲ ॥ ਨਾਨਕ ਸੋ ਪ੍ਰਭੁ ਸਿਮਰੀਐ ਤਿਸੁ ਦੇਹੀ ਕਉ ਪਾਲਿ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਆਪੇ ਅਠਸਠਿ ਤੀਰਥ ਕਰਤਾ ਆਪਿ ਕਰੇ ਇਸਨਾਨੁ ॥ ਆਪੇ ਸੰਜਮਿ ਵਰਤੈ ਸ੍ਵਾਮੀ ਆਪਿ ਜਪਾਇਹਿ ਨਾਮੁ ॥ ਆਪਿ ਦਇਆਲੁ ਹੋਇ ਭਉਖੰਡਨੁ ਆਪਿ ਕਰੈ ਸਭੁ ਦਾਨੁ ॥ ਜਿਸਨੋ ਗੁਰਮੁਖਿ ਆਪਿ ਬੁਝਾਏ ਸੋ ਸਦਹੀ ਦਰਗਹਿ ਪਾਏ ਮਾਨੁ ॥ ਜਿਸਦੀ ਪੈਜ ਰਖਹਿ ਹਰਿ ਸੁਆਮੀ ਸੋ ਸਚਾ ਹਰਿ ਜਾਨੁ ॥ ੧੪ ॥

(۱) سلوڪ محلا پنجوان

ڪهڙي ديهہ ڦِٽڪار جي لائق آهي؟

هرِ نامُ نہ سِمرهہ ساڌ سنگہ، تيئِ تن اُڏيئِ کيهہ

جِن ڪيتي تسيئِ نہ جاڻئي، نانڪ ڦِٽ اَلُوڻي ديهہ

ارٿ:- جي ساڌن جي سنگہ ۾ هريءَ جو نام نٿا سمرين، تن جي سرير مان پاڻ روهي ڌوڙ اُڏامي ٿي. جنهن پرماتما کين پيدا

گورپرسادي ڍُنڍا مري،

منمُکا آسترسنڌيا کري وِيچارُ

نانڪ سنڌيا کريٖ منمکي جيئُ نه ٽکيٖ،

مر جنمي هوءِ خُوارُ.

ارٿ:- گوروءَ جي ديا سان ڏهمت ڀاو ناس ڪجي ۽ من اسٿر ڪري ست ۽ است جو ويچار ڪجي، اها سنڌيا قبول پيل آهي. گورو صاحب فرمائين ٿا ته جي منمک جيو سنڌيا ڪن ٿا، تنهجو من اسٿر نٿو ٿئي ۽ اهي مري وري جمن ٿا ۽ خراب خوار ٿين ٿا.

(۲) محلا تيجا

گهر ۾ ئي واهگورو ملي سگهي ٿو

(۲) پرِيه پريه ڪرتي سڀ جگ ڦري، ميري پياس نه جاءِ

نانڪ ستگور ملئيٖ ميري پياس گئي، پر پائيا گهر آءِ.

ارٿ:- مان پريتم پريتم ڪندو سڄو جگ ڦريس، پر منهنجي پياس نه ويئي. گورو صاحب فرمائين ٿا ته ستگوروءَ سان ملڻ ڪري منهنجي پياس ويئي ۽ مون پنهنجي گهر ۾ ئي پرين پرماتما پاتو.

پؤڙي (۱۳)

سرگڻ او سنا

آپي تنت پرم تنت سڀ آپي، آپي ٺاڪُر داسُ ڀئيا

آپي دس اٺ ورن اُپائينُ، آپ برهمُ آپ راج لَئيا

ارٿ:- پاڻ ئي پرڀو (تنت) يعني جيو روپ آهي ۽ پاڻ ئي (پرم تنت) يعني ايشور آهي. پاڻ ئي ٺاڪر آهي ۽ پاڻ ئي داس ٿئي ٿو. پاڻ ئي ارڙهان پراڻ ۽ چار ورن اُپايا اٿس ۽ پاڻ ئي نرگڻ برهم سروپ آهي ۽ پاڻ ئي سرگڻ روپ ۾ پرڪاش ٿئي ٿو. [تنت = واجو. راج لئيا = پرڪاش ٿئي ٿو.]

॥ ਸਲੋਕੁ ਮਃ ੩ ॥ ਨਾਨਕ ਬਿਨੁ ਸਤਿਗੁਰ ਭੇਟੇ ਜਗੁ ਅੰਧੁ ਹੈ ਅੰਧੇ ਕਰਮ ਕਮਾਇ ॥ ਸਬਦੈ ਸਿਉ ਚਿਤੁ ਨ ਲਾਵਈ ਜਿਤੁ ਸੁਖੁ ਵਸੈ ਮਨਿ ਆਇ ॥ ਤਾਮਸਿ ਲਗਾ ਸਦਾ ਫਿਰੈ ਅਹਿਨਿਸਿ ਜਲਤੁ ਬਿਹਾਇ ॥ ਜੋ ਤਿਸੁ ਭਾਵੈ ਸੋ ਥੀਐ ਕਹਣਾ ਕਿਛੂ ਨ ਜਾਇ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੩ ॥ ਸਤਿਗੁਰੂ ਫੁਰਮਾਇਆ ਕਾਰੀ ਏਹ ਕਰੇਹੁ ॥ ਗੁਰੂ ਦੁਆਰੈ ਹੋਇਕੈ ਸਾਹਿਬੁ ਸੰਮਾਲੇਹੁ ॥ ਸਾਹਿਬੁ ਸਦਾ ਹਜੂਰਿ ਹੈ ਭਰਮੈ ਕੇ ਛਉੜ ਕਟਿਕੈ ਅੰਤਰਿ ਜੋਤਿ ਧਰੇਹੁ ॥ ਹਰਿ ਕਾ ਨਾਮੁ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਹੈ ਦਾਰੂ ਏਹੁ ਲਾਏਹੁ ॥ ਸਤਿਗੁਰ ਕਾ ਭਾਣਾ ਚਿਤਿ ਰਖਹੁ ਸੰਜਮੁ ਸਚਾ ਨੇਹੁ ॥ ਨਾਨਕ ਐਥੇ ਸੁਖੈ ਅੰਦਰਿ ਰਖਸੀ ਅਗੈ ਹਰਿ ਸਿਉ ਕੇਲ ਕਰੇਹੁ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਆਪੇ ਭਾਰ ਅਠਾਰਹ ਬਣਸਪਤਿ ਆਪੇਹੀ ਫਲ ਲਾਏ ॥ ਆਪੇ ਮਾਲੀ ਆਪਿ ਸਭੁ ਸਿੰਚੈ ਆਪੇਹੀ ਮੁਹਿ ਪਾਏ ॥ ਆਪੇ ਕਰਤਾ ਆਪੇ ਭੁਗਤਾ ਆਪੇ ਦੇਇ ਦਿਵਾਏ ॥ ਆਪੇ ਸਾਹਿਬੁ ਆਪੇ ਹੈ ਰਾਖਾ ਆਪੇ ਰਹਿਆ ਸਮਾਏ ॥ ਜਨੁ ਨਾਨਕ ਵਡਿਆਈ ਆਖੈ ਹਰਿ ਕਰਤੇ ਕੀ ਜਿਸਨੋ ਤਿਲੁ ਨ ਤਮਾਏ ॥ ੧੫ ॥

(۱) سلوڪ محلا ٽيجا

ستگوروءَ کانسواءِ هي جڳت انڌو آهي

نَانَڪ بِنُ سَتِ گُور ڀيٽي جَگُ انڌُ هِيءِ،

انڌي ڪَرَمَ ڪماءِ

شَبدئي سَنُ چِتُ نَ لاوَئي، جِتُ سُکُ وَسِئي مَنِ آءِ

ارٿ:- گورو صاحب فرمائين ٿا تہ ستگوروءَ جي ملڻ کانسواءِ هي جڳت انڌو آهي؛ جيڪو انڌا يعني اگيانتا جا ڪرم ڪن ٿا. تنهنڪري چت شبد يعني برهم سان نٿو لڳي، جنهنڪري من ۾ سک اچي وسي.

ڪيو آهي، تنهنکي نٿا چاهن. سري گورو ارجن ديو جن فرمائين ٿا تہ اهڙي بہ گهٽي ديهہ ڦٽڪار جي لائق آهي.

(٢) محلا پنجوان

ڪهڙي ديهہ پالڻ جي لائق آهي؟

کهتِ وَسهِ چرڻاربند، رسنا جپئي گپال
نانڪ سو پربُ سمريئي، تِسُ ديهي ڪئُ پال.

ارٿ:- گورو صاحب فرمائين ٿا تہ، جنهنجي انتهڪرڻ ۾ واهگوروءَ جا ڪنول روپي چرن وسن ٿا ۽ جنهنجي رسنا گوپال جو نام جپي ٿي، تنهنجي ديهي پالڻ جي لائق آهي. [چرڻاربند = چرڻ = پير ۽ اربند = ڪنول يعني ڪنول روپي چرن.]

پؤڙي (١٤)

سرگڻ اوستا

آپي آتِ ستِ تيرتُ ڪرتا، آپ ڪري اشنانُ
آپي سنجمِ ورتئي سوامي، آپ جپائهِ نامُ
آپ دئيالُ هوءِ ڀؤ کنڊنُ، آپ ڪرئي سڀُ دانُ

ارٿ:- پاڻ پربهو انهت تيرٿ ڪندڙ آهي ۽ پاڻ پربهو اشنان ڪري ٿو. پاڻ سوامي سادنائن روپي سنجم ۾ ورتي رهيو آهي ۽ پاڻ ئي نام جپائي ٿو. پاڻ پربهو ديال ٿي ڀؤ ناس ڪري ٿو ۽ پاڻ سڀ دان ڪري ٿو.

جسنو گورمکہ آپ بجهائي، سو سدهي درگهہ پائي مانُ
جسدي پئج رکهہ هر سوامي، سو سچا هر جانُ.

ارٿ:- جنهنکي پربهو پاڻ ستگورن دوارا سمجهائي ٿو، سو سديو درگاهہ ۾ مان پائي ٿو. جنهنجي هري سوامي پئج رکي ٿو، تنهنکي هر پرڪار اهين سچو سمجهو يا سو سچي هريءَ کي ڄاڻي ٿو.

ارٿ :- ستگوروءَ جو ڀاڻو يعني حڪم جت ۾ رکو ۽ سچو پريم روپي سنجم ڪريو. گورو صاحب فرمائين ٿا ته اهڙيطرح پريو توهانکي هن لوڪ ۾ سکي رکندو ۽ پرلوڪ ۾ توهين پرماتما سان مزا ماڻيندا. [ڀاڻا = حڪم. سنجم = اندرين کي روڪڻ. ائٿي = هن لوڪ ۾. آگي = پرلوڪ ۾. ڪيل = مزا.]

پؤڙي (١٥)

سرگڻ اوستا

آپي پار آڌارهہ بَڻسپت، آپي هي ڦَل لائي

آپي مالي آپ سُڀ سِنچيءِ، آپي هِي مُهِ پائي

ارٿ :- پريو پاڻ ونسپتيءَ جا ارڙهان ڀار آهي ۽ پاڻ ئِي ڦل روپ آهي. پاڻ ئِي مالهِي آهي، پاڻ ئي (وڻن کي) پاڻي ڏئي ٿو ۽ پاڻ ئي اُنهن ڦلن کي منهن ۾ وجهي ٿو يعني کائي ٿو. [سنچيِ = پاڻي ڏئي ٿو.]

آپي ڪَرتا آپي ڀُگتا، آپي دي دِوائي

آپي صاحِبُ آپي هيءُ راکا، آپي رهيا سمائي

جَنُ نانڪ وَڏِيائي آکيءِ هرِ ڪَرتي ڪي،

جِسنو تِلُ نه طَمائي.

ارٿ :- پريو پاڻ ڪري ٿو، پاڻ ماڻي ٿو ۽ پاڻ ئي ڏئي ۽ ڏياري ٿو. پاڻ ئي پريو صاحب آهي، پاڻ ئِي راکو آهي ۽ پاڻ ئي سمائجي رهيو آهي. گورو صاحب فرمائين ٿا ته مان داس هري ڪرتار جي وڏائي چوان ٿو، جنهنکي تر به طمع نه آهي. [طمائي = طمع.]

تامسِ لڳا سدا ڦِريۓ، اَهنِس جَلَتُ ڀاءِ
جو تِسُ ڀاوۓ سو ٿِيۓي، ڪَهِڻا ڪِڇُوُ نہ جاءِ.

ارٿ:- اُهي ڪروڌ کي لڳي سدا ڦِرن ٿا ۽ ڏينهن رات اُنهن جو ترشنا ۾ جلندو گذري ٿو. جيڪي ڀرڀوءَ کي وڻي ٿو، سوئي ٿئي ٿو. ڀيو ڪي چئي نہ ٿو سگهجي. [تامس = ڪروڌ. اهنس = ڏينهن رات.]

(٢) محلا ٽيجا

سَتگورن جو فُرمان

سَتِ گورُو فُرمائِيا، ڪاري ايهہ ڪَريهُ
گورُو دُئاري هوئڪيۓ، صاحِبُ سنماليهُ

ارٿ:- ستگورن فرمايو آهي تہ هِي ڪم ڪريو. گوردئاري يعني ساڌ سنگت ۾ وڃي صاحب کي ياد ڪريو. [ڪاري = ڪم. سنماليهُ = ياد ڪريو.]

صاحِبُ سَدا حضُوِر هيۓ،
ڀرميۓ ڪي ڇُڙَ ڪَٽِڪيۓ آنترِ جوتِ ڌَريهُ
هَرِ ڪا نامُ آنمرتُ هيۓ، دارُوُ ايهہ لائيهُ

ارٿ:- صاحب سدا حاضران حضور آهي، اهو جاڻي ڀرم جو پردو ڪٽي اندر ۾ جوت ڌريو. جو هريءَ جو نام امرت آهي، سو دوا ڪري لايو.

سَتِ گورَ ڪا ڀاڻا چِتِ رَکهُ، سَنجمُ سَچا نيهہُ
نانڪ آئيي سُکيۓ آندرِ رَکسي،
آگيۓ هَرِ سيُہ ڪيلَ ڪَريهُ

نانڪ ندري سچُ مَدُ پائيئي، سَتِگورُ مِلئي جِسُ آءِ

سدا صاحب ڪئي رنگِ رهئي، محلي پاوي ٿاءِ.

ارٿ:- مائهو شراب جا گلاس ڀري ڪڻي اچن ٿا ۽ آڻي پنهنجن سنگتين کي پيئڻ لاءِ ڏين ٿا. شراب پيئڻ سان اُنهنجي مت ماري وڃي ٿي ۽ هو بڪواد ڪن ٿا. هنن کي پنهنجي پرائي جي ساڃهه ڪانہ ٿي پوي ۽ (مٿي ڪانڀوءِ) ڏٺيءِ وٽ ڏڪا کائين ٿا. شراب پيئڻ ڪري پرماتما وسري وڃي ٿو ۽ درگاهه ۾ سزا ملي ٿي. سري گورو امرديو جن فرمائين ٿا تہ ڀائي! ڪي ٻہ ٿي پوي، تہ اهو گندو شراب ڪڏهين نہ ورتايو. صاحب فرمائين ٿا تہ پرماتما جي ڪرپا سان سچو شراب اُنهيءَ کي حاصل ٿئي ٿو، جنهنکي ستگورو اچي ملي ٿو. هو پوءِ سديو صاحب جي پريم ۾ رهي ٿو ۽ سروپ ۾ ٿانءُ پائي ٿو. [ٻرل = وشين رربي زهر، بڪواد. جي ڪا پاروساءِ = جيڪو وس هلي سگهيئي.]

(٢) محلا ٽيجا

پريوءَ جي ديا سان ستگورو ملي ٿو

اِهُ جَڳَتُ جيوَتُ مريُ، جا اِسنو سوجهي هوءِ

جا تِن سوالئا تا سوِ رهِئا، جڳائي تا سُڌ هوءِ

ارٿ:- جڏهين هيءُ پرش سنسار ۾ جيئريئي پاڻکي ماري ڇڏي ٿو، تڏهين هنکي سوجهي پوي ٿي. جيسين هن جيو کي اگيان جي ننڊ ۾ سمهاريو اٿس، تيسين هو سمهي ٿو، پر جڏهين (گورو روپ ٿي) هنکي جاڳائي ٿو، تڏهين هنکي سُڌ پوي ٿي.

نانڪ ندرِ ڪري جي آپڻي، ستگورُ ميلئي سوءِ

گورپرسادِ جيوَتُ مريُ، تا ڦِرِ مرڻُ نہ هوءِ.

॥ ਸਲੋਕ ਮਃ ੩ ॥ ਮਾਣਸੁ ਭਰਿਆ ਆਣਿਆ ਮਾਣਸੁ ਭਰਿਆ ਆਇ ॥ ਜਿਤੁ ਪੀਤੈ ਮਤਿ ਦੂਰਿ ਹੋਇ ਬਰਲੁ ਪਵੈ ਵਿਚਿ ਆਇ ॥ ਆਪਣਾ ਪਰਾਇਆ ਨ ਪਛਾਣਈ ਖਸਮਹੁ ਧਕੇ ਖਾਇ ॥ ਜਿਤੁ ਪੀਤੈ ਖਸਮੁ ਵਿਸਰੈ ਦਰਗਹ ਮਿਲੈ ਸਜਾਇ ॥ ਝੂਠਾ ਮਦੁ ਮੂਲਿ ਨ ਪੀਚਈ ਜੇ ਕਾ ਪਾਰਿ ਵਸਾਇ ॥ ਨਾਨਕ ਨਦਰੀ ਸਚੁ ਮਦੁ ਪਾਈਐ ਸਤਿਗੁਰੁ ਮਿਲੈ ਜਿਸੁ ਆਇ ॥ ਸਦਾ ਸਾਹਿਬ ਕੈ ਰੰਗਿ ਰਹੈ ਮਹਲੀ ਪਾਵੈ ਥਾਉ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੩ ॥ ਇਹੁ ਜਗਤੁ ਜੀਵਤੁ ਮਰੈ ਜਾ ਇਸ ਨੋ ਸੋਝੀ ਹੋਇ ॥ ਜਾ ਤਿਨਿ ਸਵਾਲਿਆ ਤਾਂ ਸਵਿ ਰਹਿਆ ਜਗਾਏ ਤਾਂ ਸਧਿ ਹੋਇ ॥ ਨਾਨਕ ਨਦਰਿ ਕਰੇ ਜੇ ਆਪਣੀ ਸਤਿਗੁਰੁ ਮੇਲੈ ਸੋਇ ॥ ਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ਜੀਵਤੁ ਮਰੈ ਤਾਂ ਫਿਰਿ ਮਰਣੁ ਨ ਹੋਇ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਜਿਸਦਾ ਕੀਤਾ ਸਭੁ ਕਿਛੁ ਹੋਵੈ ਤਿਸਨੋ ਪਰਵਾਹ ਨਾਹੀ ਕਿਸੈ ਕੇਰੀ ॥ ਹਰਿ ਜੀਉ ਤੇਰਾ ਦਿਤਾ ਸਭੁਕੋ ਖਾਵੈ ਸਭ ਮੁਹਤਾਜੀ ਕਢੈ ਤੇਰੀ ॥ ਜਿ ਤੁਧਨੋ ਸਾਲਾਹੇ ਸੁ ਸਭੁ ਕਿਛੁ ਪਾਵੈ ਜਿਸਨੋ ਕਿਰਪਾ ਨਿਰੰਜਨ ਕੇਰੀ ॥ ਸੋਈ ਸਾਹੁ ਸਚਾ ਵਣਜਾਰਾ ਜਿਨਿ ਵਖਰ ਲਦਿਆ ਹਰਿ ਨਾਮੁ ਧਨੁ ਤੇਰੀ ॥ ਸਭਿ ਤਿਸੈ ਨੋ ਸਾਲਾਹਿਹੁ ਸੰਤਹੁ ਜਿਨਿ ਦੂਜੇ ਭਾਵ ਕੀ ਮਾਰਿ ਵਿਡਾਰੀ ਢੇਰੀ ॥ ੧੬ ॥

(ا) سلوک محلا تیجا

شراب بابت

ماݨس بھریا آݨیا، ماݨس بھریا آء

جِت پیتے مت دور ہوء، برل پوے وِچ آء

آپݨا پرائیا نہ پچھاݨئی، خصمہُ دھکے کھاء

جِت پیتی خصم وِسرے، درگہِ ملے سزاء

جھوٹا مد مول نہ پیچئی، جے کا پارِ وساء

॥ ਸਲੋਕ ॥ ਕਬੀਰਾ ਮਰਤਾ ਮਰਤਾ ਜਗੁ ਮੁਆ ਮਰਿ ਭਿ ਨ ਜਾਨੈ ਕੋਇ ॥ ਐਸੀ ਮਰਨੀ ਜੋ ਮਰੈ ਬਹੁਰਿ ਨ ਮਰਨਾ ਹੋਇ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੩ ॥ ਕਿਆ ਜਾਣਾ ਕਿਵ ਮਰਹਗੇ ਕੈਸਾ ਮਰਣਾ ਹੋਇ ॥ ਜੇਕਰਿ ਸਾਹਿਬੁ ਮਨਹੁ ਨ ਵੀਸਰੈ ਤਾ ਸਹਲਾ ਮਰਣਾ ਹੋਇ ॥ ਮਰਣੈ ਤੇ ਜਗਤੁ ਡਰੈ ਜੀਵਿਆ ਲੋੜੈ ਸਭੁਕੋਇ ॥ ਗੁਰਪਰਸਾਦੀ ਜੀਵਤੁ ਮਰੈ ਹੁਕਮੈ ਬੂਝੈ ਸੋਇ ॥ ਨਾਨਕ ਐਸੀ ਮਰਨੀ ਜੋ ਮਰੈ ਤਾ ਸਦ ਜੀਵਣੁ ਹੋਇ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਜਾ ਆਪਿ ਕ੍ਰਿਪਾਲ ਹੋਵੈ ਹਰਿ ਸੁਆਮੀ ਤਾ ਆਪਣਾਂ ਨਾਉ ਹਰਿ ਆਪਿ ਜਪਾਵੈ ॥ ਆਪੇ ਸਤਿਗੁਰੁ ਮੇਲਿ ਸੁਖੁ ਦੇਵੈ ਆਪਣਾਂ ਸੇਵਕੁ ਆਪਿ ਹਰਿ ਭਾਵੈ ॥ ਆਪਣਿਆ ਸੇਵਕਾ ਕੀ ਆਪਿ ਪੈਜ ਰਖੈ ਆਪਣਿਆ ਭਗਤਾ ਕੀ ਪੈਰੀ ਪਾਵੈ ॥ ਧਰਮਰਾਇ ਹੈ ਹਰਿ ਕਾ ਕੀਆ ਹਰਿ ਜਨ ਸੇਵਕ ਨੇੜਿ ਨ ਆਵੈ ॥ ਜੋ ਹਰਿ ਕਾ ਪਿਆਰਾ ਸੋ ਸਭਨਾ ਕਾ ਪਿਆਰਾ ਹੋਰ ਕੇਤੀ ਝਖਿ ਝਖਿ ਆਵੈ ਜਾਵੈ ॥ ੧੭ ॥

(١) سلوڪ سري ڪبير جي
سچو مرڻ ڪهڙو آهي؟

ڪبير مرتا مرتا جگ موُئا، مرِ ڀِي نه جاڻئي ڪوءِ

ائسي مرني جو مرئي، ڦهرِ نه مرنا هوءِ.

ارٿ:- سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا ته مري مري ته سڄو جڳت ويو، پر ڪنهن به (سچي نموني) مري ڪين ڄاتو. يعني ڪنهن به پاڻکي جيئري ئي ماري نه ڇڏيو. مطلب ته ڪنهن به پنهنجو اهنڪار دور نه ڪيو. انهيءَطرح جيڪو مري ٿو، مطلب ته جيڪو پاڻکي جيئري ئي ماري ڇڏي ٿو، سو موٽي نٿو مري يعني اهو جنم مرڻ جي چڪر ۾ نٿو اچي.

نوٽ:- هي ٻه سلوڪ سچي پاتشاه سري گورو ارجن ديو جن

ارٿ :- جڏهين هن جيو تي پربھو پنهنجي ديا درشٽي ڪري ٿو، تڏهين هنکي ستگوروءَ سان ملائي ٿو. گوروءَ جي ڪرپا سان جڏهين هيءُ جيو جيئريئي مري ٿو، تڏهين هنجو وري مرڻ نه ٿو ٿئي.

پئوڙي (١٦)

جِسدا ڪيتا سڀُ ڪِڇ هووئي،
تِسنو پرواهہ ناهي ڪِسئي ڪيري
هرِ جيئہ تيرا دِتا سڀُ ڪو کاوئي،
سڀ مُحتاجي ڪَڍئي تيري

ارٿ :- جنهنجو ڪيل سڀڪجهه ٿئي ٿو، تنهنکي ڪنهنجي پرواهہ ڪانهي. هي هري! تنهنجو ڏنل سڀڪو کائي ٿو. سڀ تنهنجي محتاجي ڪڍن ٿا.

جِہ تُڌنو سالاهي سُہ سڀ ڪِجهہ پاوئي،
جِسنو ڪِرپا نرنجن ڪيري
سوئي شاهہ سچا وڻجارا، جِن وَکرُ لَدِ ڏا هر نامُ ڌَنُ تيرِي
سڀِ تِسئي نو سالاهہُ سنتهُ،
جِن دُوجي ڀاوَ ڪي مار وِڏاري ڍيري.

ارٿ :- هي پربھو! جيڪي توکي ساراهين ٿا، تنکي سڀڪجهه حاصل ٿئي ٿو، مگر جن تي تو نرنجن پرماتما جي ڪرپا آهي، سي ئي تنهنجي ساراهہ ڪن ٿا. اُهوئي سچو سيٺ ۽ وڻجارو آهي، جنهن تنهنجي هري نام روپي ڌن جو وکر لڏيو آهي. هي سنتو! اوهين سڀيئي اُنهيءَ پرماتما کي ساراهيو، جنهن دئيت ڀاوَ جي ڍيري (اسانجي هردي مان) ماري ڍاهي ڇڏي آهي. [وڏاري = ڍاهي ڇڏي آهي.]

پؤڙي (١٧)

پرماتما پنهنجي ڀڳتن جي پڄ رکي ٿو

جا آپ ڪرپال هووئي هرِ سوامي،

تا آپڻا ناءُ هرِ آپ جپاوئي

آپي ستگور ميل سُکھ ديوئي،

آپڻا شيوڪ آپ هرِ ڀاوئي

ارٿ:- جڏهين هري سوامي پاڻ ڪرپال ٿئي ٿو، تڏهين هري پاڻ پنهنجو نام جپائي ٿو. هري پاڻ ئي ستگورو ملائي سُکھ ڏئي ٿو. هريءَ کي پنهنجو شيوڪ پاڻيهي پيارو لڳي ٿو.

آپڻِا شيوڪا ڪي آپ پڄ رکيئي،

آپڻا ڀڳتا ڪي پَيري پاوئي

ڌرمراءِ هئي هرِ ڪا ڪيئا، هرجن شيوڪ نيڙ نہ آوئي

جو هر ڪا پيارا سو سڀنا ڪا پيارا،

هور ڪيتي جهکِ جهکِ آوئي جاوئي.

ارٿ:- پنهنجن شيوڪن جي پاڻ پرماتما پڄ رکي ٿو، سڀني کي پنهنجن ڀڳتن جي پيرن تي ڀوائي ٿو. ڌرمراءِ هريءَ جو ڪيل يعني خلقيل آهي. اهو هريءَ جي شيوڪن جي ويجهو نٿو اچي (يعني اُنهن کان حساب نٿو وٺي.) جو مڙش هريءَ جو پيارو آهي، سو سڀني جو پيارو آهي؛ ٻيا ڪيترا ڀڪ ڀڪ ڪندا ٻيا آواگون ۾ ڀٽڪن. [جهکِ جهکِ = ڀڪ ڀڪ ڪندا.]

سري ڪبير صاحب جن جي سلوڪن ۾ نمبر (٢٩) ڏيئي سري گورو گرنٿ صاحب تي چاڙهيو آهي. مڙيئي سري ڪبير صاحب جن جا (٢٤٣) سلوڪ سري گورو گرنٿ صاحب تي چاڙهيا اٿن. هي سلوڪ هتي انهيءَ لاءِ ڏنو اٿن، جو جو "مرڻ" جي وشئ تي آهي؛ اُنجي پرسان سري گورو امرديو جن جو سلوڪ "مرڻ" بنسبت ڏنو اٿن.

(٢) محلا ٽيجا

سنهنجو مرڻ ڪنهنجو ٿئي ٿو؟

ڪِئا جاڻا ڪِوَ مرهگي، ڪئسا مرڻا هوءِ

جيڪَرِ صاحِبُ منهُ نه ويسريءِ، تا سهلا مرڻا هوءِ

ارٿ:- مرڻ ڪهڙيطرح ٿيندو، اُنجي خبر ڪيئن پوي؟ جيڪڏهين صاحب من مان نٿو وسري ته پوءِ مرڻ سولو ٿئي ٿو. [سهلا = سولو.]

مرڻي تي جگتُ ڏريءِ، جيوِئا لوڙيءِ سَبُ ڪوءِ

گور پرسادي جيوتُ مريءِ، حُڪميءِ بُجهيءِ سوءِ

نانڪَ ائسي مرني جو مريءِ، تا سَدَ جيوڻ هوءِ.

ارٿ:- هي سارو جهان مرڻ کان ڊڄي ٿو؛ سڀڪو جيئري رهڻ لاءِ خواهش ڪري ٿو. گوروءَ جي ڪرپا سان جيڪو جيئريئي مري ٿو يعني پنهنجو آپاڀاو دور ڪري ٿو، سوئي پرماتما جو حڪم سمجهي ٿو. سري گورو امرديو جن فرمائين ٿا ته اهڙيطرح جو منش جيئريئي مري ٿو، سوئي سدئو جيئرو رهي ٿو.

ارٿ:- هي سارو جڳت رام رام ڪندو پيو ڦري، مگر ائين رڳو چوڻ سان رام پاتو نه ٿو وڃي. اُهو پرماتما بي انت، اندرين جي پهچ کان پري، بلڪل وڏو ۽ تورڻ کان رهت آهي. هن جي قيمت ڪنهن به نه پاتي آهي ۽ ڪنهن به طرح هٿ ڪيو نه ٿو وڃي. [اگم = جنهن جي گم يا خبر نه پوي، بي انت. اگوچر = اندرين جي پهچ کان پري.]

گُر ڪي شبدِ ڀيدِئا، اِنَ ڀِدِ وِسِئا مَنِ آءِ
نانڪ آپِ اميئه هيءَ، گُر ڪِرپا تي رهِئا سماءِ
آپي مِلئِا مِل رهِئا، آپي مِلئِا آءِ.

ارٿ:- مگر گروءَ جي شبد ذريعان جاتو وڃي ٿو، پوءِ امرت ريت جڳياسوءَ جي من ۾ اچي وسي ٿو. سري گرو امرديو جن فرمائين ٿا ته پرڀو جيتوڻيڪ پاڻ ماپڻ کان پري آهي، مگر گروءَ جي ڪرپا سان ويجهڪ ٿي رهي ٿو. جو ستگرو پرڀوءَ سان مليو پيو آهي، تنهن سان جو سِکُ ملي رهي ٿو، تنهن کي پرڀو پاڻ اچي ملي ٿو.

(٢) محلا ٽيجا

نام ڌن جي مهما

اي مَنَ ايهُ ڌن نامُ هيءَ، جِتُ سدا سدا سُکُ هوءِ
ٽوٽا مُولِ نه آوئي، لاها سد هي هوءِ

ارٿ:- هي من! نام جو ڌن اهڙو آهي، جنهن مان سدا سکُ آهي. اُن مان نقصان ڪڏهين به نه ٿو ٿئي، سدائين فائدو ٿئي ٿو. [ٽوٽا = نقصان. لاها = فائدو.]

॥ ਸਲੋਕ ਮਃ ੩ ॥ ਰਾਮੁ ਰਾਮੁ ਕਰਤਾ ਸਭੁ ਜਗੁ ਫਿਰੈ ਰਾਮੁ ਨ ਪਾਇਆ ਜਾਇ ॥ ਅਗਮੋ ਅਗੋਚਰੁ ਅਤਿ ਵਡਾ ਅਤੁਲੁ ਨ ਤੁਲਿਆ ਜਾਇ ॥ ਕੀਮਤਿ ਕਿਨੈ ਨ ਪਾਈਆ ਕਿਤੈ ਨ ਲਇਆ ਜਾਇ ॥ ਗੁਰ ਕੈ ਸਬਦਿ ਭੇਦਿਆ ਇਨ ਬਿਧਿ ਵਸਿਆ ਮਨਿ ਆਇ ॥ ਨਾਨਕ ਆਪਿ ਅਮੇਉ ਹੈ ਗੁਰ ਕਿਰਪਾ ਤੇ ਰਹਿਆ ਸਮਾਇ ॥ ਆਪੇ ਮਿਲਿਆ ਮਿਲਿ ਰਹਿਆ ਆਪੇ ਮਿਲਿਆ ਆਇ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੩ ॥ ਏ ਮਨ ਇਹੁ ਧਨੁ ਨਾਮੁ ਹੈ ਜਿਤੁ ਸਦਾ ਸਦਾ ਸੁਖੁ ਹੋਇ ॥ ਤੋਟਾ ਮੂਲਿ ਨ ਅਵਈ ਲਾਹਾ ਸਦ ਹੀ ਹੋਇ ॥ ਖਾਧੈ ਖਰਚਿਐ ਤੋਟਿ ਨ ਆਵਈ ਸਦਾ ਸਦਾ ਓਹੁ ਦੇਇ ॥ ਸਹਸਾ ਮੂਲਿ ਨ ਹੋਵਈ ਹਾਣਤ ਕਦੇ ਨ ਹੋਇ ॥ ਨਾਨਕ ਗੁਰਮੁਖਿ ਪਾਈਐ ਜਾ ਕਉ ਨਦਰਿ ਕਰੇਇ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਆਪੇ ਸਭ ਘਟ ਅੰਦਰੇ ਆਪੇ ਹੀ ਬਾਹਰਿ ॥ ਆਪੇ ਗੁਪਤੁ ਵਰਤਦਾ ਅਪੇ ਹੀ ਜਾਹਰਿ ॥ ਜੁਗ ਛਤੀਹ ਗੁਬਾਰੁ ਕਰਿ ਵਰਤਿਆ ਸੁੰਨਾਹਰਿ ॥ ਓਥੈ ਵੇਦ ਪੁਰਾਨ ਨ ਸਾਸਤਾ ਆਪੇ ਹਰਿ ਨਰਹਰਿ ॥ ਬੈਠਾ ਤਾੜੀ ਲਾਇ ਆਪਿ ਸਭ ਦੂ ਹੀ ਬਾਹਰਿ ॥ ਆਪਣੀ ਮਿਤਿ ਆਪਿ ਜਾਣਦਾ ਆਪੇ ਹੀ ਗਉਹਰੁ ॥ ੧੮ ॥

(ا) سلوک محلا تیجا

گوروء دئاران ئی پرپوٗ ملي تو

رام رام کرتا سبھ جگ پھرئے ، رام نہ پائئا جاء

اگم اگوچر اتِ وڈا ، اتُل نہ تُلئا جاء

قیمتِ کنئے نہ پائئا ، کتئے نہ لئئا جاء

ارٿ :- اُتي ويد پران ۽ شاستر آهن ئي ڪونہ، اُتي هري جيون کي لئي ڪنڌڙ آهي. ڀاڻ ئي ڌاڙي لائي سُن ۾ وهي ٿو ۽ ڀاڻ ئي سيني ڪان ٻاهر آهي. ڀنهنجي مريادا ڀاڻ ئي جاڻي ٿو ۽ ڀاڻ ئي ٻوتي وانگر شُڌ آهي.

॥ ਸਲੋਕ ਮਃ ੩ ॥ ਹਉਮੈ ਵਿਚਿ ਜਗਤੁ ਮੁਆ ਮਰਦੋ ਮਰਦਾ ਜਾਇ ॥ ਜਿਚਰੁ ਵਿਚਿ ਦੰਮੁ ਹੈ ਤਿਚਰੁ ਨ ਚੇਤਈ ਕਿ ਕਰੈਗੁ ਅਗੈ ਜਾਇ ॥ ਗਿਆਨੀ ਹੋਇ ਸੁ ਚੇਤੰਨੁ ਹੋਇ ਅਗਿਆਨੀ ਅੰਧੁ ਕਮਾਇ ॥ ਨਾਨਕ ਏਥੈ ਕਮਾਵੈ ਸੋ ਮਿਲੈ ਅਗੈ ਪਾਏ ਜਾਇ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੩ ॥ ਧੁਰਿ ਖਸਮੈ ਕਾ ਹੁਕਮੁ ਪਇਆ ਵਿਣੁ ਸਤਿਗੁਰ ਚੇਤਿਆ ਨ ਜਾਇ ॥ ਸਤਿਗੁਰਿ ਮਿਲਿਐ ਅੰਤਰਿ ਰਵਿ ਰਹਿਆ ਸਦਾ ਰਹਿਆ ਲਿਵ ਲਾਇ ॥ ਦਮਿ ਦਮਿ ਸਦਾ ਸਮਾਲਦਾ ਦੰਮੁ ਨ ਬਿਰਥਾ ਜਾਇ ॥ ਜਨਮ ਮਰਨ ਕਾ ਭਉ ਗਇਆ ਜੀਵਨ ਪਦਵੀ ਪਾਇ ॥ ਨਾਨਕ ਇਹੁ ਮਰਤਬਾ ਤਿਸਨੋ ਦੇਇ ਜਿਸਨੋ ਕਿਰਪਾ ਕਰੇ ਰਜਾਇ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਆਪੇ ਦਾਂਨਾਂ ਬੀਨਿਆ ਆਪੇ ਪਰਧਾਨਾਂ ॥ ਆਪੇ ਰੂਪ ਦਿਖਾਲਦਾ ਆਪੇ ਲਾਇ ਧਿਆਨਾਂ ॥ ਆਪੇ ਮੋਨੀ ਵਰਤਦਾ ਆਪੇ ਕਥੈ ਗਿਆਨਾਂ ॥ ਕਉੜਾ ਕਿਸੈ ਨ ਲਗਈ ਸਭਨਾਹੀ ਭਾਨਾ ॥ ਉਸਤਤਿ ਬਰਨਿ ਨ ਸਕੀਐ ਸਦ ਸਦ ਕੁਰਬਾਨਾ ॥ ੧੯ ॥

(ا) سلوڪ محلا ٽيجا

ڪرمن جو حساب نبيڻ ڏجي ٿو

(١) هؤمئ وچ جگت مئا، مردو مردا جاءِ

جيچر وچ دم هئي، تيچر نہ چيتئي، ڪہ ڪريگہ اگئي جاءِ

ارٿ :- هي سارو جگت اهنڪار ۾ مري ٿو ۽ مرندو مرندو وڃي ٿو. جيسين سرير ۾ ساهہ آهي، تيسين تہ سنڀالي ٿو يعني پرماتما

کاڏي خرچيئي توٽ نہ آوئي، سدا سدا اوھ ديئہ
سھسا موُل نہ ھووئي، ھاڻت کدي نہ ھوءِ
نانڪ گورمکھ پائيئي، جا کئہ ندر کريئہ.

ارٿ:- اھو نام روپي ڌن کائڻ ۽ خرچڻ سان يعني جپڻ ۽ جپائڻ سان کڏھين کُٽي نٿو، ڇو جو سدائين اھو پرماتما ڏيندو رھي ٿو. اھڙي ڌن رکڻ سان نڪي کڏھين سنسو ٿئي ٿو ۽ نڪي کڏھين گھاٽو پوي ٿو. سري گورو امرديو جن فرمائين ٿا تہ گورن جي سکيا ڏوارا اھو نام روپي ڌن حاصل ڪجي ٿو، مگر جنھن تي پاڻ پرماتما ڪرپا درشٽي ڪري ٿو، سوئي اھو ڌن پراپت ڪري ٿو. [توٽ = ٻچاڙي. سھسا = سنسو. ھاڻت = گھاٽو.]

پؤڙي (١٨)

”نرگڻ آپ سرگڻ ڀي اوھي“

آپي سڀ گھٽ اندري، آپي ھي ٻاھرِ
آپي گپت ورتدا، آپي ھي ظاھرِ
جُگ ڇتيھہ غبارُ ڪر ورتيا سُناھر

ارٿ:- پرماتما سڀني گھٽن جي اندر آھي ۽ ٻاھر بہ پاڻ ئي آھي. پرماتما پاڻ ئي سوکم روپ يا نرگڻ روپ ۾ ورتي ٿو ۽ پاڻ ئي اسٿول روپ يا سرگڻ روپ ۾ ورتي ٿو. اُھو ڇٽيھن جُگن جي اونڌہ ۾ سُن روپ ۾ ورتيو ٿي.

اُتي ويد پراڻ نہ شاستا، آپي ھرِ نرھر
ٻيٺا ٿاڙي لاءِ، آپ سڀد وُھي ٻاھرِ
آپڻي مت آپ جاڻدا، آپھي گوُھر.

رهي ٿو ۽ هنجو هڪڙو سواس ٻه اجايو نٿو وڃي. هو جيون ٻڌ وي ڀائي ٿو ۽ هنجو جنم مرڻ جو خوف ميٽجي وڃي ٿو. صاحب فرمائين ٿا ته اِهو مرتبو اُنهيءَ پرش کي ملي ٿو، جنهن تي پرماتما پاڻ ڪرپا درشٽي ڪري ٿو.

پؤڙي (١٩)

پرماتما جي اُستت ڪٿڻ جي نه آهي

آپي دانا بينئا، آپي پرڌانان

آپي روپ دِکالدا، آپي لاءِ ڌيانان

ارٿ:- پرماتما پاڻ دانا، بينا ۽ پرڌان آهي. اُهو پاڻ پنهنجو روپ ڏيکاري ٿو ۽ وري ڌيان ۾ پاڻ لڳائي ٿو. [دانا = اندر جي سنڪلپن کي ڄاڻندڙ. بينا = اسانجي ڪرمن کي ڏسندڙ. پرڌانان = پرڌان، سريشٽ، مکيه.]

آپي موني وَرتدا، آپي ڪٿي گياڻان

ڪؤڙا ڪِسيءَ نه لڳئي، سڀنا هي ڀانا

اُستتِ برنِ نه سَڪيئي، سَد سَد قُربانا.

ارٿ:- پاڻ ئي مُن روپ ٿي ورتي ٿو ۽ وري پاڻ ئي گيان ڪٿي ٿو. اُهو پرماتما ڪنهن کي به ڪؤڙو نٿو لڳي، مگر سڀني کي وڻي ٿو. اُنجي اُستت جو ورنن ڪري نٿو سگهجي. سدئي اُن تان قربان وڃجي.

॥ ਸਲੋਕ ਮਃ ੧ ॥ ਕਲੀ ਅੰਦਰਿ ਨਾਨਕਾ ਜਿੰਨਾਂ ਦਾ ਅਉਤਾਰੁ ॥
ਪੁਤੁ ਜਿਨੂਰਾ ਧੀਅ ਜਿੰਨੂਰੀ ਜੋਰੂ ਜਿੰਨਾ ਦਾ ਸਿਕਦਾਰੁ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੧ ॥

جو ٻيچن لٿو ڪري ۽ ٻوءِ اڳتي وڃي جا ڪندو يعني پرلوڪ ۾ وڃي ڪهڙو حساب ڏيندو؟

گِياني هوءِ سُ چيتنُ هوءِ، اَگِياني انڌُ ڪِماءِ

ناڻَڪ ايٿئِ ڪماوئِ سو مِلئِ، اڳئِ پائي جاءِ

ارٿ:- جو پرش گيانوان آهي، سو خبردار ٿي هلي ٿو، مگر اگياني شخص انڌو ٿي هلي ٿو. سري گورو امرديو جن فرمائين ٿا ته جيڪي ڪرم هن جيو هن ڪان اڳ ڪيا آهن، تنهجو ڦل اُنکي هتي ملي ٿو، ۽ جيڪي ڪرم هتي ڪري ٿو، تنهجو ڦل کيس اڳتي يعني پرلوڪ ۾ پراپت ٿيندو.

(۲) محلا ٽيجا

ستگوروءَ کانسواءِ پرميشور ملڻ محال آهي

ڏرِ خصمئِ ڪا حڪُمَ پئيا، وِڻُ ستِگورَ چيتِيا نه جاءِ

سَتِگورِ مِلئِي انتَرِ رَهِيا، سدا رهيا لِوَ لاءِ

ارٿ:- اصل کان پرماتما جو اهو حڪم آهي ته ستگوروءَ کانسواءِ پرميشور سمريو نٿو وڃي. ستگوروءَ سان ملاپ ڪري اندر ۾ جو واهگورو رمي رهيو آهي، تنهن سان هي جيو سدا لِوَ لڳائي رهي ٿو.

دَمِ دَمِ سدا سَماليدا، دَمُ نه بِرٿا جاءِ

جنَم مرنَ ڪا ڀؤ گئيا، جيوَن پدَ وئي پاءِ

ناڻَڪ اهُ مرتبا تِسنو ديئي، جسنو ڪرِپا ڪري رضاءِ.

ارٿ:- ٻوءِ هو سديو سواس سواس واهگوروءَ کي ياد ڪندو

ڪن ٿا. [موولي = مول يا اصل روپ پرماتما. ڀولي = ٻال. اڪٽي = وشيش ڪري ڪٽل يا ناس ٿيل.]

نوٽ :- نارد سواميءَ جي ناالي سان "پنچ راتر" هڪ پستڪ آهي، جنهن ۾ ڪرم ڪانڊ ۽ بت پوڄا جون ڳالهيون لکيل آهن.

آنڌي گُنگي آنڌ آنڌارُ

پاٿُرلي پوُجهه مُگڌ گوار

اُوهِ جا آپِ ڏُبي، تُم ڪها ترڻ هارُ.

ارٿ :- اُهي اگياني شخص آهن ۽ اُهي نام نه جپڻ ڪري گونگا آهن. اُهي انڌا اگياني انڌوڪار ۾ رهن ٿا. اُهي مورک بي عقل پٿر ڪٺي اُنهنجي پوڄا ڪن ٿا. اُهي پاڻ ٻُڏا پيا آهن، سي ورتب توهان کي ڪيئن تاريندا؟

پؤڙي (٣٠)

پرماتما جي اُستت

سڀُ ڪِهه تيري وَس هي، توُن سَچا شاهُ

ڀڳت رَتي رَنگِ ايڪ ڪيِ، پوُرا وِيساهُ

ارٿ :- هي پرماتما! سڀڪجهه تنهنجي وس آهي. تون ئي سچو شاهه يا سيٺ آهين. ڀڳت پورو ويساهه رکي تو هڪ پرماتما جي رنگ ۾ رتا پيا آهن.

اَنمرتُ پوجنُ نامُ هرِ، رَجِ رَجِ جَنُ کاهُ

سڀِ پدارٿ پائيئن، سِمرڻُ سَچُ لاهُ

سنت پِياري پاربرهم، ناَنڪ هرِ آگم آگاهُ.

ارٿ :- اُهي ڀڳت هري نام روپي امرت پوڄن ڍؤ ڪري کائين ٿا. اُهي تنهنجو سمرڻ ڪري سڀ پدارٿ ۽ سچو فائدو

ਹਿੰਦੂ ਮੂਲੇ ਭੂਲੇ ਅਖੁਟੀ ਜਾਂਹੀ ॥ ਨਾਰਦਿ ਕਹਿਆ ਸਿ ਪੂਜ ਕਰਾਹੀ ॥ ਅੰਧੇ ਗੁੰਗੇ ਅੰਧ ਅੰਧਾਰੁ ॥ ਪਾਥਰੁ ਲੇ ਪੂਜਹਿ ਮੁਗਧ ਗਵਾਰ ॥ ਓਹਿ ਜਾ ਆਪਿ ਡੁਬੇ ਤੁਮ ਕਹਾ ਤਰਣਹਾਰੁ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਸਭੁ ਕਿਹੁ ਤੇਰੈ ਵਸਿ ਹੈ ਤੂ ਸਚਾ ਸਾਹੁ ॥ ਭਗਤ ਰਤੇ ਰੰਗਿ ਏਕ ਕੈ ਪੂਰਾ ਵੇਸਾਹੁ ॥ ਅੰਮ੍ਰਿਤੁ ਭੋਜਨੁ ਨਾਮੁ ਹਰਿ ਰਜਿ ਰਜਿ ਜਨ ਖਾਹੁ ॥ ਸਭਿ ਪਦਾਰਥ ਪਾਈਅਨਿ ਸਿਮਰਣੁ ਸਚੁ ਲਾਹੁ ॥ ਸੰਤ ਪਿਆਰੇ ਪਾਰਬ੍ਰਹਮ ਨਾਨਕ ਹਰਿ ਅਗਮ ਅਗਾਹੁ ॥ ੨੦ ॥

(١) سلوڪ محلا پهلا

ڪلجگ جي جيون جو حال

(١) ڪَلي اندرِ نانڪا جِنّان دا اوتار

پُتُ جِنورا ڌِيءَ جِنوري، جورو جِنا دا سِڪدارُ

ارٿ :- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ ڪلجگ جا جيو جنن ڀوتن جا اوتار آهن. اُنهن جا پٽ جِنرا آهن ۽ ڌيون جِنريون آهن ۽ سڀني استريون جنن جون سردار آهن. (مطلب تہ لوڪ استرين جي وس ۾ آهن ۽ سڀني حڪم موجب هلن ٿا.)

(٢) محلا پهلا

بت پوجا جي برخلاف

(٢) هِندو مولي ڀولي اکٽي جانهي

نارِد ڪهيا سِ پوج ڪرانهي

ارٿ :- هندو مول روپ پرماتما کان ڀلجي ويا آهن. اُهي ڪٿندا ناس ٿيندا ٿا وڃن. اُهي نارد مُنيءَ جي چوڻ موجب پوجا

(٣) محلا ٽيجا

سچو جوڳي ڪير آهي؟

(٢) سو جوڳي جُڳتِ سو پائي، جِسنو گُرمکهِ نامُ پراپتِ هوءِ

تَسُ جوڳي کي نگري سڀ کو وسئي، ڀيکي جوڳ نه هوءِ

نانڪ ايسا وِرلا ڪو جوڳي، جسُ گهٽِ پرگٽُ هوءِ.

ارٿ:- جنهن کي گورن دئاران نام پراپت ٿئي ٿو، سوئي جوڳي آهي ۽ سوئي پرماتما سان ملڻ جو رستو پائي ٿو. انهيءَ جوڳيءَ جي سرير روپي نگريءَ ۾ سڀ شُڀ گڻ اچي وسن ٿا. ليڪن ڏيکارڻ ڪري جوڳ نه ٿو ٿئي يعني پرماتما سان ملڻ نه ٿو ٿئي. صاحب فرمائين ٿا ته جنهن جي انتهڪرڻ ۾ پرماتما اچي پرگهٽ ٿئي ٿو، اهڙو جوڳي ڪو ورلو آهي. [جُڳت = پرماتما سان ملڻ جي جُڳتي يا رستو.]

پؤڙي (٢١)

پرماتما جي اُستت

آپي جنت اُپائين آپي آڪارُ

آپي سوکم ڀالئيئ، آپي پاسارُ

آپ اڪيلي هوءِ رهئي، آپي وڏ پروارُ

ارٿ:- پرماتما پاڻ جيو اُپايا آهن ۽ پاڻ ئي سڀني آڪار آهي. اهو پاڻ سوکم ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ پاڻ ئي پرپنچ روپ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پاڻ ئي ايڪانت ۾ اڪيلو رهي ٿو ۽ پوري پاڻ ئي وڏي ڪٽنب وارو ٿئي ٿو.

حاصل ڪن ٿا. سري گورو رامداس صاحب جن فرمائين ٿا ته هري جو بي انت آهي ۽ جنهنجو ترو لڌي نه ٿو سگهجي، تنهن پاربرهم کي سنڌس سخت پيارا آهن.

॥ ਸਲੋਕ ਮਃ ੩ ॥ ਸਭੁ ਕਿਛੁ ਹੁਕਮੇ ਆਵਦਾ ਸਭੁ ਕਿਛੁ ਹੁਕਮੇ ਜਾਇ ॥ ਜੇਕੋ ਮੂਰਖੁ ਆਪਹੁ ਜਾਣੈ ਅੰਧਾ ਅੰਧੁ ਕਮਾਇ ॥ ਨਾਨਕ ਹੁਕਮੁ ਕੋ ਗੁਰਮੁਖਿ ਬੁਝੈ ਜਿਸਨੋ ਕਿਰਪਾ ਕਰੇ ਰਜਾਇ ॥ ੧ ॥ ਮਃ ੩ ॥ ਸੋ ਜੋਗੀ ਜੁਗਤਿ ਸੋ ਪਾਏ ਜਿਸਨੋ ਗੁਰਮੁਖਿ ਨਾਮੁ ਪਰਾਪਤਿ ਹੋਇ ॥ ਤਿਸੁ ਜੋਗੀ ਕੀ ਨਗਰੀ ਸਭੁ ਕੋ ਵਸੈ ਭੇਖੀ ਜੋਗੁ ਨ ਹੋਇ ॥ ਨਾਨਕ ਐਸਾ ਵਿਰਲਾ ਕੋ ਜੋਗੀ ਜਿਸੁ ਘਟਿ ਪਰਗਟੁ ਹੋਇ ॥ ੨ ॥ ਪਉੜੀ ॥ ਆਪੇ ਜੰਤੁ ਉਪਾਇਅਨੁ ਅਪੇ ਆਧਾਰੁ ॥ ਆਪੇ ਸੂਖਮੁ ਭਾਲੀਐ ਆਪੇ ਪਾਸਾਰੁ ॥ ਆਪਿ ਇਕਾਤੀ ਹੋਇ ਰਹੈ ਆਪੇ ਵਡ ਪਰਵਾਰੁ ॥ ਨਾਨਕੁ ਮੰਗੈ ਦਾਨੁ ਹਰਿ ਸੰਤਾ ਰੇਨਾਰੁ ॥ ਹੋਰੁ ਦਾਤਾਰੁ ਨ ਸੁਝਈ ਤੂ ਦੇਵਣਹਾਰੁ ॥ ੨੧ ॥ ੧ ॥ ਸੁਧੁ ॥

(ا) سلوڪ محلا تيجا

حڪم کي گورمک ئي سمجهي ٿو

(١) سڀُ ڪِڇُ، حُڪمي آوَدا، سڀُ ڪِڇُ حُڪمي جاءِ

جيڪو مورکُ آپهُ جاڻئي، آنڌا آنڌُ ڪماءِ

نانڪ حڪمُ ڪو گورمکُ ٻُجهئي، جِسنو ڪرپا ڪري رضاءِ.

ارٿ:- پرماتما جي حڪم سان سڀ ڪجهه اچي ٿو ۽ وڃي ٿو. جيڪو مورک پاڻ کي ڪجهه ڄاڻي ٿو يعني اهنڪار ڪري ٿو، سو انڌو يعني اگياني آهي ۽ انڌا يعني اگيانتا جا ڪرم ڪري ٿو. سري گورو امرديو جن فرمائين ٿا ته جنهن تي پرماتما ڪرپا درشٽي ڪري ٿو، سوئي گورمک حڪم کي سمجهي ٿو.

نانڪُ مَنگئي دانُ، هَر سنتا ريڻارُ
هورُ داتارُ نہ سُجھئي، تون ديوڻَ هارُ.

ارٿ:- صاحب وينتي ڪري ٿو جو تہ ”هي هري! مان توکان هڪ دان گھران ٿو تہ مونکي سنتن جي چرنن جي خاڪ ڏي. مونکي ٻيو ڪو داتا ڪونہ ٿو سُجھي. تون ئي ڏيڻ وارو آهين.“

نوٽ:- ”شڌ“ لفظ صاحبن هتي انهيءَ لاءِ وڌو آهي جو ڏيکارين تہ آسان هيءَ وار وري يا ٻيو ڀيرو پڙهائي شُڌ ڪئي آهي.

ست سري آڪال!

Printed by Tahilram Lokumal Punwani,
at the National (Electric) Printing Works, Hyderabad Sind,
and published by Fatehchand Menghraj Advani, for
"Gur Sangat" Hirabad, Hyderabad Sind.